
ٻول جو بڻ
ڊاڪٽر محبت پرتو

# پول جو بُڻ

(سنڌي ٻوليءِ جي خصوصي حوالي سان)

ليکڪ: ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

ڇپائيندڙ

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ جا سچڻو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءِ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر **اٺهٺ (68)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **"ٻول جو ٻڻ"** سنڌي ٻولي جي حوالي سان هڪ اهم ڪتاب آهي جنهن جو ليکڪ **ڊاڪٽر محبت ٻرڙو** آهي.

اسين ٿورائتا آهيون **ڏاهپ پبليڪيشن** جي سرواڻ **رياضت ٻرڙي** صاحب جا جنهن نہ صرف هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني پر ان سان گڏ سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت بہ ڏني.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست

ٻه اکر ——————— رياضت ٻرڙو
مهاڳ ——————— ڊاڪٽر محبت ٻرڙو


| باب | عنوان |
|---|---|
| پهريون: | ٻولي ڇا آهي؟ |
| ٻيو: | ٻوليءَ جا آواز |
| | - واڪو ۽ واڪل عضوا |
| | - ٻوليءَ جي آوازن جا ڳڻ |
| | - آواز فرق ڇو ٿا ڪن؟ |
| ٽيون: | لکت سرشتو |
| چوٿون: | وائل آواز |
| | - آواز جي ڄُپت |
| | - وائل آواز جي وصف |
| | - وائل آواز جي اپت |
| | - وائل آوازن جي درجيبندي |
| پنجون: | وائجڻ |
| | - آواز جي ڄُپت |
| | - وائجڻ آواز جي وصف |
| | - وائجڻ آواز اپائڻ لاءِ هڪ شرط |
| | - وائجڻ آواز جي اپت |
| | - وائجڻ آواز جي وضاحت |
| ڇهون: | ڄهيٽو وائل |
| | - ساڪن |
| | - ليکڪ جي نظر ۾ درحقيقت ساڪن ڇا آهي؟ |
| | - ٻول ۾ آوازن جي ڳٽپ |
| | - آواز ۽ اکر |
| | - وائجڻ جو وائل |

- اڌ-وائل

ستون: هڪ نيارو ۽ اڳ اڻ-ڪوجيل سنڌي وائل

انون: اڳ اڻ-ڪوجيل ڪي نيارا سنڌي وائل

نائون: ٻول/لفظ جو عام تصور

- صورت
- رُوپيو
- ننڍي ۾ ننڍو معنادار ايڪو
- ٻول/لفظ
- ٻول جا قسم

ڏهون: سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت

- وايو
- وائيو
- هڪ خاصيت
- ان راءِ ۾ خاصيت سان اختلاف

يارهون: پـد

ٻارهون: جوڙپ ۾ اندروني تبديل

- اڳياڙي
- وچاڙيون
- اندروني تبديل

تيرهون: پاڙ/ڌاتو/مصدر

- ڌاتو ٻول

**پاڙيا (Appendixes)**

1. وائل ۽ وائجڻ
2. ٻوليجاڻ ۽ ان جون شاخون
3. اجايو ايرنڊڙ وائجڻ [هـ]

# ٻه اکر

اسان وڏي فخر ۽ اڻ مئِي خوشيءَ سان، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي، پنهنجي سڄاڻ ساٿيءَ جي ڏهين ورسيءَ جي موقعي تي، سندس تخليقي، تحقيقي ۽ اهم ڪتاب ”**ٻول جو ٻڻ**“ پنهنجن ڏيهه واسين جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. موجوده ڪتاب کان اڳ، ڊاڪٽر صاحب جي نون ئي ورسين تي، سندس لکيل ۽ ترجمو ڪيلَ ـ9 ڪتاب پڌرا ڪيا ويا آهن، جن مانَ اٺ ڪتاب ”ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ“ ڇپرايا آهن ۽ هڪ ڪتاب ”سنڌيڪا اڪيڊميءَ“ ڇپرايو، جڏهن ته هڪ الڳ ڪتاب، ماهوار قسطن جي روپ ۾، ماهوار ”ڪينجهر“ حيدرآباد ۾ 1997-98ع دوران ڇپيو.

هيءُ ڪتاب ”ٻول جو ٻڻ“ ڊاڪٽر محبت 1994-95ع ڌاري لکي ورتو هو، جيڪو پوءِ نظرثانيءَ لاءِ مانائتي اديب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ-گهري محترم سراج الحق ميمڻ صاحب کي پڙهڻ لاءِ ڏنو، جنهن جي راين کان پوءِ، ٻيهر لکڻ شروع ڪيو، جنهن کي مڪمل ٿيندو ڏسندي، ڊاڪٽر صاحب هڪ اڻ پورو ۽ نه موڪليل خط سراج صاحب جن ڏانهن لکيو، جنهن ۾ هن ريت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو:

> ”’**ٻول جو ٻڻ**‘ نالي لکيل ڪتاب، جيڪو اوهان کي ڏيکاريو هئم ۽ اوهان مهرباني ڪري ڪي صلاحون ڏنيون هيون، ٻيهر لکي پڄاڻيءَ تي پهچائڻ وارو آهيان. هاڻي ته اهو مورڳو ڪو ٻيو ڪتاب ٿي پيو آهي ۽ وڌيڪ علمي پيو ڀانئجي.“

افسوس! ڊاڪٽر صاحب اهو ڪتاب اڻ ڄاتل سببن جي ڪري مڪمل ڪري نه سگهيو، جنهنڪري اڻ پورو رهجي ويو.

ڊاڪٽر محبت جي 1997ع ۾ وفات کان پوءِ، مون جڏهن سندس قلمي ۽ ڇپيل مواد کي سنڀاليو، ته مون کي ٻئي مواد سميت، ’ٻول جو ٻڻ‘ جي مٿي ذڪر ڪيل فيئر ڪاپي، ان ڪتاب سان واسطيدار ڪجهه باب ثانوي ڪاپيءَ وارا (جيڪي ’ثانوي‘ حالت ۾ مڪمل ڪتاب‘ ۾ شامل ڪندي، ڊاڪٽر محبت شايد ته سراج صاحب جن ڏانهن موڪليا هئا) ۽ ڪجهه مواد ابتدائي صورت وارو مليو ۽ هڪ ڪتاب ’**ٻوليءَ جو ٻڻ**‘ جي هڪ ڪاپي لڳ ڀڳ مڪمل صورت ۾ ملي.

هتي هيءَ ڳالهه چٽي ڪجي ته ڊاڪٽر محبت پنهنجي مواد کي فيئر ڪندي، اڪثر ڪري اهڙيون نيون ڪاپيون تيار ڪندو ويندو هو، جيڪي اڳئين مواد کان ڪافي قدر وڌيڪ ۽ بهتر مواد تي مشتمل هونديون هيون.

بهرحال، ’**ٻوليءَ جو ٻڻ**‘ جيئن تہ ٺيڪ بهتر ۽ نسبتاً مڪمل روپ ۾ مليو هو، تنهنڪري ڊاڪٽر صاحب جي پنجين ورسيءَ تي، 2002ع ۾، ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو ۽ ’**ٻول جو ٻڻ**‘ ڪي مون صرف ان ڪري ترسايو تہ جيئن ان ڪتاب جي سموري مواد تي ڌيان ڏئي جاچڻ ۽ مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ ڇپرائجي، تہ جيئن پاڻ ڪي خاطري رهي تہ ’**ٻول جو ٻڻ**‘ نالي سان اهڙو ڪتاب پيش ڪري رهيا آهيون، جيڪو ڊاڪٽر محبت جي ’سوچ جي ويجهو‘ محسوس ٿئي ٿو. ان خيال ڪي وڌيڪ هٿي تڏهن ملي، جڏهن مون ڪي ڊاڪٽر صاحب جي مواد ۾ ’**ٻول جو ٻڻ**‘ جي اها فهرست ملي جيڪا ’ٻول جو ٻڻ جي ثانوي ڪتاب‘ واري هئي. ان فهرست منهنجي گهڻي مدد ڪئي، پر هڪ ڏکيائي هئي تہ فهرست ۾ شامل ڪيل بابن ۽ انهن جي ننڍن عنوانن جي ترتيب بلڪل اهڙي نہ هئي جيڪا ’آخرين‘ ڪاپيءَ واري هئي، ٻيو تہ ثانوي ڪاپين وارن بابن جا ڪجهہ عنوان ۽ موضوع آخرين ڪاپيءَ وارن بابن ۾ شامل ڪيا ويا هئا. تڏهن بہ، مون ان فهرست ڪي پنهنجو رهنما بڻايو ۽ ان ڪي نظر ۾ رکندي ’**ٻول جو ٻڻ**‘ سان واسطو رکندڙ سموري آخرين، ثانوي ۽ ابتدائي مواد ڪي نظر مان ڪڍي، انهيءَ سهيڙ سان پيش ڪيو آهي، جيڪا ڪتاب جي مڪمل مواد ڪي، منهنجيءَ ذاتي راءِ موجب، پنهنجي دائري ۾ آڻيندي هجي. تنهنڪري، هي وضاحتون اٽڪر آهن، تہ هن ڪتاب ۾:

1. مهاڳ، باب-1، 2، 4، 5، 6، 7، 8 ۽ 9 آخرين ڪاپيءَ وارا آهن ۽ باب 10 جا مهڙيان بہ عنوان بہ آخرين ڪاپيءَ وارا آهن.
2. باب 3 ۽ 11، ٻاڌيو-1 ۽ ٻاڌيو-2 جو مواد ثانوي ڪاپيءَ وارو آهي ۽ باب 10 جي آخري عنوان هيٺ لکيل مواد بہ ثانوي ڪاپيءَ وارو آهي.
3. باب 12، 13 ۽ ٻاڌيو-3 (جيڪو ان عنوان هيٺ، ڊاڪٽر صاحب جي مواد مان، مون پيش ڪيو آهي، جو تہ ان جي ترتيب مون ڪي مواد ۾ نهڪندي نظر نہ پئي آئي، پر هئي ان ئي ڪتاب جي) ابتدائي ڪاپيءَ وارو آهي.
4. ٽنهي قسمن جي مواد جي مطالعي مان سجاڳ پڙهندڙ ڪي محسوس ٿيندو تہ مواد جو معيار جيئن پوءِ ٿيئن وڌيڪ علمي ۽ تحقيقي ٿيندو پيو وڃي، جيئن اهڙو اظهار ڊاڪٽر صاحب جي ڏنل حوالي ۾ بہ آهي. ٻيو فرق جيڪو پڻ ڌيان ڇڪائيندو تہ آخرين ڪاپيءَ جي ڀيٽ ۾ ابتدائي ۽ ثانوي ڪاپين ۾ حوالن جي ججهائي آهي، جنهنڪري اسان ڪي آخرين ڪاپي وڌيڪ اتساهيندڙ لڳي ٿي، جنهن ۾ ڊاڪٽر محبت جي اعليٰ فڪري سوچ جي عڪاسي ٿيل آهي.
5. ’ڪتابسٽ‘، ڪتاب ۾ ڏنل حوالن ڪي نظر ۾ رکندي، مون جوڙي پيش ڪئي آهي، البت اصطلاحن جي لسٽ جوڙي نہ سگهيم.

جڏهن اسين هن ڪتاب جو مطالعو ڪيون ٿا ته اسان کي پرپوريت سان محسوس ٿو ٿئي ته ’**ٻول جو ٻڻ**‘ هڪ حيرت انگيز ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌي لفظ بابت اچرج جوڳن نتيجن جا انڪشاف ڪيا ويا آهن.هي ڪتاب يقيناً اسان جي عالمن جو ڌيان لهڻي ٿو ۽ ڪائنن ڳهر ٿو ڪري، ته ضرورت آهي ته اسان پنهنجي تحقيق ۽ ڪڍيل نتيجن تي نظرثاني ڪيون، ته جيئن پنهنجي سنڌي ٻولن جي ٻڻ کي صحيح طور ڪوجي سگهون ۽ پنهنجيءَ ٻوليءَ جي لفظن جي شروعات کان به بهتر طور آگاهه ٿي سگهون.

توهان جي راين جي اوسيئڙي ۾:

**رياضت ٻرڙو**

22 مارچ 2007ع، قنبر

# مهاڳ

هن ڌرتيءَ تي شايد ئي ڪو اهڙو ماڻهو هجي، جيڪو ان ڳالهه ۾ شڪ ڪري تہ **سنڌي ٻوليءَ** جي مختلف علمي، لسانياتي ۽ تاريخي پاسن تي ٿيل تحقيق اجا انهيءَ اوچي ٻڌ تي نہ پهچي سگهي آهي جو هن ٻوليءَ بابت ڪي ابتدائي ۽ بنيادي ڳالهيون اتفاق راءِ سان نبيري سگهجن. سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل کان ويندي ٻولن جي ذاتوءَ تائين، ايتري قدر جو مروج رسم الخط بابت بہ هڪ عجيب قسم جو اختلاف موجود آهي. اسان جا ڪي ئي عالم عربي، فارسي، هندي، سنسڪرت، انگريزي، يوناني وغيره ٻولين جي بڻ بابت ۽ سنڌن ٻولن جي ذاتوءَ بابت تہ هڪ حد تائين ڳڻيل ڳوتيل ۽ درست راءِ پيش ڪري سگهن ٿا پر پنهنجيءَ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ مونجهاري جو شڪار آهن ۽ اختلافي رايا رکن ٿا. ليڪ انهيءَ اختلاف راءِ کي تعميري نظر سان ڏسي ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ انهيءَ ۾ مخلص نيت، پيار پريو پورهيو ۽ هڪ ڳجهي سگهہ موجود آهي تہ جيئن ٻوليءَ جي سچ ۽ صحت کي ڳولي لهجي. انهيءَ ڪري ان اختلاف راءِ کي ڪريت سڏي نہ ٿو سگهجي، انهيءَ ۾ پريت موجود آهي.

خوش قسمتيءَ سان ليڪ وٽ بہ ڪي اهڙا رايا موجود آهن جيڪي پائڻي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ٻولن جي پيڙهيءَ ۽ پيڙهہ بابت ٿيندڙ پرک ۽ پروڙ ۾ متان ڪي قدر سجايو ڪردار ادا ڪري سگهن، انهيءَ ڪري من ۾ محبت پائي رنڊا روڙي پارکن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي همت ڪري ٿو. ليڪ جي بدقسمتي ئي ڪٽي چئجي جو سندس رايا سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙ ۽ نور نچوئيندڙ ڪن محترم بزرگن (جن جي دل جي گهراين سان عزت ڪري ٿو ۽ ڏني توڙي اڻڏني، سامهن توڙي پرپٺ کين پنهنجو مانائتو استاد مڃي ٿو) جي راين سان سهمت ٿيندي نظر نہ ٿا اچن، توڙي جو، حقيقت اها آهي، تہ هن پنهنجا اهي سڀ خيال سنڌن ئي ڪتابن، مقالن، مضمونن ۽ انٽرويوئن يعني سنڌن ڏنل تعليم مان پرايا آهن.

روايتي طور هر لائق سنڌي ماڻهوءَ، خاص ڪري وڏڙي، عالم ۽ پارکوءَ لاءِ احترام جو جذبو برقرار ۽ حد ادب قائم رکندي، ليڪ هر اها ڳالهہ پيش ڪرڻ جي جرئت ڪري ٿو جيڪا پل مقرر ڪسوٽيءَ ۽ هلندڙ روايت سان اختلاف رکندڙ هجي. ساڳئي وقت علمي دنيا ۾ اها روش احسن سمجهي ٿو تہ دليل ۽ سچائي پيش ٿيڻ کان پوءِ جيڪا ڳالهہ ڪي قدر ڪسِي، اڻ سلجهيل، مُنجهائيندڙ يا غلط نظر اچي ان کي درست، ڇنو ۽ کرو ڪجي پر جي ڪسوٽي ئي کوٽي هجي يا ايئن ثابت ٿئي، تہ ان کي پيجي ڦٿو ڪري ان جي جاءِ تي نئين، وڏيڪ صحيح ۽ تازي تواني ڪسوٽي آڏي رکجي. دليل ئي آهي جيڪو سچائيءَ کي ثابت

ڪرڻ ۾ واهرو ٿئي ٿو ۽ علمي توڙي عملي امله موتين توڙي روين تي پيل اٽڪاٽائيءَ جي يا ميسر گهٽ ڄاڻ جي دز کي چنڊي صاف ۽ نيارو سچ پڌرو ڪري ٿو. ليکڪ اهو پنهنجو علمي ۽ اخلاقي فرض ٿو سمجهي ته پنهنجيءَ ڄاڻ آهر ڄاتل سمورن وڙن وکرن کي علمي ۽ تحقيقي دنيا جي پڙ ۾ پڌرو ڪري، جيڪي ڪرا ۽ درست ثابت ٿين تن کي مڃيو ۽ قبوليو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪي ڪوتا يا ڪسا نڪري پون ته انهن کي رد يا ٺيڪ ڪيو وڃي. ڄاڻ جي وشال سمنڊ مان سوجهي ڪڍيل موتين جي ٺٽ به مس ٿيندي پر جيڪو ڪجهه ليکڪ وٽ آهي اهو آڇيندي لڄ نه ٿو پائي.

استادن کان جيڪو ڪجهه پرايو ويو آهي، ان کي هيٺ ڏنل ڪجهه مکيه نڪتن ۾ سهيڙي سگهجي ٿو:

1) سنڌو ڌرتيءَ پنهنجي اندر ۾ توڙي پنهنجي مٿاڇري تي ڪيترن ئي قسمن جون تبديليون ڏٺيون آهن. سامونڊي ٻوڏون، زلزلا ۽ طوفان سندس سيني کي زير و زبر ڪندا ۽ بدلائيندا رهيا. ڪي ئي آڳاٽا جبل ڪيترن ئي نون جڙيل جبلن هينان دفن ٿي ويا، تر اپريو ۽ وسيع ٿيو، سامونڊي پاڻيءَ موٽ ڪاڏي ۽ پٽ پڌرو ٿيو. نديون پنهنجا وهڪرا بدلائي ويڙ جا نشان ڇڏيا ۽ ڪي ئي سُڪي ويون. تر ۽ ڪوهستان جي وڻن ٻوٽن ۽ جانورن جي ججهائيءَ جي حوالي سان شادابي ۽ ستابائي ختم ٿي وئي ۽ ڌرتيءَ جي جنهن ٽڪري ۾ ڪنهن سمي دنيا جي لڳ ڀڳ اڌ آبادي رهندي هئي اتي اڄ سنڌوءَ جي سيني تان واري پئي اڏامي. هن ڌرتيءَ انساني سڀيتا جا سڀ دور ته ڏٺا آهن پر اڳ-سڀيتائي ڪو هڪ به اهڙو دور نه آهي جيڪو ان اکئين نه ڏٺو هجي. لڳ ڀڳ 6-لک ورهه اڳ کان شروع ٿيل اهو سڄو زمانو جنهن دوران ارتقائي انسانذات پراڻي قسم جا پٿريلا وکر ڪم آڻيندي رهي، جنهن کي عام طرح **'پراڻي پاٿر ڄمار'** ۽ اصطلاحي طرح **'ڄهونپهٽي'** (= جهونو پٿر جي وکرن وارو) زمانو سڏجي ٿو. ان جا ٽيئي دور: (1) اوائلي جهونپهٽي (6-لک کان 1-لک ورهه ق م)، (2) وچون جهونپهٽي (1-لک کان 40-هزار ورهه ق م) ۽ (3) مٿيون جهونپهٽي (40-هزار کان 11-هزار ورهه ق م) ڏٺا اٿس ته انهن زمانن ۾ اسريل ۽ ڪم آندل ڪچا ڦڪا ۽ سادا پاٿر وکر پڻ. هن ڌرتيءَ ٽڪري تي دنيا جي سڀ کان وڏي 'پاٿر وکري صنعت' جي شاهد روهڙي آهيءَهن ڌرتيءَ نسبتاً ڪجهه وڌيڪ سڌريل پٿر جي وکرن وارو زمانو، جنهن کي عام طرح **'وچين پاٿر ڄمار'** ۽ اصطلاحي طرح **'وِچپهٽي'** (= پٿر جي وکرن وارو وچون) زمانو سڏجي ٿو ۽ جيڪو لڳ ڀڳ 11-هزار کان سادا 5-هزار ق م تائين سمجهيو وڃي ٿو، پنهنجين پورين شاهدين سميت ڏٺو. **'نئين پاٿر ڄمار'** اصطلاحاً **'نُوپهٽي'** (= نئون پٿر جي وکرن وارو) زمانو، جنهن ۾ پٿر جا ننڍا، نفيس ۽ عمدا وکر ٺهندا رهيا ۽ زرعي انقلاب جو زمانو چيو وڃي ٿو ۽ جيڪو لڳ ڀڳ سادا 8-هزار کان 3-هزار ورهه ق م تائين هلندڙ سمجهيو وڃي ٿو، پڻ سنڌ جي ڌرتي تي به پنهنجي پوري جوبن سان موجود رهيو. تنهن

ڪان پوءِ **ٻنگارپهٽي** (= ڪِنجهي/ ڪٽ/ٿامي جي وکرن سان گڏ پٽر جي وکرن جي موجوديءَ واري) **ڇمار** شروع ٿئي ٿي، جنهن بابت هر پڙهيل ماڻهو ڪجهه نه ڪجهه ڄاڻي ٿو. **'اسرندڙ سِنڌو راهِپ'** (يا ثقافت) جي شاهدي آمري ۽ ڪوٽڏيجي ۾، **'سامائل سنڌو راهپ'** جي شاهدي هڙپا ۽ موهن دڙي ۾ ۽ **'ڀهرندڙ سنڌو راهپ'** جي شاهدي جهانگر ۽ جنڪر جي صورت ۾ موجود آهي. موهن دڙي جو هينيون اٽڪوتيل ۽ اڻ- ووڙيل ٿهه ( ياٿهه) خبر ناهي ته ڪهڙي ڪتا لڪائي وينو آهي.

2) ٻولي، گذريل هزارين نه پر لکين ورهن دوران هوري هوري، ڏاڪي به ڏاڪي نسري ۽ اسري آهي. هر هڪ ٻوليءَ ۽ ان جي هر هڪ ٻول کي پنهنجي ڪا مخصوص ۽ پختي صورت وٺڻ ۾ هزارين ورهه لڳي وڃن ٿا ۽ هر ٻولي توڙي ان جو هر ٻول هوري هوري تبديل ٿيندا رهن ٿا. ٻولي انساني راڄ پاڳ جي ابتدا سان گڏ اسري ۽ انساني سماج ۾ ئي سِکي ۽ سمجهي ۽ وڌي ويجهي سگهي ٿي. هڪ ٻوليءَ جو ماحول جيترو وسيع ۽ گوناگون هوندو، اوترو ئي وٽس ٻولن جو وسيع ۽ گوناگون ذخيرو موجود هوندو.

3) اوائلي انساني ٽولي (يا ٽولن) جي ابتدائي آواز بابت (جن اڳتي هلي ٻولي يا ٻولين کي جنم ڏنو) جيڪو ڪجهه چيو وڃي ٿو ۽ انهن آوازن جا جيڪي به ڳڻ ٻڌايا وڃن ٿا انهن مان گهڻا ئي اڄوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ به موجود آهن. سنڌي ٻوليءَ کي جيئن ته هڪ ٻڌائتي ٻولي سمجهي تحقيق هيٺ نه آندو ويو آهي ۽ جيئن ته ان کي ڪنهن نه ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ (يا ٻولين) مانُ ڦٽي نڪتل سمجهيو ويو آهي ان ڪري هن ٻوليءَ سان ڇٽڪ ماٽيلو سلوڪ ٿيندو رهيو آهي جنهنڪري هن ٻوليءَ جا ڪيترائي حقيقي ڳڻ پڌرا نه ٿي سگهيا آهن.

4) سنڌي ٻولي نه رڳو هڪ ڏاڍي جهوني ۽ ڪهني ٻولي آهي پر هڪ ڏاڍي سگهاري ٻولي به آهي ۽ جيتري سگهاري آهي اوتري ئي لچڪيدار به، ۽ اهو ئي سبب آهي جو اتهاس جي اٿڳڻ لاهن چاڙهن باوجود بقا رکندي، جٽاءُ ڪندي ۽ وڌندي رهي آهي. پنهنجي اتهاس دوران ان نه رڳو ٻين ٻولين کان هزارين لفظ ورتا آهن پر هزارين ڏنا به آهن. سنڌي ڳالهائيندڙ کي ئي ٽولا مختلف وقتن تي ۽ مختلف سببن جي ڪري دنيا جي مختلف علائقن ۾ وڃي آباد ٿيا ۽ اتي پنهنجا اثر ڇڏيائون، ۽ بلڪل ساڳيءَ طرح دنيا جي مختلف علائقن مان ۽ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ڪيترائي انساني ٽولا مختلف وقتن تي ۽ مختلف نِيتن سان سنڌ ۾ اچي وارد ۽ آباد ٿيا ۽ اتي پنهنجا اثر ڇڏيائون. انهيءَ سڀ ڪجهه باوجود هن ٻوليءَ پنهنجي جوهر ۾ ڪا وڏي ۽ بنيادي ڦير ڦار اچڻ نه ڏني ۽ ايئن هوءَ پنهنجو ست سلامت رکندي آئي. سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي پکيڙ ۾ ڪيچ ۽ ڪاٺياواڙ شامل آهن ۽ اها ڪشمير ۽ قنڌار کان ڪراچي ۽ ڪڇ جي سمنڊ تائين پکڙيل هئي. ويجهڙ ماضيءَ جي ڳالهه آهي جو ڪانئس سبي، مڪران ۽ نصيرآباد کسجي ويا ۽ اڄ ماڇڪو کسيو پيو وڃي.

5) سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي بنهه اصلوڪن ٻولن کي ڪنهن نه ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ مان آيل، اڌارو ورتل سمجهي؛ انهن کي ڪنهن نه ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ سان ملائي ان ٻوليءَ جي ٻولن ۾ ڌاتو ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي آهي ۽ ڪيترن ئي ٻولن کي بلڪل بگاڙي اهو مطلب/مقصد ماٽيو ويو آهي، جڏهن ته اهڙن ڪيترن ئي ٻولن جو ڌاتو خود ٻوليءَ جي ٻول-ڪاڻ ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي پئي.

6) سنڌي ٻوليءَ وٽ سامي، حامي، دراوڙي ۽ انڊو-يورپي ست جي ٻولين سان ويجهي يا پراهين ناتيداري رکندڙ ڪيترائي ٻول ۽ ڪي ٻيا وياڪرڻي گڻ موجود آهن:

- اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي مان صاف ظاهر آهي ته اسان سنڌي ويدڪ آرين، ايرانين، يونانين، عربن، مغلن ۽ انگريزن جا غلام رهيا آهيون. اسان جو تعلق سميرين، سٿين، راجپوتن، پناڻن ۽ بلوچن سان رهيو آهي. (جتوئي [1983] 11)
- انهن ماهرن ۾ ڊاڪٽر ڪالڊويل جي راءِ ڪان پوءِ جڏهن دراوڙي ٻولين — تامل، تليگو ۽ ڪناڙي — جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جو تقابلي مطالعو ڪجي ٿو تڏهن سنڌي ٻولي جي مطالعي جي سلسلي ۾ نوان نوان راز کلي پون ٿا، ۽ ڪيترائي ثبوت ملن ٿا جن جي بنياد تي اها دعوىٰ ڪري سگهجي ٿي ته سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جو پاڻ ۾ گهاٽو سنبنڌ آهي. (الانا [1974] 39)
- قديم دور اٽڪل چوٿين صدي عيسوي ۽ ان کان اڳ وارو زمانو آهي جنهن کي ”سنڌ جي ٻولي يا ٻولين وارو دور“ چئي سگهجي ٿو... هن عرصي ۾ سنڌ ديس جي ٻوليءَ يا ٻولين تي آريائي، سامي ۽ داردي ٻولين جو اثر پيو. (بلوچ [1990] 19)
- سنڌي {ٻولي} ٻولين جي انڊو-يورپي گهراڻي جي پاتياڻي آهي جنهن کي گريئرسن ”انڊو-آريائي ڏيهي ٻولين جي ٻاهرئين دائري، اتر-اولهائين جٿي“ ۾ درجيبند ڪيو آهي، ۽ پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. هن جٿي ۾ هڪ ٻوليءَ طور ان جي ويجهي مائٽياڻي لهندا، ملتاني آهي. ان سان گڏ سنڌو ماٿر ۽ ان جي ويجهڙ وارين ايراضين جي مختلف ٻولين ۽ سنڌي جي وچ ۾ جاچي سگهڻ جوڳا ناتا موجود آهن. جيئن ته سنڌي هڪ انڊو-يورپي ٻولي آهي ان ڪري وٽس انگريزي، روسي يوناني، فارسي ۽ ٻين واسطيدار ٻولين سان ساڳيائپ رکندڙ ڪيترائي گڻ موجود آهن توڙي جو اهي ساڳيائپون وڃن ٿيون گهٽبيون جيئن جيئن سنڌوءَ جي مرڪز کان پري ٿيندو وڃبو. (ٻورڊي [1981] )

انهن گڻن جي موجوديءَ باوجود هن ٻوليءَ کي رڳو انڊو-آرين ست جي ٻه ٻئي درجي وارين ٻولين مان ڦٽي نڪتل سمجهي ڪنهن خصوصي ڌيان سان پرک هيٺ نه آندو ويو توڙي جو جاهن مارشل، ارنيسٽ ٽرمپ ۽ پيرومل جي پائي جا عالم به هن ٻوليءَ جي ڪجهه خصوصي گڻن جي جوڳي تشريح نه ڪري سگهيا.

7) سمجهيو تو وڃي تہ سنڌي ٻولي جي سمورن ٻولن کي رڳو ٻن قسمن جي جنسن، ’مذڪر‘ (musculine) ۽ ’مؤنث‘ (feminine) ۾ درجيبند ڪري سگهجي ٿو. ڪن لفظن کي ’بيجان‘ (neuter) جنس طور بيان ڪيو وڃي ٿو پر پوءِ بہ اهي مذڪر يا مؤنث تي استعمال ٿين ٿا.

8) سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت طور، چيو ٿو وڃي تہ، اها پنهنجي هر ٻول جو چيھ وارو آواز چٽو اچاريندي آهي. پر ڪٿي بہ اهو نہ ٻڌايو ويو آهي تہ ائين ڇو آهي، ان جا اصولي سبب ڪهڙا آهن.

9) ٻڌايو ٿو وڃي تہ سنڌي ٻوليءَ جا صاف سُر آواز ڪل ڏهہ آهن، جن جا غنا آواز پڻ استعمال ٿين ٿا.

10) ڄاڻايو وڃي ٿو تہ ڪي آواز، ٻوليءَ جا آواز، ’ساڪن‘ بہ ٿين ٿا!

11) ڪي عالم جن ٻولن کي مصدر طور پيش ڪن ٿا ٻيا ڪي عالم وري انهن ئي لفظن کي ٽُٽي نڪتل صورت ڄاڻائن ٿا. ڪي عالم ڪن صورتن کي ’مرڪب‘ سڏي بيان ڪن ٿا تہ ڪي وري انهن کي ’مرتب‘ قرار ڏين ٿا. ڪي عالم جن ٻولن کي ’سادو ٻول‘ ڄاڻائن ٿا، انهن مان گهڻا سندن ئي ڄاڻايل ڪسوٽي جي بنياد تي ’مرتب ٻول‘ ثابت ٿين ٿا.

۽ ڪي ئي ٻيا نڪتا بہ آهن.

ليڪڪ ڪن راين سان مڪمل ۽ ڪن سان جزوي اتفاق رکي ٿو ۽ ڪن کي مورڳو غلط سمجهي ٿو. مثال طور هو سمجهي ٿو تہ سنڌي ٻولي هڪ آڳاٽي، ڪهني، لچڪيدار ۽ پائدار ٻولي آهي (مڪمل اتفاق)، سنڌي ٻوليءَ جا ڪي ئي سُر آواز اڃا سوڌو پرکي پروڙي الڳ نشانبر نہ ڪيا ويا آهن (جزوي اتفاق) ۽ هجي تہ آواز پر ’ساڪن‘ تي سگهي اهو ممڪن نہ آهي (مڪمل نااتفاق). هو اهو بہ سمجهي ٿو تہ ڪي ئي ٻول، اڄ بہ، اهڙا موجود آهن جن کي ڪنهن بہ طرح مذڪر ۽/يا مؤنث جي خاني ۾ نہ ٿو رکي سگهجي ۽ ڪي ئي ٻول درحقيقت مرتب ٻول آهن پر سادا سڏي/سمجهي بيان ڪيا وڃن ٿا جنهنڪري ڪنهن ٻول جو اصولي ڏاتو ڳولي لهڻ ۾ رنڊڪون ۽ مونجهارا موجود ٿي پيا آهن.

ضميري پڇاڙين جو سرشتو دنيا جي ڪجهہ ٻولين ۾ بلڪل ابتدائي ۽ معمولي سطح تي آهي تہ ڪجهہ ۾ نسبتاً بهتر پر سنڌي ٻوليءَ ۾ بلڪل سڌريل ۽ اوچي پد تي پهتل آهي. ايتري قدر جو سڌو فاعل، اڻسڌو فاعل ۽ ڪو بہ ضمير هڪ ئي وقت ظاهر ڪري سگهجن ٿا، ضرورت رڳو مخصوص بنيادي ٻول ۾ ڪجهہ آوازن کي وڌائڻ جي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اها بہ گنجائش موجود آهي تہ نحوي سٽاءُ تبديل ڪرڻ باوجود فعل، فاعل ۽ مفعول اڳ يا پوءِ رکي ڪنهن بہ ترتيب ۾ آڻڻ باوجود گهربل مفهوم ظاهر ڪري سگهجي ٿو. پاڙيسري ڪجهہ ٻولين ۾ اهڙي گنجائش موجود آهي پر سنڌيءَ جيتري سڌريل ناهي.

۽ ڪي ٻيون خاصيتون پڻ آهن جن جو ذڪر ڪتاب ۾ موجود آهي.

متي چاٽايل سيني نڪتن کي ٿلهي ليکي ٻن ٽڪ موضوعن هيٺ ڪنو ڪري سگهجي ٿو. هڪ جو واسطو ٻوليءَ جي اپجڻ، ابتدا ۽ اوسر سان آهي ۽ ٻئي جو سڌو تعلق آواز ۽ ٻول جي اڏپ، اور، اچار ۽ روپ/صورت سان آهي. جيستائين ٻول کي پنهنجن سمورن جزن سميت نہ ٿو سمجهيو وڃي تيستائين ٻوليءَ کي سندس سمورن جزن سميت سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو، بلڪ ناممڪن آهي. ان ڪري هن ڪتاب جو سمورو مواد آواز ۽ ٻول بابت بحث ڪري ٿو.

- ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

## باب پهريون

# ٻولي ڇا آهي؟

ٻولي معنادار اهڃاڻوي آوازن جو هڪ اهڙو سرشتو آهي جيڪو ماڻهوءَ جي سوچ کي مخصوص، گهربل، چونڊيل ۽ رٿيل ترتيب وسيلي اچاري ٻولن جي صورت ۾ ظاهر ڪري ٿو، اهي ٻول ڪن مخصوص شين، لقائن، عملن، مجرد خيالن وغيره جو اهڃاڻ ٿين ٿا ۽ ٻڌندڙ اهو ساڳيو مفهوم پرائي ٿو جيڪو ڳالهائيندڙ جو آهي. ماڻهو پنهنجي ذهن ۾ سوچڻ جو عمل بہ رڳو تڏهن جيئرو رکي سگهي ٿو جڏهن اهو ٻولن جي صورت ۾ هجي، ان ڪري چيو ويندو آهي تہ ٻولي سوچن جو مادائي خول آهي.

- اسان جيڪي بہ ڳالهايون ٿا تنهن جو تعلق ٻاهرين عملي دنيا جي شين ۽ واقعن سان آهي ۽ انهن جو تعلق علامتي (Symbolical) آهي. گويا اسان جي گفتن ۾ معنىٰ موجود آهي. جڏهن اسين چئون ٿا تہ ”ڪتو اچي ٿو“، تڏهن لفظ ”ڪتو“ هوبهو ساڳي شيءِ ناهي پر ان خاص شيءِ جي علامت آهي ۽ انهيءَ علامت مان خاص معنىٰ نڪري ٿي. اهڙيءَ طرح سان ”اچي ٿو“ هوبهو واقعو ناهي پر ان خاص واقعي جي علامت آهي، جا هڪ خاص معنىٰ کي ظاهر ڪري ٿي. (جتوئي [1983] 12)
- ٻولي هڪ اهڃاڻوي عمل (Symbolic activity) آهي. ٻولي رڳو لفظن جي لغوي صورت جو نالو نہ آهي، توڙي جو لفظ بہ ٻوليءَ جو هڪ حصو آهن. ٻوليءَ جو اصل تہ اهڃاڻ ئي آهن.*
ٻولي ماڻهن جي ڪلچري {cultural، ثقافتي، راهپي° } ڪارڪردگيءَ جو حصو آهي. (ٻوهيو [1978] 41)
- انساني ٻولي هڪ اشارائي (signalling) سرشتو آهي جيڪو پنهنجي مادائي

مواد طور واڪل آواز ڪم آڻي ٿو. اها ڳالهہ ياد رکڻ ڏاڍي ضروري آهي تہ بنيادي طرح هڪ ٻولي اها آهي جيڪا **ڳالهائجي ٿي** (which is **spoken**). لکيل ٻولي ٻرئيت/ ثانوي ۽ ٻُلائيل يا مشتق (derivative) آهي. هر فرد جي تاريخ ۾ لکڻ کان اڳ ڳالهائڻ سکيو وڃي ٿو ۽ اهو ئي هڪ سنو مثال آهي اِهو سمجهڻ لاءِ تہ بلڪل ايئن ئي ڪنهن بہ قوم/نسل جي تاريخ ۾ پڻ ٿيو هوندو. ڪيترين ئي آدياتي (primitive)، جهوني زماني واريون، اڻ-رڄيل) برادريون موجود آهن جن وٽ لکڻ کان سواءِ ئي ڳالهائڻ موجود آهي پر ڪنهن بہ اهڙي انساني راڄ

* ان لفظ تائين حوالو ٻوهيي صاحب ”لنگئسٽڪ ٿيوري اينڊ دا اسٽڊي آف اِنگلش“ (1963ع)، ليکڪ: آر. ڪيلر جوزف، ص 2، تان ورتل ڄاڻايو آهي.
° ڪنهن بہ اقتباس ۾ وچولي ڏنگي ۾ ڏنل مواد ليکڪ پاران سمجهڻ گهرجي.

جي پروڙ نہ پئجي سگھي آھي جنھن وٽ ڳالھائجڻ کان اڳ لکجندڙ ٻولي ھجي. (باربر [1982] 2)

- صورتخطيون بہ علامتون آھن. انھن جو تعلق بہ ٻولين سان آھي پر سڌو ناھي. اھي، ٻولين جي علامتن جون علامتون آھن. ٻولين جون علامتون انساني گفتا آھن ۽ انھن گفتن جون علامتون لکيل لفظ آھن. (جتوئي [1983] 13)

’لکت‘ ٻوليءَ جي آوازن کي اکرن وسيلي ظاھر ڪرڻ جي ڪوشش آھي.

ماڻھو جڏھن ڳالھائي ٿو تڏھن سندس ڳالھاءَ ۾ ھڪ قسم جو تاثر موجود ٿئي ٿو. ھو ڪنھن آواز، ٻول يا جملي کي زور ڏئي شدت، تيزيءَ، کھرائيءَ، ميناڄ، حجت، دڙڪي وغيره واري انداز ۾ بہ ڳالھائي ٿو تہ لس ليٽ عام بياني انداز ۾ يا لاڏ ۽ جھيلار وسيلي پڻ ۽ ڳالھائيندي سندس اکين، وات، ھٿن ۽ ڪڏھن ڪڏھن سڄي جسم يا جسم جي ڪنھن حصي جي چرپر ڳالھ جي تاثر کي بيان ڪري ٿي. اھو سڀ ڪجھ اکرن وسيلي ظاھر ڪري سگھڻ ممڪن نہ آھي.

لکت سرشتو لاڳيتو اسرندو رھيو آھي. دم (.) ، اڌ دم (،)، ھلڪي دم (؛)، ڪولون (:)، ڊئش/خال (.../–)، آواز جي نشانين (" " يا '')، ھائفين (-)، سوال ۽ عجب جي نشانين (؟ ۽ !) وغيره کان مدد وٺي لکت کي ان لائق بنائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي وئي آھي تہ جيئن اھا بلڪل اھڙو تاثر ڏئي سگھي جھڙو ڳالھائيندڙ جو آھي.

(1) "ڪتو اچي ٿو." - عام بياني انداز.
(2) "ہِي ڪتو!"، "ھان! ڪتو!" - تعجبي انداز.
(3) "ڪھڙو ڪتو؟" - سوالي انداز.
(4) "ڪتو◄" - کھرو يا دڙڪي وارو انداز، ڪتي کان خبردار ڪرڻ يا ڪتي کي تڙڻ/ڀڄائڻ لاءِ.
(5) "ڪتو ~" - لاڏ وارو، نرم يا حجائتو انداز.

مٿي ڏنل پنجن مان پھرين ٽن تحريري نشانن کان ھر ھڪ چڱيءَ طرح واقف آھي. چوٿين ۽ پنجين انداز کان بہ چڱيءَ طرح واقف آھيون پر اھڙا تحريري نشان اجا نہ نھيا آھن توڙي جو اچارڻ جو اھو ڍنگ بلڪل عام آھي. تعجبي نشان کي سڌ ۽ ٺوڪ وارو انداز ظاھر ڪرڻ لاءِ بہ ڪتب آندو وڃي ٿو. اھو سڀ ڪجھ انھيءَ لاءِ آھي تہ جيئن ھر ھڪ لکٽي بلڪل ان طريقي سان پڙھي وڃي جيئن ڳالھائي وئي ھئي.

ليکڪ انھيءَ راءِ جو آھي تہ ڳالھائڻ جي ڍنگ، رفتار، لاڏ وغيره جو چڱيءَ طرح اڀياس ڪري ھر ھڪ انداز لاءِ ڌار ڌار تحريري نشان مقرر ڪجن تہ جيئن پڙھندڙ جھٽڪ پڙھڻ سان ڳڌ حقيقت بہ ڏسي رھيو آھي.

ڳالهائڻ آوازن تي مشتمل آهي جڏهن تہ لکيت اکرن تي. لکت ٻوليءَ جي آوازن کي اکرن وسيلي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش آهي. ٻوليءَ جو هڪ آواز ضروري نہ آهي تہ لکت ۾ هڪ اکر وسيلي ئي ظاهر ٿئي، ٻہ يا ٽي اکر بہ ڪڏهن ڪڏهن رڳو هڪ آواز جي نشاندهي ۽ نمائندگي ڪن ٿا. ڪي عالم ٻوليءَ ۽ ٻولن جو تجزيو ڪرڻ مهل پنهنجو گهڻو ڌيان ٻول جي آوازن بدران لفظ جي اکرن تي ويڙهائيندا آهن. ليڪڪ انهيءَ راءِ جو آهي تہ ان نموني درست نتيجن تي پهچي سگهڻ ممڪن نہ آهي. ٻولي آوازن جو اهڃاڻي معنيٰ رکندڙ منظم سرشتو آهي تنهنڪري ٻوليءَ ۽ ٻول جي پرک لاءِ بنيادي اهميت آواز جي آهي.

## باب ٻيو

# ٻوليءَ جا آواز

اج ڏينهن تائين مليل شاهدين ۽ حقيقتن مو جب سوچڻ سمجهڻ يعني علم ۽ عقل يا شعور رکڻ واري اڪيلي مادائي زندهہ هستي رڳو ماڻهو آهي. اهو سندس شعور جو ڪرشمو آهي تہ هو نہ رڳو پنهنجي ماحول پر پنهنجو پاڻ متعلق ۽ پنهنجي ذهن متعلق سوچي سگهي ٿو ۽ پنهنجيءَ سوچ کي بيان ڪري سگهي ٿو. خود علم ۽ عقل يا شعور جي تخليق ۽ پرورش جو بنيادي ڪارڻ عمل ۽ تجربو آهي ۽ انهيءَ عمل ۽ تجربي کي سمجهڻ لاءِ ماڻهوءَ پاران 'چو'، 'چا'، 'ڪير'، 'ڪيئن'، 'ڪٿي'، 'ڪڏهن'، 'ڪهڙو'، جهڙا ٻول استعمال ڪيا ويندا پئي رهيا آهن. انهن ٻولن جي مدد سان نهندڙ جملا سوال پڇندڙ هوندا آهن جن جا جواب اسان تي حقيقتون، ۽ نيت سچ کي، ظاهر ڪندا آهن.

ٻين سيني 'ساهوارن' ۽ ماڻهوءَ جي وچ ۾ ٽي وڏا، بنيادي، مکيہ ۽ نيارا فرق موجود آهن:

(1) ماڻهو ڪا نہ ڪا پيداواري تخليقي سرگرمي ڪري يا ان ۾ ٻانهہ ٻيلي ٿئي ٿو.

(2) ماڻهو ڪا نہ ڪا ٻولي ڳالهائي ٿو.

(3) ماڻهو ڪجهہ نہ ڪجهہ سوچي سگهي ٿو.

۽ انهن ٽنهي جي ڳڏيل عمل وسيلي پنهنجيءَ سوچ ۽ تجربي کي پنهنجي پوئين نسل ڏانهن منتقل ڪري ٿو. اهي ٽيئي عنصر انساني سماج ۽ ثقافت (راهپ) جي تخليق ڪن ٿا ۽ جن پاڻ وري انسانذات جو سرمايو بنجي سڌريل ۽ سڌرندڙ جديد انسان جي ذهني تخليق ڪئي آهي. اجوڪي ماڻهوءَ جو هٿ ۽ ذهن هنري ۽ فني تخليق جو شاهڪار آهي. جيترو سڌريل پيداواري وکر اوترو سڌريل ٻولي، جيتري سڌريل ٻولي اوترو سڌريل انساني ذهن، جيترو سڌريل انساني ذهن اوترو وڌيڪ رچيل انساني سماج ۽ ثقافت (راهپ)، جيترو سڌريل سماج ۽ ان جي راهپ اوترو سڌريل ماڻهو، جيترو سڌريل ماڻهو اوترو سڌريل سندس وکر، ٻولي ۽ ذهن. انهن مان ڪنهن بہ عنصر کي ٻين کان ڌار نہ ٿو ڪري سگهجي. (ڪنهن بہ طريقي سان جيڪڏهن ائين ڪري سگهجي تہ جيڪر ماڻهو پنهنجي ماڻهوءَ واري حيثيت وڃائي ڇڏي ۽ جيڪا هستي باقي بچندي اها ڪنهن بہ ٻئي جانور کان گهٽو مٿيري نہ هوندي.) ٻوليءَ کان سواءِ سوچ کي عڪسي سگهجي، ڏاڍو ڏکيو، ذري گهٽ ناممڪن آهي.

جيت جانور کان ويندي پکي پکڻ ۽ مڇي مڇڻ تائين، هزارين قسمن جا ساهوارا ڪي نہ ڪي آواز ڪڍن ٿا. سوين ساز مختلف قسمن جا آواز پيدا ڪن ٿا. ايتري قدر جو هوا جڏهن

تيزُ گهلي تي تڏهن پڻ مختلف هنڌن تي مختلف نمونن جا آواز اپجن ٿا پر انهن سيني آوازن کي ٻوليءَ جا آواز نہ ٿو سڏجي.

ٻيا کي جانور، اهو سچ آهي تہ، هڪ ٻئي سان لڳ لاڳاپي لاءِ يا ڪنهن ٻئي ۾ ڪو ڪم ڪرڻ جو اتساهہ پرڻ لاءِ يا ڪنهن ڪم تي آماده ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جا واڪا ڪندا آهن. پنهنجو وهر پورو ڪرڻ لاءِ، خطري کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ، کاڌ خوراڪ جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جا ننڍا وڏا ساهوارا مختلف قسمن جا تفريق ڪري سگهڻ جوڳا ۽ چتاءُ ڏيندڙ 'سڏ' ڪندا آهن. انهن جون ڪي رڙيون اهڙيون بہ آهن جن مان ڪاوڙ، جوش، ڊپ، مزي وغيره جو اظهار ٿئي ٿو پر اهي سمورا آواز انساني ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ ڪيترائي فرق رکن ٿا. جانارن جون رڙيونُ لچارڪ، سنڌيل يا ڳانڍيڪ (articulate) ناهن. ان جو مطلب اصولي طرح هي آهي تہ انهن ۾ ڏڦ جي ڪوٽ آهي، انهن جو ڍانچو ناهي جن جي ڪري ئي انساني اورپ کي ٻولن ۾ ورهائي سگهڻ ممڪن ٿئي ٿو. ماڻهو ان لائق آهي جو ڪنهن بہ قسم جي اورپ ۾ ڪنهن هڪ ٻول ۾ ڪو هڪ آواز تبديل ڪري (جيئن: / ڪن، ڪَن، ڪِن يا ڪنو، ڪَنو، ڪِنو/ وغيره) يا ڪنهن هڪ جملي ۾ ڪو هڪ ٻول تبديل ڪري (جيئن: "سنڌ جا ماڻهو سٻاجها آهن" / "سنڌ جا ماڻهو سنا آهن") ۽ ڪڏهن ڪڏهن هڪ جملي ۾ هڪ ٻول جو هڪ آواز تبديل ڪري (جيئن "مون ڪيس ميدان ۾ وڙهندي ڏٺو" / "مون ڪين ميدان ۾ وڙهندي ڏٺو") ان کي مفهوم جي لحاظ کان بدلائي سگهي، پر ٻين جاندارن وٽ ٻولن ۾ نہ ورهائجي سگهجندڙ محض چتائڪ رڙيون آهن. اهو ئي سبب آهي جو هڪ جاندار جيڪي آوازي اشارا ڪري سگهي ٿو انهن جي ڳڻپ بلڪل ٿوري ٿيندي. سڀ کان وڌيڪ اسريل جانور وڌ ۾ وڌ ٽيهن قسمن جا 'سڏ' ڪري سگهي ٿو، جڏهن تہ ماڻهوءَ جي ٻوليءَ ۾ ممڪن اچارن جو انگ اڻکٽ آهي. جانورن جون رڙيون عام طرح سڀ طرفو يا گهڻ طرفو مطلب رکن ٿيون، جڏهن تہ ماڻهوءَ جو سڏ گهرج آهر سڀ طرفو يا خصوصي ٿي سگهي ٿو.

ماڻهو مختلف جانورن ۽ پکين کي سڏڻ يا هڪلڻ لاءِ مختلف قسمن جون ڳُڪرون ڪندو رهي ٿو. هو ڪيترن ئي پکين ۽ جانورن جي آوازن جي اهل بہ ڪندو آهي. مثال طور، پنهنجيءَ زبان کي ڏندن ۾ ڏئي، ڪجهہ پاسائتو رکندي، مٿين ۽ هيٺين ڏندن جي وٿيءَ مان ۽ ڪنهن هڪ واڇ کان هوا ڇڪي اهڙو آواز ڪيڍندو آهي جنهن جو مطلب ڪنهن پاليل جانور خاص ڪري ڍڳي، گهوڙي يا گڏهہ کي هلندو رهڻ تي آماده ڪرڻ هوندو آهي يا وري خاص ڪري مينهن کي هڪلڻ لاءِ 'هُون' جهڙو آواز ڪيڍندو آهي. اهڙا ڪيترا ئي آواز ٿي سگهن ٿا. واڪو ڪندڙ يا واڪي وارا (واڪائي يا واڪل) آوازن جو انگ (يا انهن جي ڳڻپ) جيڪي ڪو ماڻهو سِکِي، اچاري ۽ انهن ۾ فرق ڪري سگهي، چگو چوکو، ڪيترن ئي سون ۾ ٿي سگهي ٿو. پر هڪ ماڻهو جيترا بہ، جنهن بہ قسم جا آواز اوري سگهي ٿو اهي سڀ جو سڀ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪم ڪو نہ ٿا اچن. ماڻهو انهن مان ڪجهہ کي آواز چوندي ڪٽي ٿو ۽

انهن کي ڳالهه ٻول ۾ اڏاوتي سِرَ طور ڪم آڻي ٿو. ٻوليءَ ۾ اڏاوتي سِرَ طور ڪم ايندڙ آوازن کي **ٻوليءَ جا آواز** چئجي ٿو. هر ٻوليءَ وٽ اهڙن آوازن جي چونڊ مختلف ٿئي ٿي.

**واڪو ۽ واڪل عضوا**

واڪو ڪندڙ (واڪائي، واڪل) آواز ٻوليءَ جو مادائي مواد مهيا ڪن ٿا ۽ واڪل آواز مختلف قسمن جي خصوصي عضون جي مدد سان اپايا وڃن ٿا، جن کي 'ڳالهائڻ جا عضوا' يا 'ڳالِهه آرڪڻ' چئجي ٿو.

**ڳالڪ آرڪڻن جو خاڪو**




**مکيه ڳالڪ آرڪڻ**

**جڀ:** وات ۾ موجود چرپر ڪندڙ مشڪائون آرڪڻ: ڳالهائڻ، چباڙڻ، ڳِهڻ ۽ ذائقي سان واسطيدار آرڪڻ؛ قدرتي تلهو تي ۽ پٽارجي سنهو تي سگهندڙ آرڪڻ. جڀ کي عام طرح **(1)** چڪ (چوٽي)، **(2)** مهڙ، **(3)** مٿياڙي، **(4)** پٺ ۽ پاڙ (خاڪي ۾ ڏيکاريل)، ۽ **(5)** ڦرَ نالي پنجن حصن ۾ ورهايو وڃي ٿو.

**وانڙ:** هوا جي لنگهه وارو نڙو، آواز اپائڻ لاءِ مددگار هڪ آرڪڻ.

**واڪل ڏوريون** (Vocal cords): وانڙ جي مٿئين حصي ۾، پٽ جي اندرئين پاسي ٻه جهليدار طاقيون (هڪ اوريان ۽ ٻي پريان)

**نرم تارون** (Soft palate) يا **ڪنٺ** (Velum): وات جي ڇت جو پنيون نرم حصو.

**سخت تارون** (Hard palate): وات جي ڇت جو اڳيون هڏائون حصو.

**ڪاڪڙو:** نرم تارون جي پوئين حصي ۾ هيٺ لڙڪندڙ ڊاک جهڙو هڪ آرڪڻ.

**گلاٽ** (Glottis): ڳلي جي دري جيڪا واڪل ڏورين جي سسڻ يا ڦندڻ ۽ لرزش سبب سوڙهي ۽ ويڪري ٿيندي رهي ٿي.

آواز اپائڻ لاءِ شڪتيءَ جي گهرج پوي ٿي جيڪا سيني جون مشڪون ۽ پيٽ-ڇهه (diaphragm، سيني ۽ پيٽ جي وچ وارو پردو) مهيا ڪن ٿا ۽ ان لائق ٿي سگهجي ٿو ته هوا کي ڦڦڙن مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي سگهجي. افريڪي ڪجهه ٻولين جا آواز اهڙا آهن جيڪي جڀ جي مشڪن مان سگهه وٺي ڪِلڪڻا (clicking) واڪا ٿي اچارجن ٿا يا وري جڀ ۽ ڳل جي چرپر وسيلي پاپڻا (popping) واڪا اپائي سگهجن ٿا. اهو به ممڪن آهي ته ڦڦڙن ڏانهن اندر ڇڪجندڙ هوا کي ڪم آڻيندي ڪي واڪا پيدا ڪري سگهجن.

اهو ياد رکڻ گهرجي ته رڳو هوا کي زور سان اندر ڇڪڻ يا ٻاهر ڌِڪڻ وسيلي آواز پيدا نه ٿو ڪري سگهجي (پوءِ پلي کهڙن به عضون وسيلي شڪتي ورتي وڃي) تان جو ’واڪل ڏوريون‘ لرزش ڪن. هوا جي وهڪ مهل واڪل ڏوريون تورو يا گهٽو ٿڙڪنديون ته واڪو/آواز پيدا ٿيندو، نه ته نه ٿيندو. ڳالڪ آرڪٽن جي جتي وسيلي، انهن جي هڪ ٻئي سان سهڪار (co-operation) ۽ سهرت (co-ordination) وسيلي وات جي ڪوپي ۾ هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ۽/يا سوڙهه ڪري مختلف قسمن جا آواز اپايا وڃن ٿا.

ڦڦڙن تائين ۽ اتان کان ٻاهر تائين هوا/اءُ پهچائيندڙ نَڙ کي’انَڙ‘ (windpipe) سڏجي ٿو جنهن جي مٿئين ڇيڙي، ’ نڙگهٽ‘ وٽ، سندس پتين جي اندرئين پاسي سان ڳنڍيل ڇڄڪ به ننڍڙا چپ آهن، جن کي ’واڪل ڏوريون‘ چئجي ٿو. ڦڦڙن کان ايندڙ هوا سڀ کان اڳ واڪل ڏورين واريءَ، وقت سر ۽ گهرج آهر ويڪري ۽/يا سوڙهي ٿيندڙ دريءَ ـــ ’ڳلاٽ‘ ـــ مان گذري ٿي. هوا جو لنگهه جڏهن گهٽيءَ حد تائين اڻ-رنڊيل هوندو تڏهن اهي پوريءَ طرح کليل هونديون آهن ۽ جڏهن اهي سوڙهيون ٿي ملن ٿيون تڏهن ڳلاٽ بند ٿيو وڃي، ان ڪري جيئن ته هوا جو لنگهه ئي نه هوندو تنهنڪري هوا جي وهڪ به بند ٿيو وڃي. وات کولي يا بند رکي ساهه منجهائڻ جو عمل درحقيقت ڳلاٽ کي بند ڪرڻ جو عمل آهي. ڳلاٽ کي مختلف ٻيهڪن تي سوڙهو يا ويڪرو ڪري سگهجي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هوا جي وهڪ ۽ لنگهه به سوڙهو يا ويڪرو ٿي سگهندو. ڳلاٽ مان جيئن ئي هوا گذرندي ته هڪ قسم جي سريلي ۽ لرزشي گونج پيدا ڪندي جنهن کي واڪو (voice) سڏجي ٿو. واڪي جي شدت/هوڪ گهٽ يا وڌ ڪري سگهجي ٿي ۽ ڳالهائڻ مهل واڪي جي لاهه چاڙهه سان گهٽ يا وڌ ٿيندي رهندي آهي ۽ ڳالهائڻ دوران آواز ۾ هڪ واڪو يا پڙڪو موجود يا اڻ-موجود ٿئي ٿو. اهي آواز جن ۾ نسبتاً وڌيڪ پڙڪو ٿئي ٿو انهن کي ’واڪيدار‘، ’گهَٽيا‘ يا ’پُڙپيا‘ (voiced) چئجي ٿو پر ڳالهائيندي ڪي آواز انهيءَ ٻيهڪ تي اپجي سگهجندا آهن جو واڪل ڏوريون پوريءَ طرح کليل هجن پڙڪو نه-جهڙو هجي. اهڙن آوازن کي’اواڪ‘، ’گهَٽيٽو‘ يا ’ٻي پڙٽو‘ (voiceless) سڏجي ٿو. آواز ۾ پڙاٽپ جي موجودي ڪنن کي هٿ جي ترين وسيلي زور سان بند ڪري پرکي سگهجي ٿي: **’اگهه‘** چوندي **’گهه‘** اچارڻ مهل ڪوپڙيءَ ۾ گونجدار پڙڪائتو (buzzing) آواز ايرندو جڏهن ته ا**’ڪ‘** چوندي **’ڪ‘** اچارڻ مهل اهو پڙڪائتو آواز موجود نه هوندو.

حقيقت اها آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ **[گھ]** ۽ **[ڪ]** بلڪل ساڳئي نموني اپايا وڃن ٿا سواءِ ان فرق جي تہ هڪ 'پٽيپٽو' آهي ۽ ٻيو 'ٻي پٽو'. **[پ]** ۽ **[ب]**، **[ت]** ۽ **[د]**، **[ٽ]** ۽ **[ڊ]** وغيره اهڙي ئي قسم جي آوازن جا جوڙا آهن.

گلاٽ مان گذرڻ کان پوءِ هوا جي هڪ وهڪ متئين پاسي هلندي رهي ٿي ۽ ڪجھ اڳتي هلي وات يا نڪ يا ٻنهي مان خارج ٿئي ٿي. وات جي ڇت جو سڀ کان وڌيڪ پوئون/پويون پاسو، جنهن کي 'نرم تارون' يا 'ڪنٺ' چئجي ٿو، هيٺ يا مٿي چوري سگھبو آهي. ان جي پوڇڙ ۾ لار وانگر لٽڪندڙ ڊاک جهڙو آرڪڻ، 'ڪاڪڙو' (uvula) مٿي ٿي نڪ جي ڪوپي ڏانهن هوا جي لنگھ کي ٻُجو ڏئي بند ڪري ٿو. وات جي ڪوپي ۾ هوا جي وهڪ ۽ لنگھ کي ڄڀ (ڄڀ جي ڪنهن حصي) ۽/يا چپن جي مدد سان سوڙهو ڪري، رنڊائي، بند ڪري سگھجي ٿو ۽ ائين ڪرڻ وسيلي مختلف قسمن جا آواز اپائجن ٿا.

ٻوليءَ جي آوازن کي سندن فطرت، اڏپ ۽ ڪيفيت جي لحاظ کان ٻن وڏن جٿن ۾ ورهائي درجيبند ڪري سگھجي ٿو. آوازن جي هڪ جٿي کي **وائل** (vowel) ['وائل' جو ڌاتو 'واء' آهي. 'وائل' اصطلاح مقرر ڪرڻ جو سبب 'ٻاڌيي-1' (Appendix-1) ۾ ڏنو ويو آهي] ۽ ٻئي کي **وائجڻ** (consonant) آواز سڏجي ٿو.

## ٻوليءَ جي آوازن جا گڻ

### 1- صاف (اڻ نڪائون) ۽ نڪائون آواز:

اهڙو آواز جيڪو اپائڻ مهل ڦڦڙن کان ٺوڪي ايندڙ هوا جو ڪل مقدار وات جي ڪوپي مان نيڪال ٿئي ٿو، ان کي 'صاف' آواز سڏجي ٿو. مثال: [آ]، [ب]، [ڪ] وغيره.

اهڙو آواز جيڪو اپائڻ مهل ڦڦڙن کان ٺوڪي ايندڙ هوا جو وڌ ۾ وڌ يا ڪل مقدار نڪ جي ڪوپي مان نيڪال ٿئي ٿو، ان کي 'نڪائون' آواز سڏجي ٿو. مثال: [آن]، [م]، [ن] وغيره.

### 2- پٽيپٽو ۽ ٻي پٽو آواز:

ڦڦڙن کان ٺوڪي ايندڙ هوا جڏهن واڪل ڏورين کي ايترو زور سان ڦڙڪائي جو ٻڌڻ ۾ اچڻ يا پرک جوڳو ٿي پوي تہ اهڙي آواز کي 'پٽيپٽو' (يا 'ڳرو') آواز چئجي ٿو. جن آوازن جي حالت ۾ واڪل ڏورين جو ڦڙڪو ايترو زوردار نہ هجي جو پٽڪو ٻڌي سگھجي يا پرک جوڳو ٿي پوي تہ اهڙي آواز کي 'ٻي پٽو' ('هلڪو'، 'نرم' يا 'ڪومل') سڏجي ٿو.

پٽيپٽي ۽ ٻي پٽي آواز ۾ فرق کي سمجھڻ جو سولو طريقو هي آهي تہ ڪنن کي هٿن جي ترين سان پوريءَ طرح بند ڪري ڪو بہ آواز اچاريو وڃي. ڪو آواز اپجڻ مهل پٽڪو ٻڌڻ ۾ ايندو (- پٽيپٽو) ۽ ڪو آواز اپجڻ مهل پٽڪو ٻڌڻ ۾ نہ ايندو (- ٻي پٽو).

پٽيپٽي آواز جا مثال: [گھ]، [پ] وغيره.

بي پٺي آواز جا مثال: [پ]، [ت] وغيره.

### 3- وِسرڳِي ۽ اَوِسرڳ آواز:

وسرڳ ۽ اوسرڳ آواز ۾ فرق کي سولي نموني ان طرح سمجهي سگهجي ٿو تہ هٿ جي پنيءَ کي چپن جي ويجهو جهلي ڪو بہ آواز اچاريو وڃي. ڪو آواز اپجڻ مهل هٿ جي پنيءَ تي هوا جو ڦوڪو يا ان جي ڦوڪ محسوس ٿيندي ۽ ڪي آواز اپجڻ مهل اها ڦوڪ محسوس نہ ٿيندي. جيڪي آواز اچارڻ مهل هوا جو ڦوڪو محسوس ٿئي انهن کي 'وسرڳ' ۽ جن ۾ ڦوڪو محسوس نہ ٿئي انهن کي 'اوسرڳ' سڏجي ٿو.

وسرڳ آواز جا مثال: [ڦ]، [ٿ] وغيره.

اوسرڳ آواز جا مثال: [د]، [ج] وغيره.

### 4- بندشي (Stops):

جن آوازن کي اپائڻ مهل هوا جي ڦوڪ کي ڪنهن بہ هنڌ مڪمل بندش/رنڊڪ ٿئي انهن کي 'بندشي' سڏجي ٿو. اها بندش ٻنهي چپن کي پاڻ ۾ ملائڻ وسيلي، مٿين ڏندن کي هيٺئين چپ سان ملائڻ وسيلي، جڀ جي چڪ کي ڏندن جي پاڙ يا مهارن سان ملائڻ وسيلي، جڀ جي مهڙ کي سخت تارون سان ملائڻ وسيلي، جڀ جي مٿياڙي کي نرم تارون سان ملائڻ وسيلي ۽ جڀ جي پُٺ/پاڙ کي ڪاڪڙي/انڙيءَ سان ملائڻ وسيلي ڪري سگهجي ٿي.

بندشي آوازن جا وري ڪجھ قسم ٿين ٿا:

**(الف) ڌماڪيدار خارجي:**

اهي آواز جن ۾ هوا جي جوهہ بند ٿي ٻاهر ڪلي انهن کي 'ڌماڪيدار خارجي' چئجي ٿو. مثال: [پ]، [ب]، [د] وغيره.

**(ب) ڌماڪيدار اندروني/چوسٽا:**

اهي آواز جن ۾ هوا جي جوهہ بند ٿي اندر ڪلي يعني ائين محسوس ٿئي تہ هوا اندر ڇڪجي يا چوسجي وئي انهن کي 'چوسٽا' يا 'ڌماڪيدار اندروني' چئجي ٿو. مثال: [ٻ]، [ڄ]، [ڳ] وغيره.

**(پ) لرزيدار:**

اهي آواز جن ۾ هوا جي جوهہ بند ٿي لرزش ڪندي ڪلي انهن کي لرزيدار چئجي ٿو. مثال: [ٽر/ٽ]، [ڊر/ڊ].

**(ٻ) گِسڪيدار:**

اهي آواز جن ۾ هوا جي جوهہ بند ٿي گسڪو ڪري ڪلي انهن کي گسڪيدار چئجي ٿو. مثال: [خ]، [غ] وغيره.

### 5- جزوي بندشي:

اهي آواز جن کي اپائڻ مهل هوا جي جوهه کي ڪنهن به هنڌ مڪمل نه پر جزوي بندش ٿئي. اها جزوي بندش جيڀ جي چڪ يا مهڙ کي مٿينءَ ماهاڙ جي اندرئين پاسي يا سخت تارون ويجهو آڻي پيدا ڪئي وڃي ٿي. جزوي بندشي آواز پڻ لرزيدار يا گسڪيدار ٿي سگهن ٿا. لرزيدار جو مثال آهي [ر] ۽ گسڪيدار جو مثال آهي [س].

**6- پاسائتا (Laterals)**

هن قسم جا آواز اپائڻ مهل وات جي ڪوپي ۾ هوا جي جوهه کي اهڙيءَ طرح رنڊڪ ٿئي ٿي جو جيڀ جي پاسن کان هوا جو دڳ ڪليل به رهي ٿو. مثال: [ل].

**آواز فرق ڇو ٿا ڪن؟**

ڪي آواز توڙي جو ڪنهن هڪ ئي هنڌ رنڊجن، سنڌجن ۽ ٻُڌجن ۽ اتان ئي خارج ٿين ٿا، مثال طور [پ، ڦ، ب، ڀ، ٻ ۽ م] ٻنهي چپن جي ميلاپ وسيلي هوا جي وهڪ کي رنڊائي اپايا وڃن ٿا پر پوءِ به انهن ۾ فرق آهي، سو ڇو؟

هڪ ئي هنڌ سنڌجڻ باوجود اهي آواز ان ڪري هڪ ٻئي کان فرق رکن ٿا جو ڪو وسرڳ آهي ته ڪو اوسرڳ، ڪو پٽيٽو آهي ته ڪو ٻي پٽو، ڪو صاف آهي ته ڪو نڪائون. مثال طور مٿي ڏنل آواز ٻنهي چپن جي ميلاپ وسيلي رنڊائي اپايا وڃن ٿا يعني بندشي آواز ته آهن پر پوءِ به:

[ب] خارجي ڌماڪيدار، اوسرڳ، پٽيٽو ۽ صاف آواز آهي.
[پ] خارجي ڌماڪيدر، اوسرڳ، ٻي پٽو ۽ صاف آواز آهي.
[ڀ] خارجي ڌماڪيدار، وسرڳ، پٽيٽو ۽ صاف آواز آهي
[ڦ] خارجي ڌماڪيدار، وسرڳ، ٻي پٽو ۽ صاف آواز آهي.
[ٻ] اندروني ڌماڪيدار يا چوسڻو، اوسرڳ، پٽيٽو ۽ صاف آواز آهي.
[م] نڪ وارو/ نڪائون، اوسرڳ ۽ پٽيٽو آواز آهي.

## باب ٽيون

# لکت سرشتو

ٻوليءَ ڪڏهن نسرڻ شروع ڪيو ۽ ڪيئن اسري ۽ وڌي ويجهي، ان بابت اجا تائين پڪي سڌ نہ پئجي سگهي آهي، پر اها ڳالهہ مڃڻ جوڳي آهي تہ اها ماڻهوءَ جي سڀ کان آڳاٽي زماني ۾ شروع ٿي هوندي جيڪو لڳ ڀڳ 10-لک ورهہ پراڻو ٻيهي ٿو. توڙي جو سڌي شاهدي ۽ تصديق موجود ناهي، پر امڪان اهو ئي آهي تہ ڳالهِ (speech) تڏهن ئي شروع ٿيو هوندو جڏهن وکر-نهپ (tool-making) ۽ خصوصي انساني سهڪار جا سڀ کان اوائلي ناتا شروع ٿيا هوندا.

**ججهروپ** (Pleistocene) زماني جي عظيم بارفي جمارن (Great Ice Ages) دوران اسان جي ماڻهو وڏڙن 'پراڻي پاٿر جمار راهپ' (Old stone age culture) قائم ڪري ورتي: انهن **آڱار وڪر** (flint tools) ۽ پوءِ هڏي، عاج ۽ سڱ جا وکر ناهيا: انهن ٻاهه ٻارڻ سکي ورتي ۽ پنهنجو ڪاڏو سيڪي/ٻُجي ڪائيندا هئا: انهن وڏن جهنگلي جانورن جو شڪار ٿي ڪيو. ظاهر آهي تہ اهو ڪم ڪنهن اهڙي طريقي سان ٿي سگهيو پئي جنهن ۾ سهڪار (co-operation) ۽ سهرت (co-ordination) جي گهرج هئي.

جيئن جيئن سندن مادوائي راهپ (material culture) هوري هوري سڌرندي وئي، اهي فن ۾ ماهر ٿيندا ويا ۽ هڏن ۽ پٿرن تي ٽُڪ (carving) ۽ لِڪر (engraving) جو ڪم ڪرڻ ۽ ڳڦائڻ جي پٿنين تي جانارن جون اچرج جهڙيون وٽنڌڙ تصويرون چٽڻ لڳا. انهن **جهوپ-ڀٽيِ** (Palaeolithic) راهپ جي خالق ماڻهن بابت اهو سمجهڻ تہ انهن ڳالهہ نہ پئي جاتو، هڪ اهڙي ڳالهہ هوندي جنهن تي ڀروسو نہ ٿو ڪري سگهجي. سڀ کان اوائلي آڱار هٿيارن کان ويندي ديرائت (Late) 'پراڻي پاٿر جمار' جي شاندار فن ۽ هنر تائين (پهريان ڪهرا/مڏا سِڌا آڱار وکر شايد ڪي 10-لک ورهہ اڳ نهيا، جڏهن تہ پراڻي پاٿر جمار جي ماڻهن جون عمديون حاصلات 1-لک ورهہ ق م کان پوءِ جون آهن). ان سڄي عرصي دوران، اوائلي انساني ٽولن جِي انتهائي آڳاٽِي ا ُ رچ ۽ محدود ٻوليءَ کان ويندي پراڻي پاٿر جمار جيُ ڦلڻ واري زماني تائين پوريءَ طرح اسريل ٻوليءَ بابت تصور ڪي تازو رکي سوچي سگهجي ٿو، تہ ايڏي عرصي ۾ ٻولي هوري هوري ۽ لاڳيتو ڪيئن اسري هوندي.

ٻولي پنهنجي ابتدائي زماني ۾ ڪيئن نسري ۽ اسري هوندي، ان بابت مختلف عالم ۽ ٻوليجاڻڪ (Linguists) ڏار ڏار قسم جا نظريا رکن ٿا. انهن نظرين ڪي **ٻو - وو** (هو هو/وو وو) نظريو (The Bow-Wow Theory)، ٻُوهہ - ٻُوهہ (ڦُوهہ ڦُوهہ/آهہ آهہ/واهہ واهہ) نظريو ( The Pooh-Pooh

(Theory)، ڊِنگ - ڊانگ (ٽِڻ ٽِڻ/ڀر ڊم) نظريو (The Ding-Dong Theory)، يو – هِي - هو نظريو (The Yo-He-Ho Theory)، اشارڪ (اشارن وارو) نظريو (The Gesture Theory)، سر-تار وارو (گيتڪار/ميوزڪدار) نظريو (The Musical Theory) ۽ لاڳاپ (ميل جول وارو) نظريو ( The Contact Theory) جي نالن سان ياد ڪيو وڃي ٿو. **فطري آوازن وارو نظريو** بابت سراج صاحب جن پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻولي' ۾ ذڪر ڪيو آهي. اهي سڀ نظريا هڪ حد تائين ٻوليءَ جي ابتدا جي وضاحت ڪن ٿا ۽ سيني ۾ ڪي نه ڪي چڱا ۽ لڱا پاسا موجود آهن.

**ٻنگارپهٽي/ٽامارپهٽي** (Aeneolithic/Chalkolithic) يعني ڪِنجهي يا ٽامي واري دور کان اڳ وارين ٻولين بابت ڄاڻ هيل تائين هٿ نه ٿي سگهي آهي، ان ڪري لڳ ڀڳ 7-هزار ق م کان اڳ وارين ٻولين بابت اڄ جو عالم، هن وقت رڳو مفروضن تي ئي سوچي سگهي ٿو. لکڻ جو عمل، ميسر شاهدين موجب، اڄ کان ڪي وڌ ۾ وڌ 7-هزار ورهه اڳ واري عرصي دوران شروع ٿيو.

آڳاٽن ماڻهن پنهنجي فنڪار ذهن جي تخليقن کي ٽڪرين، ڇپن، پٿرن، گفائن جي پٽين وغيره تي تصويرون چٽڻ، هڏي ۽ عاج تي نقش کوڙڻ يا خاڪا ڪُڇڻ وغيره وسيلي ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو. هن نرم پٿر کي گهڙي مورت جي شڪل ڏني ۽ چيڪي مٽيءَ مان اهڙا مجسما ناهيا جن ۾ سندن ذهني فنڪاريءَ جو اولڙو نظر اچي ٿو. جڏهن جانار-پالنا وڌي، پوکي راهي ججهي ٿي، ڏيتي ليتي ۽ ٻيو وهنوار وڌيو، تڏهن فيصلا ۽ وعدا ياد رکڻ جي عملي گهرج وڌي. تڏهن اهو ڪم پهريائين پهريائين انهن تصويرن، چٽن، نقشن، خاڪن، اکرن ۽ مورتن کان وٺڻ شروع ڪيو ويو، پر ان هوندي به ان کي لکڻ چئي نه ٿو سگهجي.

جيئن جيئن پيغام رساني، ڏيتي ليتي ۽ ريڪارڊ رکڻ جو ڪم وڌيو تيئن گهٽين تصويرن، خاڪن وغيره جي گهرج وڌندي وئي جنهنڪري تصويرن کي سادي صورت ۾ آڻتو پيو. انهن جي سڃاڻپ ۽ انهن سان واسطيدار مطلب ۽ مفهوم عام ٿيندو ۽ گهڻن ماڻهن جي سمجهه ۾ ايندو ويو. تصويرون ۽ خاڪا مختصر ٿيندا ويا ۽ نيٺ ڪا هڪ مخصوص ۽ مختصر شڪل ڪنهن هڪ مخصوص جملي، ٻول (لفظ)، پد ۽ پوءِ نيٺ وائيي/صوتيي (phoneme) لاءِ مخصوص ٿيندي وئي، جيڪي هوري هوري ٻوليءَ جو وڙ (item) ٿي پيا.

حقيقي اوائلي لکيت (script) جا شايد پهريان عنصر ڏکڻ ميسوپوٽاميا (Mesopotamia، عراق) ۾ سُميري ماڻهن سڌاري سنواري پيش ڪيا. سميري ڪاتبن (scribes):ٻُڙ (read) جي کِلڪ (stylus) سان چيڪي مٽيءَ جي تختين تي لکڻ شروع ڪيو. ظاهر آهي ته کلڪ جي رهڙ سبب مٽي ڪُوڙبي هوندي ۽ تصوير يا خاڪو کي قدر اڻگو ٿي پوندو هوندو، ان ڪري ڪاتبن وڏيڪ سولو اهو سمجهيو ته کلڪ وهائڻ بدران چپائڻ گهرجي. کلک جي ٻُڪ جا هڪ ٻئي ويجهو ڇپڪا ڪري انهن گهربل تصوير يا خاڪو جوڙي ورتو پئي ۽ پوءِ انهن تختين کي باهه ۾ پچائي نکر ڪري هڪ سڌ طور محفوظ رکيو پئي. مٽيءَ تي وِڌل اهي

وڍا/ ڇِگهه ڇٽڪ ڪنهن چيٽيءَ، ڇِر يا ميخ (ڪوڪي) جي چيڪي/ ڳُهچڪي جي ڏِڪ ڏين تا، ان ڪري لکت (writing) جي ان انداز کي ميخي خط، چيٽي-صورت يا **ڇِرائين** (cuneiform) لکيت سڏجي ٿو.

هر تصوير يا خاڪي لاءِ وِڍن/ ڇِگهن جي ڳِٽپ هوري هوري وئي گهٽبي ۽ نشان وڌيڪ عام ٿيندا ويا، تان جو تصوير/خاڪي ۽ ان جي نشانن وچ ۾ ڪا بہ هڪجهڙائي نہ رهي. بابلي (Babylonian) ۽ اشوري (Assyrian) ماڻهن، جيڪي سامي (Semite) هئا ۽ اڪادي (Accadian) سڏيا وڃن ٿا، ترت ئي ميسوپوٽاميا جي ان حصي ۾ اقتدار تي قبضو ڪري ورتو، جنهن تي سميرين جي سرندي هئي. انهن سميرين جي لکيت کي سڌاريو ۽ اها سٽريل صورت هوري هوري وئي پڪڙبي ۽ وسيع ٿيندي.

مٽيءَ جي تختيءَ تي لکڻ کان اسري پيپارس (هڪ قسم جو وڻ ۽ ان جو ٻن) ۽ ڇِر تي قلم ۽ برش وسيلي لکڻ لاءِ لکڻ جو اهو چيڪيدار ڍنگ قابل قبول نہ هو. هاٿي ور وڪڙ يا ونگدار لکت جي گهرج هئي جيڪا ڪنڊائتي/ڇِرائين لکت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سولي ۽ تيز رفتار ٿئي ٿي. لکت جو اهو انداز مصر (Egypt) ۾ مليو ٿو. ٻڌائتي (original) مصري لکيت (لڳ ڀڳ 3-هزار ورهہ ق م) تصويري آهي ۽ ان کي پوترکيڙي (؟) (هيروگلائفڪ، Hieroglyphic، پاڪ/ پوترُ لکر واري) لکت چوندا آهن — اهو اصطلاح يونانين ناهيو ۽ انهن سمجهيو پئي تہ مصرين اها لکيت مذهبي نوشتن/ڪتبن (inscriptions) لاءِ ڪم آندي هئي. جيئن تہ لکت جا وڏا مرڪز واسطيدار عبادتگاهہ ۽ وڏا ڄاڻو اتي جا پروهت هئا تنهنڪري انهن پنهنجي عام وهنوار لاءِ لکت جو نئون ڍنگ اساريو جنهن کي پروهتائي (هيراٽڪ، Hieratic، پروهتن واري) لکت سڏجي ٿو جنهن مان وري، 7-سو ق م ڌاري، جمهورائي (ڊيماٽڪ، Demotic، عام ماڻهن واري) لکت نسرڻ لڳي.

تصويري لکت مختصر ٿيندي ٿيندي مخصوص ٻوليائي صورت تي پهچڻ لاءِ جيڪي ڏاڪا طيءِ ڪيا، اهي ڏاڍا اهم آهن.

پهريائين هر تصويري نشان/خاڪو هڪ جملي يا ٻول (لفظ) کي ظاهر ڪندو هو. ”وڌائي اڳتي ڪيل هٿ جي نشان“ جو مطلب هو ”تو/توهان ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائجي ٿو.“ آڳاٽيون سميري لکتون ڪن شين جا نالا آهن. هڪ ڏِڪي جي خاڪي پرسان ٽن آڱرين (هڪ آڱر جو نشان برابر ڏهہ هزار) ۽ ٻن ڪنول گلن (هڪ ڪنول گل جو نشان برابر هڪ هزار) واري تصوير جو مطلب ٿيو: ”ٻٽيهہ هزار ڏِڪا.“ ڏِڪي جي مِندي جو خاڪو ۽ ان پرسان چار اڌ-گول — ”چار ڏِڪا.“

”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ تان ڪجهہ ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا جيڪي گهٽي ياڳي سر ليونارڊ وُولي (Wooley) جي ڪتاب ”ڊي بِگنِنگس آف سولائيزيشن“ تان ورتل آهن.

- سميري زبان ۾ بنيادي پد لفظ هئا يعني هڪ پدا لفظ هئا جن جي ميلاپ سان ٻيا نوان مرڪب لفظ ٺهندا هئا. انهن بنيادي لفظن جو تعداد پنج سون ڪان ڇهه سون تائين هو. (ص 207)
- بئبيلان {بابل} وارن جڏهن سميرين واري تحريري طرز اختيار ڪئي تڏهن لفظن جي مختلف صيغن لاءِ ڪين دقت درپيش آئي ڇو ته سندن زبان صرفي (inflective) {ڦيرائڪ} هئي. ان اوڻائي جي پورائي خاطر بئبيلان وارن ڪي نوان نشان مقرر ڪرڻا پيا جيڪي پدن جي نمائندگي ڪندا هئا، پر اهي پد، لفظ نه هئا... ائين غير لفظي پد وجود ۾ آيا. تنهنڪري سميري لکت جو بنياد لفظن تي ٿيو ۽ اڪادي (Akkadian) لکيت جو دارومدار پدن تي پيو (بئبيلان وارن کي اڪادي قوم سڏبو هو). (ص 207)
- جنهن وقت سميرين جي لکٽي لفظي منزل اکري بئبيلان ۾ پدائتي {Syllabic} پد (درجي، منزل، Grade) تي پهتي تنهن وقت کان پوءِ مصرين پنهنجي تحرير پدائتي منزل سان شروع ڪئي. (ص 210)
- قديم مصري زبان ۾ 'رَ' يا 'را' (ra) جي معنيٰ هئي 'وات'، جنهن جو نشان هو . پوءِ اهو نشان رڳو 'ر' (ري) آواز لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو. (ص 211)

هتي به ڳالهيون ياد رکڻ جهڙيون آهن. (1) سميري ٻولي جا ٻول/ لفظ يڪپدا (monosyllabic) هئا ۽ اهي بنياد يا پيڙهه هئا، ۽ پدسان پد ملي نئون لفظ ٺهندو هو. (2) هڪ سڄي ٻول لاءِ مقرر نشان هوري گهٽجي وڃي هڪ اکر جو نشان ٿيو. اکر جو نشان ٿيڻ کان اڳ اهو هڪ مڪمل وائجڻ (وائل سمائي رکندڙ وائجڻ، consonant with vowel) آواز جو نشان هو. سراج صاحب جن موهن دڙي جي جن مهرن جي پڙهٽي مقرر ڪئي هئي انهن جي اڪثر نشانين جو ملهه "... (ڪو به حرف صحيح) + حرف علت" ڄاڻايو هو ("سنڌي ٻولي"، ص 138) ۽ اها ڳالهه مٿي ڏنل مصري ٻولي واري مثال سان هم آهنگ آهي. ان ئي مثال جهڙو هڪ ٻيو ٽڪرو هيٺ ڏجي ٿو جيڪو ان ڳالهه کي ڪجهه وڌيڪ چٽو ڪري ٿو.

- قديم مصري لکت پڻ پدائتي سرشتي تائين اسري آئي ۽ حقيقي الف-ب واري (Alphabetic) لکت اسارڻ لاءِ خصوصي حيثيت جي حامل هئي {يعني هڪ اهڙي لکيت هئي جنهن وٽ وائيا/صوتيا/فونيمس ظاهر ڪندڙ نشان موجود هئا}. مصري سرشتي بابت اهم شيءِ اها هئي ته ان ۾ وائل (vowel) ڄاڻايل (ظاهر ڪيل) ڪو نه هئا. ڪيترائي نشان (لڳ ڀڳ 80) ٻن وائجڻن (consonants) جي ٽولي ۽ سندن جيڪي به وائل هئا {يعني ٻه-اکري پد} لاءِ ڪم ايندا هئا. مثال "گهر" (پار، Par) لاءِ نشان pr (پ ر) هو ۽ ان جا اچار par (پار)، per (پر)، epr (اِپر/ايپر)، epra (ايپرا) ۽ اهڙي قسم جا ٻيا ڪيترائي هئا. پر چوويهه نشان اهڙا هئا جيڪي رڳو هڪ وائجڻ ۽ ان جي وائلن لاءِ مخصوص هئا. جيئن **وات** جو نشان (ra) هڪ وائجڻ 'ر' (r) لاءِ به ڪم ايندو هو ته ان جو مطلب ra (رَ، را)،

ar(ار)، re (ري)، er (اِر/ اير) ۽ اهڙي قسم جا ڪيترائي اچار هو. جڏهن يُونوچ (Mediterranean) جي اوڀراون ڪنارن ويجهو رهندڙ اولهه سامي (West Semite) ماڻهن هڪ لکيت اساري، تڏهن مصرين جا رڳو 24 نشان ڪنيائون. بنيادي طرح اهو هڪ پدائتو سرشتو هجڻ گهرجي جنهن ۾ موجود نشانن مان هر هڪ ڪيترن ئي ممڪن نهي سگهندڙ پدن جي بدران ڪم ايندو هو، جيئن مصري ra، er، re وغيره: پر حقيقت ۾ اها نج الفابيٽ سرشتي سان رسمي طرح هڪجهڙي (identical) هئي جنهن ۾ رڳو وائڄڻ لکيل آهن ۽ وائل لکيل ناهن. (باربر [1982] 45)

سنڌي ٻوليءَ جي مروج الفابيٽ ۾ 'پ' جا آواز گهٽ ۾ گهٽ 'پ'، 'پ' ۽ 'ٻ' تي سگهن ٿا جڏهن تہ 'پٽ' جي پڙهٽي پُٽ، پَٽ، پِٽ، پُٺ، پَٺ، پِٽِ، پُٺ، پُٺ، پِٺ، پِٽِ وغيره تي سگهي ٿي. سراج صاحب جن پاران مقرر ڪيل پڙهٽي ۾ اهڙو ڪو بہ مثال نہ ٿو ملي جنهن جو مطلب 'حرف علت + حرف صحيح' هجي جيئن ar ۽ er جا مثال آهن يعني اکري نشان تہ هڪ هجي پر ان جي اچار ۾ ڦيرڦار ۽ وائل ۽ ان جي ڪيڏ وائڄڻ آواز هجي.

- چاڪاڻ تہ مصري تختين ۾ ٻن اکرن وارا ڳڏيل نشان اٽڪل 250 هئا تنهنڪري سنڌن لکيت کي بلڪل اکري چئي نہ ٿو سگهجي. البت انهن ۾ هڪ اکري نشانن جو تعداد بہ درجن کن هو جيڪي خاص نشانن لاءِ اکر تي ڪم اچڻ لڳا. ائين اکرن جي الڳ وجود جي ابتدا تي جيڪا مصرين ۾ مڪمل نہ ٿي چو تہ غير شعوري هئي. (جتوئي [1983] 211)
- شام جي ساموندي ڪناري تي {رهندڙ} فونيشي {اولهہ سامي} واپارين جڏهن ڏٺو تہ هيرو گلائفي نشانن ۾ هڪ اکرا پد{Syllables}، سُر {Vowel} آوازن جي نشانن کان سواءِ موجود آهن ۽ محض اکر تي ڪم اچي سگهن ٿا تڏهن انهن مان صرف 24 نشان اخذ ڪيا جن جو واسطو نہ صورتن سان هو ۽ نہ سُر {وائل} آوازن سان: ۽ انهن کي مختلف وينجن {وائڄڻ} آوازن لاءِ استعمال ڪيائون ۽ انهن کي سڏيائون "الف-بيٽ". فونيشي واپاري، جن جي ٻولي آرميني هئي، سي سامي قوم جا هئا. (جتوئي [1983] 212)
- يُگارٽ (Ugarit) جي ماڻهن جيڪو ميخي لکيت جو نمونو ايجاد ڪيو تنهن ۾ بئبيلاني صورتختي کي سادو ۽ سولو ڪيو ويو. ان ۾ 30 نشان هئا جيڪي سچ پچ تہ اکري هئا. انهن مان 27 نشان بئبيلان وارا ميخي هئا جيڪي مصمت يعني وينجڻ {وائڄڻ} هئا ۽ باقي تي (3) سُر {وائل} آوازن جا نشان هئا. تحرير جو اهو نمونو ھُوي توڙي سامي ٻولين لاءِ ڪم ايندو هو. (جتوئي [1983] 212)
- تحرير جي تاريخ ۾ فقط هڪ ڀيرو ائين ٿيو آهي تہ اها پدائتي {Syllabic} پد (درجي) {منزل} مان ترقي ڪري اکرن جي منزل تي پهتي. اهي سامي ڪاتب هئا جن تحرير جي

فن کي اکرن جي منزل تي آندو. انهيءَ ”الف-بيت“ اکرن مان مشرق بعيد {ڏور اوڀر، Far East} جي تحريرن کان سواءِ دنيا ڀر جي لکيتن جا اکر پيدا ٿيا. (جتوئي [1983] 213)

- آخري وک، ته وائلن لاءِ مقرر ۽ باقاعدي نشان هجن، يونانين کنئي جڏهن انهن الفابيٽ اختيار ڪئي. فونيشين جا ڪي وائجڻ آواز يوناني ۾ موجود ناهن ۽ انهن جهڙن نشانن کي يوناني ماڻهو وائل طور ڪم آڻيندا هئا. مثال، اولهه سامي الفابيٽ جو پهريون اکر، جيڪو هڪ ڏڳي جي تصوير تان ورتل آهي، **الف** (Aleph) هو ۽ ھ (h) قسم جي آواز لاءِ ڪم ايندو هو (...)؛ ان زماني جي يونانين اهو آواز ڪم نه ٿي آندو، ۽ اهو اکر **الفا** (alpha) ڪري کنيو جيڪو **a** (اي) وائل آواز جي نمائندگي ڪندو هو. (باربر [1982] 45-46)
- يوناني روايت موجب 1500 سال قبل مسيح ڇادميوس (Cadmus) نالي شخص فونيشيا مان الفابيٽ (Alphabet) کي يونان ۾ آندو. انهيءَ يوناني الفابيٽ مان ايٽرسڪن (Etruscan) الفابيٽ نڪتي جنهن مان وري رومن ...{۽ ان مان} يورپ جون الفابيٽون نڪتيون.

فونيشي ”الف-بيت“ اکرن مان عربي ”الف-با“ نڪتا جيڪي ساري اسلامي دنيا جي ٻولين ۾ ڪم اچڻ لڳا... (جتوئي [1983] 213)

- جامدت نصر (Jamdat Nasr) واري دور ۾ جڏهن سميري تحريري طرز کي صوتياتي ٿي بنايو ويو تڏهن ايران ۾ به اوائلي ايلمتي (Elamite) لکيت وجود ۾ آئي. (جتوئي [1983] 208)
- عالمن جي راءِ موجب قطعي طرح سان اهو ثابت ڪري نه ٿو سگهجي ته هندين (سنڌين) سميرين کان لکڻ جو فن حاصل ڪيو مگر ان ڳالهه جو گهڻو امڪان به آهي. انهن عالمن جي اها به راءِ آهي ته جيئن گهڻو پوءِ اتر هندستان جي آرين ۾ پنهنجي براهمي لکيت کي پيدا ڪرڻ جو ذوق آرميني ماڻهن جي رسم الخط کان واقف ٿيڻ کان پوءِ پيدا ٿيو تيئن سنڌين کي به عراقين جي لکيت ڏسڻ کان پوءِ پنهنجي تحريري طرز پيدا ڪرڻ جو {خيال} جاڳيو... (جتوئي [1983] 209)
- سنڌ (هند) جي ماڻهن کي اسان نجوم ۽ حسابن ۾ گهڻو اڳتي ڏٺو. انهن جو هڪ خاص سنڌي (هندي) خط آهي... (الانا (1969) 17، جاحظ جي حوالي سان. 864ع/ لڳ ڀڳ 250 هجري)

ان سنڌي الف-ب جي صورتخطي ڪيئن هئي، تنهن بابت ليکڪ کي ڄاڻ نه آهي. سنڌي ٻولي جا لفظ لکڻ لاءِ گرمکي، خواجڪي، ديوناگري، خداوادي، شڪارپوري، ساکرو (سکر واري) ، ٺٺائي، لاڙائي، ونگائي، راجائي، ميمڻڪي، سيوهاڻي وغيره لپيون پڻ ڪم ايندڙيون هيون. مخدوم ابوالحسن جي جوڙيل لپي بابت به سيني کي ڄاڻ آهي. اڄوڪو مروج سنڌي رسم الخط عربي-فارسي تان ورتل ۽ ڪجهه اکرن ۾ واڌارا ڪري ناهيل آهي.

جيئن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد، اوسر ۽ تبديلين بابت هڪ مونجهارو موجود آهي تيئن آڳاٽي سنڌي لکيت بابت بہ ڪا پڪي پختي، طيءِ ٿيل راءِ موجود ناهي.

- ڊاڪٽر ڪريمر (Crammer) آمريڪا ۾ سُميرياڻاجي (Sumeriology) جو وڏو ماهر ۽ ڄاڻو سمجهيو وڃي ٿو. هن سمير جي تختين وارين لکيتن کي پڙهي، اهو نظريو پيش ڪيو آهي تہ سميري تمدن جا انسان، جنهن 'دلمون' ملڪ جي ساراهہ مان ڏاڍپن ئي نہ ٿا ۽ بار بار ان کي ديوتائن جو ملڪ چون ٿا، سو لاشڪ موهن جي دڙي وارو ملڪ هو. (سراج [1964] 23-24)

سراج صاحب جن جي راءِ موجب "سنڌو تهذيب سميري تهذيب جو سرچشمو هئي." (ص 25)

- ... سنڌو سان واسطيدار لڳ ڀڳ 40 ڪتبا (inscriptions، نوشتہ) ويجهي اوير (Near East) مان لڌل آهن. انهن مان ڪي سنڌو تهذيب جي کوڙ (discovery) کان بہ گهڻو اڳ لڌيون ويون هيون جيڪي عوام جي ڄاڻ لاءِ پهريون ڀيرو سر جاهن مارشل (Marshall) 'اِلسٽريٽيڊ لنڊن نيوز' ۾، 20-سيپٽمبر 1924ع، ڇپايون... هڪ هفتو پوءِ 'السٽريٽيڊ لنڊن نيوز' اي.ايچ. سائيس (A.H. Sayce) جو هڪ مختصر خط ڇپيو جنهن سنڌو مهرن ۽ ٺڪر جي ٺانون کي سوسا (susa) مان لڌل آڳِل-ايلمائيٽ (Proto-Elamite) تختين ۽ بين پڪل ٺانون (ceramics) سان ڀيٽيو هو ۽ دليل ڏنا تہ اهي عملي طرح هڪجهڙيون هيون. ان کان هڪ هفتو پوءِ ساڳئي جرنل ۾ سي.جي. گاڊ (C.J. Gadd) ۽ سڊني سمٿ (Smith) جو مضمون (paper) شايع ٿيو، جنهن موجب انهن سنڌو ۽ ميسوپوٽاميائي سيپتائن جي وچ ۾ ڪيترين ئي شين جون ڀيٽون (comparisons) ڪيون ۽ انهن کي ان بنياد تي {ٻنهي سيپتائن جي وچ ۾} ويجهي ناتيداريءَ جي شاهديءَ طور قبول ڪيو. وڌ ۾ وڌ ڪو هڪ ورهہ پوءِ ايل.اي. واڊيل (L.A. Waddell) جو 146 صفحن وارو ڪتاب "دي انڊو-سميرين سِيلز ڊِيسِفوڊ" (حل ڪيل سنڌو-سميري مهرون) شايع ٿيو، جنهن جو هڪ ننڍو عنوان "سنڌو ماٿر جي سميرين کي فونيشين (Phoenician)، ٻرات (Barats)، گوٿ (Goths) ۽ مشهور ويدي آرين (Vedic Aryan) طور کوجڻ" ٻڌائي ٿو. {اصطلاح "انڊو-سميرين" سنڌو ۽ سمير جي وچ ۾ گهاٽا ناتا ڏسندي مارشل ڪم آندو هو ۽ پوءِ ان ۾ ڪي ڪمزوريون ڏسي پاڻ ئي ترڪ ڪيو هو}... گذريل ڏهاڪن ۾ هوري هوري چٽو ٿيندو آيو آهي تہ سنڌو سيپتا پاڻ سان ويجهي ناتيداري ۽ مقامي طرح ٿورو فرق رکندڙ اوائلي سنڌو راهپن (Early Indus Cultures) جي ڪنهن هڪ شاخ جو ڦوهہ جواني (جوڀن) کي رسڻ جي نتيجي ۾ اسري آهي. اوائلي سنڌو راهپون لڳ ڀڳ ان ساڳئي ايراضيءَ ۾، ٽي هزار کان اڍائي هزار ورهہ ق م تائين ڦُلاربيون رهيون. اهي اوائلي وِچپٿري (Mesolithic) ۽ نَئوپٿري (Neolithic) روايتن (traditions) مان ڏکڻ ترڪمانستان (Turkmenistan) ۾ ٻنگارپٿري

راھپن جي اوڀرائين پاسي واڌ/پکڙجڻ کي ظاھر ڪن ٿيون جيڪي اولھائين ايران ۽ ميسوپوٽاميا جي پيٽ ۾ خودمختار ھيون توڙي جو ان پاسي ڪان بہ اثر ورتائون. ڦلارجندڙ ترڪماني سيپيتا جي واڌو آباديءَ ھوري ھوري اوپر پاسي جياسڪيءُ ل (Geoskyur) واري نخلستان، سيستان (Seistan)، ڏکڻ اوپرائين افغانستان، اترئين بلوچستان ۽ سنڌو ماٿري ڏانھن لڏڻ شروع ڪيو.ﺑِﺮ ﭠﺮاﺟﺎﺋِﻲ شاھديون ( Archaeological parallels) ۽ ريڊيو-ڪاربان چڪاس ڪان پوءِ سڌاريل سن چوٿين ھزارين ق م جي پڇاڙي ۽ ٽئين ھزارين ق م جي ابتدا وارن ورھن دوران مضبوط راھپي (Cultural) ۽ معاشي (Economic) لاڳاپن کي پڌرو ڪن ٿا... 3 ھزار ڪان اڍائي ھزار ق م دوران صورتحال تبديل ٿي وئي، وسيع سنڌو علائقو راھپي طرح ترڪمانستان ڪان ڌار ٿي ويو ۽ ان جا راھپي لاڳاپا ڏکڻ-اولھہ ۽ ميسوپوٽاميا ڏانھن لڙي ويا... سنڌو لکيت جيڪڏھن ڪنھن ٻيءَ لکيت سان ناتو رکي ٿي تہ اھا ھر طرح آڳل-ايلمائيٽ ئي آھي جيڪا اوپر ۾ ويندي تيپ يحيٰ (Tape Yahya) سان ڳنڍيل آھي جنھن سان اوائلي سنڌو راھپون لاڳاپي ۾ ھيون جيئن موھن دڙي ۾ درآمد ڪيل صابڻ-پٿر (Steatite) مان ٺھيل صراحيون (vases) ڏيکارن ٿيون. پر ائين ٿو پاڻئجي تہ سنڌو لکيت، جيستائين حقيقي تصويري خاڪن جو تعلق آھي، گھڻي ڀاڱي خودمختار تخليق آھي.

(آسڪو پرپولا، ”ريسينٽ ڊيولپمينٽس اِن دي اسٽڊي آف انڊس اسڪرپٽ“، ’سنڌ ٿرو سينچريز‘، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1981ع)

سنڌو لکيت جيڪڏھن ھڪ خودمختار لکت آھي تہ پوءِ سراج صاحب جن جي راءِ ھڪ سگھاري دليل جي حمايت ماڻي وني ٿي. سراج صاحب جن جي پرک ٻڌائي ٿي تہ سنڌو لکيت ۾ ڪي تصويري خاڪا اھڙا آھن جيڪي ھڪ سڄي لفظ جي نمائندگي ڪن ٿا، جيئن ’ڪوٽ‘ جو تصويري نشان آھي ۽ ڪي خاڪا ھڪ پد جي بہ نمائندگي ڪن ٿا (پوءِ اھو پد ٻہ-اکرو ھجي يا ھڪ-اکرو) تہ ھڪ وائجڻ آواز يا اکر جي بہ. انھيءَ تحرير ۾ البت ڪنھن وائل آواز جو اکري نشان نشانبر ڪيل ناھي جنھن جو مطلب اھو ٿيو تہ اھا پنھنجيءَ اوسر جي ان سطح تي ھئي جنھن تي متي چاٽايل ٺکرن ۾ سميري ۽ مصري لکيتون ھيون.

آسڪوپرپولا ۽ سندس ساٿي، روسي عالم يورف نوروزوف (Yurijv Knorozov) ۽ سندس ساٿي ۽ ڪيترائي ٻيا عالم سنڌو لکيت کي دراوڙي ٻولي جي حوالي سان پرکڻ جي ڪوشش ڪري رھيا آھن، جڏھن تہ ايم ايچ پنھور صاحب جن جو خيال آھي تہ آڳاٽي سنڌي ٻولي ۾ دراوڙي اثر رڳو 20-سيڪڙو مس ھوندو ۽ باقي 80-سيڪڙو ڏکڻ ايران سان واسطو رکي ٿو، جيڪي سامي نہ ھئا پر سُوسا جا ايلمائيٽ ھئا. (ڏسو سنڌن بہ مضمون ”سنڌ جون ٻوليون“ ۽ ”سنڌ جي ٻولي“)

هينري هيراس (Henry Heras) سنڌو لکيت کي دراوڙي سمجهي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن سنڌو مهرن ۾ هر خاڪي کي هڪ لفظ جو اهڃاڻ تي سمجهيو ڇو تہ سندس خيال موجب، ٻين سڀني سان گڏ هڪ سبب هي بہ هو تہ ٽئين هزارين ق م جي سمورن ڄاتل لکت سرشتن جو نمونو اهو آهي جنهن کي ٻول-پدائتو (Logo-syllabic) سڏجي ٿو، ٻئين هزارين ق م ۾ گهڻي ڀاڱي پدائتو (syllabic) آهي ۽ آخري هزارين ق م ۾ الفابيٽ وارو آهي. هن پٽرو ڪيو تہ موهن دڙي مان لڌل مهرن تي پيل نشان پدن سان ٺهڪي نہ ٿا اچن ۽ اهي وائجڻ آواز جا نشان هجن، ان جو امڪان اڃا بہ گهٽ آهي تنهنڪري اهي هڪ مڪمل ٻول/لفظ کي پيش ڪن ٿا. (ڏسو آسڪو پرپولا وارو مضمون) 

مسٽر هنٽر (Hunter) مسٽر لئنگڊن جي پوئواري ڪندي (جنهن بروهڪي لکت کي سنڌو لکيت جي پوئير سڏيو هو) ڪجھ نشانن کي وائل جو اهڃاڻ سمجهيو هو. پر ڪي عالم انهيءَ خيال جا بہ آهن تہ سنڌو مهرن تي وائيا (phonemes، صوتيا) نقش ٿيل آهن (حوالو ساڀيو). اهڙيءَ طرح سنڌو لکيت کي پڙهڻ جي معاملي ۾ ڪيترائي مونجهارا ڪر کڻي بيهن ٿا: مختلف نشانن کي ڪو عالم ٻول/لفظ جو نمائندو ٿو سمجهي تہ ڪو پد يا وائيي (phoneme) جو ۽ ڪجھ نشانن کي وائل جو اهڃاڻ سڏيو وڃي ٿو.

پنجويهن ورهن جي پورهيي ۽ ڪمپيوٽر ۽ ٻين جديد وسيلن جي واهر ڪان پوءِ ڪن عالمن سنڌو مهرن تي گهڻي ڪان گهڻي نظر ايندڙ نشان  کي ”مڇي“، دراوڙي ۾ = مِن (min) پڙهيو آهي ۽ ان کي هڪ وڪ اڳتي قرار ڏيندي خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي.  ليکڪ حيرت ظاهر ڪرڻ جي حيثيت ۾ ناهي، البت ايترو اوس چوڻ گهري ٿو تہ ان ساڳي ئي نشان کي سراج  صاحب جن، 1964ع ۾، جيڪڏهن ”مڇي“ پڙهيو ۽ ”م + حرف علت“ جو نمائندو سڏيو  تہ ڇو اها ڳالهہ قبول ڪرڻ بدران ڪين تنقيد جو نہ پر ٺوڪ جو نشان بنايو ويو؟

- موهن جي دڙي ۾ جتي ڪٿي انهن {مُهن نالي قبيلي وارن} جي نياتي نشاني (totem) ملي ٿي. اهو ئي قبيلو هزارين سالن ڪان اڄ تائين سنڌ ۾ رهندو اچي. ان ساڳئي قبيلي کي شاهہ {لطيف ڀٽائي} ’مُهاڻن‘ جو قبيلو سڏيو آهي. ان قبيلي جون شاخون يا ذاتيون ”مي“، ”مهاڻا“ وغيره اوهان کي سنڌ ۾ اڃا تائين ملندا. اڄ تائين ٺٽي، ماڇر، دادو وغيره طرف وينل غريب مهاڻن جي ڪن ذاتين وٽ، اوهان کي اها نياتي نشاني نڪر جي ٿانون ۽ ويندي ٻيڙين جي پاسن تي ڪوتيل ۽ اڪريل ملندي. (سراج [1964] 119-120)
- ان کان پوءِ گهڻي استعمال ٿيل نشاني آهي. ان جي شڪل مڇيءَ جهڙي آهي، شايد ان وقت بہ ان ئي نالي سان سڏبي هئي... منهنجي خيال ۾ ان جو ملهہ ”م+ حرف علت“ آهي. (سراج [1964] 138)

سراج صاحب جن ان کي دراوڙي نہ، سنڌي ٻولي سمجهي پڙهيو آهي.

حقيقت چا آهي، ان تي اجا پردو پيل آهي. سراج صاحب جن سان ۽ سيني عالمن سان ڪنهن به ڳالهه تي اختلاف ڪري سگهجي ٿو — مثبت اختلاف ئي حقيقتن کي کولڻ ۾ واهرو ٿيندو. ممڪن آهي ته پرپولا ۽ نوروزوف واريون ٽِيمون (teams) به غلط ثابت ٿين پر هڪ مثبت امڪان رکي سگهجي ٿو ته اهي ۽ اهڙيون ڪوششون ئي اڳتي هلي سچائيءَ کي پڌرو ڪنديون.

سنڌو لکيت جي حوالي سان مٿي جيتريون به ڳالهيون آيون آهن، اهي سڀ امڪاني/مفروضا آهن. بهرحال، سمورا عالم جهڙوڪر متفق آهن ته جيستائين موهن دڙي جو هينيون تهه نه ٿو کوٽجي، ووڙجي ۽ ڇڪاسجي، تيستائين سنڌو سيپتا توڙي سنڌو لکيت جي مڪمل ۽ درست پرک ڇنڊڪ ناممڪن آهي.

- بهرحال، هن تحرير جو صحيح حل ان وقت تي سگهي ٿو، جڏهن ميسوپوٽاميا يا سنڌو ماٿري جي وڏيڪ ڪوتائيءَ مان ڪو اهڙو ڪتبو يا مهر هٿ اچي وڃي، جنهن ۾ انهن ٻنهي زبانن ۾ اڪريل ڪتبا دريافت ٿي سگهن، ۽ اهڙيءَ طرح ميسوپوٽاميا جي زبان جي مدد سان سنڌو ماٿري جو رسم الخط پڙهي سگهجي – ڇاڪاڻ ته ميسوپوٽاميا جي زبان پڙهجي چڪي آهي. (صديقي [1980] 174)

تحرير جي اوسر بابت مٿي آيل سموري ذڪر ۾ هڪ ڳالهه ڇٽي ٿئي ٿي ته لکت ۾ ڪيترن ئي وائل آوازن جا نشان تمام گهٽو پوءِ نهيا ۽ مقرر ٿيا آهن. اڄ اسان وٽ ڪي ٻوليون اهڙيون به آهن جن جي لفظن ۾ وائل نشان الڳ اچي ٿو (پر اهو ڪنهن هڪ مقرر وائل آواز لاءِ ڪم نه ٿو اچي، مختلف وائل آوازن جي نشاندهيءَ لاءِ ڪم اچي ٿو) جيئن انگريزي ۾ آهي ۽ ڪن ٻولين جي لفظن ۾ اجا سوڌو گهٽا وائل نشان الڳ ناهن. عربي ۾ ا، و ۽ ي سان گڏ تحرڪ جا نشان اهو ئي ڪردار ادا ڪن ٿا جيڪو، مثال طور انگريزي ۾ a، e، i، o ۽ u ڪن ٿا پر عربي ۾ ا، و ۽ ي کي حروف علت، زير، زبر ۽ پيش کي حرڪت جون نشانيون، جزم کي ساڪن جي نشاني، شد کي تشديد جي نشاني ۽ لفظ جي آخر ۾ اينڊڙ حرڪت جي نشاني کي اعراب سڏيو وڃي ٿو. عربي ۾ مصوت (وائل) جا ڪي مقرر نشان ايئن ئي موجود ناهن جيئن مصمت (وائجڻ) جا آهن. سنڌي جي رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن ۾ اڪثر لفظن تي تحرڪ جون نشانيون ڏنل نه هونديون آهن.

"هو پٽ تي وينو آهي."

هن جملي ۾ ظاهري وائل نشان رڳو 'آ' آهي، جنهن کي 1970ع تائين 'حرف علت' سڏيو ويندو هو، باقي ڪنهن به اکر تي نه ته ڪا تحرڪ جي نشاني آهي ۽ نه ئي اڪيلو الڳ وائل نشان. ان هوندي به هر سنڌي پڙهندڙ ماڻهو ان جملي کي " هُو پَٽ تي وينو آهي" ئي پڙهندو، ڪنهن ٻئي نموني سان نه، جو ته هو ان طرز تحرير کان چڱيءَ طرح واقف آهي. ڪو

شڪ ناهي تہ سمير ۽ بابل توڙي مصر وارا پنهنجي ”بنا-وائل-نشان“ لکت کي بلڪل ائين ئي پڙهندا هوندا جيئن هيءَ لکٽي پڙهي وڃي پئي.

نمبر 2 ڳالهہ. ڪجھ ٻولين ۾ توڙي جو وائل نشان الڳ آهن پر اهي پنهنجي ٻولي جي سمورن وائل آوازن کي صحيح نموني ادا نہ ٿا ڪري سگهن. عام طرح سمجهيو وڃي ٿو تہ انگريزي ۾ 12 **يڪسرا** وائل (Monophthong vowels) ۽ 8 **ٻرسرا** وائل (Diphthong vowels) موجود آهن (بابر [1982] 5 ۽ 7) پر انهن سڀني آوازن کي سڌجندڙ پنج وائل اکرن (a، e، i، o، u) ۽ ڪڏهن ’واءِ‘ (y) ۽ ’ڊبليو‘ (w) جي مدد وٺي ظاهر ڪيو وڃي ٿو جنهنڪري انگريزي ٻولي پڙهندي ڪنهن هڪ ئي وائل نشان جو آواز مختلف ٻولن ۾ مختلف ٿي وڃي ٿو، جيئن هيٺ ڏنل انگريزي لفظن ۾ a (اي) جو آواز آهي:

1. Aback /ə-bak’/
2. Abbess /ab’es/
3. After /äftər/
4. Aleatory /ā’li-ə-tər-i/
5. Albeit /öl-bē’it/
6. Shabble /shab’l/
7. Shade /shād/
8. Shaft /shäft/

- Astir /ə-stûr’/
- Ask /ask/ يا /äsk/
- Arch /arch/
- Angel /ān’jl/
- All /öl/
- Shall /shal/ يا /shəl/
- Shale /shāl/
- Sharp /shärp/

متي ڏنل لفظن جا **وايوڄاڻي** (phonetic، صوتياتي) نشان (اکر) جيڪي — // — ۾ ڏنل آهن، ’چئمبر‘س ڊڪشنري‘ تان ورتل آهن.

اهڙي ئي قسم جا ڪيترائي مثال انگريزي جي هر هڪ وائل نشان جي حوالي سان پيش ڪري سگهجن ٿا.

سنڌي ٻولي ۾ ’ا‘ ۽ ’ء‘ جو ڪو بہ فرق ناهي. سنڌي وائل آوازن کيَ ا اِ ا او، اُو، اِي، ا ِي، اِي ۽ آ جي صورت ۾ لکيو وڃي ٿو ۽ انهن جو نشان ’ا‘ ڪن لفظن ۾ ’ء‘ جي صورت ۾ اچي ٿو تہ ڪن لفظن ۾ محض حرڪت جي نشان طور، ۽ ڪن لفظن ۾ اها نشاني ڏئي سگهجي ئي نہ ٿي.

لکت جي حوالي سان ليکڪ انهيءَ خيال جو آهي تہ

1. هر وائل آواز جو تحريري نشان ڏار ڏار نموني جو ۽ هڪ-اکرو هجڻ گهرجي يعني وائل آواز جيڪڏهن وِيهہ آهن تہ انهن جا اکر بہ ويهہ هجڻ گهرجن،
2. هر وائڄڻ ذات لاءِ ڏار ڏار هڪ-اکرو تحريري نشان هجڻ گهرجي، ۽
3. هر وائڄڻ آواز کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هر هڪ وائڄڻ ذات جي اکري نشان سان گهربل وائل آواز جو نشان اهڙي نموني ڳنڍيل هجي جو ان جي اکري بناوت بہ هڪ-اکري هجي.

## باب چوٿون

# وائل آواز

**’وائل‘** لفظ جي ترڪيب، معنيٰ ۽ مفهوم ڪي سولائيءَ سان سمجهڻ لاءِ سچل، ڪوڙل ۽ واڌل جهڙن ٻولن جي ترڪيب، معنيٰ ۽ مفهوم تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ ۾ انهيءَ ترڪيب پٺاندر سوين ٻول جڙن ٿا. ’واڪ‘ مان ’واڪل‘ ٻـه انهيءَ ترڪيب هيٺ ٺاهيو ويو آهي ۽ ’واء‘ کي ذهن ۾ رکي ’وائل‘ رٽيو ويو آهي. پنجاهه ڪان وڌيڪ ٻولن ۾ اهو ٻول ’واء‘ ذاتو طور ڪم آيو آهي ۽ ڪٿي ’هوا‘، ڪٿي ’آواز‘ تـه ڪٿي ’هوا ۽ آواز‘ ٻنهي جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو. اهڙا ڪي ٻول آهن: وائڪ، وائـر، وائرڻ، وائو، وائِي، ٻـ-وايو، ٽـ-وايو، سُواءُ، وائـلجڻ ۽ وائـلڻ.

درست اچار لاءِ ’وائل‘ جي ’ئ‘ تي زبر، زير يا پيش موجود سمجهي ان کي متحرڪ ۽ چٿو ڪري نـہ پر بيحد هلڪو اچارڻ گهرجي (انهيءَ جو سبب مناسب جاءِ تي پيش ڪيو ويندو). ’وائل‘ معنيٰ ’هوا يا آواز وارو‘. ٻولياڄاڻي (ٻوليءَ بابت علم سان واسطيدار، لسانياتي) ڪتابن ۾ انهن آوازن لاءِ ’وائل‘ بدران ’سُر‘ لفظ ڪتب ايندو آهي.

مروج سنڌي لکيت عربي ۽ فارسي صورتخطي کي سامهون رکي ترتيب ڏني وئي آهي. سنڌي لکيت ۾ وائل آوازن کي حروف علت سڏجندڙ ’ا‘، ’و‘ ۽ **’ي‘** جهڙن اکري نشانن ۽ **’زبر‘**، **’زير‘** ۽ **’پيش‘** جهڙين تحريڪ جي نشانين وسيلي ظاهر ڪيو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا هن وقت ٽائين چاتل وائل آواز آهن: [**اِي**]، [**اِ**]، [**اي**]،[**ي**]، [**آ**]،[**و**]، [**او**]، [**ا**]، [**ﺌ**] [ ]. انهن کي ’صاف وائل آواز‘ ٻـہ چئجي ٿو ڇو تـہ اهي آواز اچارڻ مهل ڦڦڙن ڪان ٻاهر ايندڙ هوا جو ڪو ٿورو حصو ٻـہ نڪ مان خارج نـہ ٿو ٿئي پر سڀ هوا وات جي ڪوپي مان ٻاهر نڪري ٿي. سنڌيءَ جا اهي سڀ صاف وائل آواز سنڌيءَ جي ڪيترن ئي ٻولن ۾ اهڙيءَ طرح ٻـہ اچاريا ويندا آهن جو ڦڦڙن ڪان ايندڙ هوا جي سڄي مقدار جو لنگهه ۽ نيڪال نڪ جي ڪوپي مان ٿئي. تڏهن اهي آواز ُغنا تي پوندا آهن ۽ [**اِين**]، [**اِن**]، [**اين**]، [**ين**]، [**آن**]، [**ون**]، [**اون**]، [**ٺ**]، [**ٺن**] ۽ [**ٺ**] ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.

اهڙن وائل آوازن کي ُغنا يا نـُڪوان وائل آواز سڏجي ٿو.

صاف وائل آوازن جا ڪجهه مثال:

**(1)** ’اِيٽ‘ ۽ ’اِيس‘ ٻـولـن جـو پـهريـون/مـنـدائـتـو آواز ’اِي‘ آهي.

**(2)** ’اِٽ‘ ۽ ’اِکي‘ = = = = = = = = = = = = = = ’اِ‘ آهي.

**(3)** ’ايڪو‘ ۽ ’ايڏو‘ = = = = = = = = = = = = = = ’اي‘ آهي.

(4) ’ايٽ‘ ۽ ’ليٽ‘ = = = = = = = = = = = = = = = ’لي‘ آهي.
(5) ’آکھ‘ ۽ ’آلھ‘ = = = = = = = = = = = = = = = = ’آ‘ آهي.
(6) ’لو‘ ۽ ’لورک‘ = = = = = = = = = = = = = = = = ’لِو‘ آهي.
(7) ’اوڏر‘ ۽ ’اوٺو‘ = = = = = = = = = = = = = = = = ’او‘ آهي.
(8) ’ٺُ‘ ۽ ’پُ‘ = = = = = = = = = = = = = = = = ’اُ‘ آهي.
(9) ’لُچو‘ ۽ ’لُوک‘ = = = = = = = = = = = = = = = = ’لُو‘ آهي.
(10) ’امان‘ ۽ ’لِنو‘ = = = = = = = = = = = = = = = = ’اِ‘ آهي.

غُنن وائل آوازن جا ڪجھ مثال:

(1) ’سائِين‘ ۽ ’سدائِين‘ ٻولن جو پويون/پڇيهڪ آواز ’اِين‘ آهي.
(2) ’ اِنگھ‘ ۽ ’اِنگڙ وِنگڙ‘ ٻولن جو پهريون/منڍائتو آواز ’اِن‘ آهي.
(3) ’ڪائين‘ ۽ ’ڏائين‘ ٻولن جو پويون/پڇيهڪ آواز ’اين‘ آهي.
(4) ’لِينتر‘ (شينهن) ۽ ’لِينچر‘ (خوش آواز، سهڻو) جو پهريون/منڍائتو آواز ’لِين‘ آهي.
(5) ’پِيئان‘ ۽ ’جِيئان‘ ٻولن جو پويون/پڇيهڪ آواز ’آن‘ آهي.
(6) ’لِونرو‘ (ڏنگو) ۽ ’لِونڪار‘ ٻولن جو پهريون/منڍائتو آواز ’لِون‘ آهي.
(7) ’سنئون‘ ۽ ’مهانئون‘ ٻولن جو پويون/پڇيهڪ آواز ’اون‘ آهي.
(8) ’لُنهہ‘ (انڪار جي ورندي) ۽ ’لُنگھ‘ ٻولن جو پهريون/منڍائتو آواز ’لُن‘ آهي.
(9) ’ڪاٺُون‘ ۽ ’ پيئُون‘ ٻولن جو پويون/پڇيهڪ آواز ’لُون‘ آهي.
(10) ’لِنب‘ ۽ ’لِنگ‘ ٻولن جو پهريون/منڍائتو آواز ’لِن‘ آهي.

## آواز جي اُٿل پٿل

ڦُوڪ جي زور تي وڄندڙ ساز، ڦُوڪل ساز، جيئن: بانسري، شرناءِ وغيره، مان نڪرندڙ آواز کي ڏيان سان جاچيو. مقرر سوراخن تان آڱريون کڻي يا انهن تي رکي مختلف قسمن جا آواز اپايا ويندا آهن. انهن کي ’سُر‘ آواز چئبو آهي. ڦڦڙن کان ٻاهر ايندڙ هوا کي زور ڏئي ساز ۾ ڦُوڪيو/ڦوڪيو ويندو آهي. سوراخن تي آڱريون رکڻ يا انهن تان کڻڻ وسيلي هوا جي وهڪ ۽ لنگھ جو زور وڌايو يا گھٽايو وڃي ٿو تنهنڪري مختلف سر آواز پيدا ٿين ٿا. اهي آواز اپائڻ مهل هوا جي وهڪ ڪٿي بہ مڪمل يا جزوي رنڊڪ يا بندش (گھٽي يا ٿوري وقت لاءِ ئي سهي) نہ ٿي ٿئي. ماڻهوءَ جا واڪل آرڳڻ بہ جهڙوڪ ڪنهن بانسري جيان ڪم ڪن ٿا پر بانسري هڪ بيجان شيءِ آهي ۽ ماڻهو جا واڪل آرڳڻ هڪ جاندار شيءِ، تنهنڪري ٻنهي جي اپايل آوازن ۾ ڪي ئي فرق بہ ٿين ٿا. بانسري وڄائيندي هوا جي وهڪ ۽ ان جي لنگھ کي ڪيتري بہ ٿوري وقت لاءِ مڪمل يا جزوي طرح رنڊڪ ڪئي ويندي تہ اها گھڙي ان مان ڪو بہ آواز نہ اپرندو جڏهن تہ ماڻهوءَ جي واڪل آرڳڻ جي حالت ۾ اهو ممڪن آهي تہ هوا جي وهڪ ۽ ان جي لنگھ کي گھٽائي يا وڌائي ۽ ڪنهن

گهربل گهڙيءَ ڪنهن به هنڌ جزوي طرح يا مڪمل طرح رنڊائي سگهجي. ان گهڙيءَ هوا جي ڌوڪ جاري رکبي ته آواز جاري رهندو پر جي بند ڪبي ته آواز ختم ٿي ويندو.

آواز اپائڻ لاءِ شڪتيءَ جي گهرج پوي ٿي جيڪا سيني جون مشڪون ۽ پيٽڇهه مهيا ڪن ٿا. پر آواز اپائڻ لاءِ هوا جو زور سان گذرڻ ڪافي ناهي، واڪل ڏورين جو ڦڙڪڻ پڻ ضروري آهي. وات پورو کولي هوا کي زو ر سان ٻاهر ڌڪيو: هوا جي وهڪ سڙٻاٽي ’هه‘ جهڙي هوندي ۽ زور سان وهڪ جو احساس ڏياريندي پر ان ۾ ’آواز‘ نه هوندو. وات کي ساڳيءَ حالت ۾ رکي، ساڳئي نموني هوا کي ڌوڪيندي آواز ’هه‘ اچاريو. اوهان چٽيءَ طرح سمجهي سگهندا ته واڪل ڏوريون ڪيئن ٿيون ڦڙڪن ۽ انهن جو ڦڙڪو آواز اپائڻ جو ڪارڻ ڪيئن ٿو بڻجي. واڪل ڏورين جي ڦڙڪڻ کان سواءِ، پوءِ اهو ڦڙڪو ڪيترو به هلڪو/گهٽ هجي، ڪو ڳالڪ آواز اپجي سگهي، ممڪن ناهي. ان کان پوءِ هوا جي وهڪ ۽ لنگهه کي وات جي کوپي ۾ واڪل آرڪڻ جي جتي ۽ جاڙين ۽ چپن جي چرپر وسيلي مختلف هنڌن تي سوڙهه سنگهوڙ يا رنڊڪ ڪري مختلف قسمن جا آواز اپايا وڃن ٿا. ٻوليءَ جا آواز تلهي ليکي ٻن قسمن جا ٿين ٿا: (1) وائل ۽ (2) وائجڻ. هن باب ۾ وائل آواز جي اپت تي ڌيان ڏنو ويندو.

## وائل آواز جي وصف

وائل آواز ٻوليءَ جو اهو بڻ ۾ اچڻ جوڳو ۽ برقرار رهي سگهندڙ (sustainable) پيٽڙو آواز آهي جنهن کي اپائڻ لاءِ هوا جي وهڪ ۽ ان جي لنگهه کي وات جي کوپي ۾ سوڙهه سنگهوڙ پيلي ٿئي پر رنڊڪ، جزوي يا مڪمل، قطعي نه ٿئي. وات جي کوپي ۾ هوا جي وهڪ ۽ ان جي لنگهه کي ڳالڪ آرڪڻن جي سهڪار ۽ سهرت وسيلي ڏار ڏار هنڌن تي ٿيندڙ سوڙهه سنگهوڙ مختلف قسمن جا وائل آواز اپائڻ ۾ مددگار ٿئي ٿي. وائل آواز سدائين اِسرڳ (unaspirated) ٿيندا آهن.

مختصر طرح ائين به بيان ڪري سگهجي ٿو ته وائل اهو ڳالڪ آواز آهي جيڪو وات مان (واڪل ڏورين جي مدد سان واڪي ۾ بدلائي) ساهه جي اڻ-رنڊيل (un-impeded) وهڪ وسيلي اپايو وڃي ٿو.

ڦڦڙن کان ٻاهر ڌڪي ايندڙ هوا جو سمورو مقدار جڏهن، نڪ جي کوپي ڏانهن وڃڻ بنا، وات جي کوپي مان گذري چپن وٽان خارج ٿئي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ جيڪي وائل آواز پيدا ٿين انهن کي ’صاف‘ ۽ جڏهن هوا نڪ جي کوپي مان نيڪال ٿئي ته اهڙي حالت ۾ جيڪي وائل آواز پيدا ٿين تن کي ’نڪوان‘ سڏجي ٿو.

## وائل آواز جي اپت

هر هڪ وائل آواز کي جڏهن اڪيلو ڪري اچاربو ۽ ڏيان پنهنجي وات ۾ چپ جي چرپر ۽ چپن جي ُگول تي رکبو تڏهن جاڻي سگهبو ته واڪل ڏورين ڪان وني چپن تائين هوا جي وهڪ کي خصوصي طرح سوڙهو سنگهوڙ ۽ گهٽ وڌ ڪندڙ مکيہ آرڪڻ جيڀ آهي ۽ ان جا مکيہ مددگار چپ آهن.

جيڀ ترارڪڙي تي هينين جاڙيءَ جي وچ واري ُکپ ۾ ويهجي وڃي ٿي، ڪڏهن مشڪون ڦندائي وچتري ۽ ڪڏهن ايتري تلهي تي وڃي ٿي جو تارون هينان هڪ سوڙهي وٿي مس بچي ٿي پر وائل آواز اپائڻ مهل جيڀ ڪڏهن به ايتري تلهي نه ٿي ٿئي جو ان جو ڪو به حصو ڪنهن به هند وات جي پولار ۾ ان جي ڇت کي ڇهڻ لڳي. جيڀ جي ٿولهہ ۾ گهٽ وڌائي وات جي پولار کي گهٽ وڌ ڪري ٿي. ٻيو ته، هر وائل آواز اچارڻ مهل سڄي جيڀ هڪ ڪري تلهي يا سنهي نه ٿي ٿئي. ڪڏهن ان جو پنيون حصو تلهو ٿي ابري ٿو ته ڪڏهن اڳيون يا وري وچيون. جيڀ جي اڳئين حصي کي به ٻن حصن ۾ ورهائي سمجهڻ گهرجي. جيڀ جي چڪ وائل آواز اپائڻ ۾ ايڏو اهم ڪردار ادا نه ٿي ڪري جيترو ان جو مهڙ (يعني چڪ کان پويون حصو). جيڀ جي مشڪن جي سِيٽ ۽ ڍرائي پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

وائل آواز کي سندس مخصوص روپ ڏيڻ ۾ چپن جي بيهڪ به هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي:

**(1)** چپ جڏهن گول ٿين ٿا:

**(الف)** ويڪرا گول ٿين ٿا،

**(ب)** وچترا گول ٿين ٿا ۽

**(ٻ)** سوڙها گول ٿين ٿا،

**(2)** چپ جڏهن پکڙيل هجن ٿا ۽

**(3)** چپ جڏهن وچترا کليل هجن ٿا.

وائل آواز اپائيندي چپ ڪڏهن به پاڻ ۾ نه ٿا ملن. (چپ پاڻ ۾ ملي هوا جي وهڪ کي بند ڪري آزاد ڪندا ته اپجندڙ آواز وائل نه هوندو، اهو ٻہ-چپائون وائجڻ آواز ٿي پوندو. تفصيل 'وائجڻ' سرو رڪندڙ باب ۾.)

نرم تارون پڻ ڪجهہ قدر هيٺ مٿي ٿئي ٿو ۽ هوا جي گذر کي گهٽ وڌ ڪري وائل آواز جي اپت ۾ هڪ ڪردار ادا ڪري ٿو.

ڪجهہ ٻولين ۾ ڪي اهڙا وائل آواز به اچارجن ٿا جن ۾ جيڀ جي چڪ مٿي وڪڙ ڪري پنتي موٽ ڪائي ٿي (باقي جيڀ انهيءَ ئي حالت ۾ رهي ٿي جنهن ۾ وائل آواز اپائڻ

مهل هوندي آهي)، اهڙيءَ حالت ۾ اچاريل وائل آواز کي مُورڏني (retroflex) يا ٻُٽ-وڪڙ) سڏجي ٿو. (جتوئي [1983] 54، الانا [1967] 67 ۽ 69)

ڄڀ جي ٿولهه، ڄڀ جي ٿلهي يا سنهي ٽيل حصي، چپن جي ٻول ۽ نرم تارون جي سطح جي حوالي سان هر وائل اچارڻ مهل وات جي کوپي جي بيهڪ مختلف ٿئي ٿي، ۽ مختلف ٻولين ۾ ساڳيو آواز اچاريندي پڻ مختلف ٿئي ٿي. مثال طور [ ] لڳ ڀڳ هر ٻوليءَ ۾ اچاريو وڃي ٿو پر ڪنهن انگريزي، چيني، عرب يا سنڌي جي وات مان اچارڻ مهل انهن سڀني جي ڳالڪ آرڪٽن جي بيهڪ ضروري ناهي ته هڪ جهڙي هجي. خاص ڪري ڄڀ جي سطح کي ذهن ۾ رکي، عام سمجهاڻيءَ لاءِ جڙتو **مک** يا **معياري** آواز مقرر ڪيا ويا آهن ته جيئن هڪ جهڙي آواز مهل ڄڀ جي عمومي بيهڪ کي ذهن ۾ آڻي سگهجي.

## معياري وائل اچارڻ مهل ڄڀ جي بيهڪ




1. اڳيون اوچو/سوڙهو وائل، جيئن [اِي]
2. اڳيون وچٿرو اوچو/اڌ-سوڙهو وائل، جيئن [اِ]
3. اڳيون گهٽ اوچو/اڌ-کليل وائل، جيئن [اي]
4. اڳيون هيٺيون/کليل وائل، جيئن [ ٻي]
5. پويون هيٺيون/کليل وائل، جيئن [آ]
6. پويون گهٽ اوچو/اڌ-کليل وائل، جيئن [ لو]
7. پويون وچٿرو اوچو/اڌ-سوڙهو وائل، جيئن [او]
8. پويون اوچو/سوڙهو وائل، جيئن [اُ] ۽/يا [ لُو]
9. 10 ۽ 11 وچيان وائل، جيئن [ ]

## سنڌي وائل آواز اچارڻ مهل ڄڀ جي بيهڪ

هڪ راءِ (الانا [1967] 75)



(1) اِي (2) اِ (3) اي (4) آ (5) او

(6) ُا (7) ُو (8) َا (9) َو (10) َلي

-------

## سنڌي وائل آواز اچارڻ مهل ڄڀ جي بيهڪ

ٻي راءِ (جتوئي [1983] 50 ۽ 52)



(1) اِي (2) اِ (3) اي (4) َلي (5) آ

(6) َو (7) او (8) ُا (9) ُو (10) َا

-------

## انگريزي وائل اچارڻ مهل چپ جي بيهڪ

هڪ راءِ (باربر [1982] 5)




هيٺ هر هڪ وائل جي اچار مهل ڳالڪ آرڪڻ جي بيهڪ جو تفصيل ڏجي ٿو: (نوٽ: اهو تفصيل جتوئي صاحب پاران ڏنل خاڪي کي آڏو رکي بيان ڪيو پيو وڃي.)

- [اِي]: مهڙيون (front)، اوچو (high) {'سوڙهو' يا 'گهٽيل' (close) بہ سڏبو آهي}، ڊگهو (long)، صاف (non-nasal) وائل آواز. چپ جي چوٽيءَ جو هينيون حصو هينين اڳين ڏندن جي ٽيڪ وني ٿو، مشڪون سيٽيل. چپ پکڙيل. مثال: /اِيٽ، اِيس/ ٻولن جو پهريون آواز.
- [اِ]: مهڙيون، (ذرو وڌ) وچٿرو اوچو (mid high) {'اڌ-سوڙهو' يا 'اڌ-گهٽيل' (half close) بہ سڏبو آهي}، ننڍو (short)، صاف وائل آواز. چپ جي چوٽيءَ جو هينيون حصو هينين اڳين ڏندن جي پاڙ کي ڇهي ٿو، مشڪون ڍريون. چپ وچٿرا پکڙيل. مثال: /اِٿ اِڪِي/ ٻولن جو پهريون آواز.
- [اي]: مهڙيون، (ذرو گهٽ) وچٿرو اوچو، ڊگهو، صاف وائل آواز. مشڪون ڍريون. چپ وچٿرا کليل. مثال: /ايڪو، ايڏو/ ٻولن جو پهريون آواز.
- [يٖ]: مهڙيون گهٽ اوچو (low high) {'اڌ-کليل' (half open) بہ سڏبو آهي}، ڊگهو، صاف وائل آواز.
هينين جاڙي ٿورو هيٺ پرو سٽ کائي ٿي. مشڪون ٿورو سيٽجي ڍريون ٿين ٿيون. چپ وچٿرا کليل. مثال: /يٖت، لٖيت/ ٻولن جو پهريون آواز.
- [آ]: چپ جي وچ وارو هينيون (low) {'کليل' (open) بہ سڏبو آهي}، ڊگهو، صاف وائل آواز. جيکڏهن بلڪل چٽو ڪري اچاربو تہ پنيون (back)، هينيون، ڊگهو صاف وائل آواز. وات نسبتاً وڌيڪ کليل. چپ ڍرا ۽ کليل. مثال: /آڪهہ، آلهہ، آواز/ ٻولن جو پهريون آواز.
- [وٖ]: پنيون، گهٽ اوچو، ڊگهو، صاف وائل آواز. هينين جاڙي ٿوري مٿيري سٽ کائي ٿي. چپ وچٿرو کليل هجڻ کان هلڪي گول هجڻ ڏانهن چرپر ڪن ٿا. مثال: /وٖلو (سولو)، وٖرڪ/ ٻولن جو پهريون آواز.

- [او]: پنيون، (ذرو گهٽ) وچترو اوچو، ڏگهو، صاف وائل آواز. چپ ڪليل گول. مثال: /اوڏر، اونو/ ٻولن جو پهريون آواز.
- [اُ]: پنيون، (ذرو وڌ) وچترو اوچو، ننڍو، صاف وائل آواز. چپ وچترا گول. مثال: /اُٺ، اُپ، اُگهاڙو/ ٻولن جو پهريون آواز.
- [اُو]: پنيون، اوچو، ڏگهو، صاف وائل آواز. چپ سوڙها گول. مثال: /اُچو، اُڪ/ ٻولن جو پهريون آواز.
- [اَ]: وچون، وچترو اوچو، ننڍو، صاف وائل آواز. چپ وچترا ڪليل. مثال: /اَمان، اَٻا، اَنو/ ٻولن جو پهريون آواز.

ليکڪ سمجهي ٿو ته ڪي ٻيا وائل آواز پڻ سنڌي ٻولن ۾ موجود آهن، جن کي اجا نه کوجيو ويو آهي.

## وائل آوازن جي درجيبندي

[اَ]، [اِ] ۽ [اُ] کي ’ننڍا‘ ۽ باقي، متي ڄاڻايل وائل آوازن کي ’ڏگها‘ سڏجي ٿو. ساڳيءَ طرح سندن بناوت جي حوالي سان سمورن وائلن آوازن کي ٽن جٽن ۾ درجيبند ڪيو وڃي ٿو: **(1)** نج يا يڪسرا، **(2)** ٻِسرا ۽ **(3)** ٽِسرا.

**1.** **نج** (Pure) يا **يڪسرو** (Monopthong):

اهڙو وائل آواز جيڪو هڪ ئي مخرج وٿان هڪ سٽ ۾ ادا ٿي وڃي ان کي ’نج‘ يا ’يڪسرو‘ سڏجي ٿو. [اَي] ۽ [اَو] بابت اختلاف موجود آهي، باقي سيني ڄاتل سنڌي صاف وائل آوازن کي اتفاق راءِ سان نج يا يڪسرو مڃيو وڃي ٿو.

**2.** **ٻہ-سرو** (Dipothong):

- سنڌيءَ جي ٻن سُرن {يعني ٻن وائل آوازن} جهڙوڪا ’اَي‘ ۽ ’اَو‘ لاءِ گمان ڪيو ويندو آهي ته اهي **ٻہ-سرا** {Dipothing} آهن مگر لسانياتي تجربيگاهن ۾ جاچي ڏٺو ويو آهي ته اهي **هڪ-سرا** {Monopthong} آهن. (جتوئي [1983] 53)

ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي انهن ٻنهي وائل آوازن کي ٻہ-سرو نه ٿو مڃي ۽ ڪين سڌو سادو اڌ-ڪليل وائل سڏي ٿو. ڊاڪٽر الانا ([1967] 78- 79) اهو ڏيڻ ۽ ڄاڻائڻ باوجود انهيءَ راءِ سان اختلاف ڪندي [اَي] ۽ [اَو] کي يڪسرو تسليم نه ٿو ڪري.

- [اَي]: هي ’يڪپڙو دهرو سر‘ آهي* {يعني ٻہ-سرو وائل} آهي. هن جي اچارڻ ۾ جيڀ [اَ] کان شروع ٿئي ٿي، ۽ يڪدم [اي] ڏانهن مڙي ٿي [اَ] کان [اي] ڏانهن هڪدم مڙڻ

---

* اصطلاح ۾ ’phthong‘ جي لفظي معنیٰ آهي ’واڪو‘ (voice) يا وائل (vowel). سنڌي ۾ ’vowel‘ جي متبادل طور ’سُر‘ آڻڻ جي ڪري ’phthong‘ جي اصطلاح ۾ مونجهارو پيدا ٿي پوي ٿو. ڊاڪٽر الانا ’phthong‘ جي

ڪري ’يڪپڊو گسڪٽو‘ (gliding) آواز پيدا ٿئي ٿو. صوتياتي رسم الخط ( phonetic transcription) ۾ هن جي صورت [ʌe] ٿي سگهي ٿي. [ʌe] جو پويون جز ’ڪمزور‘ (-non syllabic) آهي.

[ٺو]: هي ٻه يڪپڊو ڌهرو سُر {يعني ٻه-سرو وائل} آهي. هن جياچارڻ ۾ زبان ا ۤ [ʌ] ڪان شروع ٿئي ٿي، ۽ يڪدم [او] ڏانهن مڙي ٿي.ا{[ ] ڪان [او] ڏانهن} هڪدم موڙ کائڻ جي ڪري ’يڪپڊو گسڪٽو‘ آواز ٿئي ٿو. صوتياتي رسم الخط ۾ هن جي صورت [ʌ٥] ٿي سگهي ٿي. [ʌ٥] جو پويون جز ’ڪمزور‘ آهي. (الانا [1967] 81)

- يڪپدا دهرا سُر هي آهن:ٺي ۽ ا ۤو. سادن ۽ دهرن سرن جي ڀيٽ لاءِ هينيان مثال ڏجن ٿا:

| سادا سُر | يڪپدا دهرا سُر | |
|---|---|---|
| اوجهه | ٺوج ۤ | (الانا [1967] 79) |

[ٺي] ۽ [ٺو] بابت ڊاڪٽر الانا جي مٿي ڏنل وضاحت ۾ دليل جي قوت موجود آهي پر پاڻ جيڪا ’نِيم-سُر‘ (اڌ-وائل، semi-vowel) جي وضاحت ڪئي اٿن ([1967] 39) ان ۾ ۽ ٻه-سري جي وضاحت ۾ فرق قائم نه رکي سگهيا آهن. (ڏسو هن ڪتاب جو ’اڌ-وائل‘ سرو رکندڙ باب)

## ٻه- سري جي هڪ وضاحت:

- جيڪڏهن ٻه سُر {يعني ٻه وائل} اهڙي طرح اچارجن جو پهريون {وائل} پورو پورو ادا ڪري پوءِ ٻيو ادا ڪجي ته اهو مرڪب (compound) آواز ٿيندو؛ مثلاً ”**ڇٺوس**“ ۾ پهريائيں[ ] جو آواز پورو ڪجي تو ۽ پوءِ [او] جو، تنهنڪري اتي ٻه سر {يعني ٻئي وائل} ڌار ڌار آهن؛ انهن کي ٻه-سرو (diphthong) سڏي نه سگهبو؛ مگر **ٿئي، ڪاءُ، لاءِ، پوءِ، پيءُ، سيءُ** {ءِ} سوءَ لفظن جي آخر ۾ ٻه-سرو {diphthomg} آواز آهي جيئن ڳالهائڻ وقت محسوس ٿئي ٿو. سنڌي لفظن جي آخر ۾ جيڪڏهن همزو ايندو ته پوءِ ان جو آواز اڳئين سُر {يعني وائل} آواز سان ملي ٻه-سرو ناهيندو؛ ٻيءَ حالت ۾ نه ناهيندو. (جتوئي [1983] 53)

---

متبادل طور ’يڪپڊو ڌهرو سر‘، ’ڌهرو سر‘ ۽ ’يڪپڊو ڌهرو‘ لفظ ڪم آڻڻ سان گڏ ’يڪي پد وارو ٻتو سر‘ ([1969] 27) جهڙا لفظ پڻ ڪم آندا آهن جنهنڪري پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي. ليکڪ ’vowel‘ جي بدران ’وائل‘ ڪم آندو آهي (جنهن جو سبب گهربل جاءِ تي ڏنل آهي) ۽ ’phthong‘ جي بدران ’سر‘ لفظ ڪم آڻيندي ’monophthong‘ جي لاءِ ’يڪسُرو‘، ’diphthong‘ جي لاءِ ’ٻه-سرو‘ ۽ ’triphthong‘ جي لاءِ ’ٽه-سُرو‘ اصطلاح ڪم آندا آهن.

”جيئن ڳالهائڻ وقت محسوس ٿئي ٿو“ چوڻ ڪا مناسب وضاحت نہ آهي. ڳالهائڻ وقت تہ ٻہ-پدو (disyllabic) محسوس ٿئي ٿو: /اِٿِ + اي/، /اڪا + ا/، /الا + اِ/، /اِپو + اِ/، پِرِي + ا/، /اِسِي + ا/، /اسو + ا/. جڏهن تہ هڪ ٻسرو وائل آواز ڪڏهن بہ ٻہ-پدو نہ ٿو ٿئي، اهو يڪپدو (monosyllabic) هوندو آهي. (وڌيڪ بحث ’سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت‘ واري باب ۾).

انگريزي جي /make/، /hide/، /house/، /boy/ ۽ /home/ ٻولن ۾ وائل آواز کي ٻہ-سرو قرار ڏنو ويو آهي. (باربر [1982] 7). ان ڪري:

ٻہ-سرو وائل آواز اهو آواز آهي جيڪو آواز جي هڪ ئي سٽ/وهڪ ۾ ادا ٿي وڃي يعني يڪپدو هجي پر اچاريندي ان جا ٻہ جز محسوس ٿين.

[او] ۽ [اي] چوڻ مهل آواز جا ڪي بہ ٻہ جز محسوس نہ ٿا ٿين جڏهن تہ [اُو] ۽ [اِي] اچارڻ مهل نہ رڳو هر هڪ آواز جا ٻہ جز پر چپ جي چرپر ۾ هڪ جهوٽ جهول يا ڳِسڪ کي پڻ محسوس ڪري سگهجي ٿو.

### 3. ٽہ-سرو (Triphthong):

- ڪن ٻولين جهڙوڪ انگريزي ۾ ٽہ-سرو (triphthong) {آواز} بہ ٿيندو آهي جهڙوڪ **چيئرَ** (chair) ۽ **ٽائئرَ** (tyre) وغيره لفظن ۾. انهن لفظن جي پڇاڙيءَ واري ’ر‘ جو آواز ڪو نہ اچاربو آهي. (جتوئي [1983] 53، رابنسن جي ’جنرل لِنگئسٽڪس‘ جي حوالي سان)

هتي ڏيان ڏيڻ گهرجي تہ ’چيئرَ‘ ۽ ’ٽائئرَ‘ لفظ لکندي ’ئ‘ تي حرڪت (زبر) جي نشاني ڏيڻ سبب انگريزي ٻولن جو آواز/اچار نيڪ طرح ظاهر نہ ٿو ٿئي. ان نموني لکڻ جي ڪري ’چيئر‘ جو ٽہ-سرو آواز [ايئہ] يجي [ايِا+ ] ۽ ’ٽائئر‘ جو ٽہ-سرو آواز [آئئہ] يجي [آاِا+ ] ٿي پيو آهي. انگريزي جون ڊڪشنريون اهي اچار هن طرح سمجهائن ٿيون:

| چيمبر‘س ڊڪشنري | آڪسفورڊ ڊڪشنري |
| --- | --- |
| • chair /chār/ چيئر | • chair /tʃeə(r)/ (ر) چيئہ |
| • tyre /t r/ ٽائئر | • tyre /taiə(r)/ (ر) ٽائئہ |

[آئئہ] ۽ [ايءِ] جهڙيون وائل صورتون سنڌي ٻوليءَ ۾ اجا تائين نہ ڪوجيون ويون آهن.

ٽہ-سرو وائل اهو آواز آهي جيڪو آواز جي هڪ ئي سٽ/وهڪ ۾ ادا ٿي وڃي يعني يڪپدو هجي پر اچاريندي ان جا ٽي جز محسوس ٿين.

## باب پنجون

# واڃڻ

/**واڃڻ**/ = /واء + جڻ = ڄڻيو، ڄڻيل/.
سنڌي لکيت ۾ واڃڻ آوازن ڪي حروف صحيح سڃندڙ اکرن، جيئن: '**ب**'، '**ت**'، '**س**'، '**ڪ**'، '**ل**' وسيلي ظاهر ڪيو ويندو آهي. وائل آواز اڪيلي سر پنهنجيءَ نج ۽ ڇڙي صورت ۾ اچارجي سگهجندو آهي پر، ليکڪ انهيءَ راءِ جو آهي ته، واڃڻ آواز اڪيلي سر نج ۽ ڇڙي صورت ۾ اچاري سگهجي، ممڪن ناهي. ٻولياڄاڻِي ڪتابن ۾ ان قسم جي آوازن لاءِ عام طرح ڪتب ايندڙ لفظ 'وِيڃنجن' آهي ۽ انگريزي ۾ (Consonant) (واء = آواز + گاڏڙ).
عربيءَ ۾ اهڙي قسم جي آواز کي ' مُصمَت' (ماٺ وارو) سڏجي ٿو. (جتوئي [1983] 44-45)
واڃڻ آوازن جي ڪجھ مثال:
'سنڌ' ۽ 'سنڌي' ٻولن ۾ 'س'، 'ن' ۽ 'ڌ' آواز ملن ٿا.
'ٻڌڪ' ٻول ۾ 'ٻ'، 'ڌ' ۽ 'ڪ' آواز ملن ٿا.
'جهر' ۽ 'جهار' ٻولن ۾ 'جھ' ۽ 'ر' آواز ملن ٿا.
'ڏاڍ' ۽ 'ڏاڍو' ٻولن ۾ 'ڏ' ۽ 'ڍ' آواز ملن ٿا.
'ڄڃ' ٻول ۾ 'ڄ' ۽ 'ڃ' آواز ملن ٿا.
'ڪُڱو' ٻول ۾ 'ڪ' ۽ 'ڱ' آواز ملن ٿا.
'گهوڙو' ۽ 'گهاڙ' ٻولن ۾ 'گھ' ۽ 'ڙ' آواز ملن ٿا.
'ڀِٽ' ۽ 'ڀِٽ' ٻولن ۾ 'ڀ' ۽ 'ٽ' آواز ملن ٿا.
'ٻُوٿ' ۽ 'ٻاٿون' ٻولن ۾ 'ٻ' ۽ 'ٿ' آواز ملن ٿا.
'چاچو' ۽ 'چاچي' ٻولن ۾ 'چ' آواز ملي ٿو.
'ٽانڊو' ٻول ۾ 'ٽ' ۽ 'ڊ' آواز ملن ٿا.
'ڇِٽي' ٻول ۾ 'ڇ' ۽ 'ٽ' آواز ملن ٿا.
'ڦيڻ' ۽ 'ڦيڻو' ٻولن ۾ 'ڦ' ۽ 'ڻ' آواز ملن ٿا.
'جاوا' ٻول ۾ 'ج' ۽ 'و' آواز ملن ٿا.
'چڱو' ۽ 'چڱي' ٻولن ۾ 'چ' ۽ 'ڱ' آواز ملن ٿا.
'غلط' ٻول ۾ 'غ'، 'ل' ۽ 'ط' آواز ملن ٿا.
'ضعف' ۽ 'ضعيف' ٻولن ۾ 'ض'، 'ع' ۽ 'ف' آواز ملن ٿا.
'حياءُ' ٻول ۾ 'ح' ۽ 'ي' آواز ملن ٿا.

’شوق‘ ٻول ۾ ’ش‘ ۽ ’ق‘ آواز ملن ٿا.
’خط‘ ٻول ۾ ’خ‘ ۽ ’ط‘ آواز ملن ٿا.
’مزو‘ ۽ ’زم زم‘ ٻولن ۾ ’م‘ ۽ ’ز‘ آواز ملن ٿا.
’صوف‘ ٻول ۾ ’ص‘ ۽ ’ف‘ آواز ملن ٿا.
’پاھ‘ ۽ ’پاھو‘ ٻولن ۾ ’پ‘ ۽ ’ھ‘ آواز ملن ٿا.
’ذرو‘ ۽ ’ذري‘ ٻولن ۾ ’ذ‘ ۽ ’ر‘ آواز ملن ٿا.
’ظالم‘ ٻول ۾ ’ظ‘، ’ل‘ ۽ ’م‘ آواز ملن ٿا.
’ثواب‘ ٻول ۾ ’ث‘، ’و‘ ۽ ’ب‘ آواز ملن ٿا.

حقيقت اھا آھي تہ (ص، ث، ذ، ض، ظ غ، ع، خ، ق ۽ ف) سنڌي ٻوليءَ جا آواز نہ آھن. پڙھيل ۽ سمجھو ماڻھو شعوري ڪوشش ڪري انھن کي چٽو ۽ درست اچارڻ جي ڪوشش ڪندا آھن. اھي رڳو عربي صورتن کي درست رکڻ لاءِ سنڌي الفابيٽ ۾ شامل ڪيا ويا آھن.

## آواز جي اپت

جيئن قدرت اسان کي ھزارين لکين قسمن جون شيون ۽ ھستيون اپائي ڏنيون آھن ۽ اج ڪين پنھنجي عقل، علم ۽ تجربي آھر انھن کي سڌاريون ۽ سنواريون ٿا تيئن قدرتي تبديلين ھيٺ ڪجھ جانارن وٽ آواز اپائڻ جي قوت بہ موجود ٿئي ٿي، پر انسان ئي اڪيلو ساھوارو آھي جيڪو انھن کي سڌاري ۽ سنواري ٿو.

مختلف جانور جيڪو آواز اپائن ٿا، پورو ڌيان ڏئي جاچيو تہ انھن مان ڪو ھڪ بہ آواز اھڙو نہ ھوندو جنھن کي وائل آوازن جي جتي ۾ شامل نہ ڪري سگھجي. اڪثر جانورن جو اپايل آواز نڪائون ھوندو آھي پر ڪنھن ڪنھن جو اڻ-نڪائون (صاف) بہ ٿئي ٿو. بيشڪ، ڪيترن ئي جانورن جي آواز کي ’ڊينچون‘، ’ٻُ ـِئُو‘ (ٻونڪ)، ’يان‘ (يانئان)، ’ٻين‘، ’مين‘ (ٻيڪ)، ’مياؤ ‘، ’ھٽڪ‘، ’ڪُڙ‘ وغيره جي صورت ۾ ياد ڪيو ويندو آھي پر جاچي ڏسبو تہ اھو فرق رڳو ان ڪري محسوس ٿئي ٿو جو تہ ھر جنس جي جانورن جي نڙگھٽ ۽ چپن جي بناوت ۽ اتان گذري سگھندڙ ھوا جو زور ۽ مقدار مختلف ٿئي ٿو. جانورن جي آوازن بابت مشاھدي کي ذھن ۾ رکي ليکڪ اھا راءِ جوڙي آھي تہ آوازيندڙ ساھوارن جا آواز پنھنجيءَ فطري بناوت ۾ وائل آواز ھوندا آھن. ماڻھوءَ جو اولاد پيدائشي طرح پاڻ سان اھي آواز ئي کڻي اچي ٿو — ڪو بہ نئون جاول ٻار ڪو بہ وائجڻ آواز اپائي نہ ٿو سگھي. ساڳيءَ طرح، ڪنھن بہ ساز وسيلي ڪو بہ وائجڻ آواز اپائي نہ ٿو سگھجي. اھو ممڪن ئي ناھي تہ ڪنھن ساز، ڪنھن ٻار ۽ ڪنھن جانور جي وات مان ڪنھن بہ ٻوليءَ جي نثري يا نظماٽي سِٽ بيان ڪري يا ڳائي سگھجي. اگر ئي جاتل يا ڳاتل شاعري کي سندس مخصوص ڏن موجب ڪنھن ساز تي ٻڌڻ ڪان پوءِ اھو سمجھيو ويندو آھي تہ فلاڻي شاعري پئي ٻڌائي وڃي. اھڙي

شاعري، راڳ يا نثر جيڪو اڳ چاتل يا ٻڌل نه هجي ۽ ساز وسيلي اپايو وڃي ته ڪو به ٻڌندڙ نه ٻڌائي سگهندو ته ڪهڙي سِٽ ٻڌائي وئي. ساز جو آواز پنهنجيءَ بناوت ۾ وائل/سُر آهي ۽ سڪڻن وائلن/سُرن وسيلي ٻولي نه ٿي ڳالهائي سگهجي. وائڄڻ آواز ئي آهن جيڪي ٻوليءَ کي درحقيقت ٻوليءَ جي صورت ڏين ٿا. وائڄڻ آواز قدرتي طرح مليل/چاتل نه هوندا آهن، اهي سکيا ويندا آهن، سيکاريا ويندا آهن ۽ سکڻ/سيکارڻ جو ڪم انساني سماج کان ٻاهر ٿي سگهي، ممڪن ناهي — ٻولي انساني سماج ۾ ئي ڳالهائي وڃي ٿي. پورهيو، سوچ، ٻولي، سماج ۽ ان جي ثقافت گڏوگڏ نسرن ۽ اسرن ٿا ۽ هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿين ٿا. ڪو به وائڄڻ آواز انساني سماج کان ٻاهر موجود ناهي.

## وائڄڻ آواز جي وصف

وائڄڻ آواز ٻولي جو اهو ٻڌڻ ۾ اچڻ جوڳو آواز آهي جنهن کي اپائڻ لاءِ هوا جي وهڪ ۽ ان جي لنگهه کي وات جي کوپي ۾ جزوي يا مڪمل طرح رنڊائي اپايو وڃي. وات جي کوپي ۾ هوا جي وهڪ ۽ ان جي لنگهه کي ڳالڪ آرڪڻ جي سهڪار ۽ سهرت وسيلي ڏار ڏار هنڌن تي ٿيندڙ جزوي يا مڪمل رنڊڪ مختلف قسمن جا وائڄڻ آواز اپائڻ ۾ مددگار ٿئي ٿي.

بين لفظن ۾ ايئن به بيان ڪري سگهجي ٿو ته وائڄڻ اهو ڳالڪ آواز آهي جيڪو وات مان (واڪل ڏورين جي مدد سان واڪي ۾ بدلائي) ساهه جِي جزوي يا مڪمل رنڊايل وهڪ وسيلي اپايو وڃي ٿو.

## وائڄڻ آواز اپائڻ لاءِ هڪ شرط

هڪ وائڄڻ آواز کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ اچڻ جوڳو بنائڻ لاءِ لازمي آهي ته هوا جي وهڪ کي وات جي کوپي ۾ مڪمل يا جزوي رنڊڪ ٿيندي ئي دڳ ملي. اهو دڳ ملڻ جي ڪري وات جي کوپي ۾ ڳالڪ عضون جي بيهڪ ڪنهن نه ڪنهن وائل آواز واري ٿئي ٿي، تنهنڪري اهو ممڪن ئي ناهي ته ڪو وائڄڻ آواز بنا وائل جي اچاري، اپائي يا آوازي سگهجي. (وڌيڪ تفصيل ’جهيٽو وائل‘ جي سري هيٺ).

## وائڄڻ آواز جي اپت

- وينجن آوازن (Consonants) جي مخرج معلوم ڪرڻ جو... آسان طريقو آڳاٽن عرب عالمن هيءُ ڏسيو آهي ته وينجن جي نمائندگي ڪندڙ حرف يا اکر جي اڳيان ’ا‘ ڏيئي، ان اکر کي ساڪن ڪري پڙهبو... مثلاً ’ب‘ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته ’ب‘ جو مخرج ٻئي چپ

آهن.ا ُت‘ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته ’ت‘ جو مخرج مٿيان ڏند آهن... (جتوئي [1983] 43-44)

مختلف قسمن جا وائجڻ آواز اپائڻ مهل مڪمل يا جزوي رنڌڪ مختلف هنڌن تي ٿئي ٿي. انهيءَ رنڌڪ سبب آواز سنڌجي ٿو. اها رنڌڪ جنهن به هنڌ ٿئي ٿي، ضروري ناهي ته اتان رڳو هڪ آواز ئي اپائي سگهجي. اهڙن ڪجھ هنڌن تي هڪ کان وڌيڪ آواز اپائي سگهجن ٿا. آوازن جو فرق هوا جي وهڪ جي حالت، رنڌجڻ/سنڌجڻ/مخرج جي هنڌ، آواز جي ڪيفيت وغيره تي ٿئي ٿو. هر هڪ آواز ڪي، هيٺ چارٽ وسيلي ظاهر ڪيو ويو آهي.

**سنڌي ٻوليءَ جي آوازن جو عمومي خاڪو**

| واڪل ڏورين جي مدد سان واڪي ۾ بدلائي هوا جي وهڪ کي رنڌائڻ وسيلي اپايل آواز ـــ وائجڻ | | | | | | | | | | | | | | | | بنا رنڌڪ آواز ـ وائل |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| آواز جو قسم | آواز جي حالت | چپئان | | چپ-ڏندئان | | ڏندئان | | مهارئان/مورڌني | | سخت تاروئان | | نرم تاروئان | | نڙيان | | |
| | | بي ٻُٽو | پٽيٽو | بي ٻُٽو | پٽيٽو | بي ٻُٽو | پٽيٽو | بي ٻُٽو | پٽيٽو | بي ٻُٽو | پٽيٽو | بي ٻُٽو | پٽيٽو | بي ٻُٽو | پٽيٽو | پٽيٽا ۽ اوسرڳ |
| خارجي ڌماڪيدار | اوسرڳ | پ | ب | | | ت | د | ٺ | ڊ | چ | ج | ڪ | گ | | | ي اِ اِيء<br>اِ ءِ<br>اي ءَلي ايء<br>آ آء<br>او ءَلو اوء<br>ُا ءُا<br>ُلو ُلوء<br>َا ءَا<br>(۽ لڳ ڀڳ سيني جا نڪاون آواز) |
| | وسرڳ | ڦ | ڀ | | | ٿ | ڌ | ٽ | ڍ | ڇ | جھ | ک | گھ | | | |
| نڪاون | اوسرڳ | | م | | | | | | ن/ڻ | | ڃ | | ڱ | | | |
| | وسرڳ | | مھ | | | | | | نھ/ڻھ | | | | | | | |
| پاسائتا | اوسرڳ | | | | | | | | ل | | | | | | | |
| | وسرڳ | | | | | | | | لھ | | | | | | | |
| لرزائتا | اوسرڳ | | | | | | | | ر/ڙ | | | | | | | |
| | وسرڳ | | | | | | | | رھ/ڙھ | | | | | | | |
| چوسٽا | اوسرڳ | | ٻ | | | | | | ڏ | | ڄ | | ڳ | | | |
| بندشي لرزائتا | اوسرڳ | | | | | | | | ت (ٽر)<br>د (ڊر) | | | | | | | |
| گسڪائتا | اوسرڳ | | | ف | و | س | ز | | | ش | ي | خ | غ | ھ | ھ | |
| اڌ-وائل | اوسرڳ | | و | | | | | | | | ي | | | | | |

(1) چپئان آواز: ٻئي چپ پاڻ ۾ ملي هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ڪن ٿا.
(2) ڏندئان آواز: جيڀ جو مهڙ مٿين اڳين ڏندن جي پاڙ وٽ هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ڪري ٿو.
(3) مهارئان آواز: جيڀ جي چڪ مٿئين مهار کي ڇهي هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ڪري ٿي.
(4) مورڏني آواز: جيڀ جي چڪ مٿئين مهار ۽ سخت تارون جي ميلاپ وٽ هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ڪري ٿي.
(5) سخت تاروئان آواز: جيڀ جي مٿياڙي سخت تارون سان ملي هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ڪري ٿي.
(6) نرم تاروئان آواز: جيڀ جي مٿياڙي/پاڙ نرم تارون سان ملي هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ڪري ٿي.
(7) نڪاوان وائجڻ آواز: جيڀ جي پٺ/پاڙ ڪاڪڙي سان ملي هوا جي وهڪ کي نڪ جي ڪوپي ڏانهن موڪلي ٿي ۽ هوا نڪ مان خارج ٿئي ٿي.
(8) نڙيئان آواز: جيڀ جي پاڙ ڪاڪڙي کي پوئتي ڌِڪي نڙگهٽ جي مٿئين/پٺئين پاسي سان ملائي هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ڪري ٿي.
(9) چوسٽا آواز: اندروني ڌماڪيدار (Implosives) يا ساهه/هوا کي اندر ڇڪيندڙ ’ ساسڪ‘ پڻ سڏجن ٿا.

## وائجڻ آواز جي وضاحت

[پ]، هڪ وائجڻ، چپائون، (مڪمل) بندشي (Stop)، خارجي ڌماڪيدار (Explosive)، ٻي پٽو ۽ اوسرڳ آواز آهي.
[ب]، هڪ وائجڻ، چپائون، (مڪمل) بندشي، خارجي ڌماڪيدار، ٻِٽيٽو ۽ اوسرڳ آواز آهي.
[ٻ]، هڪ وائجڻ، چپائون، (مڪمل) بندشي، خارجي ڌماڪيدار، ٻِٽيٽو ۽ وسرڳ آواز آهي.
[چ]، هڪ وائجڻ، سخت تاروئون، (مڪمل) بندشي، خارجي ڌماڪيدار ٻي پٽو ۽ اوسرڳ آواز آهي.
[ڇ]، هڪ وائجڻ، سخت تاروئون، (مڪمل) بندشي، خارجي ڌماڪيدار، ٻي پٽو ۽ اوسرڳ آواز آهي.
[ڄ]، هڪ وائجڻ، سخت تاروئون، (مڪمل) بندشي، چوسٽو، ٻِٽيٽو ۽ اوسرڳ آواز آهي.
[ڳ]، هڪ وائجڻ، نرم تاروئون، (مڪمل) بندشي، چوسٽو، ٻِٽيٽو ۽ اوسرڳ آواز آهي.

[س] ۽ [ز] جي وچ ۾ پٽڪ جو فرق آهي، [س] بي پٽو ۽ [ز] پٽيٽو، باقي سپ گڻ هڪ جهڙا يعني ڏندئان (ڪي انهن کي مهارئان ڪري به اچاريندا آهن)، (جزوي) بندشي، گسڪائتا ۽ اوسرڳ آهن.

جڏهن ’مهارئين‘ ۽ ’مورڌني‘ ۾ فرق قائم رکيو وڃي تو تڏهن [ر] هڪ مهارئون، لرزائتو، (جزوي) بندشي، پٽيٽو ۽ اوسرڳ وائجڻ ۽ [ڙ] مورڌني، لرزائتو، (جزوي) بندشي، پٽيٽو ۽ اوسرڳ وائجڻ. [ر] جو وسرڳ [ره] ۽ [ڙ] جو وسرڳ [ڙه] آهي. (ر] ۽ [ڙ] ۾ اهو به فرق آهي ته [ر] گهڻ-ٺڪو ۽ [ڙ] هڪ-ٺڪو آهي.

## باب ڇهون

# جِهيڻو وائل

جنهن اکري نشان مٿان جزم (ْ) ڏني وجي ٿي، ان بابت عام طرح اهو تصور ڪيو ويندو آهي تہ اهو ’ساڪن‘ (مانوءِ چپ، بي آواز) آهي. ڇا اهو تصور درست چئي سگهجي ٿو؟

’ٻِ‘ اچاري ڏسوا.[ ] چوڻ مهل چپڙ[ ] وائل اچارڻ واري بيهڪ تي هوندا ۽ [ا] چوندي ئي چپ پاڻ ۾ ملائي بند رکڻا پون ٿا ۽ سمجهيو وجي ٿو تہ ’ٻِ‘ چيو ويو.

’ٻِ‘ اچاري ڏسو. ڇا ’ب‘ ۽ ’ٻِ‘ جي وچ ۾ فرق آهي؟

’ٻِ‘، ’ڦِ‘ ۽ ا ’ب‘ اچاري ڏسو. ڇا ’ٻِ‘، ’ٻِ‘، ’ٻِ‘، ’ڦِ‘ ۽ ’ٻِ‘ جي وچ ۾ فرق آهي؟

جواب جيڪڏهن ”نہ“ آهي، تہ انهيءَ جواب ۾ ڪا بہ عقلمندي موجود نہ چئبي، ڇو تہ [ب]، [پ]، [ڀ]، [ڦ] ۽ [ٻ] جي وچ ۾ اصولي طرح فرق موجود آهي.

جواب جيڪڏهن ”ها “ آهي، تہ [ب]، [پ]، [ڀ]، [ڦ] ۽ [ٻ] جي وچ ۾ فرق جو ڪارڻ ڇا آهي؟

چپ بند ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪڏهن هوا جي ڪجھ نہ ڪجھ حصي کي آزاد نہ ڇڏبو تہ ’ٻِ‘، ’ٻِ‘، ’ٻِ‘، ’ڦِ‘ ۽ ’ٻِ‘ جي وچ ۾ فرق ڪري سگهڻ ممڪن نہ رهندو. هيءَ ڳالھ ياد رکڻي آهي.

هاڻي ’ڄِ‘، ’ڃِ‘، ’جِ‘، ’جھِ‘ ۽ ’ڄِ‘ اچاري ڏسو.[ا] چوڻ ڪان پوءِ ڄڀ جو مهڙ سخت تارون سان ملي هوا جي لنگهہ کي بند ڪري ٿو ۽ چپ هڪ ٻئي ڪان وٿيرڪا رهن ٿا. اهي ”لفظ“ اچاريندي هوا جو لنگهہ بند ڪرڻ ڪان پوءِ هوا جي ڪجھ نہ ڪجھ حصي کي جيڪڏهن دڳ نہ ملندو تہ نہ رڳو انهن ”لفظن“ جي وچ ۾ فرق ڪري سگهڻ ممڪن نہ هوندو پر ڪو بہ ٻڌندڙ انهن ”ٻولن“ کي ا ’ب‘، ’ٻِ‘، ’ٻِ‘ ا ’ڦ‘ ۽ ’ٻِ‘ ڪان فرق رکندڙ سڏي نہ سگهندو.

ساڳيءَ طرح، هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ڪان پوءِ ذرو بہ دڳ نہ ملندو تہ ’ڪِ‘، ’ڪِ‘، ’ڳِ‘، ’ڱِ‘ ’ھ‘ جي وچ ۾ ۽ انهن ۽ مٿي/اڳ ڄاڻايل ”ٻولن“ ڪان فرق ڪري سگهڻ ممڪن نہ آهي.

’سِ‘ ۽ ’شِ‘ چئي ڏسو. اهي ”ٻول“ اچاريندي هوا جي وهڪ کي رنڊڪ جيئن تہ جزوي آهي تنهنڪري هوا جي وهڪ کي چٽيءَ طرح محسوس ڪري سگهجي ٿو ۽ ٻڌندڙ ٻڌندي ئي فرق ڪري سگهندو تہ ’سِ‘ چيو ويو يا ’شِ‘.

بلڪل ساڳئي نموني ’ٻ‘، ’پ‘ ۽ اهڙا مٿي ڏنل سمورا ”ٻول“ اچارڻ مهل فرق رڳو تڏهن ئي محسوس ڪري سگهبو جڏهن هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ٿيندي ئي ڪجهه نه ڪجهه دٻ ملي.

ڇا ڦوڪل ساز جي سمورن هوا خارج ڪندڙ سوراخن کي بند رکي ڪنهن به قسم جو ڪو به آواز اپائي سگهجي ٿو؟

جتي به هوا جو دٻ بند هوندو اتي ڪنهن به قسم جو ڪو به آواز اپجي نه سگهندو. آواز جي اپت لاءِ هوا جي وهڪ کي دٻ ملڻ ضروري آهي.

هوا جي وهڪ کي جڏهن دٻ ملندو تڏهن وات جي ڪوپي ۾ ڳالهه عضون جي ڪا نه ڪا بيهڪ هوندي؛ ۽ اها بيهڪ اهڙي هوندي جنهن ۾ هوا جي لنگهه کي سوڙهه سنگهوڙ پلي هجي پر رنڊڪ نه هجي.

۽ چڱيءَ طرح ڄاڻجي ٿو ته هوا جي وهڪ کي جڏهن وات جي ڪوپي ۾ رنڊڪ ناهي (سوڙهه سنگهوڙ پلي هجي) تڏهن اپجندڙ آواز ’وائل‘ سڏجي ٿو.

جڏهن [ٻ]، [ب]، [ٽ] وغيره چئجي ٿو تڏهن رنڊڪ ڪندي ئي هوا کي لنگهه ڏيڻ مهل وات جي ڪوپي ۾ ڳالهه آرڪٽن جي بيهڪ [ ] جهڙي ٿئي ٿي. [پا]، [ٻا]، [تا] وغيره چوڻ مهل رنڊڪ کان پوءِ اها بيهڪ [آ] جهڙي هوندي آهي.

هر ڄاتل وائل آواز جي راڙ (loudness) جي سطح ٿئي ٿي. [ا]، [اِ] ۽ [اُ] ۾ فرق ڪري سگهڻ لاءِ ممڪن ننڍي ۾ ننڍي هڪ سطح اوس ٿئي ٿي. جڏهن ’ٻ‘، ’ڪ‘ وغيره اچارجي ٿو تڏهن [ا] چوڻ کان پوءِ رنڊڪ ڪندي ئي هوا کي جيڪو دٻ ملي ٿو، ان جي ڪري پيدا ٿيندڙ راڙ جي سطح [ ]، [اِ] ۽ [اُ] کي محسوس ڪرڻ واري راڙ جي سطح کان گهٽ آهي، ايتري گهٽ جو اهو ممڪن آهي ته [ا]، [اِ] ۽ [اُ] جهڙو فرق محسوس نه ٿو ٿئي.

(1) [ٻ] ۽ ’ٻٽ‘ جي آوازن ۾ فرق آهي. ’ٻٽ‘ ۾ [ٽ] جو هڪ هلڪو آواز موجود آهي.

(2) ’ٻٽ‘ ۽ ’ٻٽ‘ جي آوازن ۾ فرق موجود آهي. [ٽ] ۽ [ٽ] جي آوازن ۾ فرق سبب ئي ان کي محسوس ڪيو وڃي ٿو.

(3) ’ٻٽ‘ ۽ ’ٻٽِ‘ جي آوازن ۾ فرق آهي. [ٽ] ۽ [ٽِ] جي آوازن ۾ فرق سبب ان کي محسوس ڪيو وڃي ٿو.

(4) ’ٻٽ‘ ۽ ’ٻٽُ‘ جي آوازن ۾ فرق آهي. [ٽ] ۽ [ٽُ] جي آوازن ۾ فرق سبب ان کي محسوس ڪيو وڃي ٿو.

(5) [ٽُ]، [ٽِ] ۽ [ٽُ] جي حالت ۾ راڙ جي سطح [ٽ] جي حالت ۾ راڙ جي سطح کان مٿيري آهي.

(6) ’پُٽ‘ ۾ [ٽِ] جي راڙ جي سطح ’پِٽ‘، ’پِٽِ‘ ۽ ’پُٽ‘ ۾ [ٽُ]، [ٽِ] ۽ [ٽُ] جي راڙ جي سطح کان گهٽ آهي پر ان جو هڪ وجود آهي جنهنڪري ئي ’پُٽ‘ ۽ [پُ] جي وچ ۾ فرق ٿئي ٿو.

(7) [ٽِ] جو اهو هلڪو آواز وات جي ڪوپي ۾ هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ٿيندي ئي هوا جي ڪجهه مقدار کي آزادي ملڻ جي نتيجي ۾ وجود وٺي ٿو ۽ ان مهل ڳالهڪ عضون جي بيهڪ اهڙي آهي جيڪا ڪو وائل آواز اپائڻ مهل يعني بنا رنڊڪ ٿئي ٿي.

(8) [ٽُ]، [ٽِ] ۽ [ٽُ] چوڻ يا [اَ]، [اِ] ۽ [اُ] چوڻ مهل راڙ جي سطح ڪجهه مٿيري آهي جڏهن ته [ٽِ] چوڻ مهل ان راڙ جي سطح هيٺ پري آهي.

انهيءَ هلڪي آواز جو ڪارڻ ڇا آهي؟

”هڪ جهيڻو وائل“ انهيءَ سوال جو جواب آهي. ان جو تحريري نشان ( ɨ ) مقرر ڪجي ٿو.

جيئن [آ]، [او]، [اي] ۽ [اِي] چوڻ مهل راڙ جي سطح ۽ مدو [ ]، [اُ] ۽ [اِ] چوڻ مهل راڙ جي سطح ۽ مدي کان وڌيڪ آهي تيئن [اَ]، [اِ] ۽ [اُ] چوڻ مهل راڙ جي سطح ۽ مدو [ ɨ ] چوڻ مهل راڙ جي سطح ۽ مدي کان وڌيڪ آهي.

[آ]، [اي]، [او]، [اِي] ۽ اهڙا ٻيا ’ڊگها‘ (long) وائل آواز سڏجن ٿا.

[اَ]، [اِ] ۽ [اُ] ’ننڍا‘ (short) وائل آواز سڏجن ٿا.

[ ɨ ] کي ’جهيڻو‘ وائل آواز سڏڻ ۽ سمجهڻ گهرجي.

- اهي مصمت آواز يعني وينجن {وائڃڻ}، مصوت آوازن يعني سُرن {وائلن} جي سهاري کان سواءِ گهٽو ڪري اچاري نہ سگهبا آهن، پنهنجي مٿي اِهي گُنگا يا ماٺ ۾ آهن. (جتوئي [1983] 45)

هيءَ ڳالهہ پاڻ ئي پنهنجي تضاد کي ظاهر ڪري ٿي. وائڃڻ جيڪڏهن ’گُونگو‘ يا ’ماٺ‘ آهي تہ ’آواز‘ ڪيئن ۽ ڇو سڏي سگهبو؟ جيڪو ’آواز‘ آهي اهو ’ماٺ‘ ڪيئن ۽ ڇو چئي سگهبو؟ هجي ’آواز‘ ۽ سڏجي ’ماٺ! ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ ’رنڊڪ‘ کي ’آواز‘ سڏيو پيو وڃي! ڇا اهو ممڪن آهي تہ سگهي رنڊڪ ڪنهن آواز کي جنم ڏئي سگهي؟ ڇا اهو ممڪن آهي تہ ڪنهن ڦوڪل ساز جا سمورا سوراخ بند رکي ڪو آواز اپائي سگهجي؟ جي ”نہ“، تہ پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ هوا جي وهڪ کي ڳالهڪ عضون جي مدد سان پوري طرح بند رکي ڪنهن آواز کي جنم ڏئي سگهجي!؟ وائڃڻ ’رنڊڪ‘ جو نالو ناهي، پر رنڊڪ ڪندي ئي ان سان گڏ ۽ هڪدم هوا جي ڪجهہ نہ ڪجهہ مقدار کي آجو ڪرڻ وسيلي اپايل آواز جو نالو آهي.

- “Consonants always sound with something and can not sound alone. The vowels are also called `sonants`, because they can sound without the support of anything else.”

{"وائجڻ سدائين ڪنهن شيءِ جي مدد سان ئي آواز ڏيندا آهن ۽ اڪيلي سر آوازي نہ سگهبا آهن. وائلن کي 'ساڏيا' (سڏ وارا) پڻ سڏيو وڃي ٿو ڇو تہ اهي ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي مدد کان سواءِ ئي آوازي سگهبا آهن."} (الانا (1967) 43. بارٽل مالمبرگ جو حوالو)

ڪو بہ وائجڻ جيڪڏهن وائل کان سواءِ آوازي نہ ٿو سگهجي تہ ان جو مطلب هي ٿيو تہ وائجڻ هڪ وائلدار آواز آهي، اهو محض رنڊڪ جو نالو ناهي پر رنڊڪ ڪندي ئي آجي ڪيل هوا جي وهڪ رکندڙ آواز آهي.

جيئن وائل آواز جي هڪ خصوصيت بنا رنڊڪ هجڻ آهي تيئن وائجڻ آواز جي هڪ خصوصيت رنڊڪدار هجڻ آهي. هوا جي وهڪ ٻنهي قسمن جي آوازن لاءِ لازمي آهي. هوا جي اها وهڪ جنهن وسيلي [آ]، [ ] وغيره جهڙو چٽو يا رتل وائجڻ آواز نہ اپجي سگهي پر راڙ جي سطح ۽ مدي جي حوالي سان انهن کان بہ گهٽ هجي، ان کي 'جهيٽو وائل' سڏجي ٿو.

## ساڪن

'ساڪن' معنیٰ 'مانو'، 'خاموش'، 'چپ'، ' سُڪون وارو'، 'بنا تحرڪ' (اهو جنهن تي تحرڪ/چرپر نہ هجي). انگريزي ۾ اهو ساڳيو مفهوم ظاهر ڪندڙ لفظ/اصطلاح آهي ' vowel less' يعني 'بنا وائل'. مٿي، جن آوازن کي جهيٽو وائل رکندڙ ثابت ڪيو ويو آهي انهن کي عام طرح 'ساڪن'، 'بنا تحرڪ' يا 'بنا وائل' سڏيو ويندو آهي ۽ عربي، سنڌي الفابيٽ ۾ انهن کي تحرير ۾ 'جزم' جو نشان ڏئي ظاهر ڪيو ويندو آهي.

سنڌي جي ڪن ڄاڻن جڏهن وائل جي تحريري نشان تي بہ 'جزم' آندي تڏهن ان جي تنقيد ڪندي الانا صاحب ([1969] 80) لکيو:

- سنڌي ڪتابن ۾ صاف سُرن جي تحريري صورت ۾ بہ 'جزم' جو استعمال درست نہ آهي. مٿي بيان ڪيو ويو آهي تہ 'جزم'، جنهن کي ' سُڪونُ' بہ چئبو آهي، ان جو ڪم آهي ڪن ساڪن وينجن آوازن کي تحريري صورت ۾ ڏيکارڻ. ڀلا اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي تہ سُرَ بہ خاموش يعني غير متحرڪ هجن؟

جيئن 'وائل' هڪ آواز آهي تيئن 'وائجڻ' بہ هڪ آواز آهي. هتي اهو سوال ڇو نہ پڇجي تہ "ڀلا اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ 'آواز' (sounds) بہ خاموش هجن؟"

هجي 'آواز' ۽ سڏجي 'ساڪن'!

خاموشيءَ، ماٺ، سُڪون، ناتحرڪيءَ جو مطلب ئي اهو آهي تہ ڪو بہ آواز، ڪا بہ آوازي چرپر موجود ناهي. جڏهن آواز ئي موجود ناهي تہ پوءِ 'وائل' ۽ 'وائجڻ' هجڻ جو سوال ئي بيڪار ٿيو پوي. پر جي وائل ساڪن نہ ٿو ٿي سگهي تہ پوءِ وائجڻ بہ ساڪن نہ ٿو ٿي

سگهي، جو تہ اهو 'وائجڻگهاٽ-سونڊنٽ'/'وينجن' ٿيو ئي تڏهن آهي جڏهن ان ۾ آواز موجود هجي. ڪنهن بہ ٻول ۾ ڪو هڪ بہ وائجڻ اهڙو ٿي نہ ٿو سگهي جنهن جو ڪو بہ آواز نہ هجي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سمورا وائجڻ هر ٻول ۾ هڪ جهڙي زور/راڙ سان نہ ٿا اچاريا وڃن. ڪن کي اچارڻ مهل زور وڌيڪ لڳي ٿو ۽ ڪن کي اچارڻ مهل زور گهٽ لڳي ٿو.

/Script/ ('سڪرپٽ'، جنهن کي سنڌي ۾ عام طرح 'اسڪرپٽ' اچاريو ويندو آهي) جي تحريري نشانن ۾ وائل جي نشاندهي ڪندڙ رڳو هڪ اکر 'i' (آءِ) آهي جنهن جو سڌو واسطو 'r' (آر) سان آهي ۽ باقي اکر بنا وائل آهن. پر ڇا ان ٻول ۾ 's' (ايس)، 'c' (سِي)، 't' (ٽِي) ۽ 'p' (پِي) جو ڪو بہ آواز نہ آهي؟

اڪثر انگريزي ٻولن جو جمع واسطيدار ٻول جي آخر ۾ 's' (ايس) آڻي ناهيو وڃي ٿو، جيئن drivers (ڊرائيورس)، tailors (ٽيلرس)، sailors (سيلرس) وغيره.

مروج انگريزي اچار ۾ 'ڊرائيور'، 'ٽيلر' ۽ 'سيلر' جهڙن ٻولن جو آخري آواز [r] ([ر]) جو آواز ڇٽو نہ ڪيو ويندو آهي، يا ايئن چئجي تہ ايترو هلڪو ڪيو ويندو آهي جو ان جو محض احساس ئي ٿي سگهندو آهي پر اهڙن ٻولن جي پويان 's' اچي جڏهن ٻول کي جمع ڪري ٿي تڏهن، نہ رڳو 's' پر 'r' جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ اچڻ جوڳو ٿي پوندو آهي، توڙي جو لکيت ۾ اهي 'بناوائل' ئي هوندا آهن.

جي بناوائل ساڪن، بي تحرڪ آهن تہ انهن جو آواز ڇو آهي؟

درحقيقت، مجموعي طرح، اوهين جڏهن پراڻي انگريزي (Old English) پڙهي رهيا هجو تڏهن اوهان کي اهو ياد رکڻو آهي تہ هر تحريري نشان جو اچار ڪرڻو آهي، جيئن **niht** (night) ۾ **h** جو، **cnēo** (knee) ۾ **c** جو، **singan** (to sing) ۾ **n** ۽ **g** ٻنهي جو، **cyssan** (to kiss) ۾ ٻئي **s** آواز ۽ اهڙيءَ طرح وڌيڪ. (باربر [1982] 132)

ان جو صاف ۽ ڇٽو مطلب هي ٿيو تہ لکت ۾ جيڪي اکر (ڀلي ڪهڙي بہ آواز جا نمائندا قرار ڏنا وڃن) بناوائل سڏجن ٿا، ٻول ۾ اهي سو سيڪڙو بي آواز نہ آهن.

/horse/ ۾ 's' هڪ وائل 'e' رکي ٿو تنهنڪري رتل (Sustained) يا برقرار رهي سگهندڙ وائجڻ سمجهيو وڃي ٿو. /house/ ۾ 's' پڻ هڪ رتل وائجڻ آهي جڏهن تہ /Scripts/ ۽ /Schools/ جهڙن ٻولن ۾ هر 's' بظاهر بناوائل آهي، پر ڇا ڪو بہ چئي سگهندو تہ انهن ٻولن ۾ هر 's' جو ڪو بہ آواز ناهي؟

/horse/ ۽ /house/ جي [s] جيان /Schools ۽ /Scripts/ ۾ [s] بہ هڪ آواز رکي ٿي، ڪٿي ڪٿي اهو چئي سگهجي ٿو تہ ان جي راڙ جي سطح /horse/ ۽ /house/ ۾ [s] جي سطح کان گهٽ آهي. اها ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ ٻول ۾ جيڪو آواز آهي تحرير ۾ ان کي بي آواز، بناوائل، بي تحرڪ، ماٺو يا ساڪن سڏيو وڃي!

/Schools/ ۽ /Scripts/ جهڙن ٻولن ۾ [s] جو اهو هلڪو آواز هڪ جهيٽي وائل جي ڪري آهي جيڪو [س] اچاريندي هوا جي وهڪ ڪي رنڊڪ سان گڏ دگ ڏيڻ سبب وجود ۾ آيو آهي.

انگريزي لکيت ۾ اهو جهيٽو وائل آواز ظاهر ڪري سگهڻ لاءِ اجا ڪو به تحريري نشان وجود ۾ نه آيو آهي. عربي، سنڌي لکيت ۾ 'جزم' جي نشان کي جهيٽي وائل جو نمائندو سمجهڻ گهرجي. ليڪڪ ان هلڪي آواز، جهيٽي وائل کي واياڄاٽي (phonetic) صورتخطيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ [ ɨ ] ڪم آڻي ٿو.

ٻوليءَ ۽ ٻول ۾ آواز کي جاچبو آهي، لکت کي نه.

هر ماڻهو ڄاڻي ٿو ته ڳالڻ/ڳالهائڻ، ٻولي ٻولڻ جو عمل اڳ ۾ شروع ٿيل آهي. ماڻهو لکين ورهين کان ٻولي ڳالهائيندو پيو اچي. ٻوليءَ جا ٻول آوازن کان سواءِ جڙي نه ٿا سگهن. جڏهن ته لکيت جهڙوڪر ڪالهوڪو عمل آهي. ٻولي گهٽ ۾ گهٽ 6-لک ورهن کان ڳالهائي پئي وڃي، جڏهن ته لکيت جي ڄمار وڌ ۾ وڌ 7-هزار ورهه مس ٿيندي.

لکيت جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي ماڻهوءَ ٻوليءَ جي ٻولن کي درست نموني اهڃاڻڻ جو جتن پئي ڪيو آهي. تحريري شڪل پٽاندر ٻول نه ٿا رڄن، ٻول موجب تحريري صورت ناهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

اڳاٽين لکيتن ۾ وائل آوازن لاءِ جيڪڏهن الڳ تحريري نشان موجود نه هئا ته ان جو مطلب قطعي اهو ناهي ته انهن ٻولن ۾ وائل آواز ئي اڻ-موجود هئا. لکيت سرشتو هوري هوري سڌريو آهي. ماڻهوءَ جي سمجهه ۽ پرک ۽ پروڙ جي قوت جيئن جيئن وڌي ۽ سڌري آهي تيئن تيئن ٻين هزارين ڪمن سان گڏ لکيت سرشتي کي به سڌارڻ ۽ سنوارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي.

/لِ/ ۽ /لِڪ/ جي آوازن ۾ فرق آهي.

/لِڪ/ ۽ /لِڪ/ جي آوازن ۾ فرق آهي.

/لِڪ/ ۽ /لِڪ/ ۽ /لڪ/ جي آوازن ۾ پڻ فرق موجود آهي.

هڪ جهڙن تحريري نشانن ۾ آواز جي فرق کي نروار ڪرڻ لاءِ حرڪت جون نشانيون وجود ۾ آيون. /ڪنو/، /ڪَنو/ ۽ /ڪِنو/ ۾ فرق ڪرڻ لاءِ زبر، پيش ۽ زير ڪم آنديون ويون پر هڪ پاسي /ڪ، ڪ ۽ ڪِ/ ۽ ٻئي پاسي /ڪ/ جي وچ ۾ جيڪو آواز جو فرق هو ان کي ڪيئن نروار ڪجي؟ ائين به نه هو ته /ڪ/ جو ڪو آواز ئي نه هجي، جي آواز نه هجي ها ته /لِ/ ۽ /لِڪ/ جي وچ ۾ فرق يا /لِڪ/ ۽ لِڪ/ جي وچ ۾ فرق نه هجي ها. /ڪ/ جو جيئن ته هڪ آواز هو ۽ /ڪ، ڪ ۽ ڪِ/ جي ڀيٽ ۾ هلڪو هو تنهنڪري اهو فرق ڏيکارڻ لاءِ 'جزم' جو نشان ناهيو ويو ۽ حرڪت جي نشانين وارن آوازن جي ڀيٽ ۾ ڄٽڪ مانو، ساڪن پئي محسوس ٿيو. عربي ۾ 'جزم' جو نشان 'ساڪن' سڏجڻ باوجود عملاً هڪ وائل آهي.

انگريزي لکت ۾ اهڙو مناسب وائل نشان ظاهر ڪرڻ بدران، مروج لکيت کي ڏسي چيو ويو تہ وائجڻ بناوائل بہ ٿي سگهي ٿو.

سڌي ۽ صاف ڳالهہ آهي تہ جنهن وائجڻ کي لکيت ۾ ساڪن، بي تحرڪ، مانو يا بناوائل سڏيو وڃي ٿو، ٻول ۾ اهو درحقيقت سو سيڪڙو 'ساڪن' يا بناوائل نہ آهي. ان جو هڪ آواز آهي.

ڪن اڪابرن جهيٽي ۽ ننڍي وائل، جزميل اکر جي آواز ۽ حرڪتيل اکر جي آواز ۾ فرق کي محسوس تہ ڪيو ۽ جهيٽي وائل واري اکري نشان کي 'جزم' وسيلي ظاهر بہ ڪيو پر ان کي هلڪو متحرڪ سڏڻ ۽ سمجهڻ بدران ساڪن سڏيو ۽ سمجهيو.

لکيت ۾ وائل آواز لاءِ الڳ تحريري نشان جي ايجاد لڳ ڀڳ اڍائي هزار ورهہ پراڻي آهي پر 'جزم' جي ايجاد ڏيڍ هزار ورهہ اڳ موجود نہ هئي.

ليکڪ جزم کي هلڪي تحرڪ ۽ جهيٽي وائل جو اهڃاڻ سمجهي ڪم آڻي ٿو.

## ليکڪ جي نظر ۾ درحقيقت ساڪن ڇا آهي؟

/Straight/ ۽ /night/ ٻولن جي تحريري صورت ۾ 'gh' اکر هڪ ڏيان لهن ٿا. پراڻي انگريزي جي ٻولن ۾ انهن کي هڪ آواز هو پر اڄوڪي انگريزي جي ٻولن ۾ انهن جو ڪو بہ آواز نہ آهي. اڄوڪي انگريزي ۾ انهن ٻولن جو اچار /Streit/ ۽ /nīt/ آهي. انهن ٻولن ۾ 'gh' جو اڄ ڪو بہ آواز ناهي. تحرير ۾ انهن کي 'ساڪن' سڏي سگهجي ٿو. اڄوڪو ٻول /streit/ آهي تنهنڪري /straight/ کي هاڻي اتهاس ۽ ٻولاڄاڻ (Etymology) جو وڙ سمجهڻ گهرجي.

'ڪم ڪرڻ'

'ڪم ڪر'

'ڪم ڪيو' / 'ڪم ڪريو' (جمع امري صورت)

'ڪم ڪيم'، 'ڪم ڪري ڇڏيم'

'ڪم ڪندم'، 'ڪم ڪري ڇڏيندم'

انهن جملن ۾ 'ڪرڻ' تي ۽ ان جي مختلف صورتن تي ڌيان ڏيو ۽ محسوس ڪريو تہ [ر] جو آواز ڪٿي موجود آهي ۽ ڪٿي گم. هاڻي سوال اٿاريو تہ ڇو؟

خاص ڪري جمع امري صورتن تي ڌيان ڏيو. اڄوڪي سنڌ ۾ ٻئي صورتون موجود آهن. هڪ صورت ۾ [ر] موجود آهي ۽ ٻيءَ ۾ نہ. جنهن صورت ۾ اڻ-موجود آهي انهيءَ ۾ درحقيقت ساڪن آهي، انهيءَ ٻول ۾ [ر] جو ڪو بہ آواز ناهي تنهنڪري ڪيرايو ويو آهي.

/ڪريندو/ ٻول اڄ اتهاس ۽ ٻولاڄاڻ جي حوالي آهي. اڄوڪي سنڌيءَ ۾ /ڪندو/ مروج آهي. سنڌيءَ جي اهڙن ٻولن ۾ [ر] جهڙي آواز کي ليکڪ ساڪن تصور ڪري ٿو ۽ درحقيقت ساڪن تي ويل آواز سنڌي ٻولي ڪيرائي/ختم ڪري ڇڏيندي آهي.

## ٻول ۾ آوازن جي ڳٽپ

- /ڪِنوا/ ۾ هينيان آواز آهن:

[ڪِ]: ٻي پٺو، اوسرڳ، نرم تارون وارو، ڌماڪيدار وينجن

[اِ]: چوٽو، اڳيون، سوڙهو سُر

[ن]مهارن وارو نڪئون وينجن

[او]: پويون اڌ-سوڙهو سُر (جتوئي [1983] 75-76)

چا /ڪِنوا/ ۾ سچ پچ پورا چار آواز: [ڪ]، [اِ]، [ن] ۽ [او] شامل آهن؟

/ٺڇرا/ ۽ /سڇرا/ ٻولن ۾ /ڏ-/ ۽ /سُ-/ ٻاندي (bound) صورتون آهن. انهن کي جيڪڏهن ساڳئي انداز ۾ بيان ڪبو تہ پوءِ چوڻو پوندو تہ /ڏ-/ جا ٻہ آواز — [ڏ] ۽ [ا] ۽ /سُ-/ جا ٻہ آواز [س] ۽ [ا] آهن. چا /ڏ/ ۽ /سُ/ مان هر هڪ سچ پچ پورا ٻہ آواز رکي ٿو؟

/ڪِنوا/ ۾ 'ڪ' ۽ 'ن' کان [اِ] ۽ 'ن' کان [او] ڌار رکڻ سبب چا 'ڪ' ۽ 'ن' وٽ سچ پچ ڪو آواز بچيو آهي. /سُ/ ۽ /ڏ/ کان [ا] ڌار ڪرڻ کان پوءِ چا 'س' ۽ 'ڏ' جو پنهنجو ڪو آواز آهي؟

[ڪِ]، [نو]، [ڏ] ۽ [سُ] کي جيڪڏهن ٻن ٻن جزن ۾ ٽوڙبو تہ وائل ڌار ڪرڻ کان پوءِ باقي جز جيپ جي ان چرپر جي نشاندهي ڪري سگهندو جيڪا وات جي ڪوپي ۾ هوا جي گذر کي رنڊڪ ڪري ٿي.

۽ سڪٽي رنڊڪ آواز ٿي سگهي، ممڪن ناهي — هوا جي وهڪ وسيلي وڄندڙ ساز رنڊڪ کان پوءِ ڪو بہ آواز اپائي نہ ٿو سگهي. وات جي ڪوپي ۾ هوا جي وهڪ بند هجي ۽ آواز اپجي سگهي، ممڪن ناهي.

بندش ڪندي ئي هوا جي وهڪ کي ملندڙ لنگهہ وائجڻ آواز اپائي ٿو ۽ جڏهن اهو ڪجهہ وڌيڪ چٽو آهي تڏهن عام اصطلاح ۾ رَتل يا برقرار رهي سگهندڙ (sustained) وائجڻ سڏجي ٿو.

ڪو بہ وائجڻ اپائڻ مهل، هوا جي وهڪ کي گهربل نموني گهربل هنڌ رنڊائيندي ئي جڏهن آزادي ملي ٿي تڏهن وات جي ڪوپي جي بيهڪ وائل آواز اپائڻ واري ٿي پوي ٿي. ڪو بہ وائجڻ ڪنهن نہ ڪنهن وائل جي مدد سان ئي اچاري سگهجي ٿو. وائجڻ آواز جيڪڏهن محض رنڊڪ جو نالو ناهي تہ پوءِ پڪ سان اهو هڪ اهڙو آواز آهي جيڪو وات جي ڪوپي ۾ هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ڪندي ئي لنگهہ ڏئي اپايو وڃي ٿو. وائل آواز جي هڪ خصوصيت رنڊڪدار نہ هجڻ آهي ۽ وائجڻ جي خصوصيت رنڊڪدار هجڻ آهي.

[ڪِ] جيئن تہ نهي ئي رنڊڪ ڪندي آزادي ڏيڻ وسيلي ٿو تنهنڪري اهو هڪ آواز آهي. رنڊڪ ۽ آزادي هڪ ئي سٽ ۾ عمل هيٺ اچن ٿا ۽ [ڪِ] کي جنم ڏين ٿا. جيئن اسان ٻہ-سري وائل جي حالت ۾ ڏٺو هو تہ هڪ وائل اچاريندي ئي ٻئي ڏانهن موڙ هڪ ٻہ-سري وائل

ڪي جنم ڏئي ٿو ۽ ٻہ-سري ڪي ٻہ واڪل نہ، هڪ واڪل آواز سڏجي ٿو تيئن [ڪِ] اپائڻ جي حالت ۾ رنڊڪ ڪندي ئي جيپ [اِ] واري بيهڪ تي اچي ٿي.

[ڪِ] ٻن آوازن جو ميل ناهي، هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ڪندي ئي آزاديءَ وسيلي اپايل هڪ آواز آهي.

[ڪِ] ۾ [اِ] ان جو اٽُٽ جز آهي.

جيئن ڪنهن ٻہ-سري واڪل ۾ ٻہ آواز اهڙيءَ طرح سمايل آهن جو انهن کي الڳ ڪري سگهڻ ممڪن نہ آهي تيئن [ڪِ] ۾ [اِ] سمايل آهي. جيڪڏهن تشبيهہ ڏئي بيان ڪبو، تہ وائجڻ آواز ۾ واڪل ايئن آهي جيئن اکين جي ديد، ڪتاب جا اکر، قلواڙيءَ جا گل، سج جي روشني ۽ ڪائنات جو مادو. ان ڪري ئي بارٽل مالمبرگ کي چوڻو پيو تہ وائجڻ ڪنهن شيءِ جي مدد سان ئي آوازي سگهجن ٿا.

/ڪِنو/ ۾ [اِ] ۽ [او] کي ڌار رکڻ کان پوءِ ڇا ’ڪ‘ ۽ ’ن‘ وٽ سچ پچ ڪو آواز آهي؟ جي ”ها“، تہ ڪهڙو؟

ڇا ’رنڊڪ‘ بہ ڪو آواز آهي؟ ڇا ’ماٺ‘ بہ ڪو آواز آهي؟

[اِ] ۽ [او] ڌار ڪرڻ کان پوءِ ’ڪ‘ ۽ ’ن‘ وٽ ڪنهن بہ آواز جي نمائندگي موجود ناهي، انهن وٽ نہ تہ پٽڪو آهي ۽ نہ ئي لِسرڪاپ. وٽن رڳو بندش آهي ۽ بندش ڪو بہ آواز ناهي. وائجڻ آواز اپائڻ جي حالت ۾ هوا جي وهڪ کي رنڊڪ ۽ آزادي هڪ اٽُٽ ايڪو آهي، انهن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش تصور ۽ تحرير ۾ تہ ممڪن آهي، عمل ۾ ممڪن ناهي، بلڪل ايئن جيئن تصور ۽ تحرير وسيلي بنا ڪنهن مادي مدد جي ڪائنات جو سير ڪري سگهجي ٿو پر عمل ۾ اهو ممڪن ناهي.

هڪ ٻہ-سرو واڪل ٻہ واڪل آواز ناهي. هڪ ٻہ-سري کي آواز جي هڪ سٽ ۾ اچاري سگهبو آهي پر ٻن واڪل آوازن کي ڪو بہ، ڪنهن بہ حالت ۾ آواز جي هڪ ئي سٽ وسيلي نہ ٿو اچاري سگهي.[ ] ۽ [آ] بہ واڪل آواز آهن ۽ انهن کي هڪ ئي ڪوشش ۾ گڏ اچاري نہ ٿو سگهجي، هر هڪ کي اچارڻ لاءِ هڪ ڌار ڪوشش ڪرڻي پونديا.[ ] ۽ [او] بہ ٻہ واڪل آواز آهن ۽ انهن کي بہ هڪ سٽ ۾ اچاري نہ ٿو سگهجي پر اهڙي ڪوشش جيڪڏهن ڪئي ويندي تہ الانا صاحب جي چوڻ موجب اهو هڪ ٻہ-سرو واڪل ۽ جتوئي صاحب جي چوڻ موجب اهو هڪ يڪسرو واڪل آواز هوندو ۽ ڪو بہ عقلمند ڪنهن ٻہ-سري يا يڪسري واڪل کي ٻہ آواز قرار ڏئي نہ ٿو سگهي. [ڪِ] ڪنهن بہ ٻہ-سري جي ڀيٽ ۾ هڪ وڌيڪ بهتر اڪيلو آواز آهي.

جتوئي صاحب جن جي ڏسيل طريقي موجب اچو تہ انهن ڪجهہ ٻولن کي ڀڃي ڏسون جن جو مثال پاڻ ٻہ-سري واڪل جي وضاحت ڪندي ڏنو هئائون:

| پد | | آواز | | ٻول |
|---|---|---|---|---|
| /اسُو/+/ا/ | = | [ا] + [وُ] + [س] | = | /اسُوءَ/ |

## آواز ۽ اکر

’آواز‘ ٻوليءَ جو ايڪو آهي ۽ ’اکر‘ لکيت جو.

هڪ آواز جو اهڃاڻ ڪو نہ ڪو اکر يا ڪي نہ ڪي اکر آهن.

آوازن کي مقرر صورت ۾ اوري ’ٻول‘ جي صورت ڏني وڃي ٿي. انهن آواز لاءِ مقرر اهڃاڻي صورتن، اکرن کي لِيکي واسطيدار (ٻول جو) ’لفظ‘ قرار ڏنو وڃي ٿو.

ڪوشش اها ڪئي وڃي ٿي تہ ٻول کي اکرن وسيلي پنهنجيءَ درست صورت ۾ اهڃاڻي سگهجي. مشاهدو ٻڌائي ٿو تہ اکرن کي اڄ ڏينهن تائين ايترو سڏاري نہ سگهيا آهيون جو آواز جي مقرر ۽ درست نمائندگي ٿي سگهي.

سنڌي جا چاتل سمورا وائل آواز ’ا‘، ’و‘، ’ي‘ ۽ ’ن‘ تحرڪ جي ٽن نشانين وسيلي ظاهر ڪيا وڃن ٿا. مکيا ڪم ايندڙ نشان — ’ا‘ — ڪيترن ئي لفظن ۾ صورت مٽائي ’ئ‘ ٿي پوي ٿو ۽ ٻيا ٽيئي نشان — ’و‘، ’ي‘ ۽ ’ن‘ — وائڃڻ جو نشان ٿي بہ ڪم اچن ٿا.

انگريزي ۾ پنج وائل سڏجندڙ اکرن — a، e، i، o ۽ u — ۽ ٽن وائڃڻ سڏجندڙ اکرن — w، y ۽ r — کان 19-وائل آواز اهڃاڻڻ جو ڪم ورتو وڃي ٿو. مثال لاءِ چيمبر‘س ڊڪشنري تان ورتل هيٺ ڏنل ٻولن ۾ ’a‘ وسيلي ظاهر ڪيل آوازن تي ڌيان ڏيو:

- Shall = /Shal, Shəl/
- Sham = /Sham/
- Shame = /Shām/
- Share = /Shār/
- Shaft = /Shäft/

ڏسي سگهجي ٿو تہ ’a‘ وسيلي ظاهر ڪيل آواز ساڳيو ناهي. [ش] رکندڙ ڪجهہ مثال ڏسو:

/Pashion/ ۾ [ش] کي ظاهر ڪندڙ اکر ’ssio-‘ آهن.
/Patient/ ۾ [ش] = = = = = = = = = = = ’tie-‘ آهن.
/Ration/ ۾ [ش] tio-‘ = = = = = = = = = = = ‘ آهن.
/Ocean/ ۾ [ش] cea-‘= = = = = = = = = = = ‘ آهن.
/Conscience/ ۾ [ش] scie‘= = = = = = = = = = ‘ آهن.
/Shut/ ۾ [ش] shu‘= = = = = = = = = = ‘ آهن.

هر ٻول ۾ [ش] آواز آهي پر ان کي ظاهر ڪندڙ انگريزي اکر هر واري مٽيل آهن، ڪنهن ۾ ٻہ ٻہ وائڃڻ ۽ ٻہ ٻہ وائل تہ ڪنهن ۾ هڪ وائڃڻ ۽ ٻہ وائل يا هڪ وائل ۽ ٻہ وائڃڻ.

وري ڪن لفظن ۾ ’t‘ آهي ته ڪن ۾ ’c‘ يا ’ss‘ يا ’sc‘ يا ’sh‘ ۽ ڪن ۾ وائل ’io‘ آهن ته ڪن ۾ ’ie‘ ، ’ea‘ ۽ ’a‘.

’t‘ جو مخرج هڪ آهي ته ’s‘ جو ٻيو، ’c‘ جو ٽيون ته ’sh‘ جو چوٿون.

’a‘ جو مخرج هڪ آهي ته ’ie‘ جو ٻيو، ’io‘ جو ٽيون ته ’ea‘ جو چوٿون.

ٻولن ۾ آواز ساڳيو هڪ ئي آهي ۽ لفظن ۾ ان کي ظاهر ڪندڙ اکر ٻيا ٻيا.

/Possession/ ۾ ڇهه وائجڻ ۽ چار وائل اکر آهن، پر پاٗزيشن/ ٻول ۾ ڇا سچ پچ ڇهه وائجڻ ۽ چار وائل آواز موجود آهن؟

مونجهارو اکرن ۾ آهي، آواز ۾ نه.

ان ڪري ليڪڪ اها راءِ رکي ٿو ته ٻول جي آوازن کي جاچڻ لاءِ ٻاڻ کي لفظ جي اکرن ۾ اڙائڻ نه گهرجي، اکر ڪيترن ئي حوالن سان ناقص آهن.

اسان وٽ ٻار کي جڏهن الف-ب لکڻ سيکاري ويندي آهي تڏهن ب، ٻ، پ، ڀ، ت، ٿ، ٽ، ٺ، ث ۽ پ يا د، ڌ، ڊ، ڏ ۽ ذ جو هڪ جهڙو اِندو ناهي ڪيس چيو ويندو آهي ته انهن اکرن ۾ رڳو نقطن جو فرق آهي. اکرن ۾ ڀلي نقطن جو فرق هجي، ۽ آهي، پر اهو سڀ ڪجهه اکر/تحرير/لکيت تائين محدود هجڻ گهرجي، ان ڳالهه کي آواز سان لاڳو نه ٿو ڪري سگهجي. آواز اکرن يا لِيڪن ۽ نقطن جو محتاج ناهي.

لکت ۾، مثال طور [آ] کي سنڌي ٻولي ڪنهن هڪ صورت ۾ لکندي، هندي ڪنهن ٻيءَ صورت ۾، چيني ڪنهن ٽينءَ ۾ ته انگريزي ڪنهن چوٿينءَ ۾، پر اهي ٻوليون ڳالهائيندڙ جڏهن [آ] اچاريندا تڏهن لڳ ڀڳ هڪ جهڙو هوندو. لکت ڪان سواءِ ٻولي ٿي سگهي ٿي پر آواز ڪان سواءِ ٻولي هجي، ممڪن ناهي. ياد رکيو وڃي ته ٻوليءَ ۾ ٻڌائتي اهميت آوازن جي آهي.

## وائجڻ جو وائل

ڪو به وائجڻ آواز بنا جهيٽي وائل جي اپائڻ ممڪن نه آهي. هر وائجڻ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ جهيٽو وائل اوس اٽنٽ نموني ڳنڍيل ٿئي ٿو، پر ڪو به وائجڻ جڏهن اهڙيءَ طرح اپايو وڃي جو ان جي ڳنڍپ ۾ هڪ ڇٽو وائل محسوس ٿئي تڏهن صورتحال ڪهڙي هجي ٿي؟

/آپا/ چئي ڏسو.

ٻڌايل طريقي موجب ان ۾ ٽي آواز: (1) [آ]، (2) [پ] ۽ [آ] آهن. پر ڇا پهريون [آ] ۽ پويون [آ] بلڪل هڪجهڙا آهن؟

پهريون [آ] چوڻ مهل هوا جي لنگهه کي وات جي ڪوپي ۾ ڪنهن به هنڌ رنڊڪ نه ٿي ٿئي — وات پورو کليل، چپ ڍرا، چپ جي اڳين حصي جي سطح ڪجهه مٿيري پر پنيون

حصو ممڪن حد تائين هيٺ، هوا جو لنگهه پورو ڪليل، اخراج جو هنڌ چپ جي پٺ، واڪل ڏوريون ڦڙڪندڙ، هوا جي ڪل وهڪ وات منجهان ۽ آواز جي حالت اوسرڳ.

[پا] چوڻ مهل هڪ خاص فرق، جنهن کي هر هڪ محسوس ڪري سگهي ٿو، اهو آهي ته چپ پاڻ ۾ ملي هوا جي لنگهه کي بند ڪندي ئي ڏار تي هوا کي دڳ ڏين ٿا ۽ ان مهل وات جي ڪوپي ۾ ڳالڪ عضون جي بيهڪ اها ساڳي، جيڪا [آ] چوڻ مهل هئي.

هاڻي /آبا/ چئي ڏسو.

[آ] ۽ [ٻا] ۾ هڪ خاص فرق اهو ئي آهي جيڪو [آ] ۽ [پا] جي وچ ۾ موجود هو، پر [ٻا] ۽ [پا] جي وچ ۾ پٽڪي جو فرق آهي.

هاڻي /آڦا/ چئي ڏسو.

اڳ بيان ڪيل فرق ته محسوس ڪري سگهبو پر [ڦا] چوندي چپن پرسان جهليل هٿ جي پنيءَ تي هوا جو جهلڪو پڻ محسوس ٿيندو.

ساڳيو تجربو /آيا/ ۽ /آبا/ چئي ڪري ڏسو.

اوهين ڏسندا ته [پا]، [ٻا]، [ڦا] ۽ [يا]، چارئي آواز، هڪ پاسي ۽ [ٻا] ٻئي پاسي پاڻ ۾ اجا ٻه نرالو فرق رکن ٿا. پهريان چارئي آواز اپائڻ مهل هوا جو لنگهه بند ٿيندي ئي جڏهن ڪلي ٿو تڏهن هوا جهٽڪ هڪ ڌماڪو ڪندي ٻاهر اچي ٿي پر [ٻا] چوڻ مهل ڌماڪو ڪندي هوا جهٽڪ چوسجي وات جي ڪوپي ۾ اندر موٽي ٿي، يعني [ٻا] وٽ هڪ نيارو گڻ چوسجڻ هجڻ آهي.

ان کي ساسڪ (’ساهه وارو‘، breathy) به چئجي ٿو.

هاڻي [آ] ۽ [ما] چئو ۽ ڀيٽ ڪيو.

صاف وائل [آ] چوڻ مهل هوا جو ڪل مقدار وات ڪان ٻاهر اچي ٿو. [ٻا] ۽ [ما] جو [آ] بلڪل ان صاف وائل [آ] جهڙو ناهي. [ٻا] چوڻ مهل هوا جي وهڪ کي رنڌائيندي ئي آزادي ملڻ مهل ڳالڪ عضوا جڏهن [آ] جي بيهڪ تي اچن ٿا تڏهن به هوا اندر ئي چڪجي ٿي، ٻاهر نه ٿي اچي. [ما] چوڻ مهل هوا جي وهڪ کي رنڌائيندي ئي آزادي ملڻ مهل ڳالڪ عضوا جڏهن [آ] واري بيهڪ تي اچن ٿا تڏهن هوا جي وهڪ نڪائين يا غنائپ جي اثر هيٺ آهي.

ڇا ڪو به صاف وائل، مثال طور [آ] ڪڏهن به چوسجندڙ/ساسڪ يا نڪائون ٿي سگهي ٿو؟

جواب آهي، ”نه“.

ان ڪري چوٽو پوندو ته [ٻا] ۽ [ما] چوڻ مهل اچاريل [آ] ۽ صاف وائل [آ] جي وچ ۾ فرق آهي. ساڳيءَ طرح [پا]، [ٻا]، [يا] ۽ [ڦا] چوڻ مهل اچاريل [آ] ۽ صاف وائل [آ] جي وچ ۾ به فرق آهي. جڏهن ته [ٻا]، [ما]، [پا]، [ٻا]، [ڦا] ۽ [يا] چوڻ مهل اچاريل هر هڪ [آ] جي وچ ۾ پڻ فرق آهي.

اچو ته جدول ناهي جاچيون:

| وائل | وائجڻ | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| آ | [پا]=[پ+آ] | [با]=[ب+آ] | [ڦا]=[ڦ+آ] | [ڀا]=[ڀ+آ] | [ٻا]=[ٻ+آ] | [ما]=[م+آ] |
| بنا رنبڪ | چپائون رنبڪدار | چپائون رنبڪدار | چپائون رنبڪدار | چپائون رنبڪدار | چپائون رنبڪدار | چپائون رنبڪدار |
| صاف | صاف | صاف | صاف | صاف | صاف | نڪائون |
| پٺيٺو | بي پٺو | پٺيٺو | بي پٺو | پٺيٺو | پٺيٺو | پٺيٺو |
| بنا ڌماڪي | ڌماڪيدار | ڌماڪيدار | ڌماڪيدار | ڌماڪيدار | ڌماڪيدار | - |
| خارجي | خارجي | خارجي | خارجي | خارجي | چوسٽو/اساسڪ | نڪائون |
| اوسرڳ | اوسرڳ | اوسرڳ | وسرڳ | وسرڳ | اوسرڳ | اوسرڳ |

/اونو/ = [او] + [نو] يا [او] + [ن+او]

[نو] جو [او] بلڪل ايئن ناهي جيئن صاف [او].

/سوڙهو/ ۾ [سو] جو [او] ۽ [ڙهو] جو [او] هڪ جهڙا ناهن ۽ اهي ٻئي [نو] جي [او] کان فرق وارا آهن. /ڄاڄو/ ۾ [ڄو] جو [او] ۽ /ٽاڄو/ ۾ [ڄو] جو [او] پڻ هڪ ٻئي کان ۽ اڳ ڄاڻايلن کان فرق رکن ٿا.

چوڻ جو مطلب هي آهي تہ ڪو وائجڻ ڪهڙي بہ وائل سان ڪلي اهو وائل ڪنهن بہ ٻئي وائجڻ جي پاڻ جهڙي وائل توڙي صاف وائل کان پنهنجي اصولي بناوت ۾ آواز جي حوالي سان فرق رکي ٿو. اهي پاڻ ۾ قطعي ۽ سو سيڪڙو هڪ جهڙا نہ آهن.

## اڌ-وائل (Semi-vowel، نِيم سُر)

- هڪ جهوٽو، وهڪو يا گسڪو جيڪو محض هڪ اتفاقي ناتو پيدا ڪندڙ، ناتِٽو-آواز (linking-sound) نہ آهي، پر اهو هڪ پد بہ نہ ٿو ناهي... هڪ اڌ وائل ڪنهن بہ-سري جيان وهڪو آهي پر اهو ڪنهن بہ-سري جيان هڪ پد ناهي. (باربر [1982] 287 ۽ 9)
- نيم سُر ڳري گسٽي آواز (voiced gliding sound) کي چئبو آهي، جنهن جي اچارڻ ۾ ڳالهائڻ جا عضوا هڪ ’سُر‘ جي اچارڻ کان شروع ٿين ٿا، ۽ يڪدم ٻئي ساڳئي يا وڌيڪ اوچائيءَ (prominance) واري ’سُر‘ ڏانهن مڙن ٿا. هڪ سُر کان ٻئي سُر ڏانهن اچار لاءِ جي جي جلدي مڙڻ (موڙ) ڪري، وچان ئي هڪ نئون ’گسڪٽو‘ آواز (gliding sound) پيدا ٿئي ٿو. اهڙن آوازن کي ’نيم-سُر‘ چئبو آهي. (الانا [1967] 39)

اڌ-وائل بابت الانا صاحب جن پاران ڏنل هن وضاحت کي سندن ئي بيانيل ٻہ-سري وائل جي وضاحت سان ڀيٽي ڏسبو، تہ ڪو بہ فرق محسوس نہ ٿيندو، جڏهن تہ باربر ([1982] 287 ۽ 9) جي وضاحت چوي ٿي: ”اڌ-وائل واء/ جيِ جو هڪ جهوتو يا وهڪو جيڪو محض هڪ اتفاقا ناتياڪ-آواز (linking sound) نہ آهي پر اهو هڪ پد بہ نہ ٿو ناهي... هڪ اڌ-وائل آواز ڪنهن ٻہ-سري جيان وهڪو آهي پر اهو ڪنهن ٻہ-سري جيان هڪ پد ناهي“. ڪي عالم ائين بہ چون ٿا تہ هڪ اڌ-وائل ڪنهن وائل ۽ وائڃڻ ٻنهي جي فطرت جو ڪارج ادا ڪندڙ آواز آهي ۽ ڪن جو خيال آهي تہ اڌ-وائل اهو آواز آهي جيڪو وائل جي فطرت رکي ٿو پر وائڃڻ جو ڪارج ادا ڪري ٿو.

**(1)**/اوڻ/ ۽ /واڊو/ ٻولن ۾ پهريون [و] هڪ وائڃڻ جي نمائندگي ڪري ٿو.
**(2)**/اوڊو/ ۽ /ڪوجهو/ ٻولن ۾ سمورا ’و‘ تحريري نشان هڪ آواز جي مڪمل تحريري نشان جو هڪ جز آهن.
**(3)**/ڄوار/ ۽ /هوا/ ٻولن ۾ [و] هڪ اڌ-وائل جي نمائندگي ڪري ٿو. (’جوار‘ ۽ ’هوا‘ کي ڪي ليکڪ ’ڄئار‘ ۽ ’هئا‘ بہ لکندا آهن).
**(1)**/يڪو/ ۽ /يامين/ ٻولن ۾ پهريون [ي] هڪ وائڃڻ جي نمائندگي ڪري ٿو.
**(2)**/سپاٽي/ ۽ /ڪير/ ٻولن ۾ ’ي‘ تحريري نشان هڪ آواز جي مڪمل تحريري نشان جو هڪ جز آهي.
**(3)**/ايياس/ ۽ /پاٽيارو/ ٻولن ۾ [ي] هڪ اڌ-وائل جي نمائندگي ڪري ٿو.

- {اڌ-وائل} [و] جي اچار لاءِ ڳالهائڻ جا عضوا [آ، او ياُ ڶ] سُر کان شروع ٿين ٿا، ۽ رڪجڻ کان سواءِ يڪدم ٻئي سُر [ ا يا آ] ڏانهن مڙن ٿا. ڳالهائڻ جي عضون جي جلدي موڙ ڪري، عضون ۾ گهڪو ٿئي ٿو، ۽ ڳرو گسٽو آواز يعني نيم- سر [و] پيدا ٿئي ٿو. هن کي ٻن چپن ۽ نرم تارونءَ وارو (Labio-velar) نيم-سر چئبو آهي...

ساڳيءَ طرح [ي] جي اچارڻ لاءِ ڳالهائڻ جا عضوا [اِ ۽ اِي] سُرن کان شروع ٿين ٿا ۽ رڪجڻ کان سواءِ يڪدم ٻئي سرَ [ ا َ ] ڏانهن مڙن ٿا. ڳالهائڻ جي عضون جي جلدي موڙ ڪري، عضون ۾ گهڪو ٿئي ٿو، ۽ ڳرو گسڪٽو آواز يعني نيم-سر [ي] پيدا ٿئي ٿو. هن کي سخت تارونءَ وارو نيم-سر چئبو آهي. (الانا [1967] 39 ۽ 40)

[ لي] ۽ [ ڶ] جو ٻہ-سرا وائل ۽ [و] ۽ [ي] جو اڌ-وائل آهن، انهيءَ حوالي سان ڪا بہ وضاحت نہ ڏني وئي آهي. باربر ([1982] 7) چوي ٿو تہ ٻہ-سري ۽ اڌ-وائل ۾ بنيادي فرق رڳو اهو آهي تہ ٻہ-سرو هڪ پد کي جنم ڏئي ٿو جڏهن تہ اڌ-وائل ڪنهن بہ پد کي جنم نہ ٿو ڏئي. ان ڳالهہ سان اتفاق ڪندي هيءُ ليکڪ اهو بہ چوڻ گهري ٿو تہ اڌ-وائل [ي] ۽ [و] کي اڪيلي آواز طور، هڪ پاڻ-وهيٽي (خودمختار) آواز طور اچاري سگهڻ ممڪن نہ آهي، ان کي ڪنهن نہ ڪنهن وائل جي زور وسيلي ئي اوري سگهجي ٿو، بلڪل ائين جيئن ڪنهن وائڃڻ کي

اچاربو آهي. اڌ-وائل ڄڻڪ ڪنهن اڪيلي وائل ۽ اڪيلي وائجڻ جي وچ وارو هڪ ڏاڪو يا آواز آهي.

ياد رکيو وڃي تہ ليڪڪ ڪي اڌ-وائل [و] ۽ [ي] جي اپجڻ بابت الانا صاحب جي ٻڌايل طريقي سان مورڳو اختلاف آهي. 'چوڻ' ۽ 'پوڻ' جهڙن ٻولن جي ڌاتوء امر واحد ۽ اسم مصدر ۽ 'ساڳيا/ساڳا' ۽ 'ياڳيا' جهڙن ٻولن جي ڌاتو ۽ انهن سان مليل پچاڙين تي غور ڪبو تہ [و] ۽ [ي] جي اپجڻ بابت مٿي بيان ڪيل ڳالهہ پنهنجو پاڻ ڪي بي وزن ثابت ڪري رکندي. (وڌيڪ تفصيل 'اڳ اڻ-ڪوجيل وائل آواز' جي سري هيٺ)

## باب ستون

# هڪ نيارو ۽ اڳ اڻ- ڪوڄيل سنڌي وائل

هتي اسان کي هڪ پيرو وري لکيت سرشتي جي هڪ ڪمزوريءَ يا خاميءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي گهرج محسوس ٿئي ٿي. انگريزي ۾ 'Loure' جو اچار **/lōōr/** (لُور) آهي ۽ 'house' جو اچار **/hows/** (هائس) آهي جيڪو سنڌي ۾ مروج اچار ' هائوس' کان فرق رکي ٿو توڙي جو ٻنهي ٻولن جو اچار ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ جهڙن ۽ ٻن وائل اکري نشانن **'ou'** کان مدد ورتي وئي آهي. پهرئين ٻول 'Loure' ۾ وائل آواز [لُ] ۽ ٻئي ٻول 'house' ۾ وائل آواز [آءِ] آهي. ساڳيءَ طرح 'fit' (فِٽ) جو وائل [اِ] ۽ 'fight' جو وائل [آءِ] آهي توڙي جو ٻنهي مختلف آوازن کي ظاهر ڪندڙ اکري نشان ساڳيو 'i' آهي.

ليکڪ کي هيٺ ڏنل ٽن لفظن جو آواز ظاهر ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي:

/ڪا-/. الانا صاحب ([1987] 41) هن لفظ کي /ڪائڻ/ جو ڌاتو سڏيو آهي.

/ڪاءِ/. جتوئي صاحب ([1983] 121) هن لفظ کي /ڪائڻ/ جي 'بنياد جو پهريون پد' سڏيو آهي.

/ڪاءُ-/. هي لفظ /ڪائڻ ڪايا ڪاءِ -/ جي امري صورت کي ظاهر ڪري ٿو.

/ڪاءُ/ ٻه-پدو ٻول آهي: /ڪا + ا/. اهو پاڻ ۾ امر واحد ضمير حاضر ('تون') لڪايو ويٺو آهي، ۽ اهو ضميري مفهوم پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ [ا] آهي. / ڏ، ويهُ، لِڪ، ڏِس، وڃُ/ سڀ امري صيغا آهن، ۽ انهن ۾ جاٽايل لياقت يا معنوي فرق پيدا ڪرڻ جو اڪيلو سبب انهن ٻولن جو پويون [ا] آهي. اهو ڪڏي ڇڏڻ کان پوءِ باقي بچندڙ ٻول/ ڏ، ويهه ، لِڪ، ڏِس، وڃ/ هوندو ۽ انهن صورتن کي الانا صاحب ([1987] 41، 42 ۽ 43) 'ڌاتو' ۽ جتوئي صاحب ([1983] 117، 121، وغيره) 'بنياد' يا 'بنياد جو پهريون پد' سڏي ٿو.

/ڪاءُ/ جو [ا] ڪڏي ڇڏڻ کان پوءِ يا ته اها صورت بچندي جنهن کي جتوئي صاحب /ڪائڻ/ جي بنياد جو پهريون پد سڏيو آهي، يعني /ڪاءِ-/ يا وري اها جنهن کي الانا صاحب /ڪائڻ/ جو ڌاتو سڏيو آهي يعني /ڪا-/.

لکت جي اصولن موجب ڪاءِ / لکڻ غلط آهي ڇو ته 'جزم'، جيڪا عمومي سوچ موجب 'ساڪن' يا 'بناوائل' هجڻ جي نشاني آهي، اهڙي اکر مٿان ظاهر ڪئي وئي آهي جيڪو هڪ وائل جي نمائندگي ڪندڙ آهي. ڇا ڪنهن به وائل تحريري نشان تي، عمومي سوچ موجب، 'جزم' يعني سڪون جي نشاني ڏئي سگهجي ٿي؟

جواب آهي، ”نہ“. جيڪو پاڻ وائل آهي اهو وري بناوائل، بي حرڪت، ماتو، ساڪن ڪيئن ٿيندو؟ جيڪو پاڻ ’آواز‘ آهي سو وري ’بي آواز‘ ڪيئن ٿي سگهندو!؟ ڇٽو مطلب هي ٿيو تہ عمومي سوچ موجب ڪاٽ - /لکڻ غلط آهي.

پوءِ ڇا /ڪا-/ لکڻ درست آهي؟ ڇا اهو ٻول جي حقيقي ڏاتو کي ظاهر ڪري ٿو؟ جواب آهي، ”نہ“.

/ٻارڻ، مارڻ، ٺارڻ، ساڙڻ/ وغيره جو ڏاتو جيڪڏهن /ٻلر-، ملر، ٺلر-، ساڙ-/ آهي، جيئن الانا صاحب ([1987] 42، 43 ۾ ٻين صفحن تي) ڄاڻائي ٿو تہ پوءِ /ڪائڻ/ جو ڏاتو /ڪاءِ/ هجڻ گهرجي. جيئن /ٻارڻ، مارڻ، ٺارڻ، ساڙڻ/ وغيره جو ڏاتو سندن صرف پهريون مڪمل آواز /ٻا-، ما-، ٺا-، سا-/ ناهي، تيئن /ڪائڻ/ جو ڏاتو بہ سندس صرف پهريون (سمجهيو ويندڙ مڪمل آواز /ڪا-/ ناهي. جيڪڏهن /ڪائڻ/ جو ڏاتو /ڪاءِ-/ ناهي ۽ /ڪا-/ آهي تہ پوءِ ڄاڻايل ٻين متعدي فعلن جو ڏاتو بہ /ٻا-/، /ما-/، /ٺا-/، /سا-/ هئڻ گهرجي، پر سڌي ڳالھ آهي تہ ائين ڪرڻ غلط هوندو.

/ملر-، ٻلر-، ٺلر-/ ٻولڻ ۾ [ر] تي پورو ڌيان ڏبو تہ اهو هڪ مڪمل وائڃڻ آواز بدران هڪ لرزيدار هلڪو/جهيٽو وائل يا وڌ ۾ وڌ هڪ اڌ-وائل محسوس ٿيندو پر ان جو تحريري نشان ’ر‘ جيئن تہ وائڃڻ جو نمائندو سمجهيو وڃي ٿو ان ڪري متس جزم جو نشان آڻي فرض ڪيو ويو آهي تہ اهو هڪ ’ساڪن وائڃڻ‘ آهي ۽ ٻول جو ڏاتو ڄاڻائڻ مهل سندس تحريري صورت کي قائم رکيو ويو آهي. /ءِ/ جيئن تہ ڪنهن وائڃڻ جو نہ پر وائل جو تحريري نشان سمجهيو وڃي ٿو تنهنڪري الانا صاحب ان کي جزم ڏئي ’ساڪن‘ ظاهر ڪرڻ بدران گم ڪرڻ ضروري سمجهيو جڏهن تہ جتوئي صاحب اهو ڌيان نہ رکيو تہ، عمومي سوچ موجب، وائل نشان کي ساڪن نہ ٿو ڪري سگهجي. جيئن تہ سندن ادراڪ ۾ سمجھ مڄيو پئي تہ اهو /ڪا-/ نہ پر ڪاٽ / ٿيڻ گهرجي تنهنڪري پاڻ ايئن لکڻ پسند ڪيائون.

/ما-، ٺا-، سا-، ٻا-/ جيان /ڪا-/ صورت کي /ڪائڻ/ جي ڏاتو طور غلط سمجهندي ۽ /ملر-، ٺلر-، ساڙ-، ٻلر-/ صورتن کي درست سمجهي، مثال طور آڏو رکندي /ڪائڻ/ جو ڏاتو ٿيندو /ڪاءِ-/. پرڪاٽ - /لکڻ غلط آهي، /ڪا-/ تي نہ ٿو سگهي، پوءِ درست صورت ڪهڙي!؟

درست صورت آهي /ڪاءِ/.

**/ڪاءِ/ = [ڪ + آءِ]**

اها صورت جنهن کي جتوئي صاحب /ڪائڻ/ جي ’بنياد جو پهريون پد‘ سڏيندي /ڪاءِ/ صورت ۾ لکيو ۽ الانا صاحب جن /ڪائڻ/ جو ڏاتو سڏيندي /ڪا-/ صورت ۾ لکيو، پنهنجي حقيقي صورت ۾ ۽ درست صورت ۾ تڏهن ظاهر ٿئي ٿي جڏهن /ڪاءِ/ لکيو وڃي.

ان کي ڪاٽ / لکي سگهجي ٿو پر انهيءَ شرط تي تہ، ليکڪ سان اتفاق ڪندي، ’جزم‘ کي ’ساڪن‘ يا ’بناوائل‘ جو تحريري نشان سمجهڻ بدران هلڪي تحرڪ يا جهيٽي وائل جو

نشان سمجهيو وڃي (ڏسو ’جهيٽو وائل‘). پر ان کي /ڪا-/ لکڻ بلڪل غلط آهي ڇو ته /ڪائڻ/ جهڙن ’حاصل مصدرن‘* جو ڌاتو سندن صرف پهريون آواز نه آهي. ليکڪ /ڪاءِ/ جي پوئين جز

کي جهيٽو وائل سمجهي ٿو.

/آءُ/ = [آ] + [اُ] = /آ/ + /اُ/ — ٻه پد

/آءِ/ = [آ] + [اِ] = /آ/ + /اِ/ — ٻه پد

/آءَ/ = [آ] + [ ] = /آ/ + /اَ/ — ٻه پد

/آءِ/ يا /آءِ/ = [آءِ] — هڪ پد

/آءُ/ ، /آءِ/ ۽ /آءَ/ ۽ [آءِ] جي وچ ۾ فرق آهي ۽ ان کي محسوس ڪرڻ گهرجي.

[آءِ] هڪ **وائل** آواز آهي. اهو هڪ **ٻه-سرو** آهي.

[آءِ] اچاريندي [آ] جي آوازي لهر (Sound wave) مٿي چڙهي، چڙهندي ختم نه ٿي ٿئي (جي ختم ٿي ويندي ته آواز [آ] ئي رهندو) پر چڙهندي هلڪو موڙ کائي ٿي ۽ ختم ٿي/لهي وڃي ٿي. اهو هڪ يڪپدو آواز آهي. /آءُ/ اچارڻ مهل [آ] ڇئي ختم ٿيندڙ/لهندڙ لهر هڪ پيرو وري [اُ] ڇوڻ لاءِ ايري ٿي ۽ ٻئي پد کي جنم ڏئي ٿي. /ڪاءُ، لاءِ، پيءُ، سوءِ، سِيءُ ۽ ٿئي/ جا مثال ڏيندي آخري آوازن کي جتوئي صاحب ٻه-سرو سڏيو آهي. جي اهي ٻه-سرا آهن ته پوءِ [آءِ] کي يڪسرو مڃڻو پوندو. الانا صاحبا [ي] ۽ [و] کي ٻه-سرو سڏيو آهي. انهن جي ڀيٽ ۾ [آءِ] وڌيڪ معياري ٻه-سرو مڃڻو پوندو ڇو ته [آءِ] ڇوڻ مهل ڇپ کي يڪدم ”موڙ کائڻ“ ۽ ”گسڪڻ“ جي ٻه ايڏي گهرج ناهي. [آءِ] ڇوندي [آ] اچاريندڙ ڇپ پنهنجي وچ وٽ هلڪو اپار کائي [آ] جي جاري رهندڙ لهر کي هلڪو وڌاءُ يا وهڪو ڏئي ٿي (جنهن لاءِ وڌ ۾ وڌ ائين ڇئي سگهجي ٿو ته [اُ]، [اِ] يا [ ] ڏانهن وڌي ٿي پر انهن جي ٻيهڪ تي پهچڻ کان اڳ ئي ختم ٿي وڃي ٿي).

[و] ۽ [ي] لساني (يعني لسانياتي) تجربيگاهه ۾ جيڪڏهن يڪسرا آهن ته [آءِ] انهن کان وڌيڪ بهتر نموني هڪ يڪسرو ثابت ٿيندو.

/لائڻ/ جو امر واحد /لاءِ/ آهي ۽ ڌاتو /لاءِ/ = [ل + آءِ]

/ڳائڻ/ جو امر واحد /ڳاءِ/ آهي ۽ ڌاتو /ڳاءِ/ = [ڳ + آءِ]

/ڌائڻ/ جو امر واحد /ڌاءِ/ آهي ۽ ڌاتو /ڌاءِ/ = [ڌ + آءِ]

/وائڻ/ جو امر واحد /واءِ/ آهي ۽ ڌاتو /واءِ/ = [و + آءِ]

---

* هتي جيئن ته الانا صاحب جن جي حوالي سان بحث ٿيل آهي تنهنڪري سندن ئي ڪم آندل اصطلاح لکيو ويو آهي. واحد بخش شيخ صاحب ([1986] 372) /ڪائڻ، ڪاهڻ، مارڻ، هارڻ/ وغيره صورتن کي متعدي معروف جو مصدر ڄاڻايو آهي پر الانا صاحب ([1987] 32-43) انهن کي ’حاصل مصدر‘ طور قبول ڪري ٿو.

/ياٽڻ، پاٽڻ، ستائڻ، سمائڻ، رڪائڻ، وهائڻ، هلائڻ، هٽائڻ، ڪٽائڻ، ڪرائڻ، ڪيرائڻ، ڪيڏائڻ، جوڙائڻ/ وغيره جهڙن ٻولن جي امر واحد ۾ ڌاتو ۾ فرق ڪرڻ سان اهو واضح ٿئي ٿو طرح پرکي سگهجي ٿو. متعدي بالواسطه فعلن جي سمورن ترت ڌاتو ٻولن جو آخري آواز [آءِ] آهي.

انگريزي ٻول /hide/ جو وائل آواز ٻه-سرو سمجهيو وڃي ٿو (باربر [1982] 7). اهو ساڳيو وائل /light/، /fight/ ۾ اهڙن ٻين ڪيترن ئي ٻولن ۾ نظر اچي ٿو.

ان وائل کي واياچاٽي (Phonetic) صورتخطي ۾ هن طرح ظاهر ڪيو وڃي ٿو:

- Hide = **/haid/**

  Fight = **/fait/**

  Light = **/lait/**

(ڏسو 'آڪسفورڊ ڊڪشنري')

لفظ جي عام تحريري صورت ۾ ٻول جي وائل کي توڙي جو هڪ اکر 'i' وسيلي ظاهر ڪيو ويو آهي پر واياچاٽي صورتخطي ۾ ان وائل آواز کي ٻن وائل اکرن 'ai' وسيلي ظاهر ڪرڻ درست سمجهيو ويو.

سنڌيءَ ۾ اهڙو ئي آواز رکندڙ ٻول آهن: / مائٽم چائتم ڏائڪ ڪائڪ/. /ڪائڻ، ڏائڻ، پائڻ، ڳائڻ/ وغيره جهڙن ٻولن جو ڌاتو پڻ ساڳيو آواز موجود رکي ٿو. انهن ٻولن ۾ وائل [آءِ] کي تحريري صورت ۾ 'آءِ'، 'آئ' ياآءِ ' جي صورت ۾ ئي لکي سگهجي ٿو.

مٿي ڄاڻايل انگريزي توڙي سنڌي ٻولن جي وائل آواز جي جوڙجڪ تي پورو ڌيان ڏيو. پرکي ڏسبو ته [آءِ] هڪ وڌيڪ بهتر، هلڪو ۽ يڪسرو آواز محسوس ٿيندو.

## باب انون

# اڳ اڻ-ڪوجيل ڪي نيارا سنڌي وائل

1. ۡ ۃ

/Tan ،Man ،Fan ،Bat/ جهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ لکندي هڪ پيرو وري بہ درست صورتخطيءَ جو مسئلو اتي ڪڙو ٿئي ٿو. ڪي ليکڪ انهن لفظن کي سنڌيءَ ۾ ’ٻئٽ‘، ’فئن‘، ’مئن‘ ۽ ’ٽئن‘ لکندا، تہ ڪي ’بيٽ‘، ’فين‘، ’مين‘ ۽ ’ٽين‘. وڌيڪ عام صورتون ’مئن‘، ’ٻئٽ‘، ’فين‘ ۽ ’ٽئن‘ آهن.

’هئٽ‘ يا ’هئيٽ‘ — درست صورت ڪهڙي؟

ساڳيءَ طرح ’لٽ‘ ۽ ’ليٽ‘، ’لٽ‘ ۽ ’ليٽ‘، ’لٹ‘ ۽ ’ليٹ‘ وغيره جهڙين صورتن مان درست ڪهڙي؟

ڇا [ۃ] ۽ [ٖلي]، ٻئي هڪ جهڙا آواز آهن ۽ ’ۃ‘ ۽ ’لي‘ هڪ جهڙيون صورتون، يا ٻنهي جي وچ ۾ ڪو فرق بہ آهي؟

اچو تہ ’مئڻ‘، ’ميڻ‘ ۽ ’ميدان‘ ٻولن جي پهرئين وائل تي غور ڪريون.

/ميڻ/ جو اچار ’/مي/+/ڻ/‘ ۽ آواز [م+اي]+[ڻ] آهن.

/ميدان/ جو اچار ’/مي/+/دا/+/ن/‘ ۽ آواز [م+اِ ي]+[د+آ]+[ن] آهن.

/مئڻ/ جو اچار ’/م/+/اِ/+/ڻ/‘ ناهي.

/مئڻ/ جو اچار ’/مئہ/+/ڻ/‘ آهي ۽ ان جا آواز ٿيندا [م+ۃ] + [ڻ].

/مئڻ/، /ميڻ/ ۽ /ميدان/ جي پهرين وائل آوازن ۾ فرق موجود آهي ۽ اچارڻ ۽ ٻڌڻ وسيلي انهيءَ فرق کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

ليکڪ جو خيال آهي تہ [اي] ۽ [ٖلي] ۽ [ۃ] جي وچ ۾ فرق موجود آهي.

[اء] هڪ وائل آواز آهي. اهو هڪ يڪ-سرو آهي.

[ۃ] اچاريندي [ا] جي آوازي لهر مٿي چڙهي، چڙهندي ختم نہ ٿي ٿئي (جي ختم ٿي ويندي تہ آواز [ا] ئي رهندو) نہ ئي وري (الانا صاحب جي لفظن جي پوئواري ڪندي) [ا] چوندي يڪدم موڙ يا گسڪو کائي [اي] ڏانهن وڌي ٿي (— جي ائين ٿيندو تہ آواز [ٖلي] ٿيندو) پر چڙهندي هلڪو موڙ کائي ٿي ۽ ختم ٿي/الهي وڃي ٿي. اهو هڪ يڪپدو آواز آهي. /ۃ/، (جيئن: ئيئہ ئيُ) اچارڻ مهل [ ] چئي ختم ٿيندڙ/الهندڙ لهر هڪ پيرو وري [ا] چوڻ لاءِ ايري ٿي ۽ ٻئي پد کي جنم ڏئي ٿي تنهنڪري /ۃ/ جا بہ پد ٿيندا. [ۃ] ٻن پدن کي جنم نہ ٿو ڏئي ۽ نہ ئي وري [ۃ] چوڻ مهل ڄڀ کي يڪدم ”موڙ کائڻ“ يا ”گسڪڻ“ جي ايذي ڪا گهرج بہ

/ڀَئُه/ + /ا/ = ڀَـئُه > ڀـو
/ڀِئُه/ = [ڀِ +ِ ئُه]
/ڀئُه/ = [ڀ +ِ ئُه]

واحد بخش شيخ صاحب ([1986ع] ۾) ’فعل‘ جي سري هيٺ ’فعل لازمي‘ ۽ ’فعل متعدي‘ جي مٿ سٽ تي بحث ڪندي (ص:33-340) ڪجھ فعلن جي تبديليءَ کي ڪنهن بہ اصول جو پابند نہ سمجهندي انهن ڪجھ ”بيقاعدي تبديل ٿيندڙ“ ٻولن جا مثال ڏنا آهن، جڏهن تہ اهو پڻ ٻڌايو اٿئون تہ ڪي لازمي صيغا متعدي ٿيندي هڪ مخصوص سٽاءَ جي پابندي ڪن ٿا. اها ڳالهہ پڙهڻ کان پوءِ لازمي طرح سوال ٿو اڀري تہ ڇو ڪي فعل لازمي مان متعدي ٿيندي ڪنهن اصول جي پابندي ڪندي نظر اچن ٿا ۽ ڇو ڪي ٻول ائين نہ ٿا تبديل ٿين؟ انهيءَ سوال جو جواب توڙي جو هن ئي ڪتاب ۾ مختلف هنڌن تي بحث دوران ظاهر ٿئي ٿو، تڏهن بہ ليڪڪ هڪ ڀيرو وري انهيءَ پاسي ڏي ڌيان ڇڪائڻ چاهي ٿو تہ اسان جي الفا-بيٽ ۽ صورتخطي ڪن ٻولن کي درست صورت ۾ لکڻ کان عاجز نظر اچي ٿي. اهو بہ نظر ۾ رکيو وڃي تہ ڪي ٻول وقت گذرندي ڪي قدر يا پوريءَ طرح تبديل ٿين ٿا ۽ اهو پڻ تہ ڪن ٻولن جي ڌاتو سان ڪي آواز ملي ان ۾ معنوي فرق پيدا ڪن ٿا ۽ جڏهن ائين ٿئي ٿو تڏهن پڻ ٻول جي اچار ۾ فرق اچي وڃي ٿو جيئن /ڀِئُه/ سان { } ملڻ کان پوءِ نهندڙ ٻول /ڀُئِه/ بدران /ڀُو/ آهي.ڀُ/ ـو،َتـو، ڇـو، ڪـو/ ۽ اهڙا ٻيا بہ ڪي ئي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. اهو پڻ ياد رکيو وڃي تہ ڪي ٻول گم پڻ ٿي وڃن ٿا.

/ڪائڻ/ انهن ٻولن ۾ شامل ڪيو ويو آهي جن بابت سمجهيو ٿو وڃي تہ تبديل ٿيندي ڪنهن اصول جي پابندي نہ ٿا ڪن. شيخ صاحب ان جو لازمي /ڪاڄڻ/ قرار ڏنو آهي ۽ اهو ئي ٻول عام طرح سمجهيو بہ وڃي ٿو. ’ج س ل‘ /ڪاڄڻ/ جو سنسڪرت بنياد ’ڪاڏ‘ ۽ /ڪائڻ/ جو سنسڪرت بنياد ’ڪاد‘ ڄاڻايو آهي پر اهو ٻول جڏهن اسم (۽ مذڪر واحد) تي ڪم اچي ٿو تڏهن ان جو هڪ متبادل /ڪيڻ/ بہ ڏنو آهي. ’ڪيڻ‘ تي لاڙي اثر نمايان نظر اچي ٿو ۽ ليکڪ پاڻ انهيءَ علائقي ۾ ڳالهائجندي ٻڌو آهي. ليکڪ ان جو صحيح اچار /ڪَڻ/ سمجهي ٿو جنهن جو امر واحد /ڪئُه/ ۽ ڌاتو /ڪَئُه/ (=[ڪ +ِ ئُه]) ٿيندو.

’ج س ل‘ /ڪِيڻ/ بہ ڏنو آهي جنهن جو سنسڪرت بنياد ’ڪاد‘ ڏيندي ان جي معنيٰ ۾ ’ڪاڄ‘، ’ڪاڏو‘ ۽ ’ڪانو‘ بہ ڄاڻايو آهي. اهڙا ڪي ٻيا ٻول ’ڪِئِڻ‘، ’ڪِئاءُ‘، ’ڪِئو‘، ’ڪِئائي‘ وغيره بہ ڏنل آهن.

اوهين ڄاڻو ٿا تہ ’ڪاءُ‘ جي صورت، مضارع ۽ حال طور ضمير متڪلم واحد جي حالت ۾، ’ڪاوان‘ ۽ ’ڪاوان ٿو‘ آهن.

مٿي آيل ٻولن ۾ ’ڪَئه‘ ۽ ’ڪاءُ‘ کي ڌاتو قرار ڏيندي ٻول ۾ [ي] ۽ [و] جي ايرڻ تي ڌيان ڏيڻ جي گهرج محسوس ٿئي ٿي.

’ڻ‘ ۽ ’ٻئہ‘ جهڙن ٻولن جو جمع (مذڪر، اسم) آهي ’ٻو‘ ۽ ’ٻيو‘ (ن ڪي ’ڻ‘ ۽ ’ٻيئہ‘، جيڪي اچارڻ ۾ ڏکيا محسوس ٿين ٿا). ’ٻئہ‘ ڌاتو رکندڙ ڪي ٻول آهن: ٻوائتو، ٻوارو، ٻيو پريو وغيره (ڏسو ’ج س ل‘)، جن ۾ ٻڻ[ا] بدران [و] اچي ٿو.

هيٺ ڏنل لفظن جي صورتخطيءَ، ٻولن جي آواز ۽ خاص طرح ٻهرئين رتل وائجڻ ڪان پوءِ ايندڙ آواز (۽ ان جي نمائندگي ڪندڙ اکر) تي ڌيان ڏيڻ جي گهرج آهي.

’ڇوڻ‘، ’ڇيو مڇڻ‘، ’ڇئي وان‘، ’ڇوٽي‘، ’ڇو وٽ‘، ’ڇوڇاءُ‘، ’ڇو ڇواءُ‘، ’ڇوڻ ڇائڻ‘ (ڏسو ’ج س ل‘). ’ڇوندو‘، ’ڇيو‘ ۽ ’ڇئو‘ ڪي بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي. انهن ٻولن جو ڌاتو ڇا آهي؟

’ڇوڻ‘ اسم مصدر سڏيو وڃي ٿو.

’ڇئہ‘ امر واحد آهي.

’ڇئہ‘ ڌاتو ٿيندو.

/ڇئہ/ = [چ + ۂ]

ساڳيءَ طرح ’ٻوائتو‘، ’ٻوارو‘، ’ٻو پريو‘ وغيره (ڏسو ’ج س ل‘) جو ڌاتو ٿيندو /ٻئہ/ [ =ٻ + ۂ].

هاڻي ضرورت محسوس ٿئي ٿي تہ ’ڇوڇاءُ‘ ۽ ’ڇو ڇواءُ‘ ۾ ’ڇاءُ‘ ۽ ’ڇواءُ‘ تي ڌيان ڏجي. ٻن طريقن سان بحث ڪري سگهجي ٿو:

(1)اندريون جوڙ /آ/ اچي ’ڇئہ‘ کي ’ڇاء‘ يا ’ڇواء‘ ڪري ٿو (تفصيلي بحث ’اندريون جوڙ‘ جي سري هيٺ) يا

(2)[ۂ] جاءِ [ ] وڌي [آ] ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾، [ا] وڌائي [آ] ڪجي ٿو ۽ ٻول ۾ معنوي فرق پيدا ڪيو وڃي ٿو.

هاڻي ’ڇوڻ ڇائڻ‘ ۾ /ڇائڻ/ تي ڌيان ڏيو ۽ سوچيو تہ ’ڇائڻ‘ ۽ ’ڇوائڻ‘ جي وچ ۾ معنيٰ ۽ مفهوم جي حوالي سان ڪو اصولي فرق بہ موجود آهي ڇا؟ ۽ انهن ٻنهي جو ڌاتو ڇا آهي؟

ليکڪ جي نظر ۾ ’ڇائڻ‘ ۽ ’ڇوائڻ‘ هم معنيٰ ٻول آهن ۽ ٻنهي جو (ترت) ڌاتو /ڇاء/ (=/ڇواء/) آهي ۽ اصولي ڌاتو يا پاڙ-ٻول /ڇئہ/.

/ڇئہ/ + (اندريون جوڙ) /آ/ = ڇاء (ڇواء)

/ڇاء/ (ڇواء) + /اِ/ = ڇاءِ (ڇواءِ) ..... امر واحد

’ڇائڻ‘ ۽ ’ڪائڻ‘ جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪيو.

/ڪائڻ/ جو امر واحد آهي /ڪاءُ/ ۽ (ترت) ڌاتو /ڪاء/ = [ڪ + آء] ۽ اندريون جوڙ هٽائڻ ڪان پوءِ اصولي ڌاتو يا پاڙ-ٻول ٿيندو /ڪئہ/ = [ڪ + ۂ].

مٿي ڏنل ’ڇئہ‘ ۽ ’ٻئہ‘ ڌاتو رکندڙ ۽ ڄاڻايل ٻولن تي ڌيان ڏيو. /ڇئہ/ جي ڪڍ جيڪو ہ وائل آيو آهي انهيءَ اتي يا پاڻ برقرار رکيو آهي يا وري [و] يا [ي] کي اپائڻ جو ڪارڻ بڻيو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ هڪ وائل آواز (يا وائل آواز جي جهيٽي وائل) جي ڪڍ جڏهن ٻيو وائل آواز اچي ٿو تڏهن اتي اهو وائل آواز پاڻ برقرار رهي ٿو (رهي سگهي ٿو) يا وري [و] يا [ي] ٻُجي (سگهي) ٿو — ٻولي اتي، اهڙيءَ حالت ۾ اچار-سهنج جو خيال رکي ٿي. ان نموني جڙندڙ ڪن ٻولن ۾ اپرندڙ آواز [و] ۽ [ي] ڪٿي اڌ-وائل هجن ٿا تہ ڪٿي وائجڻ. ليڪڪ اڌ-وائل آواز [و] ۽ [ي] جي اپت جي سلسلي ۾ الانا صاحب جن جي انهيءَ راءِ کي قطعي ۽ مڪمل درست نہ ٿو سمجهي تہ صرف [آ، او يا اُو] کان صرف [اِ يا آ] ڌانهن مڙندڙ ۽ گسڪو ڪندڙ ڪوشش سبب مشروط طور اڌ-وائل [و] ۽ صرف [اِ ۽ اِي] کان صرفآيِ[ا ٖ ] ڌانهن مڙندڙ ۽ گسڪو ڪندڙ ڪوشش سبب مشروط طور اڌ-وائل [ي] پيدا ٿئي ٿو. ’ڇئہ‘ ڌاتو رکندڙ ۽ مٿي ڏنل ڪجھ ٻول اهڙو هڪ مثال آهن. ’ٽڏون‘ ۽ ’ٽڏيون‘، ’ڳنڍون‘ ۽ ’ڳنڍيون‘، ’برساتون‘ ۽ ’برساتيون‘، ’لهرون‘ ۽ ’لهريون‘ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي سنڌي ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن ۾ ايندڙ لفظ ۽ ’ڪاوان‘ ۽ ’چوان‘ جهڙا ٻول انهيءَ موضوع تي وڌيڪ گهرائي سان سوچڻ جي دعوت ڏين ٿا.

/ساڙڻ، مارڻ، ڊاهڻ، ناهڻ، ڪارڻ، ڳارڻ/ جهڙن متعدي فعل ٻولن جي فعل لازمي واري صورت /سڙڻ، مرڻ، ڊهڻ، نهڻ، ڪرڻ، ڳرڻ/ چئي وڃي ٿي (۽ آهي) ۽ /’چائڻ‘/ (چوائڻ) جي صورت /چئڻ/ (چوڻ) تہ ’ڪائڻ‘ جي لازمي صورت /ڪئڻ/ هجڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح /لائڻ، پائڻ، ڳائڻ، ڏائڻ/ وغيره جهڙين متعدي صورتن جي لازمي صورت /لئڻ، پئڻ، ڳئڻ، ڏئڻ/ هجڻ گهرجي ۽ جي ائين هجي تہ، انهن جو واريسِر ڌاتو ٿيندو: /ـٖ لئہ، پئہ، ڳئہ،ـٖ ڏ/ = (...+ ـٖ ا).

’ج س ل‘ ۾ /ـٖ ڍئڻ/ مان /ڍائڻ/ ۽ /رئڻ/ مان /رائڻ/ موجود آهن پر /مئڻ/ مان /مائڻ/ موجود ناهي (توڙي جو کي جهونيون عورتون اڄ بہ ائين اچارينديون آهن) البتہ /مئراٽڻ ۽ مائرائڻ/ موجود آهن.

/ـٖ ڍئڻ/ جو امر واحد آهي /ـٖ ڍِءِ/ ۽ ان جو ڌاتو /ـٖ ڍِءِ/ = [ڍِ +ـٖ ا].

/رئڻ/ جو امر واحد آهي /رءِ/ ۽ ان جو ڌاتو /رءِ/ = [ر +ـٖ ا].

’جامع سنڌي لغات ۾ ’ٻيـوڻ‘ لفظ بہ نظر اچي ٿو، جنهن جو تفصيل هن طرح ڏنل آهي:

- ٻيوڻ: مصدر (سن ٻيـِ رَم = ڦرڻ) ڦرٽي- ڳِرٽي.*

ڇا ’ٻيواٽي‘ (’ٻانئٽي‘، ’ٻنواٽي‘) ۽ ’ٻنور‘ جهڙن ٻولن جو ڌاتو پڻ اتان ئي اچي ٿو؟

* اپياس هيٺ ڪتاب ۾ جتي بہ، ڪنهن بہ حوالي سان ڪجھ بہ پيش ڪيو ويو آهي اتي بيانيل ڳالھ سان ليکڪ جو متفق هجڻ ضروري ناهي. ليکڪ جو مقصد پنهنجيءَ ڳالھ کي واضح ڪرڻ آهي.

[اوء] اچاريندي [او] جي آوازي لهر متي چڙهي، چڙهندي ختم نہ ٿي ٿئي (جي ختم ٿي ويندي تہ آواز [او] ٿي رهندو) پر چڙهندي هلڪو موڙ کائي ٿي ۽ ختم ٿي/لهي وڃي ٿي. اهو هڪ يڪپدو آواز آهي. /اوءِ/ چوندي [او] چئي ختم ٿيندڙ/لهندڙ لهر هڪ پيرو وري [اِ] چوڻ لاءِ اپري ٿي ۽ ٻئي پد کي جنم ڏئي ٿي تنهنڪري /اوءِ/ جا ٻہ پد ٿيندا. [اوء] ٻن پدن کي جنم نہ ٿو ڏئي ۽ نہ ئي وري [اوء] اچاريندي جيڀ کي "موڙ کائڻ" يا "گسڪڻ" جي ايڏي کا گهرج بہ محسوس ٿئي ٿي. [اوء] اچاريندي [او] اوريندڙ جيڀ پنهنجي وچ وٽ هلڪو اڀار کائي ٿي ۽ [او] جي جاري آواز کي هلڪو وڌاءُ يا وهڪو ڏئي ٿي (جنهن لاءِ وڌ ۾ وڌ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ [ا]، [اِ] يا [ا] ڏانهن وڌي ٿي پر انهن مان ڪنهن جي بہ ٻيهڪ تي پهچڻ کان اڳ ئي ختم ٿي وڃي ٿي).

'توئڪي' (=توء+اِڪ+اِي)، 'تويو' (=توء+او)، 'توئِي' (=توء+اِي)، 'توئڻ' (=توء+اِڻ) ۽ توئيلي (توء+ايل+اِي) جي ڌاتو /توء/ = [ت+اوء]، 'پوئڻ' (=پوء+اڻ)، پوئر (=پوء+اِر) ۽ 'پويَر' (=پوء+ر) جي ڌاتو /پوء/ = [پ+اوء]، 'جهوئڻ' (=جهوء+اڻ) جي ڌاتو /جهوء/ = [جه+اوء]، 'سوئڻ' (=سوء+اڻ) جي ڌاتو /سوء/ = [س+اوء]، 'ڪوئڻ' (=ڪوء+اڻ) جي ڌاتو /ڪوء/ = [ڪ+اوء]، 'موئڻ' (=موء+اڻ) جي ڌاتو /موء/ = [م+اوء] ۽ 'ووئڻ' جي ڌاتو /ووء/ = [و+اوء] ۾ اهو وائل آواز چٽيءَ طرح پرکي سگهجي ٿو.

## 4. اِء ۽ ايء

**[اِء]** هڪ وائل آواز آهي. اهو هڪ **يڪسرو** آهي.

[اِء] اچاريندي [اِ] جي آوازي لهر متي چڙهي، چڙهندي ختم نہ ٿي ٿئي (جي ختم ٿي ويندي تہ آواز [اِ] ٿي رهندو) پر چڙهندي هلڪو موڙ کائي ٿي ۽ ختم ٿي/لهي وڃي ٿي. اهو هڪ يڪپدو آواز آهي. /اِءَ/ يا /اِءُ/ چوندي [اِ] چئي ختم ٿيندڙ/لهندڙ لهر هڪ پيرو وري [اَ] يا [اُ] چوڻ لاءِ اپري ٿي ۽ ٻئي پد کي جنم ڏئي ٿي تنهنڪري /اِءَ/ يا /اِءُ/ جا ٻہ پد ٿيندا. [اِء] ٻن پدن کي جنم نہ ٿو ڏئي ۽ نہ ئي وري [اِء] اچاريندي جيڀ کي "موڙ کائڻ" يا "گسڪڻ" جي ايڏي کا گهرج بہ محسوس ٿئي ٿي. [اِء] اچاريندي [اِ] اوريندڙ جيڀ پنهنجي وچ ڏانهن هلڪو اڀار کائي ٿي ۽ [اِ] جي جاري آواز کي هلڪو وڌاءُ يا وهڪو (اڃا بہ ائين چئجي تہ ڌوڏو) ڏئي ٿي.

/اِنئڻ/ جو امر واحد /اِنءَ/ آهي ۽ ڌاتو /اِنء/ = [ن+اِء]

/اِجئڻ/ جو امر وحد /اِجءَ/ آهي ۽ ڌاتو /اِجء/ = [ج+اِء]

/اِتئڻ/ جو امر واحد /اِتءَ/ آهي ۽ ڌاتو /اِتء/ = [ت+اِء]

'ج س ل' تان ورتل ۽ هيٺ ڏنل ٻولن جو ڌاتو ڏيان لهڻي ٿو:

'پِئڻ' (پيئڻ) (=پِء+اڻ)، 'پياس' (=پِء+آس)، 'پياسو' = (پِء+آس+او)، 'پياسي' (=پِء+آس+اِي)، 'پياڪ' (=پِء+آڪ)، 'پيالو' = (پِء+آل+او)، پيالي (=پِء+آل+اِي)، 'پيائين'

باب نائون

# ٻول/لفظ جو عام تصور

## صورت (Form)

ٻولياڃاڻي اصطلاح ۾ ’صورت‘ ڇا کي چئجي ٿو، ان جي وضاحت ڪندي الانا صاحب ([1987] 17) لکي ٿو:

- ماڻهوءَ جو ’ ڳالهاءُ‘ ڪيترن ئي معنادار جزن تي مشتمل هوندو آهي، انهن مان هر جزي کي ’صورت‘ چئبو آهي. مثال طور، ”ڇڳو ماڻهو ڊوڙيو“. هن مثال ۾ /ڇڳو/، /ماڻهو/ ۽ /ڊوڙيو/ ڏار ڏار صورتون آهن.

’صورت‘ جي وضاحت، ’چئمبر‘س ڊڪشنري‘ هن طرح ٻڌائي ٿي:

- گرامر (وياڪرڻ) جو ڪو به عنصر جنهن مان ٻول ۽ جملا ناهيا ويندا آهن.

۽ ’آڪسفورڊ ڊڪشنري‘ موجب:

- (آواز يا اچار دوران) ڪنهن ٻول جي اختيار ڪيل شڪل.

’صورت‘ جا ٻه قسم آهن:

**1) آجي (free) صورت:**

’آجي صورت‘ لاءِ ’ پاڻ وسيڪي صورت‘، ’آزاد صورت‘ ۽ ’خودمختيارصورت‘ جهڙا اصطلاح به ڪم آندا ويندا آهن.

- {ڳالهائڻ دوران} هر اهو ’جزو‘ يا هر اها ’صورت‘ جيڪا ڪنهن به رواجي ڳالهه ٻولهه ۾، اڪيلي سر يعني پنهنجي ليکي/سر {پاڻ تي ياڙيندي} ڪم ايندي هجي، ۽ ٻيءَ ڪنهن به صورت جي محتاج نه هجي. مثال: /ماڻهو/، /پٽ/، /اجاڙ/، /جوڪرو/ وغيره. (الانا [1987] 18)
- ... اهڙيون صورتون .... جيڪي پنهنجي سِر سالم سادا لفظ تي ڪم اچن ٿا جهڙوڪ {...ڪسنگ، جانور، خداوند ۽ ڀاڳوان جهڙن ٻولن ۾ واريسِر} /سنگ/، /جان/، /خدا/ ۽ /ڀاڳ/، اهڙين صورتن کي آزاد صورتون سڏجي ٿو. (جتوئي [1983] 112)

**2) ٻاندي (bound) صورت:**

’ٻاندي صورت‘ لاءِ ’ٻَدل صورت‘، ’پابند صورت‘، ’پرَوس صورت‘ جهڙا اصطلاح به ڪم آندا وڃن ٿا.

- ... هر اهو ’جزو‘ يا هر اها ’صورت‘، جا پنهنجي سِر اڪيلي يعني اڪيلي سِر ڪم نه ايندي هجي، پر ٻيءَ صورت يا ٻين صورتن سان گڏ ڪم اچڻ سان ئي معنادار ٿيندي هجي، يعني نه ان صورت جي معنيٰ ۽ ان جو ڪارج ڪنهن خودمختار صورت جي

’وس‘ ۾ هجي يعني ان تي مدار رکندي هجي. ... /آسروند/، /عقلمند/، / لڄاڻ/، /اٺهوند/، /وِجٽو/، /پُٽيتو/، /سچيت/، /ڏنل/، /الکيل/ وغيره صورتن ۾ /-وند، -مند، ا-، -ٽو، -ايتو، -سُ-، -ل ۽ -يل/ وغيره صورتون، پنهنجي سر، يعني اڪيلي سر، ڪنهن بہ ڳالهہ ٻول ۾ ڳالهايون ڪو نہ ويندون آهن، پر انهن جي ڪارج جو مدار ڪن خودمختيار صورتن تي هوندو آهي. اهڙين سيني صورتن کي ’پر-وس‘ يا ’پابند‘ صورتون چئبو آهي.

پروس صورتون جڏهن ڪن خودمختار صورتن سان گڏ، اڳياڙيءَ (prefix) يا پڇاڙيءَ (suffix) جي روپ ۾ ڪم اينديون آهن، تڏهن سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب انهن جي بہ ضرور ڪا معنىٰ هوندي آهي... هونئن اڪيلي سر يا پنهنجي ليکي انهن جي ڪا بہ معنىٰ ڪانهي. (الانا [1987] 18-19)

يعني، الانا صاحب جي راءِ موجب باندي صورت

(1) اڪيلي سر ڪم نہ ايندي آهي ۽ اڪيلي سر معنادار نہ هوندي آهي،

(2) ان جو ڪارج آجي صورت جي وس ۾ هوندو آهي، ۽

(3) اڳجوڙ (اڳياڙيءَ، prefix) يا پُنجوڙ (پڇاڙيءَ، suffix) جي روپ ۾ ڪم اچي تي ۽ معنادار ٿئي ٿي.

جتوئي صاحب ([1983] 112) /سچار، ڪنيار، لوهار، چمار، ڏٽار، سچيرو/ جهڙن ٻولن کي مثال طور پيش ڪندي چوي ٿو: ”ٻيون اهڙيون صورتون آهن جيڪي پنهنجي منهن لفظ تي ڪم اچي نہ ٿا سگهن مگر ٻين صورتن سان ملي لفظ تي پون ٿا، جهڙوڪ /سچ/، /ڪنپ/ .... /-آر/، /-ايرو/ وغيره. اهڙين صورتن کي پابند {صورتون} (bound forms) سڏجي ٿو.“

يعني، جتوئي صاحب جي راءِ موجب باندي صورت

(1) اڪيلي سر لفظ تي ڪم نہ ٿي اچي، ۽

(2) ٻيءَ صورت يا ٻين صورتن سان ملي لفظ ٿئي ٿي.

جتوئي صاحب ’معنىٰ‘ ۽ (اڳ- يا پُٺ-) ’جوڙ‘ هجڻ يا نہ هجڻ جو شرط نہ ٿو رکي. سندس خيال آهي تہ /سچ-، ڪنپ- ، لوهہ، چم- ، ڏٽ-/ وغيره صورتون جيئن تہ پنهنجي منهن ’لفظ‘ تي ڪم نہ ٿيون اچن تنهنڪري باندي صورتون آهن ۽ اهي ’لفظ‘ تڏهن ٿينديون جڏهن ڪنهن ٻيءَ صورت سان ملن. الانا صاحب شرط رکي ٿو تہ باندي صورت اڳ- يا پٺ- جوڙ تي ڪم اچي تي ۽ پوءِ اتي ان لفظ/ٻول ۾ معنادار ٿئي ٿي، اڪيلي صورت هئڻ جي حالت ۾ ان جي ڪا بہ معنىٰ نہ آهي. هتي سوال ٿو اٿي تہ ڇا /سچ-، چم- ، ڪنپ- ، ڏٽ-/ وغيره صورتن جي اڪيلي سر ڪا بہ معنىٰ نہ آهي؟ جي معنىٰ آهي، تہ الانا صاحب پاران ڏنل وصف موجب انهن صورتن کي باندي صورت سڏي نہ ٿو سگهجي. پر جتوئي صاحب معنىٰ جو ڪو بہ شرط نہ ٿو رکي، پاڻ رڳو اڪيلي سر ڪم اچڻ جو شرط رکي ٿو يعني اهي يا اهڙيون صورتون جيڪڏهن اڪيلي سر ڪم اينديون تہ انهن کي باندي صورت نہ چئبو ۽ لفظ/ٻول چئبو.

”هو تہ سچ پچ سمهيو پيو آهي“.

ان جملي ۾ /سچا/ جي آوازن تي ڌيان ڏيو. ڇا ان جملي ۾ استعمال ٿيل ٻول /سچا/ (=[سل+ ]+[چ+ا]) آهي يا /سچا/ (=[سل+ ]+[چ])؟ ۽ ڇا ان جملي ۾ /سچا/ جي ڪا معنيٰ آهي يا نہ؟

ليکڪ جي راءِ موجب ان جملي ۾ ڪم آيل ٻول /[سل+ ]+[چ]/ آهي ۽ جملي ۾ انهيءَ جي هڪ معنيٰ بہ آهي، تنهنڪري /سچا/ ۽ اهڙين ٻين صورتن کي ’ٻاندي صورت‘ سڏي نہ ٿو سگهجي. اهڙين ڪجهہ صورتن جو ذڪر ’سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت‘ واري باب ۾ ڪيو ويو آهي ۽ ٿورو بحث ”ٻول/لفظ“ جي وصف بيان ڪرڻ کان پوءِ ڪنداسون.

/پروس/ ٻول ۾ /پرا/ ۽ /وس/ کي بہ آجيون صورتون قرار ڏيندي /پروس/ کي الانا صاحب هڪ مرکب يا ڳوپ (compound) ٻول قرار ڏئي ٿو (وڌيڪ بحث ’ڳوپ ٻول‘ جي سري هيٺ)، پر /پرديس، پرڏيهہ، پرذات، پرکند، پرمار ۽ پرواس/ جهڙن ٻولن ۾ /پرا/ کي هڪ آجي صورت سڏبو يا ٻاندي؟ ڇاڪاڻ تہ هنن ٻولن ۾ /پرا/ هڪ اڳجوڙ طور ڪم آيل آهي.

/ڏکر يا ڏکارا/ ۽ /سکر يا سکارا/ ۾ /کر يا کارا/ هڪ آجي صورت آهي پر /کنگهکر يا کنگهکارا/ ۾ /کر يا کارا/ کي هڪ آجي صورت سڏبو يا ٻاندي؟ ڇاڪاڻ تہ هن ٻول ۾ /کر يا کارا/ هڪ پنجوڙ آهي. ليکڪ جي نظر ۾ اهڙا کي ئي اڳجوڙ ۽ پنجوڙ تي ڪم ايندڙ ٻول موجود آهن جيڪي اکيلي سر بہ هڪ معنيٰ کي ظاهر ڪن ٿا (تفصيلي بحث ”جوڙ“ جي سري هيٺ).

هاڻي، اسان جي آڏو هڪ ٻول /اڻاٽ/ آهي.

(1) /ڀاڻياٽ، لوڻاٽ، ڪلراٽ/ وغيره ٻولن ۾ /-آٽ/ هڪ پنجوڙ آهي ۽ ٻول جي اشتقاق ۾ واسطيدار شيءِ جي ”هجڻ“، ”جهجهو“، ”وارو“ جي معنيٰ پڌري ڪري ٿو.

(2) /اڻپورو، اڻ ڏوتل، اڻپڇيو، اڻهوند/ وغيره ٻولن ۾ /اڻ-/ هڪ اڳجوڙ آهي ۽ ٻول جي اشتقاق ۾ ”نہ“، ”کان سواءِ“، ”ڪجهہ ڪُنل“ وغيره جي معنيٰ ڏئي ٿو.

/آٽ/ ۽ /اڻ/ (اڳ- يا پٺ-) جوڙ تي ڪم اچڻ باوجود ڇا اکيلي سر ڪا معنيٰ رکن ٿا يا نہ؟

’جامع سنڌي لغات‘ ٻڌائي ٿي:

- آٽِ ڃ آٽون: ث. [سن. آوشيش = بقايا، اوبر] ڪنهن شيءِ جو اڇلائڻ يا نہ کائڻ جهڙو حصو. ڇيچڙو (گوشت جو)- اوٽ. ٻچيل ڪاڏو - ڄوٽِ - اوبر. پچاڙيءَ واري ڳالهہ. ڏنگ - حد - ڇيهہ.
- آٽ تي ويهڻ: ...
- آٽو: [سن. اُڇشٽ = اوبر، ڏُنڊ = ناپاڪ] ...

(**نوٽ:** ليکڪ کي ڇاڪاڻ تہ ان سان اختلاف ڪري سگهڻ جو حق آهي.)

’آوشيش‘، ’اِڇشت‘ ۽ ’اَشد‘ کي /آٿ/ جو بنياد قرار ڏيندڙ ’ج س ل‘ وڏيڪ ٻڌائي ٿي:

- آنرڻ : مصدر. [سن. 1- آسترڻ ( آ = چڱيءَ طرح + ستا = ڇوڙڻ کان بس ڪرڻ، بيهڻ)، 2- آشتريہ = متيءَ تي بينل] ...
- آنارڻ : ’آنرڻ‘ مصدر مان متعدي [سن. آ= چڱيءَ طرح + سِٿر = قائم ...]
- آنيرڻ : ’آنرڻ‘ مصدر مان متعدي ...
- آنڻ : مصدر [سن. آسترن = آنرائڻ] ...

(**نوٽ:** معلوم ٿيو تہ /آٿ/ جو ڌاتو ’ آوشيش‘، /آنو/ جو ڌاتو اِڇشت يا ’اشد‘، /آنرڻ/ جو ڌاتو ’آسترن‘ يا ’آستا‘ يا ’آشتريہ‘ ، /آنارڻ/ جو ڌاتو ’آستر‘ ۽ /آنڻ/ جو ڌاتو ’آسترن‘ آهي يعني ڌاتو جي حوالي سان ’آٿ‘ جو ’آنو‘ سان ۽ انهن ٻنهي جو ’آنڻ‘ سان ڪو تعلق ناهي!)

’آٿ‘ جي حقيقي بناوت ڪيئن آهي، انهيءَ کي الڳ رکندي، ليڪ چوڻ اهو ٿو چاهي تہ انهن سيني ٻولن جو ڌاتو (يا ترت ڌاتو) /آٿ/ معلوم ٿئي ٿو ۽ ان جي نہ رڳو هڪ معنىٰ آهي پر پنهنجي سر سادي صورت طور ڪم بہ اچي ٿو.

اچو تہ /اُڻ/ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪيون. ’ج س ل‘ ٻڌائي ٿي:

- اُڻو جِ اُڻا: ذ. [سن. اُڻ = ذرو] تمام ننڍو ذرو. ذرڙو. جزو ...
- اڻوٽِ: ث. ڪمي - قلت - اڻاٺ.
- اڻونائي جِ اڻونايون: برسات جي ڪمي ...

/اُڻو/ = /اُڻ/ + /او/. /آنو/ = /آٿ/ + /او/

/اُڻ/ انهن ٻولن ۾ ڌاتو طور ڪم آيل آهي ۽ ان جِي نہ رڳو هڪ معنىٰ آهي پر پنهنجي سر هڪ سادي صورت طور بہ ڪم اچي ٿو.

ان ڪري اهو تصور تہ باندي صورت اڪيلي سر لفظ/ٻول تي ڪم نہ ٿي اچي يا لفظ جي اشتقاق کان ٻاهر ان جي ڪا بہ معنىٰ نہ آهي، هڪ غلط تصور معلوم ٿئي ٿو.

## رُوپيو (Morpheme)

عام طرح ڪم ايندڙ اصطلاح ’صرفيہ‘ ۽ ’صرفيو‘ آهن.

هر ان ٻولياڄاڻي (لسانياتي) ايڪي کي رُوپيو (صرفيہ، صرفيو) سڏجي ٿو جنهن جي ڪا نہ ڪا معنىٰ هجي. جتوئي صاحب ([1983] 112) ٻِي.بلاخ ۽ جِي.ايل.ٽرئگر جي حوالي سان ٻڌائي ٿو تہ هر اها اچاريل صورت جا آزاد هجي يا پابند، جنهن کي مطلب وارن جزن يا ٽڪرن ۾ ورهائي نہ سگهجي تنهن کي صرفيہ {روپيو} سڏجي ٿو. کي عالم ساڳيءَ ڳالهہ کي ٻين لفظن ۾ هيئن بہ بيان ڪن ٿا تہ ’روپيو‘ اهو ننڍي ۾ ننڍو معنادار جزو آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ

ظاهر نہ ٿو ڪري. (تفصيل لاءِ ڏسو ’سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت‘ ۾ ’ڌاتو ٻول‘ جي سري هيٺ)

## ٻول/لفظ (Word)

بي.بلاخ ۽ جي.ايل. ٽرئگر جي حوالي سان آندل، ’لفظ‘ جي هيٺ ڏنل تشريح کي الانا صاحب ([1987] 21) ”نئين“ ۽ ”انوکي“ سڏي ٿو:

- لفظ (مفرد) اها ننڍي ۾ ننڍي خودمختيار يا آزاد صورت آهي جنهن کي اڳتي ٻين ننڍن بامعنیٰ يا معنادار صورتن (خودمختيار يا پروس) ۾ جزن ۾ هرگز ڀڃي نہ سگهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ننڍي ۾ ننڍي بامعنیٰ خودمختيار صورت کي ”لفظ“ (مفرد) چئبو.

ڌيان سان ڏٺو وڃي تہ اها لفظ/ٻول جي وصف ناهي، اها تہ ’مفرد لفظ‘ يعني ’سادي ٻول‘ جي وصف آهي ۽ ان ڪري ئي الانا صاحب کي ڏنگيءَ ۾ ”مفرد“ لکڻو پئجي ويو آهي. اصولن، لفظ/ٻول جي وصف اهڙي هئڻ گهرجي جيڪا رڳو ”مفرد“ لفظ جي وصف ۽ وضاحت تائين محدود رهجي ويل نہ هجي پر ٻول جي سمورن قسمن کي گڏيل نموني بيان ڪندي هجي.

پاڻ الانا صاحب ([1987] 33) جيڪا وضاحت ڏني آهي اها ڪي قدر وڌيڪ بهتر معلوم ٿئي ٿي:

- ”لفظ“ مفرد يا خودمختيار صرفيہ، يا خودمختيار صرفيہ ۽ پروس صرفيہ جي ميل، يا ٻن يا ٻن کان وڌيڪ صرفين جي ملائڻ سان ٺهن ٿا.

ان جي ڀيٽ ۾ اجا وڌيڪ بهتر وصف جتوئي صاحب ([1983] 110) ٻڌائي ٿو:

- **لفظ** اهو اڄاريل ايڪو آهي جيڪو اڪيلي سر ٻوليءَ ۾ بامعنیٰ مستقل حيثيت رکي ٿو.

’ٻول‘ ڳالهايل ٻوليءَ جو هڪ ايڪو آهي. اهڙي قسم جي اورپ (utterance) کي ظاهر ڪندڙ، لکيل نشان ’لفظ‘ آهي. آواز يا آوازن جو اهو ميڙ جيڪو ڪنهن بہ ٻوليءَ جي گرامر يا ٻول-ڪاڻ (Vocabulary) جو ايڪو جوڙيندڙ هجي. هڪ ٻول ٻوليءَ جو اهو ننڍي ۾ ننڍو يا وڏي ۾ وڏو ايڪو آهي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ ننڍي ۾ ننڍي خودمختيار معنادار جزي کان ويندي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ آجين توڙي ٻاندي صورتن تي ٻڌل ٿي سگهي ٿو.

## ٻول جا قسم

1. **پهريت (Primary) ٻول**

(ڪٿي ’ڌاتو‘ تہ ڪٿي ’بنيادي‘ ۽ ڪٿي ڪٿي ’سادو‘، ’ابتدائي‘ يا ’مفرد‘ لفظ پڻ ساڳئي مفهوم ۾ ڪم آندا وڃن ٿا.)

نندي ۾ ننڍو معنادار جزو/ايڪو ۽ هڪ آجي صورت رکندڙ ٻول کي 'پهريت' سڏجي ٿو يعني جيڪو پاڙ يکي سِر، هيڪلِي، پاڙ تي پاڙيندڙ صورت رکندو هجي، پاڙ ڌاتو (پاڙ، بنياد، اصل، Root) هجي ۽ اهڙي ئي حيثيت ۾ ڪم آيل هجي ـــ اهو ٻول جنهن کي وڌيڪ معنادار جزن ۾ ٽوڙي نه سگهجي ۽ جنهن سان ڪا به ٻاندي صورت مليل نه هجي.

- ابتدائي لفظ اهي آهن جن مان ٻيا لفظ نهي نڪرن، ۽ خود ٻئي مان ٺهيل نه هجن. سنڌي زبان ۾، جيئن اڳي ٻڌايو ويو آهي، لفظ /وڏائي/ نهي نڪتو آهي /وڏو/ مان، تنهنڪري وڏو ابتدائي لفظ آهي ۽ **وڏائي** ثانوي لفظ آهي. (جتوئي [1983] 110)
- اهو لفظ، جو هڪ ئي خومختيار صورت وارو هجي، ۽ جنهن سان ڪا به پروس صورت ملايل نه هجي، اهڙي لفظ کي "مفرد لفظ" چئبو آهي. ماهرن اهڙن لفظن کي بنيادي لفظ (Primary word) به سڏيو آهي. (الانا [1987] 24، ايل.بلومفيلڊ جي حوالي سان)

الانا صاحب [(1987] 23 ۽ 24) /اچوڪر، پيءُ، ٻٽ، ٻت، هاٿي، جاڙ، ننڍو/ وغيره کي "مفرد" لفظ جو مثال سڏي پيش ڪري ٿو. جتوئي صاحب /وڏو/ جو مثال آڻي ٿو.

ڇا اهو درست آهي ته /وڏو ۽ ننڍو/ سان ڪا به پروس صورت يا ڪو رُوپيو (صرفيو) يا ڪو وائيو (صوتيو، Phoneme) مليل ناهي؟ جي ائين درست آهي ته پوءِ اهو به مڃڻو پوندو ته /وڏِي ۽ ننڍِي، وڏا ۽ ننڍا، وڏيون ۽ ننڍيون/ ۽ اهڙيءَ طرح ٺهندڙ ٻين ڪيترن ئي ٻولن سان پڻ ڪا به ٻي صورت يا ڪو به ٻيو روپيو يا ڪو به ٻيو وائيو مليل ناهي ۽ اهي پڻ "مفرد"، "پهريت" يا "سادا" ٻول آهن؟ (انهيءَ موضوع کي اسان ايندڙ صفحن ۾ بحث هيٺ آندو آهي.)

**2. ٻڻيت (Secondary) يا ڳنڍڙ (Composite) ٻول**

(ڪٿي 'ثانوي' ۽ 'رلمل' اصطلاح به ڪم آندا وڃن ٿا.)

ڪنهن به آجي ۽ ٻاندي صورت جي مليل يا ڪن به آجين ۽ ٻاندي صورتن جي ميلاپ يا ڪن آجين صورتن جي ڳڏپ ٽوڙي ڪن به صورتن جي تڪرار/ورجاءَ وسيلي وجود ۾ آيل ٻولن کي 'ٻئيت' يا 'ڳنڍڙ' سڏجي ٿو. ٻين لفظن ۾ ائين به چئي سگهجي ٿو ته 'پهريت' ٻول کان سواءِ ٻيو هر قسم جو ٻول ٻئيت يا ڳنڍڙ ٻول آهي.

ٻول/لفظ (Word)

پهريت (Primary) — ٻئيت (Secondary) يا ڳنڍڙ (Composite)

ڳنڍيل (Comlex) — ڳوپ/مرڪب (Compound)

## (الف) ٻُڌيل ٻول

(’مرتب لفظ‘ ۽ ’پيچيدو لفظ‘ پڻ ساڳئي مقصد لاءِ ڪم ايندڙ اصطلاح آهن.) اهو ٻول جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ باندي صورتون شامل هجن انهن کي ’ڳتيل‘ ٻول چئجي ٿو.

الانا صاحب ([1987] 24-25) ڳتيل ٻول کي تمام گهٽي تشريح سان بيان ڪري ٿو ۽ ڪيئي مثال ڏئي ٿو، جيئن: /سپت، واڃت، پٽيتو، ڪٽمنڙو، اٿهوند، اجاڻ، اٽجاٽپ، ڏتڙ، سجڻ، سچيتائي، ڪپيتو/ ۽ انهن ۾ اهڙن ڪيترن ئي ٻولن جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون، جيئن: /س-، ت-، -ايتو، -ڙو، اڻ-، ا-،ڏ-، س- ۽ ڪ-/ کي ڌار ڪندي باقي ٻول کي ”مفرد“ قرار ڏئي ٿو. سندس ئي ڏنل ڪسوٽيءَ تي ليکڪ جڏهن سندس ڄاڻايل مثالن کي پرکي ٿو تڏهن ڪيترائي مثال ڪوتا ثابت ٿين ٿا. (انهن جو ذڪر ڳوپ/مرڪب ٻول جي وضاحت کان پوءِ ڪيل آهي.)

- پيچيدا (Complex) لفظ اهي آهن جن کي جيڪڏهن ٽوڙبو ته ان جا جزا مطلب وارا ٿيندا، اگرچ اهي سالم لفظ نه ٻه هجن. مثلاً/سچار/ لفظ کي ٻن ٽڪرن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو: هڪ /سچ-/ ۽ ٻيو /-آر/. اهي ٻئي سالم لفظ ناهن. /سچ-/ جو سالم لفظ /سچ/ آهي ۽ /-آر/ جو سالم لفظ /ڪار/ آهي. اگرچ /سچ-/ ۽ /-آر/ سالم لفظ ناهن تڏهن به اهي اچاريل ٽڪرا وري وري ٻين لفظن ۾ ڪم اچن ٿا ۽ مطلب وارا آهن.

هيٺين لفظن ۾ /سچ-/ اچي ٿو:

سچائي = /سچ- + -آئي/

سچي = /سچ- + -اِي/

سچُو = /سچ- + -ُو/

سچيرو = /سچ- + -ايرو/

مٿين لفظن ۾ /سچ-/ هڪ پد آهي جو بنيادي صورت طور انهن ۾ نظر اچي ٿو. ڪيس **بنياد** يا **پيڙهه** (Base) سڏجي ٿو. (جتوئي (1983) 111)

/سچ-/ **(1)** ”بنيادي صورت طور نظر اچي ٿو“،

**(2)** ”بنياد يا پيڙهه سڏجي ٿو“،

**(3)** ”سالم لفظ ناهي“، ۽

**(4)** ”مطلب وارو آهي“.

ڇا انهن چئني فقرن ۾ هڪ تضاد موجود ناهي؟

/سچ-/ جيڪڏهن ابتدائي ۽ سادو لفظ ناهي ته ٻي مطلب ڇو ناهي؟ (ڏسو ’ننڍي ۾ ننڍو معنادار ايڪو‘ هيٺ جتوئي صاحب جو ڏنل ٽڪرو.)

**(1)** ڇا /سچ-/ ننڍي ۾ ننڍي بامعنیٰ صورت ناهي؟

**(2)** ڇا /سچ-/ ڪيترن ئي ٻولن ۾ بنياد يا پيڙهه ناهي؟

**(3)** ڇا /سچ-/ کي وڌيڪ معنادار جزن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو؟

+ /اي/ = وڏي
+ /اِن/ = وڏن
+ /اڙ/ = وڏڙ + /او/ = وڏڙو
+ /آ/ = وڏڙا
+ /اِي/ = وڏڙي
+ /ئِون/ = وڏڙيون
+ /اي/ = وڏڙي
+ /اُن/ = وڏڙن
+ /آئي/ = وڏڙائي
+ /اير/ = وڏير + /اُ/ = وڏيرُ
+/ / = وڏيرَ
+ /او/ = وڏيرو
+ /آ/ = وڏيرا
+ /اِي/ = وڏيري
+ /ئِون/ = وڏيريون
+ /اي/ = وڏيري
+ /اُن/ = وڏيرن
+ /ڪ/ = وڏيرڪ + /او/ = وڏيرڪو
+ /آ/ = وڏيرڪا
+ /اِي/ = وڏيرڪِي
+ /ئِون/ = وڏيرڪيون
+ /اي/ = وڏيرڪي
+ /اُن/ = وڏيرڪن
+ /آئي/ = وڏائي
+ /آڻ/ = وڏاڻ + /اِ/ = وڏاڻِ
+/اُ/ = وڏاڻُ
+/ / = وڏاڻَ

- **اوڏا:** هڪ ذاتوءِ هڪ يڪپدو ٻول. ٻي عدد ۾ ٻي جنس (نادر) الانا صاحب، ساڳيءَ طرح، ”مفرد“ لفظ جي مثال ۾ /اَنيو/ آندو آهي. ان ڪي جيڪڏهن جتوئي صاحب جي مثالن تي ڪيل بحث جي روشنيءَ ۾ ڏسبو ته ان جو ’سالم‘ لفظ /انئِ/ يا /انئِ/ ٿيندو. ڇا /انيو/ هڪ ”مفرد“ ٻول آهي؟

- **ڏاٺنڊيا** +/ا/ = ننڊي
  + /او/ = ننڊيو
  + /آ/ = ننڊيا
  + /اِي/ = ننڊي
  + /اُون/ = ننڊيون
  + /اي/ = ننڊي
  + /اڻ/ = ننڊين
  + /اڙ/ = ننڊڙ + /او/ = ننڊڙو
  + /آ/ = ننڊڙا
  + /اِي/ = ننڊڙي
  + /اُون/ = ننڊڙيون
  + /اي/ = ننڊڙي
  + /اڻ/ = ننڊڙن
  + /آئي/ = ننڊڙائي
  + /اير/ = ننڊيير +/اُ/ = ننڊيرُ
  +/ اَ/ = ننڊيرَ
  + /او/ = ننڊيرو
  + /آ/ = ننڊيرا
  +/اِي/ = ننڊيري
  + /اُون/ = ننڊيريون
  + /اي/ = ننڊيري
  + /اڻ/ = ننڊيرن
  + /ڪ/ = ننڊيرڪ + /او/ = ننڊيرڪو
  + /آ/ = ننڊيرڪا
  + /اِي/ = ننڊيرڪِي
  + /اُون/ = ننڊيرڪيون
  + /اي/ = ننڊيرڪي
  + /اڻ/ = ننڊيرڪن
  + /آئِي/ = ننڊائي
- ڏاٺنڊيا : هڪ ڏاتوءِ هڪ يڪپدو ٻول. ٻي عدد ۾ ناڙر.

/وڏو ۽ ننڍو/ جيڪڏهن ڪنهن به طرح مفرد، ابتدائي، پهريت ٻول آهن ته /سچو/ چو پهريت ٻول ناهي؟، ۽ /سچ/ چو آهي؟ ۽ جي /سچ/ ئي پهريت ٻول آهي ته /وڏ ۽ ننڍ/ چو پهريت ٻول ناهن ۽ /وڏو ۽ ننڍو/ چو پهريت ٻول آهن؟ ڇا ڪنهن به ٻول جي جيڪا به ننڍي ۾ ننڍي صورت، جيڪا مذڪر ۽ واحد ئي هجي، هرويرو اها ئي ذاتو، پهريت ذاتو ٿيندي؟ /وڏي، ننڍي ۽ سچي/ ڪي چو پهريت نه سمجهيو وڃي؟

/سچ ۽ سچو/ جيان /وڏو ۽ ننڍو/ به ڳنڍيڙ ٻول آهن. انهن کي 'ڳتيل ٻول' جي درجيبنديءَ ۾ رکڻ گهرجي.

## (ب) ڳوپ ٻول

ڳوپ يا مرڪب اهو ٻول آهي جيڪو ٻه يا ٻن کان وڌيڪ آجيون صورتون شامل رکندو هجي ۽ ساڻس ڪا ٻه ٻاندي صورت مليل نه هجي.

- مرڪب {ڳوپ} لفظ ان کي چئبو آهي جنهن ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ خودمختيار صورتون (مفرد لفظ) گڏيل هجن. اهڙن لفظن يعني مرڪب لفظن سان پروس صورتن جو گڏجڻ بلڪل ممڪن نه آهي.

مرتب {ڳتيل} ۽ مرڪب {ڳوپ} لفظن ۾ اهو ئي ته خاص فرق آهي يعني مرتب لفظ اهو آهي جنهن سان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پروس صورتون شامل هجن... پر مرڪب لفظ جي حالت ۾، ٻه يا ٻن کان وڌيڪ خودمختيار صورتون (مفرد لفظ) گڏيل هونديون آهن، ليڪن ان سان ڪا به پروس صورت گڏيل ڪا نه هوندي آهي؛ مثال طور: /گهرڏٽي، آڳاڏي ۽ پروس/ لفظ. ڪڏهن ڪڏهن مرڪب لفظ سان ڪا موزون پروس صورت ملائي، ان مان به مرتب لفظ ناهبو آهي؛ جيئن /پروسيڪو/ لفظ ۾ /پروس/ مرڪب لفظ سان /-اِڪو/ پڇاڙي ملائي، مرتب لفظ ناهيو ويو آهي؛ تنهنڪري /پروسيڪو/ لفظ کي مرتب لفظ چئبو ۽ /پروس/ کي مرڪب لفظ چئبو. (الانا [1987] 30)

الانا صاحب ڳتيل ۽ ڳوپ ٻولن جي ٻڌايل ڪسوٽيءَ تي مرزا قليچ بيگ، ڪاڪي ڀيرومل ۽ ٻين عالمن پاران پيش ڪيل مثالن کي پرکي ٿو ۽ ڪارائتي ڇنڊڇاڻ پيش ڪري ٿو پر پاڻ جن ڳوپ ٻولن جا جيڪي به مثال ڏئي ٿو انهن مان گهڻا، ليکڪ جي جاڻ ۽ ڇنڊڇاڻ پٽاندر، سنڌن ئي ڏنل ڳوپ ٻول واري تشريح سان سهمت ٿيندي نظر نه ٿا اچن. انهن جو جائزو وٺڻ کان اڳ جتوئي صاحب ([1983] 113) جي هڪ راءِ:

- مرڪب لفظ اهي آهن جن جي صورتن کي ٽوڙبو ته اهي سادا لفظ ٿي پوندا جن جي نرالي معنىٰ هوندي ۽ آزاد صورت رکندا. جهڙوڪ:

ڪمبخت = /ڪم + بخت/

جهنگ ٻلو = /جهنگ + ٻلو/

لٺ سردار = /لٺ + سردار/
هٿ ڪڙي = /هٿ + ڪڙي/
سوپيري = /سو + پيري/
نمڪ حرام = /نمڪ + حرام/
ڀڳوانداس = /ڀڳوان + داس/
ورڪشاپ = /ورڪ + شاپ/

جتوئي صاحب اهو به مڃي ٿو ته ”پيچيدا لفظ اهي آهن جن جي صورتن ڪي مطلب وارن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهبو. سڀ جزا يا پابند صورتون رکندا يا انهن مان هڪ آزاد صورت هوندي. ازانسواءِ انهن مان هڪ صورت، بنياد يا پيڙهه طور ڪم آيل هوندي ۽ ٻيون جوڙ طور استعمال ٿيل هونديون، جنهن جو صاف ۽ چٽو مطلب هي آهي ته ڪنهن به ڳوپ ٻول ۾ ڪا به باندي صورت مليل نه هوندي ۽ جي مليل هوندي ته اهو ٻول ڳوپ نه هوندو، ڳتيل (مرتب، پيچيدو) هوندو. سندس ان راءِ جي روشني ۾ /سچائي، سچيرو/ وغيره مثالن ڪي جاچيو ته اتي /سچ-/ ”بنيادي صورت طور نظر اچڻ“ بدران ”بنيادي يا پيڙهه طور ڪم آيل“ آهي.

متي ڏنل مثال ۾ جتوئي صاحب /سردار، پيري، حرام ۽ ڀڳوان/ ٻولن ڪي سادو ٻول قرار ڏنو آهي. جاچڻ گهرجي ته ڇا اهي ٻول سچ پچ ”سادا“ آهن؟

سردار = /سر + دار/
پيري = /پير + اِي/
حرام = [عربي. حـرَم = هن منع ڪئي. ڏسو ’ح س ل‘)
ڀڳوان = /ڀڳ (ڀاڳ) + وان/

”سادي لفظ“ بابت جتوئي صاحب جي هيٺ ڏنل راءِ سندس ئي ڏنل مثالن ڪي غلط ۽ اسان جي ڇنڊڇاڻ ڪي درست ثابت ڪري ٿي:

- ابتدائي لفظن ڪي سادا لفظ به سڏجي ٿو جن بابت ٻڌايو ويو آهي ته انهن ڪي بامطلب جزن ۾ ٽوڙي نه ٿو سگهجي ۽ نه ڪي انهن مان ننڍي ۾ ننڍي آزاد صورت يعني سادو سالم لفظ نڪري سگهي ٿو. انهن ڪي **آزاد صرفيا** به سڏجي ٿو. ([1983] 112)

/سر، پير، حرم، ڀاڳ/ سادا لفظ آهن. هتي اهو به پڌرو ٿئي ٿو ته جتوئي صاحب جي نظر ۾:

ابتدائي لفظ = سادو لفظ = ننڍي ۾ ننڍي آزاد صورت = سادو سالم لفظ = آزاد صرفيو! مختلف هنڌن تي انهن اصطلاحن جو اڻ-مقرر ورجاءُ جتوئي صاحب جي ڳالهه ڪي منجهائڻ جو ڪم ڪري ٿو.

الانا صاحب مرڪب يا ڳوپ ٻولن جا جيڪي مثال ڏئي ٿو ([1987] 32-33)، انهن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا. ليکڪ جي راءِ ۾ چندچاڻ موجب اهي ’مفرد‘ (سادو، پهريت) هجڻ بدران ڳتيل (مرتب) آهن:

- گهرڏٽي=/گهر +ِ ا + ڏٽي/. هتي ’ڏٽي‘(=/ڏِٽ + اِي) ”مرتب“ ٻول آهي.
- ڳوٺ وڏيرو = /ڳوٺ +ِ ا + وڏيرو/. هتي ’وڏيرو‘ (= وڏ + اير + او) ”مرتب“ ٻول آهي.
- ڪئامار = /ڪئا + مار/. الانا صاحب ([1987] 42) /مار/ جو ڌاتو /مر/ ٻڌائي ٿو.
- آگ گاڏي=/آگ + گاڏي/. جيئن /مارِي، مار ۾ مرڻ/ جو ڌاتو /مـر/ آهي (الانا [1987] 53) تيئن /گاڏِي، گاڏ ۾ گڏڻ/ جو ڌاتو /گڏ/ تيندو.
- نالي چڙهيو = /نالي + چـڙهـ + يو/. جيئن /الکيو/ جو ڌاتو /لِک/ آهي (الانا [1987] 42) تيئن /چڙهيو/ جو ڌاتو /چـڙهـ/ آهي.
- نام ڪنيو = /نام +ِ ا + ڪـڻ (ڪس) + يو/
- دل گهريو = /دل + ُگهر + يو/
- چؤماسو = /چو + ماس + او/
- چؤواتو = /چو + وات + او/
- وڏ واتو = /وڏ +ِ ا + وات + او/
- ڪار چيو = /ڪار + او + چي + او/
- ٻہ-منهين = /ٻہ + منهن + اين/
- ٽہ-ٽنگو = /ٽہ + ٽنگ + او/
- اڳ-ٻُڌتي = /اڳ + ٻُڌت (=ٻُڌ + ات) + اِي/
- اڳ-ڪتي = /اڳ + ڪت + اِي/
- پرجهلو = /پر + جهل + او/
- ڪاٺ پٽ = /ڪا- + ُڙ + پٽ/. /ڪاٺڻ/ جو ڌاتو /ڪا-/ (الانا [1987] 41)
- متي ڪاٺو = /مٿ + اي + ڪا- + ُڙ/
- وات ڳاڙهو = /وات +ِ ا + ڳاڙهـ + او/
- نالي مِٺو = /(نالي) + مِٺ + او/
- نالي چڱو = /(نالي) + چڱ + او/
- ڪاٺ ڪٽو = /ڪاٺ +ِ ا + ڪٽ + او/
- وڏ ڪاٺو = /وڏ +ِ ا + ڪا- + ُڙ/
- تتي تڏي = /تت + اِي + تڏ + اِي/
- تڏي ڪوسي = /تڏ + اِي + ڪوس + اِي/

- اڳو پوءِ = /اڳ + او (و) + پوءِ/
- آڳو پيچو = /آڳ (اڳ) + او (و) + پيچ + او/

متي ڏنل ڪجھ ٻولن ۾ پھرئين ٻول جي چيھہ وٽ وائل جي واڌ ٿئي ٿي، جيئن /اگھرَ ڏٽي، نام ڪنيو، ڪاٺ ڪٽو/ وغيره. اتي اها واڌ ھڪ روپيي (صرفيي) يا صوتيي (وائيي) جو ڪارج ادا ڪري، وسطيدار ٻولن ۾ ھڪ مخصوص معنیٰ خلقن جو ڪارڻ ٿئي ٿي. عام اصطلاح ۾ انھيءَ کي 'اندر جوڙ' (infix) يا وچياڙي چئجي ٿو. جيئن ڪو بہ اڳياڙي (يعني اڳجوڙ) يا پڇاڙي (يعني پنجوڙ) رڪندڙ ٻول ھڪ مرتب يا ڳتيل ٻول ٿئي ٿو تيئن ڪنھن بہ اندر جوڙ (وچياڙي) رڪندڙ ٻول کي ڇو ۽ ڪيئن ھڪ مرتب يا ڳتيل ٻول جي دائري کان ٻاھر رکي سگھبو؟

'ڳوٺ وڏيرو' معنیٰ 'ڳوٺ جو وڏيرو'. 'ڳوٺ وڏيرو' ۾ { } جي واڌ 'جو' جو مفھوم پيدا ڪري ٿي پر 'ڪاٺ ڪٽو'، ۾ {ا} جي واڌ 'کي' جو مفھوم اپائي ٿي ۽ ان جي معنیٰ ٿيندي: 'ڪاٺ کي ڪٽڻ وارو'. (/ڪٽڻ/ جو ڌاتو /ڪٽ/ ٿيندو.)

الانا صاحب مختلف صفحن تي ڪيترن ئي اھڙن ٻولن جا مثال ڏئي ٿو جن کي مرتب (ڳتيل) سڏيندي، انھن کان باندي صورت الڳ ڪندي، باقي ٻول کي 'مفرد' سڏي ٿو. ليکڪ جي نظر ۾ انھن "مفرد" ٻولن مان گھڻا "مرتب" (ڳتيل) ثابت ٿين ٿا:

| الانا صاحب جي نظر ۾<br>مرتب ۽ | مفرد ٻول | ليکڪ جي نظر ۾<br>حقيقي صورت |
|---|---|---|
| پلائي = پلو + آئي | پلو | پِل + او |
| اڇاڻ = اڇو + آڻ | اڇو | اِڇ + او |
| ڊگھاڻ = ڊگھو + آڻ | ڊگھو | ڊِگھہ + او |
| ڏاھپ = ڏاھو + پ | ڏاھو | ڏاھہ + او |
| وڏپڻ = وڏو + پڻ | وڏو | وڏ + او |
| وڏتڻ = وڏو + تڻ | وڏو | وڏ + او |
| ٿڌڪار = ٿڌو +ڪار | ٿڌو | ٿڌ + او |
| واڇٽ = واڇو + ٽ | واڇو | واڇ+او ۽ 'واڇ' جو ڌاتو ٿيندو /وِڇ/ |

۽ ٻيا.

الانا صاحب "علم صرف جا اصول ۽ قانون" هيٺ 'اڳياڙين ۽ پڇاڙين جو ملائڻ' تي بحث ڪندي جن ٻولن کي "آزاد صورتن جو ممڪن گروھ" ھيٺ ڄاڻايو آھي، انھن ۾ ھيٺ ڏنل ٻول بہ شامل آھن.

**(پ) ور-اورڪ ٻول**

(’ور-اورڪ‘ ٻول لاءِ ’مڪرر لفظ‘ ۽ ’تڪراري لفظ‘ (Re-duplicate) پڻ استعمال ڪيا وڃن ٿا.)

- تڪرار (re-duplication) ڪنهن لفظ جي سڄيءَ صورت يا ڪنهن جز ڪي ورائڻ جي عمل کي چئبو آهي جنهن جي دهرائڻ سان لفظ يا ان جي حصي ۾ ڪا به تبديلي ڪا نه ايندي آهي. (الانا [1987] 61-62)

هن عنوان هيٺ اسان تفصيلي بحث کان پاسو ڪيو آهي ڇو ته اسان جي موضوع سان ان جو ڪو سڌو واسطو ناهي. هيٺ ڪي مختصر تفصيل ڏجن ٿا.

ور-اورپ جا ٻه قسم ڄاڻايا ويا آهن:

1. مڪمل (complete) ور-اورپ: جيئن: پل پل، وک وک، دم دم، گهڙي گهڙي، وغيره.
2. اڻپوري (in-complete) ور-اورپ: جيئن: جٽ ڦٽ، مٽ سٽ، جهڙپ ڦڙپ، هلڻ چلڻ، رلڻ ملڻ، جاچڻ جوچڻ، راند روند، ڏيتي ليتي وغيره.

تفصيلي بحث لاءِ ڏسو: الانا ([1987] 62- 64)

ليکڪ هتي ڪجهه ٻولن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ چاهي ٿو.

1) مڪمل ور-اورپ جي ڪري جملي ۾ شدت پيدا ٿئي ٿي ۽ واسطيدار عمل هر هر ٿيندي يا هر واري ٿيندي نظر اچي ٿو. ”وک وک تي سوبي ملڻ“ جو مطلب آهي ”هر وک تي سوبي ملڻ“.

2) اڻپوري ور-اورپ جي ڪري پڻ جملي ۾ شدت پيدا ٿئي ٿي ۽ وسطيدار موضوع يا عمل جي شدت، وسعت ۽ گهرائي جو اظهار ٿئي ٿو.

(الف) ڪي ٻول لڳ ڀڳ ساڳئي قسم جي عمل يا معنىٰ کي ورجائيندي نظر ايندا، جيئن: جٽ ڦِٽ، مٽ سٽ، رلڻ مِلڻ، ڏيک ويک، ميل ميلاپ وغيره.

(ب) ڪي ٻول ٻن مختلف مفهومن کي ظاهر ڪندي نظر ايندا. جيئن: جهڙپ ڦڙپ (جهڙ ڦڙ)، ڏي وٺ، ڏيتي ليتي، اچ وڃ، لوچ پوچ وغيره.

(پ) ڪي ٻول هڪ ٻئي جي ويجهن مفهومن کي ظاهر ڪندي نظر اچن ٿا، جيئن: پاڇي پتي، گاهه پنو، سينڌ سرمو، رس رهاڻ وغيره.

(ڀ) ڪي لفظ معنوي حوالي سان هڪ ٻئي کان فرق رکڻ باوجود ڀرپور اصطلاحي مفهوم پيدا ڪن ٿا، جيئن: ماٺهو چيٽو، ڏوڙ ڏڪاءُ، لوپي نوڳي وغيره.

(ت) ڪي ٻول اهڙا به آهن جن جو ٻيو جز بظاهر ڪا به معنىٰ نه ٿو رکي پر اصطلاح ۾ هڪ وسيع مفهوم کي ظاهر ڪري ٿو، جيئن: وڻ ٽڻ. ’ٽڻ‘ جي بظاهر ڪا به معنىٰ ناهي پر ’وڻ‘ جي ڪِڏ اچڻ کان پوءِ ان جو مفهوم ”وڻ جهڙي ڪا به شيءِ“ ٿيو پوي. ”وڻ ٽڻ ئي ڪو نه

هو“ معنیٰ ”وڻ تہ چا وڻ جهڙي ڪا بہ شيءِ ڪا نہ هئي.“ ”وڻ تڻ ٻري ويو“ معنیٰ ”وڻ ۽ وڻ ٻوٽي جهڙي هر شيءِ (يا وڻن سان گڏ موجود هر شيءِ) ٻري وئي.“

(ٿ) ’سِڪ پريت‘، ’پيار محبت‘، ’وٽج واپار‘ جهڙن ٻولن کي ڏسي اهو سوچڻو ئي پوي ٿو تہ، متان ائين بہ هجي تہ، ڪو هڪ ٻول، خاص ڪري پهريون، وڏيڪ آڳاٽو هجي ۽ مروج هجي، ۽ پوءِ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ پنهنجا اثر ڇڏيا هجن ۽ ان جو ساڳيو مفهوم رکندڙ ٻول پوءِ مروج ٿيو هجي (يا وري پنهنجيءَ ٻوليءَ جو ساڳيءَ معنیٰ وارو ٻول پوءِ رکيو ويو هجي) ۽ اهڙيءَ طرح معنیٰ ۽ مفهوم کي زور وٺايو ويو هجي.

## باب ڏهون

# سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت

ان موضوع تي بحث کان اڳ ٻن اصطلاحن جي وضاحت ضروري محسوس ٿئي ٿي.

### وايو (Phone)

ڳالهه (ڳالهائڻ) يا گفتار جو اڪيلو آواز 'وايو' (صوت، Phone) سڏجي ٿو.

چئمبر'س ڊڪشنري چوي ٿي ته 'وايو' ڄاٽنگي (ڊيسِيبيل)* پيماني تي راڙ (Loudness) جو هڪ ايڪو ۽ آڪسفورڊ ڊڪشنري چوي ٿي ته 'وايو' ڳالهائڻ جو اڪيلو آواز آهي پوءِ اهو وائل هجي يا وائڃڻ. جتوئي صاحب ([1983] 35) چوي ٿو:

- "صوت" {وايو} عربي لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي "آواز"، پوءِ اهو تمام هلڪو هجي يا چٽو. صوت {وايو} ٻوليءَ جو ٻاهريون ۽ ظاهري پهلو آوازن سان تعلق رکي ٿو.

مطلب ته 'وايو' هر انهيءَ آواز کي چئجي ٿو جيڪو ڳالهه آرڪڻ وسيلي اپايو ويو هجي ۽ ٻوليءَ جي ٻول کي جوڙڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو. [ڪ] هڪ وايو آهي توڙي جو مرد، عورت يا ٻار ان کي اچارڻ دوران سو سيڪڙو هڪ جهڙو نه ٿو اچاري.

### وائيو (Phoneme)

وائيو (صوتيو) ڳالهه جو اهو (اڪيلو) آواز آهي جيڪو ٻول ۾ معنوي فرق پيدا ڪري ٿو. ٻوليءَ جي آوازن واري سرشتي جي (هڪ) ايڪي کي وائيو سڏجي ٿو. ساڳئي آواز جا ساڳئي ٻول ۾ مختلف اچار پڻ ٿي سگهن ٿا، انهن اچارن کي ساڳئي ڳالهه آواز جي آکهه، جتو يا گروهه قرار ڏيندي ان جي هر ياتيءَ کي هڪ ٻئي جو 'بدل آواز'، 'وٽڪو' يا 'وٽاڪ' (Variant) سڏجي ٿو.

- صوتيو {وائيو} اهو آواز يا هڪ جهڙن آوازن جو گروهه آهي جيڪو ٻوليءَ جي لفظن ۾ معنوي فرق پيدا ڪري ٿو. گويا اهو هڪ {اهڙو} خاص لساني {لسانياتي} عمل ڪري ٿو جو ٻيو صوتيو ڪري نه ٿو سگهي. انهيءَ ڪري بلومفيلڊ صوتيي کي معنوي فرق پيدا ڪندڙ (distinctive) آوازي نوعيت جو ايڪو سڏي ٿو. (جتوئي [1983] 78)

---

* ڄاٽنگي = /ڄاڻ + انگ + اِي/ = ڄاڻ ڏيندڙ انگ وارو، Logarithmetic.

ڊيسِيبيل (Decibel): (ڊيسي) = ڏهون حصو + بيل = گراهم بيل، هڪ سڄاڻڪ، جنهن ٽيليفون به ايجاد ڪئي هئي) = هڪ قسم جو ماپو/ماپڙو جنهن تي آواز جو زور، بجليءَ جو وهڪرو وغيره ماپيو ويندو آهي.

’ڪنو‘، ’ڪنو‘ ۽ ’ڪِنو‘ جي وچ ۾ معنوي فرق آهي. جتوئي صاحب ([1983] 75) جو خيال آهي تہ اهو فرق [اُ]، [اَ] ۽ [اِ] جي ڪري پيدا ٿيو آهي تنهنڪري (انهن ٻولن جي حوالي سان) [اُ]، [اَ] ۽ [اِ] مان هر هڪ آواز هڪ معنوي فرق ڪندڙ جز يعني هڪ وائيو آهي.

- صوتيہ (Phoneme) ۽ صوت (sound) {Phone} ۾ فرق آهي. صوتيہ جي وصف هن ريت آهي: صوتيہ، ساڳين آوازن جي هڪ جماعت آهي (ڊينئل جونز هن کي family of sounds سڏيو آهي). اهي آواز ٻوليءَ ۾، سيني هڪجهڙن آوازن سان فرق ڏيکارين ٿا، ۽ ساڳئي وقت اهي آواز پاڻ ۾ بہ علحدگي رکن ٿا، يعني هڪجهڙا نہ آهن. اهي سيئي ڌار ڌار آواز، جيڪي گڏجي هڪ ئي صوتيہ ناهن ٿا، اهڙن آوازن کي ’صوتيہ ياتي‘ (allophones) چئبو آهي. (الانا [1967] 47-48)
- صوتيي جي قطعي ۽ منطقي تعريف (defination) پيش ڪرڻ ۾ لسانيات جا عالم متفق ٿي نہ سگهيا آهن مگر ان جي واضح ۽ چٽي مفهوم پيش ڪرڻ ۾ سيني جو اتفاق آهي. اهو مفهوم هي آهي تہ لفظن ۾ انهن جي تبديلي سان معنىٰ ڦري ويندي؛ پر جي معنىٰ نہ ڦري تہ پوءِ متيل آواز صوتيو نہ سڏبو. (جتوئي [1983] 77-78)

اترادي سنڌ ۾ /اُپٽ/ کي چون /پٽر/ (=/اُپ + ٽر/). ائين چوڻ جي ڪري ٻول جي معنىٰ ۾ ڪو بہ فرق نہ ٿو ٿئي تنهنڪري ان ٻول ۾ [ٿ] ۽ [ٽر] کي هڪ ساڳيو ئي وائيو (صوتيو) سمجهبو ۽ [ٿ] ۽ [ٽر] کي هڪ ٻئي جو ’ساتوايو‘ (صوتيہ ياتي، عيوضي آواز، allophone) يا ’آجو وٽاڪ‘ (آزاد بدل، free variant) سڏبو.

/سيرا/ (تور ڪرڻ جو هڪ وٽ) ۽ /سيرا/ (گهمڻ ڦرڻ، سياحت ڪرڻ) ۾ معنوي فرق وائل جي تبديليءَ سبب آهي — /اي/ ۽ /ئي/ ڌار ڌار صوتيا (وائيا) سڏبا. پر /غيرا/ (ڌاريو) کي ڪي ئي /غيرا/ بہ اچارن — انهيءَ حالت ۾ /ئي/ ۽ /اي/ هڪ ٻئي جا ساتوايا يا آجا وٽاڪ سڏبا. ساڳيءَ طرح /غيرا/ جي عام سنڌي اچار /گيرا/ چوڻ سبب ڪو بہ معنوي فرق نہ ٿو اڀري تنهنڪري انهن ٻولن ۾ /غ/ ۽ /گ/ هڪ ٻئي جا ساتوايا يا آجا وٽاڪ سڏبا. /ساڳيا/ ۽ /ساڳا/، /ساڳيو/ ۽ /ساڳو/ جي وچ ۾ اتي ڪو بہ معنوي فرق ناهي تنهنڪري انهن واسطيدار جوڙن ۾ آخري آواز /يا ۽ آ/ ۽ /يو ۽ او/ ساتوايا سڏبا.

## هڪ خاصيت

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘ جي چوٿين باب جو سِرو ’سنڌيءَ جون خوبيون ۽ خاصيتون‘ قائم ڪيو آهي جنهن جو پهريون ’اپ-سِرو‘ ’اسمن جون پڇاڙيون‘ آهي، جنهن هيٺ لکي ٿو:

- سنڌي ٻوليءَ جي پهرين مکيہ خاصيت يا خاص ڳالھ هيءَ آهي تہ: ”سنڌيءَ جي ڪهڙي بہ لفظ جو پهريون توڙي پويون اکر ’ساڪن‘ ڪونهي:“ سنڌيءَ ۾ سڀ ڪنهن لفظ جي

پڇاڙيءَ ۾ يا تہ ڪو حرف علت يا تہ ڪا اعراب آهي ئي آهي.* اهو نمونو ڪشميري ۽ ڙيا يعني

اوڙيسا جي ٻولين ڪان سواءِ: ٻيءَ ڪنهن بہ ڏيهي ٻوليءَ ۾ تہ ڪونهي، پر خود سنسڪرت ۾ بہ ڪونهي! ([1956] 323)

آڏواڻي صاحب توڙي جو 'لفظ' جي پهرئين ۽ پوئين 'اکر' جي متحرڪ يا اعرابيل هجڻ جو ذڪر ڪندي پنهنجيءَ ڳالهہ جي ابتدا ڪئي آهي پر باقي سڄو ٽڪرو رڳو پڇاڙيءَ جي ذڪر تي ٻينل آهي. الانا صاحب ([1987] 322-323) جي هڪ راءِ:

- سنڌي صوتياتي نظام موجب سنڌي لفظ جي آخر ۾ هميشہ ڪو نہ ڪو سُر {وائل} اچاربو آهي، يعني سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ جي آخر ۾ ساڪن وينجن {وائجڻ} اچار ناممڪن آهي: پر ڪي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو، عالم ۽ فاضل، عربي ۽ فارسي مان آيل ڪن لفظن جي اچارڻ مهل، انهن لفظن جي آخر واري وينجن کي متحرڪ اچارڻ بدران ساڪن ڪري اچاريندا آهن.

هتي رڳو 'لفظ' جي آخر ۾ اچارجندڙ وائل آواز جي ڳالهہ ڪيل آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي هر ٻول جي آخر ۾ 'ساڪن' وائجڻ ناممڪن آهي.

- سنڌيءَ جي مفرد لفظن جي آخر (final position) هميشہ ڪو نہ ڪو "سُر" (vowel) اچاريو ويندو آهي، پر برصغير جي ٻين ڏيهي ٻولن ۾ ايئن نہ آهي. (الانا [1974] 9، خوبچنداڻي صاحب جو حوالو)

هن ٽڪري ۾ 'مفرد' (سادي، پهريت) ٻول جو شرط قائم ڪندي ڇيهڪ وائل آواز جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. "مسٽر جارج شرٽ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ۽ ٻيا ڪيترائي عالم متينءَ راءِ سان اتفاق رکن ٿا. (فاضل [1992] 39-41)

## 'ان راءِ ۽ خاصيت' سان اختلاف

- سنڌي ٻوليءَ جي اترادي محاوري (خصوصاً ماتيلي-اباوڙي واري علائقي جي ٻولي) ۽ {باقي} سيني {سنڌي} محاورن ۾ هيءُ نمايان فرق آهي تہ سنڌي زبان جي "متحرڪ ال

---

* هتي ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي 'سنڌي گرامر' (ص-31) تان هيٺيون ٽڪرو بہ ڏنو ويو آهي:

By the vocalic termination the Sindhi has preserved a flexibility, and at the same time sonorousness, of which the other modern vernaculars are completely destitute.

{ان واڪائِي ڇيهہ جي ڪري سنڌي ٻوليءَ پاڻ وٽ هڪ لچڪ، ۽ ساڳي ئي وقت ساڏيائپ محفوظ ڪري رکي آهي، جنهن کان ٻيون جديد ڏيهي-ٻوليون مڪمل طرح پالهيون آهن.}

هتي پڻ ڇيهڪ وائل آواز جو ذڪر ڪيل آهي.

آخر“ واري مسلم قاعدي جي برخلاف، اترادي محاوري ۾ لفظن جو آخري اکر سدائين ساڪن هوندو آهي. (فاضل [1992] 39)

- تقريباً سمورا برک محقق، جن لسانيات جو گهريءَ طرح مطالعو ڪيو آهي، سي مٿي ڄاڻايل {متحرڪ ال آخر واري} اصول جي پنيرائي ڪن ٿا، بلڪ سنڌي ٻوليءَ جي انفراديت ئي ان ۾ ٿا سمجهن تہ ان جي لفظن جا آخري حرف ساڪن نہ آهن. پر ان جي برعڪس جڏهن اترادي محاوري، خصوصاً ”ماڻيلي-اباوڙي علائقي“ جي ٻوليءَ جو جائزو ونجي ٿو، تڏهن ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اهو قاعدو گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ علائقي جي سنڌي ٻوليءَ سان لاڳو ڪونهي. هن علائقي جي ٻوليءَ ۾ مستثنيات کان سواءِ سيني لفظن جا آخري حرف يا آخر ۾ آيل نون غني کان اڳ وارا حرف ساڪن هوندا آهن. اها ٻولي هڪ وسيع علائقي جي زبان آهي، جنهن جي مطالعي کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ائين چئي ڇڏڻ تہ اها متحرڪ ال آخر زبان آهي، ڪنهن بہ طرح درست نہ آهي. تعجب آهي تہ هن علائقي جي ٻوليءَ جي امتيازي خصوصيت جو ذڪر ڪنهن بہ لساني ماهر نہ ڪيو آهي. (فاضل [1992] 41)
- معياري محاوري جي مؤنث لفظن جي پڇاڙي اڪثر ” اِ “ جي اچار سان ٿئي ٿي. مثال طور ”چوڪر“، هن لفظ جي پڇاڙي ” اِ “ اچار واري آهي يعني حرف ”ر“ جي هيٺان ”زير“ آهي، پر جڏهن اها پڇاڙي جغدالي ۽ فراڪي محاوري جي ان لفظ {چوڪر} ۾ ڏسبي تہ ٻنهي محاورن ۾ اها ساڪن نظر ايندي ۽ لفظ ”چوڪر“ بدران ”چوڪر“ استعمال ٿيندو. اهڙيءَ طرح ”باهہ“ بدران ”ياهہ“ جغدالي ۾ ۽ ”ياء“ فراڪي ۾ اچاريو وڃي ٿو، ان طرح جا سڀ لفظ تقريباً حذف ٿيل پڇاڙين سان استعمال ٿين ٿا.

اهڙي طرح مذڪر لفظن ۾ ”ُا “ پڇاڙي يا” ِا “ پڇاڙي بہ ٻنهي محاورن ۾ حذف ڪئي وڃي ٿي. مثلاً ”ڪتابُ“، ”خچرُ“، ”زخمُ“ وغيره. اهي لفظ ٻنهي محاورن ۾ ”ُا “ جي حذف ٿيل اچار سان ملن ٿا. اهڙيءَ طرح ”ِا “ جا لفظ بہ حذف ٿيل پڇاڙين سان استعمال ٿين ٿا.

اهوئي سبب آهي جو ان خطي جي ٻنهي محاورن جا اڪثر لفظ، فقرا ۽ جملا زمانن، حالتن، فعلن، ضميرن، اسمن، صفتن، عددن ۽ جنسن جوڙڻ وقت مختلف قسم جا گردان ڪن ٿا. (ٻروهي [1992] 98)

- پيرومل تہ هن ڳالهہ کي پاڻ وڌيڪ منجهائي وڌو آهي. هو چوي ٿو تہ: ”سنڌيءَ ۾ سڀ ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا نہ ڪا اعراب آهي، جنهن جو اچار سرحد (ماڻيلي-اباوڙي وارو علائقو) ڏي چٽيءَ ريت ڪن ٿا ۽ شڪارپوري {رهاڪو} اهو سُر سان اچارين ٿا. وچولي طرف ان جو اچار اهڙو اڻ لکيءَ طرح ڪندا آهن، جو ڌاريو ماڻهو سندن ڳالهائڻ

مان جيڪر سمجهي ڪين سگهي، ته هر هڪ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا اعراب آهي. لاڙ جا ماڻهو خاص ڪري هندو، اهو اچار اڪثر ڪو نه ڪن“.

ڀيئي هنڌ پيرومل اجا وڌيڪ وضاحت سان لکيو آهي ته: ”هن وقت سنڌيءَ ۾ سڀ ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا نه ڪا اعراب آهي ئي آهي. انهن پڇاڙين وارين اعرابن هينئر ئي لڏڻ جو سانباهو ڪيو آهي: لاڙ ۾ ان جو اچار اڪثر ڪو نه ڪن. اهي گهٽو وقت ڪين جٽينديون، جو اکرن جي پدن تي زور ڏيڻ جي ترتيب (Accent system) قرندي پيئي وڃي.“ ... معلوم ٿئي ٿو ته پيرومل کي ”ماتيليءَ ڀاوڙي علائقي“ جي ماڻهن سان ملڻ جو شايد ڪڏهن موقعو نه مليو هو. (فاضل [1992] 41-42)

پروفيسر شيخ محمد فاضل جن آخر ۾ نتيجو ڪڍن ٿا ته ”اترادي سنڌيءَ ۾، لفظن جي آخر ۾ اعرابن جو استعمال نه هئڻ جهڙو آهي، ۽ انهيءَ ڪري ئي اترادي محاوري ۾ ”صوتي مجمعا“ يا ”لاڳيتا ساڪن“ عام جام استعمال ٿين ٿا.“ (فاضل [1992] 44) ۽ اها ڳالهه ڊاڪٽر داد محمد بروهي جن جي ڳالهه (حوالو متي ڏنل) سان هڪ ڪري آهي.

اچو ته هيٺ ڏنل ٽن ٻولن ۾ فرق کي محسوس ڪيون:

- /لِکائين/ = /لِک + آء + اِين/، هن ٻول ۾ ’ن‘ گهٽو آهي ۽ [اِين] وائل آواز جو هڪ تحريري جز آهي — ”(تون) خط لکائِين“.
- /لِکائين/ = /لِک + آء + اِي (اين) + ن/. هن ٻول ۾ ’ن‘ جو هڪ هلڪو آواز موجود آهي. هن ٻول جي صورتخطي هن طرح به ٿي سگهي ٿي: /لکائينن/. [نِ] جي هتي، هن ٻول ۾ وائيائي (phonemic) يا روپيائي (morphemic) اهميت کي پرکي سگهجي ٿو — ”(تون) خط لکائين ٿو“ جو مطلب آهي ته ”(تون) هنن کي خط لکائين ٿو.“ [نِ] هڪ وائيي جو ڪم ڪري ٿو.
- /لکائين/ = /لِک + آء + اي (اين) + نِ/. هن ٻول ۾ به [نِ] جي اهميت کي پرکي سگهجي ٿو، هن ۾ [نِ] تي زور (stress) موجود آهي ۽ ان جي ڪري اهو هڪ امري صيغو ٿي پيو آهي. هن ٻول جي صورتخطي /لکائينن/ به ٿي سگهي ٿي — ”خط لکائين“ جو مطلب آهي ته ”تون (هنن کي) خط لکاءِ“.

اسان جو لکت سرشتو ۽ صورتخطي لکڻ جو ڍنگ، ڪن ٻولن جي حقيقي آوازن کي سندن صحيح صورت ۾ ظاهر ڪري نه ٿو سگهي.

اسان وٽ عام طرح ڳالهائجندڙ ٻولن ۽ انهن جي آوازن کي اهميت گهٽ ۽ لکيل لفظن ۽ اکرن کي اهميت وڌيڪ ڏني ويندي آهي. ڪاڪي پيرومل جن جي متي ڏنل تڪري ۾ اها ڳالهه چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿي. پاڻ اکرن تي حرڪت ۽ اعراب جي نشانين جو ذڪر ڪندي پنهنجي ڳالهه بيان ڪن ٿا.

عِلْمُ، ’ مَكْتَبُ‘ ۽ مُطْلَبُ‘ جهڙن ٻولن جو ذڪر ڪندي الانا صاحب جن لکن ٿا:

- سنڌي جا استاد ۽ ماهر حالانڪ مٿيان لفظ ايئن ئي لکندا، جيئن مٿي ڏنل آهن، پر جزم جي اهميت ۽ استعمال کان غير واقفيت سبب انهن لفظن جي 'هِجي' ۾ 'ساڪن وينجن' کي متحرڪ (syllabic) ڄاڻائيندا آهن. مثال طور مٿين لفظن جي هِجي هيئن ڪندا آهن:

عِلـ ـمُ: عين زير اِ ، لام زير لِ ، ميم پيش مُ ... عِلمُ

فِڪرُ: في زير فِ ، ڪاف زير ڪِ ، ري پيش رُ ... فِڪرُ

سنڌيدان نہ صرف عربي لفظن جي جزن ۽ پدن جي 'هجي' کان اڻواقف رهيا آهن، پر خالص سنڌي ڳنڍيل آوازن کي بہ غلط پدن ۾ ورهائي، انهن جي غلط هجي ڪندا آهن: يعني ٻن پدن وارن لفظن (disyllabic words) ۾ اچاريل ڳنڍيل آوازن کي، غلط 'هجي' سبب، سُرَ {وائل} ذريعي توڙي، 'ٽن پدن وارو لفظ' (trisyllabic word) ڪري، هجي ڪندا آهن. مثال طور:

هلـ ـڪو، 'ڌرتي' ۽ 'ڇمڪو' ٻن پدن وارا لفظ آهن جن ۾ [ل]، [ر] ۽ [م] ساڪن آواز آهن. سنڌ جا ماڻهو پنهنجن اچارن ۾ مٿيان آواز ساڪن ڪندا آهن، پر صوتيات ۾ 'هجي' جي اصولن کان بيخبر هئڻ سبب، سنڌ جا استاد مٿين لفظن جي هجي هيئن ڪندا آهن:

هلِڪو: هي زبر هَ ، لام زير لِ ، ڪاف وا ڪو... هلڪو

ڌرتي: ڎال زبر ڎَ، ري زير رِ ، تي يي زير تِي... ڌرتي

... اهڙيون اوٽايون سرڪاري درسي ڪتابن ۾ گهٽيون نظر اچن ٿيون. سنڌي پرائيمر ۽ پهرئين ڪتاب ۾ ڳنڍيل آوازن کي يا تہ سُرَ ذريعي ڌار ڪيو ويو آهي، يا ڪن هنڌن تي انهن ساڳين ڳنڍيل آوازن ۾ ساڪن وينجن مٿان جزم ڏني ويئي آهي. انهيءَ مان اهو ٿو ظاهر ٿئي تہ اهڙن لفظن جي تحريري صورت وقت صوتياتي اصولن ۽ آوازن جي جوڙن (componants) جي پابندي نہ ڪئي ويئي آهي. مثلاً:

| سنڌي پرائيمر | سنڌي پهريون ڪتاب |
|---|---|
| ڪِڇرو | ڪِـ ـڇو |
| ڪتِري | ڪـ ـري |
| سُـهڻا | سُـ ـهڻا |

... لفظن جي وچ وارن ڳنڍيل آوازن کان سواءِ، ڪن لفظن جي منڍ ۾ بہ ڳنڍيل آواز، سنڌي صوتيات جي اصولن موجب ممڪن آهن.* هيلتائين

* هيءَ ڳالهہ ڪاڪي ڀيرومل جن جي ان ڳالهہ جي خلاف آهي تہ "سنڌيءَ جي ڪهڙي بہ لفظ جو پهريون توڙي پويون اکر 'ساڪن' ڪونهي". (حوالو مٿي ڏنل)

سنڌي ڪتابن ۾ منڍ وارن گڏيل آوازن کي بلڪل ترڪ ڪيو ويو آهي. انهن جي برابر خبر تڏهن پوندي جڏهن لکيل صورت کي نظرانداز ڪري، اچاريل آوازن کي ٻڌبو ۽ انهن تي سوچبو...

سنڌي ڪتابن ۾ 'ڦيائُ، ٻُيارُ' ۽ 'ڪياڙي' لفظن ۾ [ڏ] [پ] ۽ [ڪ] کي ساڪن نه سمجهي، انهن کي متحرڪ بنائڻ لاءِ {انهن اکرن} هيٺ [اِ] سُر ڏنو ويو آهي... انهن گڏيل آوازن ۾ پهريان 'جوڙ' ساڪن آهن، انهيءَ ڪري سنڌي ڪتابن ۾ درستيون آڻڻ جي گهڻي گهرج آهي. مثلاً:

| منڍ وارو گڏيل آواز | سنڌي ڪتابن ۾ ڪم ايندڙ صورت | درست صورت |
| --- | --- | --- |
| /پـرَ-/ | ٻرِيمُ | ٻريمُ |
| /ڦ يَ-/ | ڏِيانُ | ڦيانُ |
| /ڦ يَ-/ | ڏِياري | ڦياري |
| /ٻ يَ-/ | ٻِيارُ | ٻيارُ |
| /ڳ يَ-/ | ڳِيانُ | ڳيانُ |

ٻا/ريمُ/، ڦا/ يانُ/ ۽ٻا/ ييائي/ ۾ پهريان ساڪن آواز، ٻئي جوڙ {componant} سان گڏ، گڏيل آواز ڪان پوءِ ڪم ايندڙ سُـرَ سان متحرڪ ٿين ٿا. (هيءُ هڪ نئون فني بحث آهي، جنهن لاءِ لکيل صورت تي نه، بلڪ اچاريل آوازن کي ٻڌڻ ۽ ان تي سوچڻ جي ضرورت آهي.) (الانا [1969] 76-80)

"سنڌي صورتخطي" ڪتاب ۾ سنڌي صورتخطي جي سوين چڪن کي دليلن سان نروار ڪيو ويو آهي. ايتريقدر جو سنڌيءَ جي معتبر ۽ ابتدائي ڪتابن، جيئن 'جامع سنڌي لغات'، 'سنڌي پرائيمر' ۽ 'سنڌي پهريون ڪتاب' ۾، نه صاف ۽ گهٽڻ وائل آوازن جي تحريري نشانن کي به 'جزم' (جيڪا 'ساڪن' يا 'بناوائل' هجڻ جو نشان آهي) جي نشان سان نروار ڪيو ويو آهي جيئن 'ڪِيت'، 'ڪَڏِجي'، 'وسائي'، 'ساراهِيـون'، 'آهي'، 'هِيءَ'، 'ٻِتِـلِي'، 'مُـوري'، 'تُـوري'، 'پـيو' وغيره (ڏسو "صورتخطي"، ص 80-81). متي، 'سنڌي ڪتابن ۾ ڪم ايندڙ صورت' هيٺ ڏِيَان' ۽ 'پِيار' صورتون به ڄاڻايل آهن جن ۾ اصولن 'ي' جي مٿان زبر جو نشان ڏيڻ غلط آهي. انهن ۽ اهڙين سوين غلطين جي نشاندهي توڙي جو گهٽ ۾ گهٽ 26 ورهه اڳ ڪئي وئي آهي پر اڄ سوڌو سنڌي لکت ۾ عام آهن.

هن سڄي ڳالهه ٻول کي ذهن ۾ رکي هينيان نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا:

1. سنڌي جي ڪيترن ئي معتبر ۽ ابتدائي ڪتابن ۾ هزارين ٻولن جي صورتخطي غلط لکيل آهي. توڙي جو، اها مجيل مڃايل حقيقت آهي ته وائل آواز ڪڏهن به، ڪنهن به

حالت ۾ ’ساڪن‘ يا ’بناوائل‘ تي ئي نہ تو سگھي تہ پوءِ ان جي تحريري نشان تي ’جزم‘ ڏيڻ جو مطلب ڇا ٿيو؟ وري جيڪو وائڃڻ آواز عام مفهوم موجب ’ساڪن‘ آهي ۽ ان جي تحريري نشان — اڪر — تي بہ جزم جو نشان آهي پر پوءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن وائل جي مدد سان هجي ڪيو ۽ ڇنو اچاريو وڃي ٿو، ان جو مطلب ڇا ٿيو؟ اسان پنهنجي صورتخطي جي غلطين وسيلي وائل کي ’ساڪن‘ ڪريو ڇڏيون ۽ هِجي جي غلطين وسيلي ساڪن کي متحرڪ، وائلڪ يا واڪائِي (vocalic) ڪريو ڇڏيون!

2. صورتخطي جي غلطين ۽ هجي جي غلطين سبب سوين سنڌي ٻولن جو حقيقي اچار بگڙي چڪو آهي.
3. سنڌي ٻوليءَ ۾ هر ٻول جو پهريون آواز هر حالت ۾ متحرڪ هجي، لازمي ناهي — اهو ’ساڪن‘ بہ ٿي سگهي ٿو، پر اڄ ڏينهن تائين اهو اسان کي متحرڪ ڪري هِجي ڪرايو ۽ پڙهايو وڃي ٿو. ڇا اهو ممڪن ناهي تہ، بلڪل ان مثال جيان، ڪيترن ئي سنڌي ٻولن جا آخري آواز هلڪا متحرڪ (جن کي عام طرح ’ساڪن‘ چيو وڃي ٿو) هجن پر اڻڄاڻائيءَ، گهٽڄاڻ يا غلطيءَ سبب انهن کي متحرڪ اچاريندا هجون؟
4. وائڃڻن جي ميڙ (cluster of consonants) ۾ جيڪڏهن پهريون اکر ’ساڪن‘ آهي تہ ان جو اچار ڪيئن ٿيڻ گهرجي، ان جي ڪا بہ سمجهاڻي نہ ٿي ملي، ۽ انهن جي هِجي ڪيئن ٿيڻ گهرجي، اهڙي سمجهاڻي خود الانا صاحب جن جي بہ، ڪنهن بہ ڪتاب ۾ نہ ٿي ملي توڙي جو انهن جي نشاندهي پاڻ ئي ڪن ٿا.
5. صورتخطي جي غلطين سبب، ۽ سنڌي ۾ تمام گهڻين غلطين سبب ڪيترن ئي ٻولن جي صحيح آوازن ۽ اچارن کي محفوظ رکي نہ سگهيا آهيون.
6. ٻول جي چندڄاڻ مهل بنيادي حيثيت ان جي لکيل صورت کي مليل نہ هجڻ گهرجي، ٻول جي آوازن ۽ اچار کي پهرئين حيثيت ڏيڻ گهرجي.
7. ڪيترائي ٻول ٻن يا ٻن کان وڌيڪ تحريري صورتن ۾ لکيا وڃن ٿا ۽ ڪي تحريري نشان ٻول جي آوازن سان مڪمل هم آهنگي نہ ٿا رکن.

ليکڪ جو سڌو راسطو ضلعي لاڙڪاڻي جي رهاڪن سان آهي ۽ (جنرل) فزيشن هئڻ جي ڪري زندگيءَ جي هر شعبي جي ماڻهن سان لھ وچڙھ ۾ رهي ٿو. هِتي، ماڻهن کي جڏهن /ڪياڙي، ڏياري، پيار، ڌيان، گيان/ وغيره جهڙا ٻول ڳالهائيندي ٻڌجي ٿو تڏهن پڪ سان چوڻو پوي ٿو تہ اهي انهن ۽ اهڙن ٻولن جو پهريون آواز بلڪل هلڪو متحرڪ (”ساڪن“) رکن ٿا. جيستائين تعلق آهي اسڪولن ۾ پڙهائيءَ جو، شايد ئي ڪو هجي جيڪو اهڙن ٻولن جي پهرئين آواز کي ’زير‘ سان نہ پڙهائيندو هجي. ’سنڌي صورتخطي‘ جي موضوع تي سجو ڪتاب لکڻ باوجود الانا صاحب جن اهڙن ٻولن جي پڙهڻي نہ سيکاري آهي.

ليکڪ جي راءِ موجب اهڙن ٻولن جي پڙهڻي هن طرح هجڻ گهرجي:

- ڪياڙِي: ڪاف يي الف ڪيا، ڙي يي زير ڙِي ... ڪياڙِي
- ڪياڙُ: ڪاف يي الف ڪيا، ڙي يي پيش ڙُ ... ڪياڙُ
- ڌِ ڻيارِي: ڏال يي الف ڻيا، ري يي زير رِي ...ڌِ ڻيارِي
- ٻِياڙُنِي يي الف ٻِيا، ري پيش رُ ..ٻِيارُ

۽ اهڙيءَ طرح ٻيا.

## باب يارهون

# پــد

- پد (Syllable): ٻول جو اهو حصو جيڪو آواز جي اڪيلي سٽ (effort) ۾ چيو ويو هجي. (چيمبر'س ڊڪشنري)
- نندي ۾ نندو لئہ پريو (rhythmic، مترنم) ايڪو جيڪو ڪنهن وائل يا رتل (sustained، رسيل، گهيري، برقرار رهندڙ، چٽي) وائجڻ کي شامل رکندو هجي. اهو اڪثر ڪري ڪنهن نہ ڪنهن اڻرتل (un-sustained) وائجڻ جي اڳيان يا پٺيان اچي ٿو. لکيل ٻوليءَ جو اهڙو ئي هڪ يونٽ. (آڪسفورڊ ڊڪشنري)
- صوتيا پاڻ ۾ ملي پد ناهين ٿا ۽ پد پاڻ ۾ ملي لفظ ناهين ٿا. (جتوئي [1983] 82)

جتوئي صاحب جن جو پد ۽ لفظ بابت هيءُ تصور هڪ حد تائين منجهائيندڙ آهي. "صوتيا (وائيا) پاڻ ۾ ملي پد ناهين ٿا" جو سڌو مطلب اهو آهي تہ هڪ پد ۾ اوس هڪ کان وڌيڪ صوتيا (وائيا) موجود هوندا ۽ "پد پاڻ ۾ ملي لفظ ناهين ٿا" جو سڌو مطلب اهو آهي تہ هڪ لفظ ۾ اوس هڪ کان وڌيڪ پد موجود هوندا، جڏهن تہ حقيقت ائين ناهي. ڪي ئي ٻول اهڙا آهن جيڪي رڳو هڪ وائيي تي ٻڌل آهن جيڪو اڪيلي سِر پد ئي هوندو آهي، ۽ ڪيترائي اهڙا پد آهن جيڪي اڪيلي سر مڪمل ٻول آهن. اهڙن ٻولن جا مثال هي آهن:

/ ن (نہ)، ت (تہ)، ڇ (ڇهہ)، ٻ (ٻہ)، ٻ (ٻہ) ، هي، هِي، هُو، هو، سا، سو، سي، ها، يا، ڪا، ڪو، ڪي ، ڪِي، جا، جو، جي، جِي، مان، تون، تو، آن، سان، ڪان، تان، جان، ۾، چو، ڇا، ڄون، ڦون، مون، هان/ وغيره. اهي سڀ يڪوائيا (mono-phonemic) بہ آهن تہ يڪپد (monosyllabic) بہ ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي مڪمل ٻول بہ.

الانا صاحب جن مختلف عالمن جي راين کي آڏو رکندي جن صورتن کي ٻول جو ڏاتو سڏن ٿا انهن مان ڪي هِي آهن: لِکَ پ، ـڙهہ ڊاهہ ڪا- ۽اِڄ سِڙ مـرُ، ڙتہ ذ، ـرُ قِـس،.../ (الانا [1987] 40-42). اهي سڀ ڏاتو يڪپدا آهن. ان ڪري جتوئي صاحب جن جي اها راءِ تہ "صوتيا ملي پد ناهن ٿا ۽ پد ملي لفظ ناهن ٿا" مڪمل مفهوم ظاهر نہ ٿي ڪري.

| {ٻول} | | {ٻول جا پد} |
|---|---|---|
| چمڪو | = | چم + ڪو |
| هلڪو | = | هل + ڪو |
| مڪتب | = | مڪ + تب |
| مطلب | = | مط + لب |

هڪل = هہ + ڪل
ڏياري = ڏيا + ري
پڙهو = پَ + ڙهو
نِٻ = نِ + ٻ
ست = سَ + ت
ڪٿ = ڪَ + ٿ
ڪتو = ڪ + و

(جتوئي [1983] 87-88)

هتي ٻه سوال اڀاري انهن تي ضرور سوچڻ گهرجي؟

(1) متي جيڪي ٻه پد ظاهر ڪيا ويا آهن ڇا اهي مختلف صوتين {وائين} جو ميلاپ آهن؟

(2) ڇا /هڪل، نٻ، ست، ڪٿ ۽ ڪتو/ جا پد رڳو ائين ئي تي سگهن ٿا، جيئن ٻڌايا ويا آهن يا انهن جي ڪا ٻي صورت ٻه ٿي سگهي ٿي؟

پهرئين سوال جو جواب ڳولڻ کان اڳ هيءَ راءِ ذهن ۾ رکي وڃي ته ”اهي آواز جيڪو معنوي فرق پيدا ڪن ٿا تن کي صوتيو سڏجي ٿو“ (جتوئي [1983] 75)، ۽ سادي ٻول بابت ٻي اها راءِ ٻه ته ” مثلا /ڪٿ/ جا ٻه جزا ٿي سگهن ٿا: /ڪ/ ۽ /ٿ/. اهي ٻي مطلب آهن.“ (جتوئي [1983] 110) پهرئين راءِ جي روشنيءَ ۾ متي ڏنل پدن کي جاچبو ته اهي علمي طرح مختلف صوتين {وائين} جو ميڙ آهن، ڇو ته آوازن کان سواءِ ٻول نٿي نه ٿا سگهن ۽ ٻيءَ راءِ کي ڏسبو ته متي ڏنل سمورا پد ٻي مطلب آهن، يعني مطلب وارين شين {صوتين، وائين} جو ميڙ ٻي مطلب آهي!

پد يقيناً هڪ آواز يا ڪجهه آوازن جو ميلاپ آهي ۽ آواز ٻول ۾ مطلب ئي پيدا ڪندو آهي. ان ڪري پد جي وصف لاءِ لازمي شرط هڪ سٽ ۾ اچاريل آواز يا آواز آهي.

- هيٺين لفظن ۾ /سچ/ اچي ٿو:

سچائي / سچ + آئي/
سچي / سچ + اِي/
سچو / سچ + او/
سچيرو / سچ + ايرو/

متين لفظن ۾ /سچ/ هڪ پد آهي... (جتوئي [1983] 111)

۽ /سچ/ مطلب رکندڙ آهي (ڏسو حوالو ساڳيو)، /سچ/ ۽ ” ڇ، هل، مڪ ۽ مط“ سڀ جو سڀ آواز جي اڪيلي سٽ ۾ اچاريل آواز آهن پر هڪ مطلب وارو آهي ۽ ٻيا ٻي مطلب آهن، يعني پد مطلب وارو ٻه ٿي سگهي ٿو ته ٻي مطلب ٻه ۽ ظاهر آهي ته پد آواز يا آوازن جو

ميلاپ آهي ۽ هر صوتيو بهرحال ڪو نہ ڪو آواز ئي هوندو آهي. ان ڪري پد لاءِ صوتين جي ميل بدران آواز يا آوازن جو ميل چوڻ گهرجي، اهو مطلب وارو بہ ٿي سگهي ٿو تہ بي مطلب بہ، پر پد هجڻ لاءِ لازمي آهي تہ آواز جي اڪيلي ڪوشش ۾ اچاريو ويو هجي.

- پد هڪ آوازي لهر آهي جا بلندي جي طرف ايري ٿي ۽ هيٺائين تي لهي ٿي ۽ وري جڏهن بلندي جي طرف ايري ٿي تڏهن بيو پد ناهي ٿي. (جتوئي [1983] 85)

پد جي هيءَ وصف وڏيڪ جامع ۽ درست آهي، ۽ ليکڪ ان سان اتفاق رکي ٿو.

- هڪ پد اورپ جي زنجير ۾ (in the chain of utterance) راڙ (loudness) جي چوٽي آهي، هڪ ڳالهائيندڙ جي acoustic power output {آوازدار قوت جي اظهار} جي، جيئن اها وقت سان گڏ لاهہ چاڙهہ ڪندي وڃي، اوهين جيڪڏهن ماپ ڪري سگهو تہ جاٽي سگهندا تہ اهو لاهہ چاڙهہ لاڳيتو چوٽيون ۽ ماتريون ناهيندو وڃي ٿو. چوٽيون پد آهن. (باربر [1982] 86)

هاڻي اچون ٿا ٻئي سوال جي جواب ڏانهن.

/نِبُ/ (nib) هڪ اڌارو ٻول آهي ۽ يڪپد ٿئي ٿو. پنهنجي ٻوليءَ ۾ اهو واحد جي بہ معنىٰ ظاهر ڪري ٿو ۽ نادر ٻول آهي. سنڌي ۾ عام مروج اچار /نِبُ/ ۾ /ا/ ان جي واحد هجڻ جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ جملي ۾ ان جي حالت بہ، پر سنڌي ۾ اهو ٻول 'مونث' جي صيغي سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. /نِبُ/ کي /نِ ۽ بُ/ پدن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو ۽ /نِب ءُ/ ان جي واياڃاٽي تحريري صورت ٿيندي.

/سَٽ ۽ ڪَٽَ/ بہ اهڙا ئي ٻول آهن. /س ۽ ٽ/ ۽ /ڪ ۽ ٽ/ ان جا پد ٿيندا ۽ وايا جاٽي تحريري صورت /سَٽ + ا/ ۽ /ڪَٽا+ / ٿيندي.

پر /ڪتو/ جا پد ڪندي هڪ سوال بہ ايري اچي ٿو. جتوئي صاحب جن /ڪتو/ جا پد /ڪ + تو/ ڪيا آهن ۽ /سچو/ کي /سچ + او/ ۾ ٽوڙي /سچ/ کي پد سڏيو آهي، تڏهن چو اهو سوال نہ ڪجي تہ، /ڪتو/ کي /ڪٽ + او/ جي صورت ۾ چو نہ ٿو ٽوڙيو وڃي؟

حقيقت اها آهي تہ /ڪتو/ ۽ /سچو/ ۾ 'ت' ۽ 'چ' وٽ هڪ شد جهڙي ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي (جيڪا سنڌي ۾، عام ڪري، لکت ۾ ظاهر نہ ڪئي ويندي آهي). ساڳيءَ طرح 'نِبُ'، 'سَٽ' ۽ 'ڪَٽ' جي 'ب'، 'ٽ' ۽ 'ٽ' تي واري سِر اهڙي ڪيفيت کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

- عام طور سنڌي صورتخطيءَ ۾ شد جي نشاني ڪم نہ آندي ويندي آهي، حالانڪ اچار ۾ ڪي آواز، ڪن اصولن هيٺ (جن جو هت ذڪر نہ ٿو ڪيو وڃي) مشدد (geminated) ٿين ٿا. (الانا [1969] 86)

عربيءَ ۾ شد کي قائم رکيو ويو آهي ۽ انهن (آوازن جي نمائنده) اکرن تي ظاهر ڪئي وڃي ٿي جيڪي سختيءَ يا زور کي ظاهر ڪندا هجن. جڏهن هڪ جهڙا بہ اکر (جن مان هڪ

عام طرح جهيٽي آواز ۽ ٻيو ڇٽي/متحرڪ آواز جو حاصل هوندو آهي) هڪ ٻئي جي ڪڍ ايندا تڏهن اهڙا ٻہ اکر لکڻ بدران هڪ اکر لکي ان تي شد ظاهر ڪئي ويندي آهي. ٻيو ان اکر تي شد اپاري ويندي آهي جيڪو ٻول ۾ شدت يا گهٽي ڇٽائي ڏيکاري.

سنڌي ۾ شايد ئي ڪو اهڙو لفظ هجي جنهن ۾ هڪ ٻئي جي ڪڍ ايندڙ هڪ جهڙن آوازن کي لکت ۾ هڪ اکر وسيلي ظاهر ڪرڻ مقصود هجي. البتہ شدت، زور يا ڇٽائي ٻول جي ڪن ڪن آوازن ۾ اوس ٿئي ٿي. سنڌيءَ ۾ توڙي جو اهڙي نمائندگي ڪندڙ اکرن تي شد نہ ٿي ڏني وڃي پر آواز کي محسوس ڪجي ٿو. ليڪڪ ان راءِ جو آهي تہ ڪنهن جهيٽي آواز جي ڪڍ جڏهن ڪو وائل ڳنڍجي اچي ٿو تڏهن اتي اهڙو احساس اپري ٿو. /سچو/، /ڪٽو/ ۽ اهڙن ٻين هزارين ٻولن ۾ /سچ/ ۽ /ڪٽ/ جي ڪڍ جڏهن /او/ ڳنڍجي اچي ٿو تڏهن /سچ/ جو [چ] ۽ /ڪٽ/ جو [ٽ] شد جهڙي ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ لڳن ٿا. ان ڪري ليڪڪ سمجهي ٿو تہ اهڙن ٻولن جي پدن کي پد جي حوالي سان ظاهر ڪرڻ مهل /ڪ + ٽو/ ۽ /س + چو/ جي صورت ۾ تہ ظاهر ڪري سگهجي ٿو پر وائياڄاڻي (phonemic) حوالي سان نہ، ان حوالي سان اهي آواز /ڪٽ + او/ ۽ /سچ + او/ آهن، ۽ اتي / سچ ۽ ڪٽ/ هڪ هڪ پد ناهن ٿا.

/هڪل/ جا پد /هہ + ڪل/ ڏيکاريا ويا آهن. اکرن تي جيڪڏهن تحرڪ جون نشانيون ڏيکاريل هجن ها تہ انهيءَ ٻول تي ڳالهائڻ سولو ٿي پوي ها. بهرحال، ان ٻول /هڪل/ جون ممڪن واياڄاڻي (phonetic) صورتون هيٺ ڏجن ٿيون.

(1) هَڪَل /هہ + ڪ + ل/. اهو ٻول جنهن نموني آوازيون ٿا، ان لحاظ کان ان جا ٽي پد آهن. اهو ٻول اسم واحد آهي ۽ مؤنث سمجهيو وڃي ٿو.

(2) هَڪِل / هڪ + لِ/. ان ٻول کي کي /هڪِل/ /هہ + ڪِ + لِ/ بہ اچارن ٿا جيڪو درست ناهي. / هڪِل/ جا بہ پد ٿيندا ۽ اهو ٻول امري صيغو آهي.

(3) /هڪل/. ليڪڪ جي نظر ۾ يڪپد ۽ ڌاتو ٻول آهي.

/هڪل/ جو مثال سنڌي ٻوليءَ بابت هڪ نئين تہ نہ، پر پختي تصور جو واڌارو ڪري ٿو.

- عام طرح هيءَ ڳالهہ مڃي وئي آهي تہ سُر {وائل} اڪيلي سر يا وينجن {وائڄڻ} سان ملي پد ناهي ٿو. مگر ڪي اهڙيون زبانون بہ آهن جن ۾ ڇٽو وينجن {رٽل وائڄڻ} هلڪي وينجن {اڻرٽل وائڄڻ} کان پوءِ اچي پد ناهي ٿو ۽ سُر جو ڪم ڏئي ٿو مثلاً **بٽن** (Button) جو صحيح اچار 'بُٽنَ' آهي... اهڙي وينجن کي **پدائتو وينجن** سڏجي ٿو. اسان جي سنڌي زبان ۾ اها حالت ناهي. (جتوئي [1983] 83)

ليڪڪ اها ڳالهہ سمجهڻ کان قاصر آهي تہ [ن] ڪيئن "سُر جو ڪم ڏئي ٿو"؟ مروج مفهوم موجب 'بُٽن' جا آواز جيڪڏهن ظاهر ڪبا تہ هن طرح لکبا: [ب] + [ا] + [ٽ] + [ن] هڪ سڌو سنئون وائڄڻ چو وائل قرار ڏنو وڃي ٿو؟ /هڪل/ ([هہ] + [ا] + [ڪ] + [ل]) مروج

مفهوم موجب بلڪل اهو ساڳيو اِنڊل (pattern) ناهي تو. وري، جتوئي صاحب جن پاڻ به چون ٿا ته سنڌي ۾ ”و س و و“ (يعني وينجن + سر + وينجن + وينجن) وارا پد نهن ٿا، جنهن جي مثال ۾ /نرس، پرس ۽ هرج/ ٻول پيش ڪيا اٿائون ([1983] 84) پر پوءِ به چون ٿا ته ”اسان جي سنڌي زبان ۾ اها حالت ناهي“!

ٻئي پاسي هدايت پريم صاحب جن انهيءَ راءِ تي تنقيد ڪندي چون ٿا:

- منهنجي خيال ۾ و س و و وارو پد سنڌيءَ ۾ نه آهي. جتوئي صاحب جن مثال ڏنا آهن: نرس، پرس ۽ هرج. هي ٺيٺ سنڌيءَ جا لفظ نه آهن پر دخيل لفظ (loan words) آهن. (پريم [1992] 58)

ليڪڪ جي نظر ۾ / هٺل/ اهو ٻول آهي جيڪو ان انڊل تي پورو نهڪي تو. اهڙا ڪي ٻيا مثال آهن: /ڪرڪ/ (ڪرڪڻ)، /ٻرڪ/ (ٻڙڪڻ)، /ڊِيڪر/ (ڊِڪرڻ)، /گهرڪ/ (گهرڪڻ)، /ٿڪ/ (ٿتڪڻ)، /ڊِرڪ/ (ڊِرڪڻ)، /مرڪ/ (مرڪڻ)، /ڪِسڪ/ (ڪسڪڻ)، /گهرج/ (گهرجڻ) ۽ ٻيا ڪيترائي.

- و س س {وينجن + ڊگهو سُر + ننڍو سُر} يا ان کان وڌيڪ سٽا وارو پد سنڌي ۾ ٿي نه تو سگهي. (جتوئي [1983] 84)

جتوئي صاحب جن ان جي مثال ۾ /لاءِ، هوءَ، ماءُ/ ٻول آندا آهن ۽ انهن مثالن جي ڪري هڪ منجهائيندڙ صورتحال پيدا ٿئي ٿي. مٿي ڏنل ترتيب يعني ’و س س‘ کي نظر ۾ رکي مروج مفهوم موجب انهن ٻولن جا آواز ٿيندا:

لاءِ = [لِ] + [آ] + [اِ]

هوءَ = [هہ] + [او] + [اَ]

ماءُ = [مہ] + [آ] + [اُ]

هاڻي اسان جيڪڏهن پنهنجي يادگيري کي اتلايون ۽ ٻسُري (diphthong) طور جتوئي صاحب جن جي ڏنل مثالن يعني /ڪاءُ، لاءِ، پوءِ، پيءُ، سيءُ ۽ سوءَ/ کي ورجايون ته حقيقت ڪيئن ٻيهندي؟

- /ڪاءُ/ ۽ /لاءِ/ جي آخر ۾ ڳالهائڻ وقت محسوس ٿيندڙ آواز ٻسرو آهي.
- /ماءُ/ ۽ /لاءِ/ ۾ هڪ وائڄڻ، هڪ ڊگهو وائل ۽ هڪ ننڍو وائل آواز آهن.
- /سوءَ/ جي آخر ۾ ڳالهائڻ وقت محسوس ٿيندڙ آواز ٻسرو آهي.
- /هوءَ/ جا آواز هڪ وائڄڻ، هڪ ڊگهو وائل ۽ هڪ ننڍو وائل آهن.

يعني هڪ ٻسرو وائل برابر آهي هڪ ڊگهي وائل ۽ هڪ ننڍي وائل جي!

ليڪڪ اهڙيءَ سوچ سان سهمت ٿي ئي نه تو سگهي.

هڪ ٻسرو هڪ وائل ئي آهي. اهو ٻن وائلن (۽ انهن مان به هڪ ڊگهي وائل ۽ ننڍي وائل) جو ميلاپ ٿي ئي نه تو سگهي. نمبر هڪ ڳالهه.

هڪ ٻئي جي ڪيڏ ايندڙ ٻه وائل (ٻئي ننڍا هجن يا ڊگهو ۽ ننڍو) ڪڏهن ٻه هڪ پد نه ٿا ٿاهي سگهن. نمبر ٻي ڳالهه.

نمبر ٽين ڳالهه ته اهي ڳالهائڻ ۾ ٻسرا چو تا محسوس ٿين يا هڪ پد چو تا محسوس ٿين، ان لاءِ "سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت" وارو باب ڏسجي.

پد جي حوالي سان اجا هڪ نُڪتو ٻيو ٻه آهي، جنهن جي وضاحت ڪان پوءِ پد جي وصف ڪي سولائيءَ سان بيان ڪري سگهجي ٿو.

- سنڌيءَ ۾ زمان ماضي ناهڻ لاءِ بنياد جي پويان /يو/ ملائبو آهي: جيئن ته

/لِک/ مان /لکيو/

/پڙهه/ مان /پڙهيو/ (جتوئي [1983] 120)

- مگر ڪن حالتن ۾ بنياد جو پهريون پد قائم ڪري ان جي پنيان /يو/ جي بدران ڪو ٻيو پد ملائبو آهي. مثلاً:

/ڪاڍِ/ مان /ڪاڍو/

/آڻ-/ مان /آندو/

/وِٺ-/ مان /ورتو/ (جتوئي [1983] 121)

- (الف) [-يو] پڇاڙي، فعلي ڌاتوءَ جي پويان فقط تڏهن ئي ملائي سگهجي ٿي، جڏهن ان جي ملائڻ کان اڳ، ڌاتوءَ ۾ بنيادي طور ڪا ٻه تبديل ڪا نه ايندي آهي.

(ب) [-او] پڇاڙي، ڌاتوءَ جي پويان ان وقت ملائبي آهي جڏهن ان ڌاتوءَ جو فعل 'لازمي' هوندو آهي، ۽ اها پڇاڙي ملائڻ کان اڳ ڌاتوءَ جي پوئين وينجن يعني پد ۾، صوتي تبديل ايندي آهي: مثال طور:

وس > وِٺ + او = وٺو

ٻهه > ٻَٺ + او = ٻَٺو

ڦِس > ڦِٽ + او = ڦِٽو (الانا [1987] 53-54)

هتي نوٽ ڪرڻ گهرجي ته جتوئي صاحب جن جنهن شيءِ کي 'بنياد' سڏن ٿا (ياڻ 'بنياد' ۽ 'ڌاتو' ۾ فرق ڪن ٿا) ان کي الانا صاحب جن 'ڌاتو' سڏن ٿا. جتوئي صاحب جن چون ٿا ته "بنياد" جو "پهريون پد" قائم ڪري پوءِ ٻيو ڪو پد ملائبو آهي. /وِٺ/ "بنياد" جو "پهريون پد" /ورتو/ ٻول ۾، جيڪڏهن آهي ته اهو /وا/ ئي ٿي سگهي ٿو، جنهن سان پويون "مليل پد" /رتو/ ئي ٿي سگهندو!

اڪيلو /او/ ته برابر هڪ پد آهي پر /ورتو/ ۾ /وا/ پد ناهي، اتي ممڪن پد /ور + تو/ يا /ورت + او/ ئي ٿي سگهن ٿا. /وِٺ/ واري /او/ جو /ورتو/ واري /او/ سان جيڪڏهن ڪو ناتو آهي ته ڪيئن آهي؟ ڇا /وِٺ/، جيڪو پاڻ هڪ پد آهي ان کي هڪ پد /او/ ۽ ٻئي پد /ٺ/ ۾ ٽوڙي سگهڻ ممڪن آهي؟ ڇا /ٺ/ ٻه ڪو پد آهي؟

اهو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ الانا صاحب جن ڌاتوءَ جي پوئين وائڃڻ کي پد سڏن ٿا. ڌاتوءَ جو پويون وائڃڻ مٿي ڏنل ٻولن ۾ /س/ ۽/هہ/ آهي. ڇا اهي پد سڏي سگهجن ٿا؟ /وس/، /هہ/ ۽ /ڦس/ مان هر هڪ ۾ پد گهٽا؟ ڇا ڪنهن ٻول ۾ ”ساڪن“ وائڃڻ (وينجن) کو پد ناهي سگهي ٿو؟ جهيٽو وائڃڻ ڪنهن پد جو جز تہ ٿي سگهي ٿو، اڪيلي سر پد نہ ٿو ٿاهي سگهي. الانا صاحب جن اتي ماترا کي پد قرار ڏنو آهي.

هن سڄي بحث جي روشني ۾ پد جي وصف هن طرح بيهي ٿي:

”ٻول يا ٻول جو اهو ننڍي ۾ ننڍو، لئہ پريو، آواز جي اڪيلي ست (effort، ڪوشش) ۾ چيل حصو، جيڪو ڪنهن وائل، رتل وائڃڻ يا وائل وسيلي جهڳٽو ٿيل (clustered) وائڃڻن کي شامل رکي ۽ هڪ آوازي لهر تي پکڙيل ٿئي ٿو.“

- انسان جي اوئلي ٻولين ۾ هر پد جي معنىٰ الڳ هئي، جنهن جو زنده مثال چيني ٻوليءَ مان ملي ٿو، ۽ اهي پد ئي ڌاتن جي حيثيت رکن ٿا — ان کري سمورين پراڻين ٻولين ۾ پد اڪيلا يا ٻين پدن سان ملي بلڪل نيون معنائون پيدا ڪن ٿا. کو بہ نئون پد جڏهن ڪنهن ٻئي ڌاتو پد سان ملي ٿو، تڏهن جيسين ان پد ۾ اڳيئي ڪا معنىٰ نہ هوندي، تيسين کو بہ نئون لفظ نہ نهندو. ٻوليون اتفاقي طرح پيدا نہ ٿيون آهن، پر انسان جي هزارين سالن جي فڪر ۽ ويچار جو نتيجو آهن. کو بہ پد بيڪار ۽ بي معنىٰ نہ آهي. البتہ ايئن آهي تہ ٻولين جي تاريخ ايتري تہ پراڻي آهي، جو هاڻ انهن معنائن کي ڳولي ڪيڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. ان هوندي بہ هر لسانيات جو ماهر ڪوشش ڪري اهڙين پڇاڙين ۽ پدن جون معنائون سوڌي ڪيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. (سراج [1964] 57)

”پد ڇا کي چئجي ٿو؟“، سراج صاحب جن ان بابت ڪا بہ وضاحت نہ ڪئي آهي، پر پاڻ جيڪي مثال ڏنا تن، جيئن /سُ/ يا /سُو/، /ڪ/ يا /ڪر/ ۽ /اگ/، /اگڙ/ يا /اگر/، انهن مان پد جو تصور چٽو ٿي اڇي ٿو.

ليڪڪ هتي ڪجهہ سوالن کي محفوظ رکي ٿو: (1) ڇا هر ٻولي جي پد کي هڪ معنىٰ آهي؟ (2) ڇا ٻوليءَ جو هر ٻول سوچي ويچاري جوڙيو ويو آهي؟ (3) ڇا ٻوليون اتفاقي طرح نهيون آهن؟

- ٻولين جي ارتقا جي ٽي درجا معلوم ڪيا ويا آهن: (1) بيلاڳي (isolating)، (2) امتزاجي (agglutinating) ۽ (3) صرفياتي (inflecting)◊

◊ نوٽ: ’inflecting‘ لاءِ سنڌي ۾ متبادل ’گرداني‘ (ڦيرو ڪائيندڙ) بہ ڪم آندو ويو آهي.
سنڌي ٻوليءَ ۾ مشتق (derived) لفظن ۽ ”ڦريل صورت“ (inflected form) وارن لفظن ناهڻ لاءِ اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ٻئي اهم حصو ادا ڪنديون آهن. پر جملي ۾ اسم، ضمير وغيره جي جمع (number {عدد})،

جڏهن ٻولي ٻيلاڳي پد تي هوندي آهي تڏهن ان جي لفظن جون صورتيون {؟، صورتون} ڦيرو نہ ڪائيندڙيون آهن. چيني زبان انهيءَ پد تي آهي. جڏهن زبان امتزاجي پد تي هوندي آهي تڏهن ثانوي لفظن ناهڻ لاءِ ابتدائي لفظن کي بنياد بنائي ان جي پنيان جوڙ ملائيندي ويندي آهي. ترڪي زبان انهيءَ پد تي آهي. جڏهن زبان صرفياتي {Inflecting} پد تي هوندي آهي تڏهن ان جي لفظن جي صورتن ۾ صرفي◊ {؟، Morphological، Morphic، Inflecting} اثر هيٺ ڦيرو ايندو آهي. سنڌي زبان انهيءَ پد تي آهي. (جتوئي [1983] 186)

- ٻولين جي اندروني بناوت... {جي حوالي سان} سيني ٻولين کي ٽن قسمن ۾ ورهايو ويندو آهي:

چـڙن پدن واريون ٻوليون (Isolating Languages)
ڳنڍيندڙ پدن واريون ٻوليون (Agglutinating Languages)
ڦيرو ڪائيندڙ پدن واريون ٻوليون (Inflecting Languages)

**چڙن پدن واريون ٻوليون:**

هي اهي ٻوليون آهن، جن ۾ اچار ۽ پد بلڪل هڪ ٻئي کان الڳ، ڇڙا ۽ اڪيلا استعمال ٿين ٿا — ۽ پنهنجي پنهنجي مستقل معنيٰ رکن ٿا. جملي اندر انهن پدن کي ڦيرائبو تہ انهن لفظن جي معنيٰ ۽ صورت ۾ ڪو بہ ڦيرو نہ ايندو. هن قسم جي ٻولين جو بهترين مثال چيني ۽ ان سان لاڳاپيل ٻوليون آهن. مثال طور هي جملو ڏسو:

---

حالت (case) وغيره جي گردانن يا ڦيرن لاءِ جيڪي پڇاڙيون (اِ، آ، اُ، اي) ڪم اينديون آهن تن کي ’اعراب‘ (inflection) چئبو آهي. پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هر زبر يا زير کي اعراب ڪو نہ چئبو پر اها زبر يا زير جيڪا ڪنهن اسم جي پڇاڙيءَ ۾ اچي، ان جي عدد، حالت ۽ جنس جو گردان ڏيکاري، تنهن کي اعراب چئبو. (الانا [1987] 53-52)

- Inflect

1. (ٻول جي) پوڇڙ (ending) يا صورت جي تبديلي جيڪا جملي ۾ (ان ٻول جي) ٻين ٻولن سان (ڪنهن بہ قسم جي) ناتيداري ڏيکاري.
2. (آواز) آلاپڻ، اندر موڙڻ: جهول (curve)، ونگ). (آڪسفورڊ ڊڪشنري) (ڏسو: صفحو 148)

- Inflection

1. ٻول جي ڦريل صورت، جيئن آهيان، آهيون، آهي: ڦيرو ڪرڻ لاءِ ڪم آندل پنجوڙ، جيئن -آن، -ڻ، (ڏسان، ڏسون...)
2. ڳالهائڻ دوران واڪي جو چاڙهہ ۽ لاٿ. (آڪسفورڊ ڊڪشنري)

◊ هن سجي تڪري ۾ اصطلاحن جي ترجمي ۽ اصطلاحن جي تخصيص نہ هجڻ سبب مونجهارو پيدا ٿي پيو آهي.

وو    ٻُو    پا    تا

(مان)    (نہ)    (ڊڄڻ)    (هو)

مان    نہ (ٿو)    ڊڃان    هن (ڪان)

اوهان ڏسندا تہ مٿيان چارئي لفظ هڪ هڪ پد (syllable) جا ٺهيل آهن. ان ڪري اهڙين ٻولين کي هڪ پد واريون ٻوليون (monosyllabic) پڻ سڏيو وڃي ٿو. انهن پدن کي اڳي پوءِ ڪرڻ سان بہ هڪ بامعنىٰ جملو ٺهندو، جنهن ۾ لفظن جي معنىٰ ڪا نہ تبديل ٿيندي.

تا    ٻو    پا    وو

(هو)    (نہ)    (ڊڄڻ)    (مان)

هو    نہ (ٿو)    ڊڃي    مون (ڪان)

(هو مون کان نہ ٿو ڊڃي)

هن مان اهو ثابت ٿيو تہ هر پد جدا معنىٰ رکي ٿو ۽ انفرادي طور ڪتب اچي ٿو. ان کي جملي ۾ ڪهڙي هنڌ بہ استعمال ڪريو، ان جي معنىٰ بہ نہ بدلجندي ۽ نحوي صورت ۾ بہ ڪو ڦيرو نہ ايندو.

**ڳنڍجندڙ پدن واريون ٻوليون:**

هي اهڙيون ٻوليون آهن، جيڪي مختلف پد هڪ ٻئي سان ڳنڍيندين ويندين آهن — ۽ ان طريقي سان نيون معنائون ۽ نيون نحوي صورتون پيدا ٿينديون رهن ٿيون. هن جو سنو مثال ترڪي ٻوليءَ ۾ ملي ٿو:

| | **ترڪي** | | **سنڌي معنىٰ** |
|---|---|---|---|
| اسم واحد: | اير | = | گهر |
| | اير+دين = ايردين | = | گهر مان = گهر کان = گهرئون يا گهرن |
| | اير+اِم = ايرم | = | گهر منهنجو = گهرم |
| | اير+اِم+دين = ايرمدين | = | گهر منهنجي کان = گهرانم |
| اسم جمع: | اير+لر = ايرلر | = | گهَرَ (گهٽا) |
| | اير+لر+دين = ايرلردين | = | گهرن کان = گهرائون |
| | اير+لر+ام+دين=ايرلرمدين | = | منهنجي گهرن کان |
| فعل: | دي | = | چوڻ |
| | دي يور | = | چوي ٿو |
| | دي يورلر | = | چون ٿا |

هن مان اوهان ڏسندا تہ جمع ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن ٻيءَ فعلي صورت لاءِ خاص پد لفظن جي پويان ڳنڍيا وڃن ٿا — ۽ معنائون ان مطابق تبديل ٿينديون رهن ٿيون. اوهان اهو بہ جاچيو هوندو تہ پهرين ٽئن صورتن ٽائين تہ سنڌيءَ ترڪيءَ جو ساٿ ڏنو، پر جڏهن جمع

{جو وارو} آيو تڏهن ترڪيءَ پنهنجي واٽ ورتي ۽ سنڌيءَ پنهنجي. ان ڪري جو سنڌي ٻه ٽوريءَ حد تائين ڳنڍجندڙ پدن واري ٻولي آهي...

## ڦيرو ڪائيندڙ پدن واريون ٻوليون:

هن ڳُٽپ ۾ هند-يورپي (هند-آريائي ۽ هند-ايراني) ۽ سامي ٻوليون اچي وڃن ٿيون. ڪنهن به نحوي يا فعلي صورت ۾ — عدد، جنس ۽ زمان جي ڦيري سان پدن ۾ ئي ڦيرو اچي وڃي ٿو. مثال:

هند- يورپي (سنسڪرت)

زمان حال غائب واحد: سنوتي = سُ + نو + تِي

(ڌاتو) (حال جي صورت) (ضمير غائب واحد)

زمان حال غالب جمع: سنونتي = سُ + ـو + ـنتِي

(ڌاتو) (حال جي صورت) (ضمير غائب جمع)

مٿئين مثال مان ڏسندا ته رڳو ضمير غائب جي واحد کي جمع ڪرڻ سان، پويان {اڳيان} ٻه-ٿي {هڪ} پد بلڪل بدلجي وڃن ٿا. ساڳي حالت سمورين هند-يورپي ٻولين سان آهي. انگريزيءَ ۾ هيءَ فعلي صورت ته اوهان ڏٺي هوندي:

Sing Sang Sung

سَنگ سينگ سِـڱ

ساڳيءَ طرح عربيءَ ۾:

قصدَ قصداَ قصدوَ وغيره.

۽ سنڌي:

ڏسان، ڏسون، ڏس، ڏسو، ڏسي، ڏسن وغيره.

انهن سمورن مثالن ۾ اها پدن جي ڦيري جي صورت موجود آهي.

مٿئين بيان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته سنڌي ڳنڍجندڙ پدن سان گڏ ڦيرو ڪائڻ واري ٻولي آهي، پر اهو ڳانڍاپو ۽ ڦيرو سنڌيءَ ۾ پنهنجو اصلوڪو آهي، ۽ هزارين ورهين کان ايئن آهي. (سراج (1964) 44-47)

ناميارو عالم مسٽر اوٽو ييسپرسن (Otto Jespersen) پنهنجي مشهور ڪتاب 'Language — Its nature, development & origin' (ٻولي — ان جي فطرت، واڌارو ۽ ٻڻ) ۾ چيني ٻولي بابت مٿي بيان ڪيل ذڪر سان سخت ۽ مدلل اختلاف ڪيو آهي (ص 367-373). چيني ٻوليءَ جي اڏپ (structure) ۾ هر ٻول هڪ پد رکي ٿو، نه وڌيڪ ۽ نه ئي وري گهٽ. اهڙي هر پد (ٻول) جون چار يا پنج ميوزيڪل لانيون (tones) ٿين ٿيون... اچار جو اهو طريقو جنهن وسيلي ٻول کي مختلف لانين سان اچارڻ جي ڪري معنيٰ ٻي ٿي وڃي ٿي... 'وئنگ' هڪ لانئي موجب

’بادشاھ‘ آھي ۽ ٻيءَ موجب ’بادشاھ تيڻ‘، ’لائو‘ ھڪ لانڊ موجب ’ڪم‘ آھي ۽ ٻيءَ موجب ’ڪمائي‘ (يا ’ڪم جو اجورو ڏيڻ‘)... اسين امڪان قائم ڪري سگھون ٿا تہ متي ڄاڻايل چيني ٻولن جي جوڙن ۾ مشتق (derived) پدن يا اعرابي (flexional) پڇاڙين وسيلي فرق ڪيو ويندو ھو جيڪي ھاڻي پنھنجي پويان لانڊ ۾ فرق ڪان ٻيو ڪو پاڇولو ڇڏڻ بنا گم ٿي ويون آھن... چيني ٻوليءَ ڪي ھاڻي ان مفروضي جي حمايت ۾ پيش نہ ٿو ڪري سگھجي تہ اسان جون آرين ٻوليون، يا سموريون انساني ٻوليون پھريائين ھڪ بنا گرامر ڳالھاءَ سان شروع ٿيون جيڪي يڪپدن پاڙ-ٻولن (root-words) تي ٻڌل ھو.

(ٻوليءَ جي ٻڻ بابت ييسپرسن صاحب جن جي بنيادي خيالن سان وري ٻين ڪيترن ئي عالمن ڪي اختلاف آھي.)

اھو سڄو ذڪر ڏيڻ جو مقصد ھتي اھو ڏيکارڻ ھو تہ پد ۽ ٻوليءَ جي پدائتي اڏپ خود ھڪ وڏي بحث جو موضوع آھن.

واياڃاڻ ۾ وڏين يا چورس ڏنگڙين ڪي ھڪ آواز جي نشاندھي ڪرڻ جو اھڃاڻ مقرر ڪيو ويو آھي. ليکڪ جي تجويز آھي تہ پد ڪي بہ ان صورت ۾ ئي ظاھر ڪيو وڃي توڙي جو پد ۾ آواز ھڪ نہ آھي. مثال:

لِـڪ = [ل + اِ + ڪ]

پـِـڙھ = [پ +ِ + ا +ڙھ]

ٻُـڌ = [ٻ +ُ + ا +ڌ]

ڪِـسـڪ = [ڪ + اِ + س + ڪ]

تِـرڪ = [ت + اِ + ر + ڪ]

ڪِسڪڻ = [ڪ + اِ + س] + [ڪ +َ + ا + ڻ]

۽ اھڙيءَ طرح وڌيڪ.

## باب ٻارهون

# جوڙپ ۾ اندروني تبديلي

جوڙپ (affixation) جي وضاحت ڪندي الانا صاحب جن چون ٿا:

- سنڌي ٻوليءَ جي اڳياڙين {Prefixes} ۽ پڇاڙين {Suffixes} کي، خودمختيار صورتن جي اڳيان يا پويان ملائڻ، نوان لفظ ناهبا آهن. اڳياڙين، پڇاڙين (۽ وچياڙين {Infixes}) کي لسانيات ۾ ”جوڙ“ (Affixes) چئبو آهي، جن کي سنڌن ڪارج جي لحاظ کان اڳياڙيون يعني جيڪي واسطيدار ڌاتوءَ جي منڍ ۾ ملايون ويندبون آهن، جن سان اهي نهڪي ايندبون آهن. پڇاڙيون انهن ڌاتوئن جي پويان ملايون ويندبون آهن جن سان اهي نهڪي ايندبون. وچياڙيون يعني جيڪي وچ ۾ ملائجن ٿيون... وچياڙ يون سنڌيءَ ۾ آيل ڌارن لفظن ۾ ملن ٿيون: جيئن: آمد و رفت، گفت و شنيد وغيره ۾ [و]. (الانا (1987) 43-44)

اهو تڪرو پڙهڻ کان پوءِ، فطري طرح، ڪي سوال اڀري اچن ٿا:

(1) ڪنهن به ڌاتوءَ جي اڳيان يا پٺيان، اڳياڙيءَ يا پڇاڙيءَ طور، ڇا ڪو ڌاتو يا ڪو به مرتب لفظ ڪم اچي سگهي ٿو؟

(2) اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي جوڙ لاءِ ته ڌاتو (جنهن سان اهي نهڪي اچن) جو شرط رکيو ويو آهي پر وچياڙين جي سلسلي ۾ چو اهڙو شرط موجود ناهي؟

(3) ”وچياڙيون جيڪي وچ ۾ ملائجن ٿيون“ چوڻ سان ڇا اهو سوال نه ٿو اڀري ته ڪنهن جي وچ ۾ ملائجن ٿيون — هڪ ڌاتوءَ جي وچ ۾ يا ٻن لفظن جي وچ ۾؟

- ”... ۽ وچياڙيون جيڪي ٻن لفظن جي وچ ۾ ملايون ويندبون آهن“. (الانا [1995] 45)

(4) ڇا وچياڙيون رڳو اهڙن لفظن ۾ ملن ٿيون جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين مان آندا ويا آهن (جيئن مٿي ڏنل مثالن ۾ ظاهر آهي)؟

- ”... پويون قسم يعني وچياڙيون سنڌيءَ ۾ آيل اڌارن ورتل لفظن سان گهٽي قدر ملن ٿيون“. (الانا [1995] 45)

(5) مٿي ڏنل مثالن ۾ وچياڙي اهڙي آواز (لفظ) کي چو قرار ڏنو ويو آهي جيڪو وياڪرڻ بابت لکيل، لڳ ڀڳ سڀني ڪتابن ۾ ’حرف جملو‘ سڏيو ويو آهي؟

- فارسيءَ وانگر سنڌيءَ ۾ ڪن حالتن ۾ به اسم يا به مصدر، ’و‘ حرف سان معطوف ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ’و‘ جي بدران ’ا‘ (الف) به عطف جو ڪم ڏيندو آهي... (الانا [1995] 44، واحد بخش شيخ جي حوالي سان آندل)

(6) ڪو حرف جملو، جيڪڏهن، هڪ وچياڙي سڏي سگهجي ٿو تہ پوءِ چوا/چا ڪي ’حرف جر‘ ۽ ’حرف اضافت‘ وچياڙي سڏي نہ ٿا سگهجن؟

انهن سوالن جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ جيستائين نہ ٿي ٿئي تيستائين اڳياڙين، پڇاڙين ۽ وچياڙين جي حوالي سان ڪي اعتراض اوس موجود رهڻا آهن.

هتي، جيڪڏهن، لفظ (مفرد، مرتب ۽ مرڪب) ۽ صورت (آجي ۽ ٻاندي) جي وصفن ڪي ياد ڪيو وڃي تہ اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي حوالي سان پڇيل پهرئين سوال جو جواب ازخود واضح ٿي ويندو.

- {اهي} صورتون {جيڪي} پنهنجي سر يعني اڪيلي سر، ڪنهن بہ ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڳالهايون ڪو نہ وينديون آهن، پر انهن جي ڪارج جو مدار، ڪن خودمختيار صورتن تي هوندو آهي. اهڙين سيني صورتن کي /پر-وس/ يا /پابند/ صورتون چئبو آهي. (الانا [1987] 18)

ٻين لفظن ۾ ائين چوڻ گهرجي تہ اڳياڙي يا پڇاڙي ڪنهن بہ صورت ۾ اهڙو لفظ، ڌاتو، پد يا آواز ٿي نہ ٿو سگهي جيڪو ڪنهن بہ ڳالهہ ٻول ۾ اڪيلي سر/پنهنجي سر ڳالهايو ويندو هجي.

اگهرڏٽي، آگڳاڏي ۽ پروس/ لفظن جا مثال ڏيندي (الانا [1987] 30) الانا صاحب جن /پـرَ/ کي ڌاتو لفظ قرار ڏيندي /پروس/ کي مرڪب لفظ سڏيو آهي جڏهن تہ ساڳئي ڪتاب جي ٻئي هنڌ (ص 46) /پـرَ-/ کي اڳياڙي سڏيندي مثال ۾ /پروس/ لفظ پڻ آندو آهي جيڪو لفظ جي وصف پٽاندر هڪ مرتب لفظ ئي سڏي سگهبو. اهڙيءَ طرح، الانا صاحب جن مثالن جي حوالي سان تضاد جو شڪار ٿي پيا آهن.

جن صرفيائن ڪي سنڌيءَ ۾ مروج ٻولن جي لحاظ کان اڳياڙيءَ يا پڇاڙيءَ طور نشانبر پئي ڪيو ويو آهي انهن کي سهيڙڻ لاءِ هن ليکڪ بنيادي حوالي طور ’*جامع سنڌي لغات*‘ (5-جلد)، ’*تحقيق لغات سنڌي*‘ ۽ ’*سامي ڌاتو ڪوش*‘ ليکڪ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ’*وئتپتي ڪوش*‘ ليکڪ جهمتمل نارومل وسناڻي، ’*سنڌي وياڪرڻ*‘ (4-ڀاڱا) ليکڪ مرزا قليچ بيگ، ’*سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس*‘، ’*سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد*‘ ۽ ’*سنڌي معلم*‘ ليکڪ ڊاڪٽر غلام علي الانا، ’*سنڌي ٻولي*‘ ليکڪ ليلارام رچنداڻي ۽ ڪي ٻيا ڪتاب پنهنجي آڏو رکيا آهن.

## اڳياڙي (اڳجوڙ، Prefix)

سنڌيءَ ۾ مروج ٻولن جي اڳياڙين جي نشاندهي ڪندي الانا صاحب جن هيٺ ڏنل آوازن، پدن، ڌاتن ۽ لفظن کي اڳياڙيءَ طور نشانبر ڪيو آهي:

ا ـُ/ - ـِ اِ-ا ـَ ـِپ- (آپ-)، ـُ ـِپ- ـِ ـِل- ـِپـَر-، ـُڏ- (ـُو-)، ري-، سَ-، سُ-، ست-، سن-، نِ-، نِر-، ڪ-، با-، بي-، بالا-، بد-، ـِو-، ـُو، ـِپـَس-، زير-، زبر-، ڪم-، نا-، لا-، بد-/ ([1987] 46-47 ۽ 339، ’سنڌي معلم‘، 139-140)

/ڪم/ جتوئي صاحب جن جي نظر ۾ ([1983] 113) معنادار، آزاد صورت ۽ سادو لفظ آهي پر الانا صاحب جن انهي لفظ /ڪم/ کي اڳياڙي قرار ڏنو آهي يعني ته سندن خيال موجب اها هڪ پروس صورت آهي جنهن جي لفظ جي اشتقاق کان ٻاهر ڪا به معنىٰ نه هجڻ گهرجي.

- ڪم: صفت. ٿورو - گهٽ - ڪجهه... (ج س ل)

/ڪم-/ کي اڳياڙي قرار ڏيندي الانا صاحب جن /ڪم عقل، ڪم خرچ، ڪم فهم ۽ ڪم بخت/ جا مثال ڏنا آهن ([1987] 47 ۽ 339) پر ڏسجي پيو ته اهي ڪنهن مرتب لفظ بدران هڪ مرڪب لفظ جي ڪسوٽيءَ تي پورا لهن ٿا يعني /ڪم/ اصولي طرح ڪا اڳياڙي، ڪا پروس صورت ناهي، اها هڪ آزاد صورت آهي، اڪيلي سر به ڪم اچي سگهي ٿي.

/ڪم، ڪمتر ۽ ڪمترين/ ۾ اهو لفظ پاڙ کي بنيادي ثابت ڪري ٿو.

/بد-/ کي اڳياڙي قرار ڏيندي الانا صاحب جن /بدبخت، بدنصيب ۽ بدصورت/ جا مثال ڏنا آهن ([1987] 339)

- ـِبد ـِ بِد: صفت [ف] خراب - ڪِنو - بڇڙو - گندو - مدو... (ج س ل)

ڇا /بد/ هڪ پروس صرفيه جي ڪسوٽيءَ تي پورو لهي ٿو؟ ڇا /بد/ جي اڪيلي سر ڪا به معنىٰ ناهي؟ ڇا /بد/ هڪ آزاد صورت ناهي؟

/بد، بدتر ۽ بدترين/ ۾ اهو لفظ پاڙ کي بنيادي ثابت ڪري ٿو.

/بالا/ به هڪ فارسي ٻول آهي.

- بالا: صفت. [ف] مٿاهون - بلند - اوچو... (ج س ل)

اهو هڪ آجو لفظ، خودمختيار صورت ۽ اشتياق کان ٻاهر به هڪ معنادار ٻول آهي.

/بالا، بالاتر ۽ بالاترين/ ۾ اهو لفظ پاڙ کي بنيادي ثابت ڪري ٿو.

/لا/ هڪ عربي ٻول آهي جنهن جي پنهنجي هڪ آجي ۽ پاڙوس معنىٰ ڪلمه طيب ۾ پڌري بيٺي آهي.

- لا: حرف نفي. [ع- لا = نه] نه - ناڪار... (ج س ل)

/پُر/ تي ڌيان ڏيڻ سان پڻ پڌرو ٿئي ٿو ته اهو ٻول هڪ آزاد صورت رکندڙ آهي.

- پُر: صفت. ذ. [ف] ڀريل - ٽٻ - ٽار - ٽمٽار... (ج س ل)

/زير/ پنهنجي سر، معنادار ۽ خودمختيار صورت ۾ ڪم ايندڙ هڪ فارسي ٻول آهي.

- زير: ظرف. [ف] هيٺ - هيٺان - هيٺوٽو - هيٺاهون - هيٺ پرو - تحت... (ج س ل)

الانا صاحب جن پاران وچياڙيءَ جي سلسلي ۾ ڏنل مثالن کي جاچيندي /زير و زبر/ تي ڌيان ڏبو ته [و] کي وچياڙي مڃيندي /زير/ ۽ /زبر/ کي به مڪمل لفظ مڃڻو پوندو.

- زبر ج زبَو: ذ. صفت [ف. زَبر جو مخفف] وڏو - مها - اتم... (ج س ل)

/بي/ فارسي ۾ /ري/ سنڌي توڙي جو لغوي معنىٰ جي لحاظ کان هڪ جهڙا ٻول آهن پر فارسي ۾ /بي/ هڪ خودمختيار صورت طور ڪم نہ ٿي اچي ۾ ان ڪري جائز طرح پروس صورت ۾ اڳياڙي قرار ڏئي سگهبي پر سنڌيءَ جي /ري/ کي هيٺ ڏنل جملن ۾ ڏسبو تہ ڪي قدر وڏيڪ ۾ گهرو سوچڻو پوندو.

سڄڻ ري پئي سِڪان سِڪان

محبت ماري آهيان. (سچل ؟)

سڄڻ ري/ريءَ سک ڪونهي.

پاڻ م ڪٽج پاڻ سين، ريءَ وسيلي وڃ. (شاهه: سهڻي)

ري سڄڻ سک ڪونهي.

/ري/ رڳو ڪن لفظن جي اڳيان ئي نہ پويان بہ اچي تو ۾ هڪ مقرر معنىٰ ظاهر ڪري ٿو، پوءِ چو ۾ ڪيئن ان کي هرويرو هڪ اڳياڙي مڃجي؟

ان ڳالهہ کي بهتر سمجهڻ لاءِ سنو محسوس تو ٿئي تہ سنڌي لفظ /ٻ/ (ٻہ)/ تي ڌيان ڏيون.

- ٻہ: صفت. [پرا. ٻہ]* هڪ عدد (2) - هڪ جي بيڻ "ٻہ تہ ٻارهن." (پهاڪو) (ج س ل)

/ٻ/ (ٻہ)/ هڪ مفرد لفظ آهي، آزاد صورت آهي، پنهنجي هڪ مقرر معنىٰ رکي تو ۾ ڪنهن بہ ٻئي لفظ مان ڦٽي نڪتل (ڪردنت) ناهي، ان ڪري پاڙ ٻول آهي.

اهو ٻول سنڌيءَ جي مختلف لفظن ۾ هن طرح ڪم اچي تو:

- ٻارهن = ٻہ + آرهہ

ٻاويهہ = ٻہ > ٻا + ويهہ

ٻٽيهہ = ٻہ + ٽيهہ

ٻائيتاليهہ = ٻہ > ٻا + ايتاليهہ

ٻاونجاهہ = ٻہ > ٻا + ونجاهہ

ٻاهٺ = ٻہ > ٻا + هٺ

ٻاهتر = ٻہ > ٻا + هتر

ٻياسي = ٻہ > ٻِہ + آسي (لِپي)

ٻيانوي = ٻہ > ٻِہ + آنوي

---

* مرزا قليچ بيگ جن /ٻ/ بدران پراڪرت ۾ /دو/ چيو آهي ([1992] 244) ۾ سنسڪرت اچار /دوِ/ ڏنو آهي، جڏهن تہ الانا صاحب جن سنسڪرت اچارد/ و/ ڏنو آهي ([1974] 76). سنڌيلي صاحب جن /ٻہ/ متبادل تہ نہ ڏنو آهي پر ٻين ٻولن جيئن 'ٻاويهہ، ٻٽيهہ' وغيره جي اشتقاق ۾ د/ وِ/ ڄاڻايو آهي (سنڌيلو [1980] 46-47)

/اپ-/ (= گڏ): اپراسو
/اُپ-/ (= گھٽو): اُپڪار
/اُپ-/ (= متي): اپجڻ
/اُپ-/ (= ويجھو): اپا رجت، اُپاءُ، اپديش، اپسرگ، اپڪار، اپواس
/اُپ-/ (= هيٺ): اپيرنش
[نوٽ: ڏيان ڏيڻ گھرجي تہ هڪ لفظ، ڌاتو ٻول /اُپ/ بہ آهي جنهن جو اسم مصدر /اپڻ/، اسم مفعول /اپيو/ ۽ اپيل/ ۽ اسم استقبال /اپندو/ آهي. متي ڏنل ٻولن ۾ /اپجڻ، اپاءُ ۽ اپڪار/ تي ڌيان ڏيڻ سان /اُپ/ هڪ ڌاتو ٻول طور ايري اچي ٿو.]
11) /اچ-/ ( متي): اچنگڻ، اچاڻ، اچائي
[نوٽ: سنڌي ۾ مروج / اُچو، اُچي، اُچا ۽ اُچيون/ ۽ / اُوچو، اُوچي، اوچا ۽ اوچيون/ ٻولن کي ڏسي اهو چوڻ ۾ کو بہ حرج ناهي تہ /اُچ/ هڪ ڌاتو ٻول آهي. /اچاڻ ۽ اچائي/ ٻول پڻ ان راءِ جي تصديق ڪن ٿا.]
12) /اد-/
/اد-/ (= پري): اداس (ج س ل)
/اد-/ (= متي): اداس، اُدِت، اڌار، ارجھڻ (س ڌ ڪ)
اباڻڻ، اباھو، اپڻ، اُجل، اُجٽ، اُجٽڻ، اديوڳ، اڌمڻ، اڌڻ، اڌوڙڻ، اوسر، اوسرڻ (ج س ل)
/اد = اُت/ (= متي): اپارڻ، اتاول، اتپن، اپٽڻ، اپڙڻ، اجاڙڻ، اُڊِي، اُماس (ج س ل)
/ادش/ (= هيٺ): اڌومک (ج س ل)
[نوٽ: تي سگھي ٿو تہ هن ٻول جي نشاندهي هڪ اڳياڙيءَ طور نہ ڪيل هجي.]
/اگ-/ (= جبل): اگست (= جبل ڪيرائيندڙ) (س ڌ ڪ)
13) /ال-/ (= سنوارڻ، سينگارڻ): الڪيون (س ڌ ڪ)
14) /امر-/ (= هائو): اونڪارڻ (ج س ل)
15) /ان-/
/ان-/ (= پوئتان): انوسار، انومان، انيو
/ان-/ (= نہ): انرت، انمانيو، انمول، اننت، انوپ، انيڪ، انيل.
16) /اڻ-/ (= نہ): اٽبٽت، اڻ يومو، اٽتارو، اٽتوريو، اٽجاڻ، اٽڏنو، اٽسڌريل
17) /او-/
/او-/ (= چيئني پاسن کان): وھنوار
/او-/ (= خراب): آجھرڻ، آجھڙڻ، اگردت، اواٽ، اوتر، اولو
/او-/ (= کان پري): اوگيا، اوگو.

تنئڙ

تيڙو

31) /پا-/

/پا-/ (= بچائڻ): پتورت (س ذ ڪ)
- /پا-/ (= پاءُ): پاتولو، پاسير، پاماسو
- /پا-/ (= پير): پازيب، پاڪوبي، پاگوني، پامال، پابوسي، پاياب

/پاد-/

/پاد/ (= پير): پاوني
/پاد/ (= چوٿون حصو): پوٽو

/پت-/ (= ڪِرڻ): پاتال

/پد-/

/پد/ (= پير)
/پد-/ (= شبد، لفظ): پدارت

32) /پر-/

/پر-/ (= چوڌاري): پاند
/پر-/ (= گهٽو): پراپت، پربل، پربين، پريات، پرتاب، پرجا، پرچن، پرڏان، پرڪاش، پرگهٽ، پرماڻ، پرٽام، پجارڻ، پجرڻ، پچاڙڻ، پرارٿنا، پِران، پِرائڻ، پريو.

33)/پا-ر-/

/پر-/ (= اڳتي): پاٽو
/پر-/ (= اڳ ۾): پراچين
/پر-/ (= ٻيو): پراپڪار، پرلوڪ، پرمتڙيو، پرمل
/پر-/ (= چوڌاري، سڀ طرح سان): پرچو، پرساد، پرلاءُ، پروورتا، پائڻ، پچار، پچاڙڻ، پرت، پرچار، پرچڻ
/پر-/ (= ڏاريو): پرديس، پراڏين، پرڪند
/پر-/ (= ھتي، پري): پرلو

/پرا/ (= بدن): پُرش

34) /پرا-/

/پرا-/ (= اڳتي): پائڻ
/پرا/ (= پراٽو): پراتن
/پرا-/ (= گهٽو): پراربد (ج س ل). [پر = گهٽو + آ = تائين. پرارجد (س ذ ڪ)]
[اصولي طرح تي اڳياڙيون: /پر/ + /آ/ + /ر/ (= وجڻ).]

/نِر-/ (= هليو ويو آهي): نرنجن

/نِر-/ (يقيناً ): نِرکڻ

57) **اِنِس-/** ( نہ): نسقل، نسڪام، نسڪپت

58) **اِنِش-/**

/نِش-/ (= ٻاهر): نڪرڻ

/نِش-/ (= نہ): نشچل، نشقل

59) **اِنِهہ-/** (= نہ): نهچل، نهڪام، نهڪپت، نهنگ، نهجل، نهٻل، نهچل، نهقل

/و ا-/ (= پاٽي): بادل

60) **اِوِ-/**

/وِ-/ (= پري): برهہ، بکرو، بکيرڻ

/وِ-/ (= چڱيءَ طرح سان): وتريڪ

/وِ-/ (= خراب، بريءَ طرح سان): ٻرو، ورلاپ، بگاڙڻ

/وِ-/ (= سواءِ): بيگم پور، وِمل (س ذ ڪ)

/وِ-/ (= طاقت): پيوت (ويوت)

/وِ-/ (= ڪجھ ڪجھ):ٻِسمار

/وِ-/ (= گهٽو): بگاسٽو، بلاس، ٻيج، واپار، وڌ، وِڌوچار، ورڏاتا، ورونهن، وستار، وڪاد، وڪاڻ، وگيپ، وگيان، ولاس، وويڪ

/و-/ (= نہ): بديهي، وديهي، ورڪت، ويراڳ

61) **اهِ-/** (= ساٿيو): هماتا، هِپتا (’*سنڌي ٻولي*‘، ليلارام)

/اهم-/

**/اهہ-/** (= ساٿيو): همعمر

/ ه-/ (= ساڻ): همسفر، همراهي، همراه

## وچياڙيون

ليڪ وٽ ايترو ۽ اهو گهربل مواد موجود ناهي جنهن جي بنياد تي وچياڙين (Infixes) بابت تفصيلي بحث ڪري سگهي. سنڌي ۾ وياڪرڻ بابت لکيل ڪي بہ اهڙا ڪتاب، سواءِ الانا صاحب جن جي ڪجھ ڪتابن جي، ليکڪ جي نظرن مان نہ گذريا آهن جن ۾ وچياڙيءَ بابت ٿورو بہ بحث ڪيل هجي. البت متي جيڪي سوال اتاريا ويا آهن انهن جي جواب جي گهرج بلڪل موجود آهي. وچياڙين جو ڪجھ قدر وڌيڪ ذڪر الانا صاحب جن ٻئي هنڌ بہ ڪيو آهي.

- **مرڪب لفظ** : سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا مرڪب لفظ {موجود} آهن جيڪي فارسي ٻوليءَ جو {سنڌي ٻوليءَ تي} اثر ظاهر ڪن ٿا. هيٺ اهي تفصيل سان بيان ڪجن ٿا

**’و‘ جو استعمال:** فارسيءَ جي اثر ڪان سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظن ۾ ’و‘ وچياڙيءَ (infix) طور استعمال ٿي آهي. هيٺ اهڙا لفظ مثال طور ڏجن ٿا:

روز و شب، صبح و شام، بحر و بر، آمد و رفت، گفت و شنيد، نشست و برخاست.

**’ب‘ وچياڙيءَ جو استعمال:** سنڌي ۾ اهڙا ڪيترائي فارسي زبان جا لفظ ڪم اچن ٿا، جن ۾ ’ب‘وچياڙيءَ طور ڪم آئي آهي: مثلاً :

درجہ بدرجہ، سال بسال، وقت بوقت، دربدر، روزبروز

(الانا [1987] 337-338)

{ب} اڪيلي سر مفرد لفظ طور ڪم نہ ٿي اچي، اها هڪ پروس صورت آهي ۽ لفظ جي اشتقاق ۾ ئي هڪ مقرر معنىٰ ظاهر ڪري ٿي جڏهن تہ {و} پنهنجي اصلوڪي ٻولي ۾ هڪ مفرد لفظ طور ڪم اچي ٿي ۽ ’حرف جملي‘ /۽/ جي معنىٰ ڏئي ٿي، ان ڪري اها هڪ مفرد لفظ جو ڪم ڪري ٿي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ وچياڙيءَ جي حوالي سان ڪنهن پروس صورت موجود هجڻ جي تخصيص قائم نہ رکي وئي آهي. پر جيڪڏهن جاٽايل ٻولن ۾ /و/ جو حقيقي آواز /او/ ڌيان ۾ رکيو وڃي تہ اها هڪ پروس صرفيہ طور اپري اچي ٿي.

اتي، فطري طرح، اهو سوال اٿي ٿو تہ

/گهرڏ ٽي، راڄ ڏٽي، ڳوٺ وڏيرو، نڙبيت، جهنگ ڪڪڙ، جهنگ ٻلو، اتہ رَواءُ، ڏنڪتا، نانگ ول، هٿ ڦاڙ، وات ڳاڙهو، وات پٽيو، وڏواتو، وَڏڪائو، وَڏڦڙو، ڪاٺ ڪنو، نڪ هير، نڪ سنئون، منهن ڪنئرو، درياھ لانگهو، مڙس تار، نانءُ چڙهيو، ڪَنيءَ ڪنيو، نانگ ڪاڻو، ڪِڪ چڪيو، نڪاح ٻڌي، لڄ پال، ٻنيءَ ٻوڙ، غم تار، هڏڏوڪي/ وغيره ٻولن ۾ /- ا -/،

/ديسان ديس، ڏيهان ڏيهہ، هنڌان هنڌ، ڳوٺان ڳوٺ، منهان منهن، راتيان ڏينهن، پيران پيرا/ وغيره ٻولن ۾ /- آن -/

/پيٽو پيٽي، اڳو پوءِ، هٿوهٿ، وِچون وچ/، وغيره ٻولن ۾ /- او -/.

/هٿون هٿ، ڳوٺَ ون ڳوٺ، گهرون گهر، هِٿون هٽ، هيٺون هوڏي/ وغيره ٻولن ۾ /-َ ون -/ ۽

/ آڱر ويڙهہ، اڪِ ڦلو، ڳنيچوڙ، دلِ گهريو/ وغيره ٻولن ۾ /- اِ -/ جا پروس صورتون نہ آهن، ٻول جي اشتقاق ۾ جا انهن جي ڪا مقرر معنىٰ نہ آهي ۽ اهي جڏهن تہ آزاد صورت ۾ بہ ڪم نہ ٿيون اچن تڏهن چو انهن کي وچياڙي نہ سڏجي؟

- وچياڙي **(فلالاجي)** ڪنهن پاڙ (ڌاتو) يا ٻول ۾ داخل ڪيل هڪ جز يا جوڙ، جيئن Lab پاڙ سان ايندڙ Lambano ٻول ۾ m. (چئمبرس ڊڪشنري)

محدود وسيلن سبب ليڪڪ وٽ ڪا بہ راھ نہ آهي جو تصديق ڪري سگهي تہ /ليب/ ڌاتو مان نهيل /ليمبانو/ ۾ /م/ ڪي لفظ جي اشتقاق ۾ هڪ معندار جز ۽ هڪ پروس صورت

آهي. پر اهو، بهرحال، واضح آهي ته جنهن جز يا جوڙ کي وچياڙي سڏيو ويو آهي اهو ٻن لفظن جي وچ ۾ نه پر هڪ ئي لفظ جي وچ ۾ آيو آهي.

- سنسڪرت لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي ’ڪر‘ (kir) معنیٰ ’ڪرڻ‘، جنهن جو اسم مفعول ’ڪرت‘ معنیٰ ’ڪيو‘ يا ’ڪيل‘. ’سم‘ هڪ اڳياڙي (prefix) آهي، جنهن جي معنیٰ آهي ’چڱو‘، تنهنڪري ’سمڪرت‘ (سنسڪرت) ٻولي معنیٰ چڱي يا صاف ٿيل يعني اجاريل يا سڌاريل ٻولي (Polished or refined language) سنسڪرت ۾ قاعدو آهي ته ’ڪر‘ ڌاتوءَ جي اڳيان جيڪڏهن ’سم‘ اچي، ته ’س‘ جو اچار بالائي گڏڻ گهرجي. انهيءَ سبب ’سمڪرت‘ بدران ’سمسڪرت‘ (سنسڪرت) ۽ ’سمڪار‘ بدران ’سمسڪار‘ (سنسڪار) چئبو آهي. (آڏواڻي [1956] 24)

جيئن چيو ويو آهي، ان کي ايئن ئي درست سمجهندي* چا ايئن نه ٿو چئي سگهجي ته جاٽايل ٻنهي ٻولن ۾ ”’س‘ جو اچار بالائي“ هڪ وچياڙي آهي؟

هتي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ مزاج جي نشاندهي ته ٿي آهي پر انهيءَ کي چندي چاٽي وڏيڪ صاف سٽرن ۽ اصولي بنيادن تي بيهارڻ لاءِ وڌيڪ جنهن تحقيق جي گهرج هئي اها نه ڪئي وئي آهي.

## اندروني تبديل

- بدلائڻ واري طريقي موجب بنيادي لفظ جي ڪنهن پد يا صرفيي کي بدلائڻ سان ٻيو لفظ نڪرندو آهي... اهو بدلائڻ وارو طريقو ڪڏهن ڪڏهن بنياد ۽ جوڙ ٻنهي تي اثر انداز ٿيندو آهي. ان کي اندروني تبديلي (internal change) سڏبو آهي. (1) مثلاً سنڌيءَ ۾ زمان ماضي ناهڻ لاءِ بنياد جي پويان /يو/ ملائبو آهي: جيئن ته

(1) /لِک/ مان /لکيو/+

/پڙهه/ مان /پڙهيو/

مگر ڪن حالتن ۾ بنياد جو پهريون پد قائم ڪري ان جو پٺيان /يو/ جي بدران ڪو ٻيو پد ملائبو آهي. مثلا

(2)/ڳاءِ -/ مان /ڳاڏو/

/آڻ-/ مان /آندو/

---

* اهي لفظ ان ڪري چيا ويا آهن جو ليکڪ سنسڪرت جهڙي ٻوليءَ ۾ /س/ جي دخول کي، بس هڪ قاعدو مڃي، انڌو اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

+ نوٽ: هن ٽڪري ۾ پنجئي انگ ليکڪ ڏنا آهن.

/وڻ-/ مان /ورتو/ اها اندروني تبديلي ڪڍهن ڪڍهن رڳو بنياد جي پد يا صرفيي سان ٿيندي آهي. مثلا شخصي ضميرن جي مضاف ڏيکارڻ لاءِ اسم جي پٺيان ضميري پڇاڙي ملائبي آهي، جيئن ته

(3) /پٽ/ بنياد مان /پُٽم/ (منهنجو پٽ)

/پٽ/ بنياد مان /پُٽس/ (هن جو پٽ)

مگر ڪٿي اسم جي آخرين پد يا صرفيي کي ٻئي پد يا صوتيي سان تبديلي ڪري پوءِ ضميري پڇاڙي ملائبي آهي، جيئن ته

(4) /پيءُ/ مان /پِڻس/ يا /پِڻم/ وغيره.

/ماءُ/ مان /ماڻس/ يا /ماڻم/ وغيره.

/سس/ مان /سسڻس/ يا /سسڻم/ وغيره.

(5) دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ اها اندروني تبديلي رڳو هڪ صوتيي سان ٿيندي آهي. جنهن اصول سان صرفيا هڪ صوتيي جي تبديل سان ٺهن ٿا تنهن کي **صرفي-صوتيه اصول** (Morphophonology، Morphophonology يا Morphophonemics) سڏبو آهي. (جتوئي [1983] 120-121)

نمبر (5) جو ڪو به مثال ڏنل آهي.

نمبر (4) ۾ اهو نه ٻڌايو ويو آهي ته اسم جي آخري پد يا صرفيي کي ڇو ڪنهن ٻئي پد يا صرفيي سان تبديل ڪيو وڃي ٿو، ۽ ڇا سنڌي ٻولي ۾ /پِڻم/، /ماڻم/ ۽ /سسڻم/ جهڙا ٻول سچ پچ وجود رکن ٿا؟

نمبر (3) ۾ /پٽ/ سان /- ام/ ۽ /ا- َس/ پنجوڙ طور مليل آهن. ڇا ان کي اندروني تبديل چئي سگهجي ٿو ۽ ڇا اها "بنياد" جي پد يا صرفيي سان ٿي آهي؟

نمبر (2) ۾ /ڪاءِ -/، /آڻ-/ ۽ /وڻ/ ٻيدا ٻول آهن يا يڪپدا؟ ليکڪ جي راءِ موجب اهي يڪپدا آهن. يڪپدي ٻول جو "پهريون پد" ڪيئن قائم ڪري سگهبو؟ ڇا /ڪاڌو/، /آندو/ ۽ /ورتو/ جو /ڪا/، /آ/ ۽ /و/ ڇاٽايل يڪپدن ٻولن (جن کي مختلف هنڌن تي "بنياد" سڏيو ويو آهي) /ڪاءِ-/، /آڻ-/ ۽ /وڻ-/ تان ئي ورتا ويا آهن؟ ان جو ثبوت ڪهڙو آهي؟

نمبر (1) ۾ /يو/ پٺيان ملايو ويو آهي، اهو ڌاتو ۾ ڪا به اندروني تبديل نه ٿو آڻي. پر ڇا /لِکـ ـيـڙهـ/ سان سچ پچ /يو/ ئي ملايو ويو آهي يا /يو/ پاڻ به ڪن آوازن جو ميلاپ آهي؟

نمبر (1) ۽ (3) جهڙا ڪي مثال الانا صاحب جن به ڏنا آهن پر پنجوڙ طور ۽ اهو ڄاڻائيندي ته "پڇاڙي ملائڻ کان اڳ ڌاتو جي پوئين وينجڻ يعني پد ۾ صوتي تبديل ايندي آهي: مثال طور

/وس/ > وڻ + او = وڻو

/ڏهـ/ > ڏ ٺ + او = ڏٺو

/ڦِس/ > ڦِٽ + او = ڦِٽو. (الانا [1987] 54)*

- ڇا ڄاٽايل ٻولن ۾ ”پويون وينجڻ“ ۽ ”پد“ ساڳي شيءِ آهن؟

- ڇا /وس/، /ڀِهه/ ۽ /ڦِس/ ۾ واقعي ٻه اهڙي تبديلي آئي جو سندن /س/، /ه/ ۽ /س/ واريسر /ٺ/، /ٺ/ ۽ /ٽ/ ۾ بدلجي ويا؟ اهڙي تبديلي ڇو آئي؟

- علم صرف ۾ تبديل جو هڪ ٻيو اصول يا قانون اندروني تبديل آهي... خودمختيار يا آزاد صورتن جي اڳيان يا پويان نشانين ملائڻ کان اڳ، ڌاتوءَ جي بنيادي صورت ۾ تبديل ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح تبديل کي اندروني تبديل چئبو آهي؛ مثال طور:

وس - > وِٺ + او = وِٺو س > ٺ وينجڻ جي تبديل

ٻِيهه - > ٻيٺ + او = ٻيٺو ه > ٺ = = =

ڀَــڄ - > ڀڳ + او = ڀڳو ڄ > ڳ = = =

(الانا [1987] 55)

اندروني تبديل کي وڌيڪ بحث هيٺ آڻڻ کان اڳ سنو تو ڀانئجي ته سراج صاحب جن جي هڪ راءِ کي نظر مان ڪڍيو وڃي.

- هاڻ اچو ته سنڌي ٻوليءَ جي ”ماءُ“ ۽ ”پيءُ“ لفظن کي ڏسون. انهن ٻن لفظن تي غور ڪرڻ سان هڪ عجيب ڳالهه نظر اچي ٿي. اسين سنڌي ۾ اضافتي ضميرن لاءِ ضمير متصل جون پڇاڙيون ڳنڍيندا آهيون، جا سنڌيءَ جي هڪ قديم خصوصيت آهي... اهي نشانيون هي آهن:

ضمير متڪلم جي اضافت = پٽ + م = پٽم منهنجو پٽ.

ضمير حاضر جي اضافت = پٽ + اِ -اي = پٽئہ يا پٽئي = تنهنجو پٽ.

ضمير غائب جي اضافت = پٽ + س = پٽس = هن جو پٽ.

هاڻي اهي ٽي نشانيون م، ئي ۽ س اسين اصل کان هر اسم سان اضافت ڏيکارڻ لاءِ استعمال ڪندا آيا آهيون ـــــ پر ماءُ ۽ پيءُ جي سمورن لفظن سان متڪلم جي نشاني ’م‘ هرگز نہ ٿي ڳنڍجي.

ماءُ = ماءُ + م = مائم (ماڻهم)

پيءُ = پيءُ + م = پيئم (پڻهم)

---

* ڇا /وِنو/ جي اچار سان سنڌيءَ ۾ ڪو ٻول مروج آهي؟

- وِنو ڄ وِنا: ذ. وسيو- اٿو (مينهن پيو). (”ڄ س ل)

ان جو مؤنث وِني ڄ وِنيون آهي.

- ٻر وِنا، تر وِنا، وِنيون ترايون. (شاهہ ”سارنگ“)

- وِنو مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي. (شاهہ ”سارنگ“)

/وس-/ ۽ /وِٺ-/ ۾ وائل جي مٽ ٻہ موجود آهي، ان تي ٻہ ڌيان ڏيڻ گهرجي.

امڙ = امڙ + م = امڙم
امان = امان + م = امانم
جيجل = جيجل + م = جيجلم
آيل = آيل + م = آيلم
بابو = بابو + م = بابوم، بابم
ابو = ابو + م = ابوم، ابم.

اوهين ڏسندا ته متئين ڪنهن هڪ لفظ سان به ’م‘ پڇاڙي نه تي نهڪي ـــ ۽ نه ڪڏهن ڪو استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان ڪري جو سنڌيءَ جي تمدني مزاج ۾ اهو ممنوع هو، باقي سمورن مائٽن جي لفظن سان اها نشاني نهڪي ايندي، يا انهن ئي لفظن ۾ حاضر ۽ غائب جو نشانيون به نهڪي ايندين ـــ ماٽس، پٽس، ڌيٽم، بابس، پاٽم، سسٽم وغيره. آخر ائين چو آهي؟ ۽ ’ماءُ‘ ۾ ’پيءُ‘ لاءِ ايترا گهٽا لفظ چو؟ ان جو هڪڙو ئي معقول جواز آهي ته متڪلم ماٺهو... پنهنجي ماءُ پيءُ جو نالو نه ڪٽندو هوندو... سنڌي ماٺهو قديم ۾ پنهنجن ويجهن عزيزن ۽ مِٽن مائٽن کي ڪنهن عزت ۽ احترام جي لفظ سان ياد ڪندا هئا، جو لفظ اسان ڪان هاڻ گم ٿي ويو آهي پر ان جو هڪ پد نشاني رهجي ويو آهي. (سراج [1964] 74-75)

سراج صاحب جن جو خيال آهي ته اهو ”ڻ“ يا ”ٺهه“ ان ڪري موجود آهي جو ڪنهن آڳاٽي زماني ۾ ڪنهن ديوي يا ديوتا ”اٽسي“ يا ”اٽس“ جي حوالي سان مائٽاٽي تصور طور استعمال ٿيو آهي.

سراج صاحب جن جي ڳالهه سان اتفاق ڪيو وڃي يا نه، ٿي سگهي ٿو ته صحيح ثابت ٿئي يا غلط، پر پاڻ ڪنهن ٻول ۾ هڪ وائجڻ جي اسري اچڻ بابت هڪ دليل يا جواز پيش ڪيو اٿائون، اهو نه چيو اٿن ته ائين ٿيندو آهي، ائين ڪبو آهي يا اهو سنڌي ٻوليءَ جو قاعدو آهي!

ليڪڪ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ راءِ رکڻ گهري ٿو.

- سنسِڪار: (سن سَنسڪار. سم = پاڪ، صاف، چڱيءَ طرح سان + ڪر = ڪرڻ)، ڪرم يا ڪريا، جنهن سان شرير ۽ آتما، شد ٿي، ڌرم، آرت، ڪام ۽ موڪش پراپت ڪجي، صاف ڪرڻ جي ريت.
- سنسِڪرت: (سن. سَنسڪرت. سم = صاف + ڪر = ڪرڻ. صاف ڪيل)، هندن جي پاڪ ٻولي.
- سنڪلپ: (پرا. سَنڪپّ. سن‌سنڪلپ. سم = ساڻ + ڪرپ = طاقت رکڻ)، دل جي خواهش، ڪامنا.

- ڪلپت: (سن. ڪلپت. ڪرپ = ويچارڻ)، نقلي، ڪوڙو، ڦرٽو، خيال.
- ڪلپنا: (سن. ڪلپنا. ڪرپ = ويچار ڪرڻ)، من گهڙت باب.
- سڪاج: (سن. سڪاريه. سُ = چڱو + ڪاريه = ڪم)، وڙائتو، لائق.
- سويڪار: (سن. سويڪار. سُو = پاڻ + ڪارڪر = ڪرڻ)، قبول ڪرڻ، مڃڻ.
- ڪِريا: (سن. ڪريا. ڪرپ = رحم ڪرڻ)، ديا، رحم، ٻاجهه.
- ڪِرچ: (سن. ڪرت = وڍڻ)، تلوار جو قسم.
- ڪکر: (سن. ڪ = پاڻي + ڪر = ڪندڙ)، بادل، جهڙ آگم.

/ڪرپ/ رکندڙ چئن لفظن مان ٻن ۾ ان جي معنىٰ ويچارڻ، هڪ ۾ طاقت رکڻ ۽ هڪ ۾ رحم ڪرڻ ڏنل آهي. ’ڪرت‘ معنىٰ ’ڪيل‘ ۽ ڪرت معنىٰ وڍڻ ۽ ڪارڪر معنىٰ ڪرڻ ته ڪاريه معنىٰ ڪم، سم معنىٰ پاڪ، صاف، چڱيءَ طرح سان، سم معنىٰ ساڻ ۽ سم معنىٰ برابر ٻه آهي ته اڳيان ٻه! اها ڳالهه هڪ شاگرد کي ڀرپور نموني ذهني طرح منجهائڻ جو ڪم ئي ڪري سگهي ٿي.

ليڪڪ جيڪڏهن ايئن چوي ته

ڪرت = ڪيل

س + ڪرت = سٺي ڪيل

سم + س + ڪرت = چڱيءَ طرح يا صاف ۽ سٺي ڪيل

ڪار = ڪرڻ جهڙو/وارو، ڪم

س + ڪار = سٺو ڪم

سم + س + ڪار = چڱو يا صاف ۽ سٺو ڪم

چا انهن ٻنهي لفظن ۾ /س/ هڪ اهڙي صرفيه نه ٿي ٿي پوي جنهن جي هڪ معنىٰ هجي. ظاهر آهي ته ٻنهي لفظن ۾ بنيادي لفظ ’ڪر‘ آهي جنهن جي آڏو ٻه اڳياڙيون ٻه موجود چئي سگهجن ٿيون.

اهڙيءَ طرح، سراج صاحب جن جي راءِ کي ٻه چڪاس ڪرڻ گهرجي. ڄاڻايل لفظن سان پڇاڙيون (ضميري پڇاڙيون) ملائڻ مهل ڏاتو ۽ پڇاڙي جي وچ ۾ /ڻ/ جو ايرڻ ڇا هڪ وچياڙي سڏي نه ٿو سگهجي ۽ ڇا ان جي هڪ جي هڪ معنىٰ آهي؟

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪنهن ٻه ٻوليءَ ۾ ڪي آواز (وائل يا وائجڻ) بدلجي ويندا آهن، جيئن ’اسٽيشن‘ مان ’ٽيشڻ‘: اڳ پوءِ ٿي ويندا آهن، جيئن ’همراهه‘ مان ’هرماهه‘: ناجائز طرح وڌي ويندا آهن، جيئن ’ڇ‘ مان ’ڇهه‘، ’ڇهه‘ يا ’ڇيهه‘ وغيره پر ايئن ٻه خواهه مخواهه نه ٿو ٿئي، ان جا ٻه ڪارڻ ٿين ٿا ۽ وڏو ڪارڻ اڄاڻائي يا گهٽجاڻ آهي، ٻول جي ڊيگهه آهي، آوازن جي اچار ۾ ڏکيائي آهي، آواز اچاريندي ڇيهه وٽ ڊيگهه ڏيڻ آهي وغيره. جن تي اوس بحث ڪبو پر هتي مقصد انهن ٻولن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي، ته جيئن ڇيو ويو آهي ته /وس،

ڇهه ڦِس،ڪاءِ -، آڻ-، وڻ-/ وغيره مان /ونو، ڏِنو، ڦٽو، ڪاڏو، آندو، ورتو/ وغيره نهيا آهن ته ان ۾ ڪيتري صداقت آهي؟

(1) جيئن /-لک ۽ پـڙهـ/ وغيره مان /لکيو ۽ پڙهيو/ وغيره نهيا آهن تيئن چا اهڙي ڪا ترتيب موجود آهي جيڪا ذڪر هيٺ ٻولن سان به نهندي هجي؟

/وس/ مان /وسيو/

/ڏاءِهه/ مان /ڏهيو/

/ڦِس/ مان /ڦسيو/

/ڪاءِ/ مان /ڪائيو/

/آڻ/ مان /آڻيو/

/وڻ/ مان /ونيو/

- ونيو وجج واڻ، ڪنڌ ۾ ڦيرج ڪيڏهين. (شاهه 'مومل راڻو')
- آڻيو لنب لطيف چئي، چانور ڪيو چاڙهين. (شاهه 'مارئي')

آڻيو وجهن آهرين، روڙيو رتا ڳل. (شاهه 'مارئي')

- ايءَ تان ڪوڙي سڌ، جيئن ڪليو ڪائيو سمهين (شاهه)

متي ڏنل مثالن کي نظر ۾ رکندي چئي سگهجي ٿو ته اهو ڪو قانون ناهي ته ڪن چوندڙ ٻولن، جيئن / وس، ڇهه ڦِس، ڪاءِ، آڻ وڻ/ جو جڏهن ماضي وارو صيغو نهي تڏهن هرويرو اها تبديلي اچي جنهن لاءِ چيو ويو آهي ته "بنياد جو پهريون پد قائم ڪري ان جي پنيان /يو/ جي بدران ڪو ٻيو پد" ملائجي يا "ڌاتو جي پوئين وينجڻ يعني پد ۾ صوتي تبديل ايندي آهي".

(2) اهڙي قسم جي تبديل رڳو ماضي واري صيغي ۾ واقع ڇو ٿي ٿئي، حال يا مستقبل واري صيغي ۾ ڇو نه ٿي اچي؟

/ونو/ آهي، /وننڊو/ ۽ /ونان ٿو/ ناهي.

/ڏِنو/ آهي، /ڏِنندو/ ۽ /ڏِنان ٿو/ ناهي.

/ڦٽو/ آهي، /ڦٽندو ۽ /ڦٽان ٿو/ ناهي ۽ اهڙيءَ طرح ٻيا.

ان جو صاف مطلب هي آهي ته ماضي واري صيغي ۾ اوس ڪا اهڙي ڳالهه موجود آهي جيڪا مستقبل ۽ حال واري صيغي ۾ ناهي.

ليکڪ جي ڄاڻ موجب ڪو به سنڌي ڪتاب ناهي جيڪو ان سوال جو جواب مهيا ڪندو هجي ته ڪن مخصوص ٻولن جا ماضي وارا صيغا به ڇو آهن؟

## باب تيرهون

# پاڙ/ڌاتو/مصدر

سنڌي وياڪرڻ جي ڄاڻن سنڌي ٻوليءَ جي ’اچڻ‘، ’وڃڻ‘، ’ويهڻ‘، ’بيهڻ‘، ’اٿڻ‘، ’گهمڻ‘ جهڙين صورتن کي **مصدر** سڏيو آهي. پر مصدر بابت جيئن جيئن سوچ ۽ تحقيق وڌي آهي تيئن تيئن کي نيون ڳالهيون به سامهون اچڻ لڳيون تنهنڪري ئي الانا صاحب جن چيو ته ”سڀ کان پهرين ’سنڌي مصدر‘ جي وصف جو مطالعو ڪرڻ گهرجي.“ (الانا [1987] 37)

مصدر معنيٰ اهو ٻول (لفظ) جنهن مان ٻيا ٻول صادر ٿين ٿا يا ڦٽن ٿا؛ مطلب ته مصدر معنيٰ ’ڌاتو‘ يا ’بنياد‘. عربي ۽ فارسي جا ٻول اهڙن ٻولن مان ڦٽي نڪرن ٿا جن جا سنڌي ۾ هم معنيٰ ٻول ’لکڻ‘، ’پڙهڻ‘ وغيره ٿين ٿا، ان ڪري ڪيترن ئي سنڌي عالمن سنڌي ٻولن جو حقيقي ڌاتو يا مصدر ڳولڻ بدران عربي ۽ فارسي صرف و نحو جي نقل ۾ ’لکڻ‘ ۽ ’پڙهڻ‘ جهڙن ٻولن کي مصدر قرار ڏئي ڇڏيو. حقيقت کي جڏهن ووڙيو ويو تڏهن پڌرو ٿي آيو ته سنڌي ٻولي ۾ اهڙي قسم جا ٻول بنياد، مصدر يا ڌاتو ٿي ئي نه پئي سگهيا.

- ’لکڻ‘ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ’-ڻُ‘ جو اچار آهي. ’ڪاڻ‘ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ’-اِڻ‘ جو اچار آهي. {سنڌي ۾ عام طرح سڏئي ويندڙ} مصدر جي پڇاڙيءَ مان ’-ڻُ‘ يا ’-اِڻ‘ جو اچار ڪڍي ڇڏبو ته باقي جيڪو بچندو سو ٿيندو ڌاتو يا بنياد. (قليچ [1992] 35)
- حقيقت ۾ جنهن صورت (form) کي سنڌي وياڪرڻ ۾ مصدر نالو ڏنو ويو آهي، سا صورت سِنڌي زبان جي ’وياڪرڻي اصولن‘ موجب مصدر نه آهي، ڇاڪاڻ ته مصدر معنيٰ آهي ’ڌاتو‘ يا ’بنياد‘؛ يعني اها صورت جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين ٿا يا ڦٽن ٿا. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته ’هلڻ‘ ۽ ’لکڻ‘ توڙي اهڙيون ٻيون سڀيئي صورتون سنڌي زبان جي صرفي اصولن موجب ’ڌاتو‘ يا ’بنياد‘ نه آهن، ڇو ته سنڌي زبان جو ڪو به لفظ /’هلڻ‘ ۽ ’لکڻ‘/ وغيره جهڙين صورتن مان صادر نه ٿو ٿئي يا ڦٽي نه ٿو نڪري، پر /هَل/ ۽ /لِک/ ۽ اهڙيون ٻيون صورتون ئي ڌاتو يا بنيادي صورتون آهن، جن جي پويان /-ڻُ + -اِڻ/ پڇاڙيون ملائي ’هلڻ‘، ’لکڻ‘ ۽ ’ڏاهڻ‘ وغيره صورتون ناهيون ويئيون آهن؛ تنهنڪري اهڙيون سڀيئي صورتون — هلڻ، لکڻ، پڙهڻ، ڏاهڻ وغيره — ڌاتو يا بنياد طور ڪم نه ٿيون اچن، پر اهي ته پاڻ به ڪنهن ڌاتوءَ يا بنياد مان ڦٽي نڪتيون آهن، يعني ته اهي خود صادر ٿيل، نهيل يا ڦٽي نڪتل صورتون، ڪردنت يا مشتق آهن.

هن سلسلي ۾ هڪ غور طلب ۽ اهم نڪتو هي به آهي ته سنڌ جي وياڪرڻين شايد ائين سمجهيو آهي ته مصدر يا ڌاتو فقط فعل جا ئي ٿيندا آهن. پر حقيقت ۾ ڌاتو فعل جا به

ٽين ٽا، ته وري ڪي اسم به ڌاتو بنجي ڪردنتن جي بناوٽ ۾ ڪم ايندا آهن. اهڙيءَ طرح صفت به ڌاتوءَ طور ڪم ايندا آهن. اسم مان صفت نهن ٿا، ۽ صفتن مان اسم نهن ٿا. انهيءَ ڪري لسانيات جي ماهرن جو رايو آهي ته هر اها صورت جنهن مان ٻيون صورتون ڦٽي نڪرن، تنهن کي، ڦٽي نڪتل صورت جو ڌاتو يا بنياد چئبو. (الانا [1987] 39-38)

اسان جڏهن 'ڳوپ' ۽ 'ڳتيل' ٻولن ۾ سڏئي ويل "مفرد" ٻول جو ڇيد ڪيو هو تڏهن هيءَ وضاحت به اسان جي اکين آڏو هئي، ظاهر آهي ته ڦٽي نڪتل صورت کي 'آجي صورت'، 'سادو ٻول'، 'ابتدائي ٻول' يا 'مفرد لفظ' چئي نه ٿو سگهجي.

ڌاتو/مصدر بابت الانا صاحب جن جي ڏنل وصف سان ليکڪ سو سيڪڙو اتفاق رکي ٿو، پر الانا صاحب جن ڌاتو ٻولن جا جيڪي مثال ڏنا آهن انهن مان ڪجهه سان ليکڪ کي اختلاف آهي، جنهن جي وضاحت ايندڙ صفحن ۾ ڪئي ويندي.

"هر اها صورت جنهن مان ٻيون صورتون ڦٽي نڪرن، تنهن کي، ڦٽي نڪتل صورت جو ڌاتو يا بنياد چئبو"، پر اها صورت ڪهڙي آهي جنهن مان ڪا صورت ڦٽي نڪتي ۽ ڦٽي نڪتل صورت ڪهڙي آهي، انهيءَ موضوع تي الانا صاحب جن جي راءِ سان اختلاف رکندڙ راءِ جتوئي صاحب جن پيش ڪن ٿا:

- /سڏائڻ/ پيچيدو {complex} لفظ آهي جنهن جو بنياد / سڏ/ آهي ۽ /آءِ/ اندريون جوڙ {affix} آهي. اهڙيءَ طرح سان /سڏارائڻ/ به پيچيدو لفظ آهي جنهن جو بنياد وري /سڏائڻ/ آهي ۽ /را/ ان جو اندريون جوڙ آهي. هن مثال مان معلوم ٿيندو ته **بنياد ٻن قسمن جا ٿين ٿا**: هڪڙا اهي، جي خود ٻئي بنياد مان ُڦٽي نڪرن ٿا، اهڙن بنيادن کي **ٿڙ** (Stem) سڏبو آهي. ٻيا اهي بنياد، جي اصلي ۽ ابتدائي هوندا آهن جن مان ٻيا بنياد ڦٽي نڪرندا آهن، اهڙن بنيادن کي **'پاڙ'** يا جڙ (Root) سڏبو آهي. گويا **ٿڙ** جي **بنياد** کي **پاڙ** سڏبو آهي. /سڏارائڻ/ جو ٿڙ-بنياد /سڏائڻ/ آهي جنهن جو پاڙ-بنياد /سڏڻ/ آهي. (جتوئي [1983] 116-117)

جتوئي صاحب جن /سڏڻ/ کي پاڙ-بنياد سمجهن ٿا جڏهن ته الانا صاحب جن جي ڏنل وصف پٽاندر هن مثال ۾ پاڙ-ٻول ٿيندو /سڏ/.

/سڏڻ/ اصلي ٻول آهي ۽ /سڏ/ ان مان ڦٽي نڪتل صورت، يا /سڏ/ اصلي ٻول آهي، /سڏڻ/ ان مان ڦٽي نڪتل صورت؟ جيستائين اها ڳالهه طيءِ نه ٿي ٿئي تيستائين ڌاتو بابت مونجهاري جو شڪار رهڻو پوندو. انهيءَ ڳالهه جي ڇنڊڇاڻ ۽ نبيري لاءِ اسان کي هڪ ٻيرو وري جتوئي صاحب جن جي ٻيءَ هڪ ڳالهه تي سوچڻو پوندو.

- ُگهٽائڻ {subtraction} **واري طريقي** موجب، بنيادي لفظن مان صرفيي {morpheme} يا پد {syllable} ڪيري ڇڏڻ سان جيڪو لفظ نڪرندو آهي سو اشتقاقي هوندو آهي، جيئن ته

/مارڻ/ مان /مار/، /توڙڻ/ مان /توڙ/، /جاڻڻ/ مان /جاڻ/، /ڊڪڻ/ مان /ڊڪ/، /سارڻ/ مان /سار/، / ڇڻڻ/ مان / ڇڻ/. اتي اعتراض آٽي سگهجي ٿو تہ ُقل صورت نندي آهي تنهنڪري چو نہ ان کي بنيادي صورت ڪري ونجي ۽ {اهو چئجي تہ} ُ ل مان وڏي صورت ُقتي نڪتي آهي يعني /مار/ مان /مارڻ/، /توڙ/ مان /توڙڻ/ ۽ /جاڻ/ مان /جاڻڻ/. اهو خيال غلط آهي چو تہ /مار/، /توڙ/ ۽ /جاڻ/ گرامر موجب انهيءَ اسم ذات جا مثال آهن جيڪي مصدري اسمن مان نڪرندا آهن. ان جا ڪيترائي نمونا آهن: مثلا

(الف) هلڻ مان هلٽي پڙهڻ مان پڙهٽي

لکڻ مان لکٽي چوڻ مان چوٽي

(ب) ساڙڻ مان ساڙو ڪاڙهڻ مان ڪاڙهو

نبيرڻ مان نبيرو ڏڏڪڻ مان ڏڏڪو

(ٻ) اٿڻ مان ُ اٿ ڳٽڻ مان ڳٽ

وٽڻ مان وٽ هلڻ مان هلت

وڙهڻ مان وڙهت

(پ) پڙهائڻ مان پڙهائي لکائڻ مان لکائي

کوٽائڻ مان کوٽائي

(ڀ) ڪٽائڻ مان ڪٽائي چڙائڻ مان چڙائي

وٽائڻ مان وٽائي

اهي مٽيان مثال سڀ اسم ذات جا آهن جيڪي اسم مصدر مان نڪتل آهن. (جتوئي [1983] 119-120)

مثال چڱا چوکا ڏڏ ٿي ويا آهن پر اسان کي هر هڪ ٻول جاچي ڏسڻو پوندو تہ سندس ڌاتو، ٻوءِ پلي ان کي پاڙ-ڌاتو چيو وڃي، ڪهڙو آهي. پر اهو جاچڻ کان اڳ مسٽر گريئرسن جي راءِ جيڪا هن اسم مصدر (infinitive) ۽ پاڙ ٻول (root word) بابت بيان ڪئي آهي:

- هو {سر گريئرسن} ڌاتو کي Root {پاڙ} ٿو ڪوٺي. هن پنهنجي مذڪوره ڪتاب {لِنگئسٽڪ سروي آف انڊيا} ۾ Root {پاڙ} ۽ Infini-tive {اسم مصدر} کي ٻہ ڌار ڌار صورتون ڪري بيان ڪيو آهي. هو Infini-tive {اسم مصدر} لاءِ لکي ٿو:

"Infinitive is formed by adding /ڻ/ to Root, as in /هلڻ/ to go"

(الانا [1987] 40)

{اسم مصدر پاڙ (ٻول) سان /-اڻ/ ملائڻ وسيلي ٺهندو آهي، جيئن /هلڻ/ (جنهن ۾ /هل/ سان /-اڻ/ ملائي اسم مصدر /هلڻ/ ناهيو ويو آهي)} يعني پاڙ ٻول ٿيو /هل/.

الانا صاحب جن ان ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جن جي راين کي نظر ۾ رکندي ۽ اڳوڻن راين جي ڇنڊڇاڻ ڪندي، تفصيلي بحث کان پوءِ ([1987] 36-41) چوي ٿا:

- هن سلسلي ۾ هڪ اهم نڪتو هي ٻه آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي اڪثر متعدي فعلن جا ڌاتو، لازمي فعلن جي ڌاتن مان ڦٽي نڪرن ٿا. مثال طور:

| لازمي فعل جا ڌاتو | متعدي فعل جا ڌاتو | متعدي بالواسطہ |
|---|---|---|
| سڙ- | ساڙ- | ساڙا- |
| مر- | مار- | مارا- |
| ٺر- | ٺار- | ٺارا- |
| تر- | تار- | تارا- |
| ڦِس- | ڦيهہ- | ڦيها |
| ٻر- | ٻار- | ٻارا- |
| ٺهہ- | ڊاهہ - | — |
| سِر- | سير- | سيرا- |
| ڦٽ- | ڦاڙ- | ڦاڙا- |
| ٽٽ- | ٽوڙ- | ٽوڙا- |
| ٻڏ- | ٻوڙ- | ٻوڙا- |
| وسام- | وسا- | — |

(الانا [1987] 42-43)

جاٽايل مثالن ۾، فعلن جي حد تائين چئي سگهجي ٿو ته الانا صاحب جن ڌاتو اسم مصدر (يا حاصل مصدر) کي نہ ٿا سمجهن پر سندن نظر ۾ جيڪا پاڙ (root) آهي، ان کي سمجهن ٿا.

جتوئي صاحب جن 'پاڙ-بنياد' ۽ 'ٿڙ-بنياد' جو ذکر ڪيو آهي، سنڌي جي ڪيترن ئي ٻولن کي جڏهن اهڙيءَ درجيبنديءَ ۾ آڻبو تہ پوءِ اسان کي سڄو وڻ خلقڻو پئجي ويندو. جيئن الانا صاحب جن چون ٿا تہ

- 'سڙڻ' جو ڌاتو /سڙ/ آهي، اهو سڏبو 'پاڙ ڌاتو'.
- 'ساڙڻ' جو ڌاتو /ساڙ/ آهي، اهو سڏبو 'ٿڙ ڌاتو'، جو تہ /ساڙ/ جو پاڙ ڌاتو /سڙ/ آهي.
- 'ساڙائڻ' جو ڌاتو /ساڙاء/ آهي، جنهن کي الانا صاحب جن /ساڙا-/ سڏيو آهي، ان کي سڏبو 'ڏار ڌاتو'، جو تہ ان جو ٿڙ ڌاتو /ساڙ/ ۽ پاڙ ڌاتو /سڙ/ آهي.
- 'ساڙارائڻ' جو ڌاتو /ساڙاراء/ آهي، جنهن کي الانا صاحب جن /ساڙارا-/ لکيو آهي، ان کي سڏبو 'ٽاري ڌاتو'، جو تہ...
- 'ساڙارارائڻ' جو ڌاتو /ساڙاراراء/ آهي، جنهن کي الانا صاحب جن /ساڙارارا-/ لکيو آهي، ان کي چئبو 'پن ڌاتو'، جو تہ...

- ’سڙڻِي‘ جو ڌاتو آهي /سڙڻ/ جنهن ڪي اصولي طرح ’تـڙ ڌاتو‘ سڏڻ گهرجي پر جيئن تہ /ساڙ/ ڪي ’تڙ ڌاتو‘ سڏبو اٿئون ان ڪري هي ٿيندو ’گل ڌاتو‘. اهڙا ڪي ٻيا مثال آهن: هلڻي، ويهڻي، ڪرڻي، اٿڻي وغيره.
- ’ساڙڻي‘ جو ڌاتو آهي /ساڙڻ/ جنهن ڪي اصولي طرح ’ڌار ڌاتو‘ سڏڻ گهرجي پر جيئن تہ /ساڙاء/ ڪي ’ڌار ڌاتو‘ سڏيو اٿئون ان ڪري هي ٿيندو ’پنڪڙي ڌاتو‘.

اهڙيءَ طرح ’ساڙائڻي‘ ۽ ’ساڙارائڻي‘ لاءِ ’ميوو ڌاتو‘ ۽ ’ٻج ڌاتو‘ بہ نهي پوندا پر ’ساڙارارائڻي‘ لاءِ ليکڪ ڪي مونجهارو آهي!

/ساڙارا-/ ۽ /ساڙارارا-/ ٻول الانا صاحب جن جي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“ ([1974] 88) تان ڪنيا ويا آهن.

ليکڪ جو هڪ مضمون ”**جامع سنڌي لغات جو جائزو، پهرين جلد جي حوالي سان پهرين پڙهڻي***“ پنهنجي مڪمل صورت ۾ ”ڪينجهر“ (ڊسمبر 1994ع) ۾ ڇپيو آهي جنهن ۾ لڳ ڀڳ 328 (ٽي سو اناويهہ) اهڙن ٻولن جي نشاندهي ڪيل آهي جن جو، هر باندي صورت ڌار ڪرڻ ڪان پوءِ، آخري، ننڍي ۾ ننڍو معنادار جزو /لِڪ/ ٻيهي ٿو.

هن سڄي قصي ڪڻڻ جو مقصد اهو آهي تہ ڌاتو ٻول جي سلسلي ۾ اسان ڪي پنهنجو ڌيان ان سرچشمي تي سيڙائڻو پوندو جيڪو باقي سمورن واسطيدار ڪردنت ٻولن جي نهڻ جو ڪارڻ آهي.

پاڙ جيئن تہ اهو حصو آهي جنهن تي ڪنهن بہ شيءِ، واقعي، لقاءُ وغيره جو باقي سمورو ڊانچو اڏيل ٿئي ٿو ان ڪري **پاڙ ٻول** يا **پاڙ لفظ** اهو ٻول آهي جيڪو پاڻ سان واسطيدار سيني ٻولن جي پاڙ ۾ موجود رهي ٿو.

- پاڙ (Root): اهو بنيادي عنصر جنهن مان {باقي سمورا واسطيدار} ٻول نڪتل آهن. (چيمبر‘س ڊڪشنري)
- پاڙ: (هن ڪي بنيادي صورت/Basic form بہ چيو ويندو آهي) ٻول جي اها صورت جنهن تي ان ٻول جون باقي سموريون صورتون، چيو ٿو وڃي تہ، ٻيڻل آهن. (آڪسفورڊ ڊڪشنري)

**پاڙ ٻول** ننڍي ۾ ننڍي معنادار آجي صورت آهي. اهو پاڻ ڪنهن ٻئي ٻول مان ڦٽي نہ ٿو نڪري پر منجهانئس ڪيترائي ٻول ڦٽي نڪرڻ جوڳا هوندا آهن. پاڙ ٻول ئي آهي جنهن ڪي پهريت، سادو، ابتدائي، بنيادي ٻول چوڻ گهرجي. هيءَ آهي نمبر پهرئين ڳالهہ.

* نوٽ: هي مضمون ڊاڪٽر محبت جي ڪتاب ”**سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت**“ [2003] ۾ ڇپيو ويو آهي. - رياضت

تورو اڳ ڏنل حوالي ۾، جتوئي صاحب جن /ڇِنڻ/ مان /ڇِنُ/ ۽ /ڊُڪڻ/ مان /ڊُڪ/ کي ڪردنت سڏن ٿا ۽ مصدري اسمن /ڇِنڻ/، /ڊڪڻ/ وغيره کي بنياد قرار ڏين ٿا. حقيقت هن طرح آهي تہ /ڇِنُ/ ۽ /ڊڪ/ ڪردنت برابر آهن پر انهن جو ڌاتو /ڇنڻ/، /ڊڪڻ/ ناهي، انهن جو ڌاتو آهي /ڇِنُ/،
/ڊُڪ/.

جتوئي صاحب جن چون ٿا تہ /مار/، /تور/ ۽ /ڄاڻ/ گرامر موجب انهيءَ اسم ذات جا مثال آهن جيڪي مصدري اسمن مان نڪرندا آهن. هيءُ ڪو دليل ناهي. مصدري اسمن مان اسم ذات ڇو ٿا نڪرن؟ ڇا سمورا اسم ذات ٻول مصدري اسمن مان نڪرندا آهن؟ ڇا اهو ڪو پڪو پختو قانون آهي تہ هر اسم ذات مصدري اسم مان ئي نڪري ۽ جيڪو ٻول مصدري اسم مان نڪتل نہ هوندو، اهو اسم ذات ٿي ئي نہ تو سگهي؟

جتوئي صاحب جن پنهنجي ڪتاب ۾ بنياد، ڌاتو يا پاڙ ٻول جي حوالي سان ڪا هڪ مقرر صورت قائم رکي نہ سگهيا آهن. پاڻ ڪنهن هڪ ٻول جي ڪنهن هڪ صورت کي ڪٿي ”بنياد“ سڏن ٿا تہ ڪٿي ”سالم لفظ“، ۽ ڪٿي وري ڪنهن ٻئي ٻول جي ان جهڙي ئي صورت کي ”اڻ-سالم“ ٿا سمجهن تہ ڪٿي ”بنيادي صورت طور نظر ايندڙ“ ۽ ڪٿي ”بنيادي پد“.

- /قربائتو/ پيچيدو لفظ آهي جنهن جو بنياد /قُرب/ آهي ۽ /-آئتو/ پويون جوڙ آهي. اهڙي قسم جا ٻيا مثال آهن:

پُٽيتو = /پُٽ + ايتو/
لاڙي = /لاڙ + اِي/
باغائي = /باغ + آئي/
ڏِڌڪار = /ڏِڌ + ڪار/
سڏي = /سڏ + اي/
سڏيندو = /سڏ + ايندو/ (جتوئي [1983] 117)

هن مثال ۾ /سڏ/ کي ”بنياد“ قرار ڏنو ويو آهي.
/سڏڻ/ جيڪڏهن پاڙ-بنياد آهي (جتوئي [1983] 117) ۽
/سڏائڻ/ جيڪڏهن ٿڙ-بنياد آهي تہ پوءِ /سڏ/ ڪهڙو بنياد سڏبو؟
۽ /سڏ/ کي ڪهڙو بنياد سڏيو ويندو؟

- ... اشتقاقي توڙي گرداني لفظ ڪنهن بنيادي لفظ (Underlying word) مان ظاهر ٿين ٿا جنهن کي سنسڪرت ۾ ’**ڌاتو**‘ سڏجي ٿو. سنڌي ۾ انهيءَ لاءِ مناسب لفظ ’**بنياد**‘ يا ’**پيڙهہ**‘ آهي. عربيءَ ۾ ان کي ’**اصل**‘ سڏجي ٿو. (جتوئي [1983] 115)

’ڳتيل ٻول‘ جي سري هيٺ /سچ/ جو ذڪر ڪندي اسان ڏٺو تہ ’بنياد‘ يا ’پيڙهہ‘ جي بدران ’Base‘ لفظ ڪم آندو ويو هو (جتوئي [1983] 111)، ’Root‘ جي بدران ’پاڙ‘، ’پيڙهہ‘ يا ’بنياد‘ ئي ڪم ايندو، اهڙيءَ طرح ’مصدر‘ پڻ ساڳي ئي مفهوم ۾ ڪم آندو ويو آهي (الانا [1987] 40، 42)، اهي سڀ ڳالهيون هڪ مونجهارو تخليق ڪن ٿيون. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ٿئي ٿو جو اسان وٽ ٻولن ۾ اصطلاحن جي تخصيص ناهي.

پوءِ ايئن چو نہ ڪجي، تہ پاڙ ٻول انهيءَ ٻول کي قرار ڏجي جيڪو پنهنجيءَ مڪمل ۽ آجي صورت ۾، ننڍي ۾ ننڍي معنادار جزي جو ڪارج ڪندي سمورن واسطيدار ڪردنت ٻولن جي پاڙ ۾ ڪم ايندو هجي. هيءَ آهي نمبر ٻي ڳالهہ.

/سڏ/، /سڏ/، /سڏڻ/ ۽ /سڏائڻ/ مان ڪهڙو ٻول آهي جيڪو درحقيقت پاڙ جو ڪم ڪري ٿو؟

/سڏائڻ/ ۾ /-آءِ-/ وچون جوڙ آهي، باقي ٻول بچيو /سڏڻ/.

/سڏڻ/ کان /-اِڻ/ ڌار ڪري سگهجي ٿو ۽ باقي بچيل جز /سڏ/ هڪ معنادار جزو آهي.

/سڏ/ کان پڻ /-ا/، جيڪو هڪ وائيو آهي (۽ مذڪر واحد جي معنيٰ پيدا ڪري ٿو) ڌار ڪري سگهجي ٿو ۽ باقي بچيل جز /سڏ/ هڪ معنادار جزو آهي.

پر /سڏ/ کان جيڪڏهن ڪو بہ جز کسي ونبو تہ ان جي ڪا بہ معنيٰ نہ رهندي.

- جن طريقن سان بنيادي لفظ صرفي صورت بدلين ٿا سي ٽي آهن: (1) وڌائڻ (addition) وارو طريقو، (2) گهٽائڻ (substraction) وارو طريقو ۽ (3) بدلائڻ (replacement) وارو طريقو. (جتوئي [1983] 115)

’بنيادي‘ ٻول جن آوازن جي مدد سان صرفي (روپيائي) صورت بدلائن ٿا انهن کي هڪ ڌار سري هيٺ جاچيو ويو آهي. پر، ڪنهن بہ ’بنيادي‘ ٻول ۾ جيڪي بہ صرفي (روپيائي) ۽ وائيائي (phonemic) تبديليون واقع ٿيون آهن جڏهن انهن کي ڌار ڪبو تہ باقي بچيل ٻول پڪ سان ”بنياد“ (پاڙ، ڌاتو) هوندو. هيءَ آهي نمبر ٽين ڳالهہ.

- ... نڪتل لفظ ٻن قسمن جا هوندا آهن: هڪڙا اشتقاقي ۽ ٻيا گرداني. جڏهن هڪ ئي بنياد مان (توڙي **پاڙ** هجي يا **ٿڙ** هجي) ڪئين اشتقاقي ۽ گرداني لفظ نڪرن، تڏهن سيني لاڳاپيل لفظن کي گڏي روپاولي {paradigm} سڏجي ٿو. ان جا بہ قسم ٿيندا آهن: هڪ اشتقاقي (derivational) ۽ ٻي گرداني (inflectional). اشتقاقي روپاولي ۾ اهي سمورا نڪتل لفظ هوندا آهن جيڪي خود مستقل لفظ ٿي ڪم ايندا آهن. مثلا

ڪم (بنيادي لفظ) ڪمائتو، ڪمائي، نڪمو، ڪامي. ڦريل روپاولين ۾ اهي نڪتل لفظ هوندا آهن جن جون صورتون عدد، جنس، حالت يا زمان سبب ڦريل هونديون آهن. مثلا

(1) ڪم- (بنيادي لفظ) ، ڪم، ڪمن

(2)ڪماءِ (بنيادي لفظ)، ڪمائي، ڪمائين، ڪمائين، ڪمائيو، ڪمائيان، ڪمائيون وغيره.

هي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اشتقاقي لفظن جون گرداني روپاوليون تي سگهن ٿيون مگر گرداني لفظن جون اشتقاقي روپاوليون تي نه ٿيون سگهن. (جتوئي [1983] 122-123)

سنڌيءَ ۾ سوين ٻول اهڙا آهن جن مان هر هڪ ڌاتو ٻول جي روپاولي سوين ٻولن تي پکڙيل آهي. ظاهر آهي ته ان سڄي روپاولي ۾ ڪو هڪ ٻول پاڙ ٻول جو ڪم ڪري ٿو.

ڪماءِ = / ڪر + آء + اِ/ ۾ آخري آواز /اِ/ هڪ وائيي جو ڪم ڪري ٿو ۽ ٻول ۾ امر واحد جو مفهوم وڌائي ٿو، تنهنڪري /ڪماءِ/ بنيادي ٻول تي نه ٿو سگهي. /ڪماءِ/ جو ”ٽڙ“ بنياد /ڪماء/ آهي جنهن جي صورتخطي، جتوئي صاحب جن جي /ڪاءِ/ (جتوئي [1983] 121) جو نقل ڪنديڪماءِ / ۽ الانا صاحب جن جي /ڪا-/ (الانا [1987] 41) جو نقل ڪندي /ڪما-/ لکي سگهجي ٿي. (تفصيل لاءِ ڏسو ’هڪ نيارو ۽ اڳ اڻ-ڪوجيل سنڌي وائل‘)

ڪو به ڄاڻو اهو چئي نه سگهندو ته /ڪماء/ مان /ڪر/ نهيو آهي پر ائين ضرور چئي سگهجي ٿو ته /ڪماء/ جو ”پاڙ“ ڌاتو /ڪر/ آهي.

اسان جو سوال هي آهي ته پاڙ ڌاتو / ڪرُ/ آهي يا / ڪرَ/.

ڪرُ = / ڪر + ُا/. هن ٻول ۾ ُا/ هڪ وائيي جو ڪم ڪري ٿو ۽ ٻول ۾ واحد مذکر ۽ اسم هجڻ جو مفهوم پيدا ڪري ٿو.

ڪرَ = / ڪر + اَ/. هن ٻول ۾ َا/ هڪ وائيي جو ڪم ڪري ٿو ۽ ٻول ۾ جمع مذکر ۽ اسم هجڻ جو مفهوم پيدا ڪري ٿو.

تنهنڪري / ڪرُ/ ۽ / ڪرَ/ جو ڌاتو / ڪر/ آهي.

- ... سنڌي ٻولي گهڻو ڪري ٻه-اکرن ڌاتن تي ٻيٺل آهي...

سنسڪرت ڌاتو ’سُوَ‘ برابر آهي سنڌي اصل ڌاتو ’سُئَ‘ جي. سنسڪرت ۾ ان ڌاتو ۾ ’ار‘ ۽ ’ان‘ گڏڻ سان ’سُون‘ يا ’سُور‘{نهي تو جنهن جي} معنىٰ {آهي} آواز ڪرڻ. ٻئي طرف سنڌي ڌاتوءَ ’سُد - سُئَ‘ يا ’سو‘ جي معنىٰ آهي آواز، ۽ سنڌيءَ ۾ ان جون فعلي صورتون آهن ’سُئڻ‘، ’سُٽڻ‘، ’سُڄڻ‘ (ٻڌڻ ۾ اچڻ) ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي خاص سنڌي طريقي سان ڪيترائي لفظ نهن ٿا... (سراج [1964] 50-52)

هيءَ ڳالهه ايندڙ صفحن ۾ بحث هيٺ آڻبي. پر سنڌي ٻولن جي پاڙ ڌاتن هن ۾ هڪ اشارو ملي ٿو جيڪو الانا صاحب جن پاران ڏنل ڌاتو ٻولن جي صورت ۾ پڻ موجود آهي.

- پيچيدن لفظن مان ڪي اهڙا به ٿيندا آهن جن ڪي جيڪڏهن ٽوڙبو ته انهن مان هڪ سالم لفظ ٿيندو ۽ ٻيو پد ٿيندو. مثلا

ڪسنگ = /ڪ + سنگ/

جانور = /جان + ور/

خداوند = /خدا + وند/

وجيٽو = /وجي + ٽو/ (جتوئي [1983] 112)

/وجي/ جيڪڏهن ”سالم لفظ“ آهي ته پوءِ /سڏي/ به ”سالم لفظ“ سڏڻو پوندو جڏهن ته ان کي اڳ ڏنل مثال ۾ ”پيچيدو“ (ڳتيل، مرتب، complex) ٻول سڏيو ويو آهي.

۽ ان کي /سڏ/ ۽ /اي/ ۾ ٽوڙي /سڏ/ کي بنياد يا پيڙهه قرار ڏنو ويو آهي،

۽ /سڏڻ/ کي وري پاڙ-بنياد سڏيو ويو آهي!

/وجڻ/ جو پاڙ ٻول آهي /وڄ/.

/وڄ/ +/ا/ = وڄ. (/ا/ واحد لاءِ مذڪر هجي يا مؤنث، ”امر“ آهي).

/وڄ/ + /او/ = وڄو. (/او/ جمع لاءِ مذڪر هجي يا مؤنث، ”امر“ آهي).

/وڄ/ +/ا/ = وڄا (/ا/ بنياد ۾ اسم جو مفهوم وڏائي ٿي).

/وڄ/ + /ڻ/ = وڄڻ. (/ڻ/ اسم مصدر)

/وڄ/ + /آن/ = وڄان

/وڄ/ + /ون/ = وڄون

/وڄ/ + /اِي/ = وڄِي

وڄ/ + /اي/ = وڄي

.

.

.

/وجڻ/ جو ڌاتو /وڄ/ آهي.

/وجي/کي / وڄ+ اي/ ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو جيئن /سڏي/ کي / سڏ+ اي/ ۾ ٽوڙيو ويو هو ۽ اِتي، انهن ۾ اهڙن سيني ٻولن ۾ /-اي/ هڪ ضميري پڇاڙي جي نمائندگي ڪري ٿو — ضمير غائب اشارو.

- ”وڄي ٿو.“
- ”حيدر آباد وڄي ٿو“

مٿي ڏنل ٻئي جملا مڪمل آهن. ”وڄڻ جو ڪم ڪير ڪري ٿو؟“

”هو/هي“.

- ”سڏي ٿو“.
- ”توکي سڏي ٿو.“

- ڪير سڏي ٿو؟

”هو/هي“.

(تفصيل لاءِ ڏسو ليکڪ جو مضمون ”**ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي**“. مهراڻ، 1-2، 1994ع.*)

- پــڙهه + آن = پڙهان

پــڙهه + اِي = پڙهي

پــڙهه + اِي = پڙهِي

انهن مثالن ۾ /پــڙهه-/ ڌاتو آهي ۽ /آن، اي ۽ اِي/ پڇاڙيون آهن.

(الانا [1987] 41)

جيئن، جتوئي صاحب جن جي راءِ موجب /سڏائڻ/ جو پاڙ-بنياد آهي /سڏڻ/، تيئن /ساڙڻ، ڪاڙهڻ، نبيرڻ، پڙهائڻ، لڪائڻ، ڪوٽائڻ، ڪٽائڻ، ڇڏائڻ، وٽائڻ/ جو پاڙ-بنياد ٿيندو /سڙڻ، ڪڙهڻ، نبرڻ، پڙهڻ، لڪڻ، ڪوٽڻ، ڪٽڻ، ڇڏڻ، وٽڻ/ ۽ انهن جو، اڳ ڄاڻايل بنيادن تي، اسان جي راءِ موجب حقيقي پاڙ-ٻول ٿيندو /ســڙ ڪڙهه، نِبــر پــڙهه، لِڪـ ڪوٽ ڪـٽ ڇـڏ وٽ/. بلڪل ساڳين سببن جي ڪري /مارڻ ۽ ٽورڻ/ جو پاڙ ٻول ٿيندو /مـر ۽ ٽـرا ۽ /ڊڪڻ ۽ ڇٽڻ/ جو پاڙ ٻول ٿيندو / ڊڪ ۽ ڇٽ/.

هتي ليکڪ پاران هڪ ڳالهه چٽي ڪئي وڃي ٿي ته خود اهڙن، رسمي طريقي ۽ وصف پٽاندر نروار ٿيندڙ پاڙ ٻولن مان ڪجهه، ڪي ٻول سچ پچ پاڙ ٻول هجن، انهيءَ سان ليکڪ کي اختلاف آهي. جيئن مٿئين سٽاءَ ۾ هڪ ٻول /نِبــر/ پاڙ ٻول طور ايري آيو آهي جيڪو ليکڪ جي نظر ۾ پاڙ ٻول ناهي، اهو

هڪ ڳنڍڙ ۽ ڳتيل ٻول آهي. اهڙا ڪيترائي ٻول، جيڪي مٿي آيل وصف جي روشنيءَ ۾ پاڙ ٻول طور ايري اچن ٿا پر درحقيقت ڳتيل ٻول آهن انهن جي ڇنڊڇاڻ اسان ”اوائلي ٻول*“ جي سري هيٺ ڪئي آهي ۽ ڪجهه ٻولن جي وضاحت ”جوڙپ“ جي سري هيٺ ڪئي وئي آهي.

جتوئي صاحب جن چون ٿا ته /سچ/ سالم ٻول ناهي (ڇو ناهي؟، ان جي ڪا به وضاحت نه ٿي ملي) ۽ ان جو سالم ٻول آهي /سچ/. وري چون ٿا تڏ/ لاڙ باغ ۽ / وغيره ڪن ٻولن جو بنياد آهن. /سچ/ ڪي مثال بنائي انهن جو سالم ٻول هي مقرر ڪرڻو پوندو:

| بنياد | سالم ٻول |
|---|---|
| سچ | سچ |
| تڏ | تڏِ |
| لاڙ | لاڙ |

* نوٽ: هيءُ مضمون ”سنڌيڪا اڪيڊمي“ پاران ڇپرايل ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب ”**اچو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون**“ [2000] ۾ شامل آهي. - رياضت

* هن عنوان تحت مواد ملي نه سگهيو آهي. - رياضت

باِغ　　باغ
ڪنيِ　　ڪنيُ
ڇِر　　ڇُر
ڏِڙ　　ڏُڙ
۽ ٻيا.

ٻين لفظن ۾ ايئن چوڻو پوندو ته خود جتوئي صاحب جن جي نظر ۾ جيڪو ٻول بنياد يا پيڙهه آهي، اهو سالم لفظ ناهي.

۽ جيڪو ٻول سالم ناهي اهو جوڙ (affix) ته ٿي سگهي ٿو، ’ڌاتو‘ نه ٿو ٿي سگهي. اها آهي نمبر چوٿين ڳالهه.

۽ پنجين ڳالهه هيءَ آهي ته ڌاتو ٻول ڪنهن به عدد، جنس، حالت وغيره کي ظاهر نه ٿو ڪري.

جتوئي صاحب جن لکيو آهي ته *اسچارا* ۾ *اسچ* ۽ *آرا* سالم ٻول نه آهن، *اسچ* جو سالم ٻـول *اسچ* آهي ۽ *آرا* جو *ڪارا*. اسان جي نظر ۾

*اسچ* جو ڌاتو به *اسچ* آهي ته *اسچارا* جو ڌاتو به *اسچ*، ۽ اهڙيءَ طرح *اسچوا*، *اسچوا*، *اسچيا*، *اسچيا*، *اسچاڻا* وغيره جو ڌاتو ٻول به *اسچ* آهي. *اسچ* کان سواءِ باقي سڀ جوڙ آهن — پنجوڙ (suffixes).

*سونار*، لوهار، ڏٽار، چمار، ڪنيارا وغيره ۾ پنجوڙ *آرا* جو سالم لفظ ممڪن آهي ته *ڪارا* هجي، پر *اچار*، آجهار، آچار، آٽار، ٻار، ا ِجهار ۽ *ڏارا* ۾ به *-آرا* جو سالم لفظ *ڪارا* ئي هجي، هڪ شڪ واري ڳالهه آهي.

ڪي جوڙ اهڙا آهن جن جو ’سالم‘ لفظ ڳولڻ سان ملي وڃي ٿو، پر ڪي جوڙ اهڙا به آهن جن جو سالم لفظ في الوقت نه ٿو لڀي. البت ليکڪ پڪ رکي ٿو ته جيڪو به جوڙ آهي، خاص ڪري اڳجوڙ ۽ پنجوڙ، اهو ڪنهن نه ڪنهن ٻول جو اڳيون حصو (اڳجوڙ جي حالت ۾) يا پٺيون حصو (پنجوڙ جي حالت ۾) آهي.

*سونار*، لوهار، ڏٽار وغيره ٻولن ۾ *آرا* ڌاتو ٿي نه ٿو سگهي ڇو ته انهن ٻولن ۾ اهو هڪ پنجوڙ طور ڪم آيو آهي، پر ڪو به نه هوندو جيڪو چئي سگهي ته انهن ٻولن ۾ ڌاتو ٻول / سوڻ لوهه ڏڙ/ ناهي، ۽ اهو ٻول پنهنجي حقيقي ڌاتوئي صورت ۾ ڪم آيل آهي.

ليکڪ جي اها ڳٽيل ڳوتيل راءِ آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي هر ٻول جو ڌاتو يڪپدو (monosyllabic) آهي. هر ڌاتو ٻول پنهنجي بناوت ۾ ننڍي ۾ ننڍي معنادار آجي صورت رکي ٿو. اهو ڪا به جنس نه ٿو ڏيکاري، ڪو به عدد نه ٿو پڌرو ڪري. ان ڌاتوءَ سان مختلف جوڙ ملائي ڳٽيل ٻول ناهيو پئي ويو آهي ۽ اهڙي هر ڳٽيل ٻول ۾ اهو ڌاتو پنهنجي ڌاتوئي صورت برقرار رکي ٿو. البت ڳوپ ٻول ۾ هڪ ڪان وڌيڪ (عام طرح به) ڌاتو ٻول پنهنجي اصلي ۽

اصولي صورت ۾ ڪم اچن ٿا. ذاتو ٻول ۾ ڪو جوڙ اهڙيءَ طرح بہ ملائي سگهجي ٿو جو سندس وچون يا اندريون جوڙ ٿي پوي.

ان ڳالهہ کي هن طرح بہ بيان ڪري سگهجي ٿو:

- لِک = [ل + اِ + ک]
- لِکَ = [لِ] + [کَ] = /لِکَ + اَ /
- لِکُ = [لِ] + [کُ] = /لِک + ُا/
- لکو = [لِ] + [کو] = /لِک + او/

\- لکڻ، لکائڻ، لکيو، لکايو، لکرايو، لکندو، لکائيندو، ...

- ليک = [ل + اي + ک]. ذاتو سان /اي/ هڪ اندريون جوڙ.
- ليکو = [لي] + [کو] = /ليک + او/
- ليکُو = [لي] + [کُو] = /ليک + ُو/
- ليکَڪ = [لي] + [ کَڪ] = [لي] + [ک + ا + ڪ] = /ليک + َڪ/.
- ليکَڪ = [لي] + [ک] + [ڪ] = /ليکڪ + َا/
- ليکڪ = [لي] + [ک] + [ڪ] = /ليکڪ + ُا/

\- ليکيو، ليکيندو، ليکايو، ليکائيندو، ليکاري، ...

- /لِک/. هڪ ذاتو ٻول. ناذر جنس. عدد ٻڙي.

توڙي جو اها ڳالهہ محسوس ڪئي وئي آهي تہ ذاتو ٻول پاڻ مانُ قابل هر صورت کان ٿورو ڪي گهڻو فرق رکي ٿو پر ان جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻيو اصطلاح 'عيوضي صرفيو' (allomorph) ڪم آڻي ان کي ذاتو سان هم آهنگ ڪيو ويندو آهي. 'allomorph' لاءِ 'ساٽروپ' متبادل طور ڪم آندو ويندو.

'ساٽروپ' (allomorph) جي لفظي معنىٰ آهي ڪنهن هڪ ئي شيءِ جو 'ٻيو روپ' يا 'بدليل روپ' (عيوضي صرفيو).

- ... مگر بنيادي صرفين {morphemes، رُوپين} ۾ بہ عيوضي صرفيا ٿيندا آهن، مثلاً 'ڪُتو' بنيادي لفظ آهي جنهن جون حالتن مطابق مختلف صورتون هينئين ريت آهن:

ڪُتو اچي ٿو (حالت فاعلي، عدد واحد)

ڪُتا اچن ٿا (حالت فاعلي، عدد جمع)

ڪُتي کاهہ (حالت مفعولي، عدد واحد)

ڪُتن کاهہ (حالت مفعولي، عدد جمع)

ڪُتي کي گاهہ ڏي (حالت جري، عدد واحد)

انن کي گاهہ ڏي (حالت جري، عدد جمع)

اٺ جو پيچ ڏس (حالت اضافت، عدد واحد)

اٺن جا پيچ ڏس (حالت اضافت، عدد جمع)

اوُٺ حبيبن ڏي هل (حالت ندا، عدد واحد)

اوُٺو، حبيبن ڏي هلو (حالت ندا، عدد جمع)

انهن سڀني حالتن ۾ ”اُٺ“ بنيادي لفظ جون چار صورتون آهن جن مان هڪ حالت فاعلي عدد واحد واري صورت، هوبهو بنيادي لفظ جهڙي آهي، باقي ٽيون ٽي صورتون بدليل آهن. انهن سڀني ۾ بنيادي صورت /اُٺ/ آهي جنهن سان ٻيا جوڙ /ا/، ۽ /ن/ ۽ /و/ ملايا وڃن ٿا، تنهنڪري /اُٺ/ ۽ /اٺ/ عيوضي صرفيا {allomorphs} آهن. (جتوئي [1983] (118

چئبو ته بنيادي لفظ رڳو مذڪر واحد هوندو آهي.

هن ٽڪري ۾ ”اُٺ“ کي بنيادي لفظ سڏيو ويو آهي ۽ توڙي جو اهو مڃيو ويو آهي ته /ا/ /ا /ن/ ۽ /و/ ان سان جوڙ ملايا ويا آهن پر اهو نه چيو ويو آهي ته /ا/ به جوڙ طور ئي مليل آهي ۽ بنياد (ڌاتو) /اٺ/ ئي آهي.

چيو ويو آهي ته /اٺ/ بنيادي صورت آهي، ۽

/اُٺ/ بنيادي لفظ آهي!

جيڪڏهن /اٺ/ ۽ /اُٺ/ ساٿروپ (عيوضي صرفيا) آهن ته پوءِ چو /سچ/ ۽ /سچ/، /پٽ/ ۽ /پٽ/، /ٽڏ/ ۽ /ٽڏ/، /باغ/ ۽ /باغ/ ... هڪ ٻئي جا عيوضي صرفيا ناهن؟ ۽ چو انهن مان هڪ سالم لفظ آهي ۽ ٻيو سالم لفظ ناهي؟ ۽ ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته ”اڻ-سالم لفظ“ ئي ڌاتو ٿي ڪم اچي ٿو!

ليڪڪ انهيءَ راءِ جو آهي ته جيئن /اٺ/ ٻول ۾ ڌاتو /اٺ/ سان /ُ/ جوڙ ملايو ويو آهي تيئن /اٺ/ ٻول سان /ا/ جوڙ ملائي /اٺ/ ناهيو ويو آهي.

جتوئي صاحب جن چيو آهي ته

(1)”اُٺ“ بنيادي لفظ آهي،

(2)حالت فاعلي عدد واحد واري صورت هوبهو بنيادي لفظ جهڙي آهي.

(3)باقي صورتن سان ٻيا جوڙ /ا/، /ن/ ۽ /و/ ملايا ويا آهن.

ايئن چوڻ بدران هيئن چو نه چئجي ته

(1)جيئن باقي صورتن سان ٻيا جوڙ /ا/ ، /ن/ ۽ /ئو/ ملايا ويا آهن تيئن حالت فاعلي عدد واحد (۽ جنس مذڪر، جنهن جو ذڪر ئي نه ڪيو ويو آهي) واري صورت ٺاهڻ لاءِ جوڙ /ُا/ ملايو ويو آهي، ان ڪري

(2)حالت فاعلي عدد واحد (جنس مذڪر) واري صورت هوبهو بنيادي لفظ جهڙي ناهي، ۽

(3)بنيادي لفظ ”ڪ“ (يا /ڪِ/ = ڏاچي) ناهي پر /ڪ/ آهي جنهن ڪي اصولن ڏاتو سڏڻ گهرجي چو تہ ڏاتو ان صورت کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ناهي.

پوءِ تہ ائين بہ چوٽو پوندو تہ

ڪتو اچي ٿو (حالت فاعلي، عدد واحد، جنس مذڪر)

ڪتي اچي ٿي ( = = = = ، جنس مؤنث)

.....

(۽ اهڙيءَ طرح باقي سڀ جملا) تہ پوءِ

- /ڪتو/ بنيادي لفظ آهي (۽ /ڪتِي/ بہ بنيادي لفظ آهي)،

- حالت فاعلي، عدد واحد (۽ جنس مذڪر هجي يا مؤنث) جي صورت هوبهو بنيادي لفظ /ڪت/ جهڙي آهي، جنهن سان ٻيا جوڙ ملايا ويا آهن،

- تنهنڪري /ڪت/ ۽ /ڪتو/ ۽ /ڪتي/ ساٽروپ (عيوضي صرفيا) آهن.

- يا وري چئبو تہ بنيادي لفظ رڳو مذڪر ٿيندو آهي.

۽ وري جي مثال ڪنهن اهڙي شيءِ جو هجي جنهن ۾ جنس مذڪر ۽ مؤنث وڌيڪ نمايان فرق رکن ٿا جيئن /ڪتي ۽ ڪتياڻي/، /ڌوٻي ۽ ڌوٻياڻي يا ڌوٻڻ/، /سونار ۽ سوناري/، /ٻنگي ۽ ٻنگياڻي/ وغيره تہ پوءِ اهو مثال ويتر غيرعملي ٿي پوندو.

## ڏاتو ٻول

(1) ننڍي ۾ ننڍي معنادار آجي صورت آهي.

(2) ڳتيل ٻولن جي روپاوليءَ ۾ ڏاتو ٻول پنهنجي حقيقي صورت برقرار رکي ٿو ۽ انهن سيني ٻولن جو بنياد (پاڙ) ٿي ڪم اچي ٿو.

(3) سنڌي ٻوليءَ جو ڏاتو ٻول يڪپدو ٿئي ٿو.

(4) اهو ڪو بہ عدد، ڪا بہ جنس ۽ ڪا بہ ڪيفيت يا حالت ظاهر نہ ٿو ڪري.

(5) ڏاتو ٻول ڏاتو ٿي ئي ڪم اچي ٿو، جوڙ نہ.

(6) ڳوپ ٻول (جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ، اڪثر ڪري بہ ڏاتو ٻول ٿين ٿا) سان ٻڻ ڪي جوڙ ملائي انهن کي ڳتيل ٻول جي صورت ۾ آندو وڃي ٿو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ جڙيل روپاولي کان جوڙ الڳ ڪيا ويندا تہ ڳوپ ٻول ظاهر ٿي پوندو.

## ٻاڌيو-1 (Appendix-1)

# وائل ۽ وائجڻ

پڪ رڪان تو تہ انگريزي ئي نہ، يوناني، لاطيني، عربي ۽ ٻين ڪيترين ئي انڊو-يورپين، سامي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ ڪيترائي ٻول اهڙا بہ موجود آهن جن جو ڏاتو سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ملي سگهي، ممڪن ناهي. ظاهر آهي تہ ’جڻ‘ ٻول ڪي انهن ٻولين جا ڳالهائيندڙ، جن ۾ ’ج‘ موجود ناهي، ’جڻ‘ ۽ جن ٻولين ۾ ’ڻ‘ بہ موجود ناهي ’جن‘ ئي اچاري سگهندا ۽ ’ڦوم‘ ڪي ڪو عرب ’ثوم‘ ئي اچاري سگهندو.

- پاڻنيءَ جي راءِ موجب دنيا ڪي آئيوتا جي شروعات پنڪ جاتيءَ ڪري ڏني. ڊايوڊورس ان لاءِ شام جي اوائلي رهواسين کي داد ڏنو آهي. پر هنن حقيقتن مان ظاهر آهي تہ پنڪ جاتيءَ وارا ۽ شام جا اصلوڪا رهاڪو (’هوي‘ لوڪ) جيڪڏهن سنڌي لوڪ نہ هئا تہ بہ سنڌين جا پائيبند ضرور هئا ۽ اهڙيءَ طرح دنيا ۾ لکڻ جي هنر جي شروعات ڪندڙن ۾ اوائلي سنڌين جو بہ گهڻو هٿ هو. (پريم [’سنڌو لکيت تي ٿيل تحقيق جو مختصر جائزو‘. ششماهي ’سنڌي ادب‘] پوپٽي هيرانداڻي جي ’ڀاشا شاستر‘ جي حوالي سان)

اڳ-اتهاسي (Pre-historical) ۽ قديم اتهاسي زمانن ۾ بہ سنڌ جا وسيع واپاري تعلق رهيا آهن ۽ سنڌ منجهان ڪي ئي وڏا وڏا ٽولا مختلف دورن ۾ ڌار ڌار طرفن ڏانهن لڏي ويندا رهيا، اهڙو هڪ مثال ’جِپسي‘ لوڪن جو آهي. ايم ايچ پنهور صاحب جن پنهنجن مختلف مضمونن ۾ سنڌ اندر ساموندي چاڙهہ جو ذڪر ڪيو آهي جنهن گذريل هڪ لک ورهن دوران هتان جي آباديءَ کي اوير پاسي نہ رڳو اجوڪي ڀارت جي ڏاکڻي حصي ۾ پر سنڌ کان اتر ۾ ۽ اولهہ ۾ بہ لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو ۽ ان جي لاٿ سان گڏ انهن تنهي طرفن کان سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ ڪرائي.

ستينءَ کان ڏهين صدي عيسوي تائين وارن ٽي سو ورهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي ٻول، خاص ڪري اِيا - نڳڃاڻ (Arithmetic)، ڳڻپچاڻ (Mathematics)، تارا چاڻ (Astronomy)، نِڪتچاڻ (Astrology، علم نجوم) ۽ طب سان واسطيدار، عربيءَ ٻوليءَ ۾ داخل ٿي ويا ۽ عربن کان وري يورپ جي جديد عالمن ورتا. سنڌ مان گهرايل ڪي دوائون هيون ليسوڙا، ايريو، هريڙ، آنئورا، ڪافور، ٻهيڙا وغيره. (ڏسو ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ جن جو مضمون ”سامي (عرب) تهذيب جي ارتقا ۾ سنڌ جو حصو“، نئين زندگي، مارچ 1969ع) پر اسان جي هن ڳالهہ جو گهڻو تعلق ان زماني سان آهي جنهن کي اڳ-اتهاسي چيو وڃي ٿو.

ڪي عالم چون ٿا تہ عراق ۾ پهريون پيرو ووٽن جي پوک لاءِ ڪڪڙا سنڌ مان گهرايا ويا (ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ) ۽ ڪي چون ٿا تہ عراق مان سنڌ ۾ آيا (ايم ايچ پنهور) پر مهرڳڙهہ ۾ ڪپهہ جي موجودي سنڌ جي حمايت ۾ دليل مهيا ڪري ٿي، ۽ انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سنڌ جا خاص ڪري واپاري ناتا ڏيهان ڏيهہ پکڙيل هئا.

سنڌ ۾ آرين جي آمد جو سن وڏ ۾ وڏ 17-سو ورهہ ق م سمجهيو وڃي ٿو ۽ ايم ايچ پنهور صاحب جن **تہ پڙاجاٽي** (Archaeological) شاهدي موجب 8-سو ق م مقرر ڪن ٿا.

- ”سمڪرت“ (سنسڪرت) ٻولي معنیٰ چڱي يا صاف ٿيل يعني اجاريل يا سڌاريل ٻولي. (آڏواڻي [1956] 24)
- پراڪرت ٻوليءَ جي معنیٰ {آهي} پرڪرتيءَ مان پيدا ٿيل ٻولي. پرڪرتي جي هڪڙي معنیٰ آهي قدرت (nature) ۽ ٻي معنیٰ اٿس ’اصلوڪي صورت‘. (ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ، ”سنڌي پراڻي شاعري تي هڪ نظر“ نئين زندگي، اپريل 1971ع)

پر ڪاڪي ڀيرومل جن پراڪرت کي سنسڪرت مان پيدا ٿيل سمجهن ٿا جيڪا راءِ منطقي طرح غلط نظر اچي ٿي ڇو تہ ’قدرتي‘ يا ’اصلوڪي ٻولي‘ ئي اڳ ۾ وجود وٺي سگهي ٿي ۽ پوءِ ئي ”سمڪرت“.

- عالمن جو خيال آهي تہ سنڌي پراڪرت جي هڪ شاخ آهي جا آرين جي اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. ”پراڪرت“ (پراڪريتي) جي معنیٰ آهي نج يا صاف ۽ ان جي ابتڙ سنسڪرت (سمسڪريتا) جي معنیٰ آهي ڳاڍڙ يا مليل جليل... سنڌي ٻولي تي جيتوڻيڪ ٻاهريون اثر بہ ٿيو آهي پر ان هوندي بہ ان جي سٽا ۽ ساخت ۾ ڪا بہ ڦيرگهير نہ آئي آهي...

ان ڪري اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ سنڌي ٻولي قديم دور کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ساڳي آهي. وقت جي گذرڻ ۽ ڌارئين اثر هيٺ، اها ڪي قدر بدليل ٿي ڏسجي پر ايتري ڦيرگهير نہ آهي جيتري برصغير جي ٻين ٻولين ۾ ڏٺي وئي آهي. (ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ، حوالو ساڳيو)

هڪ ٻول ’**ميگهہ**‘ سوچڻ جي دعوت ڏئي ٿو:

- ميگهہ ج ميگهہ: ذ. (پرا. ميهو. سن. ميگهہ. ع. ميخ = ڪڪر) ڪڪر - بادل - ابر - گهٽا - مينگهہ - ميخ. مينهن - برسات - بارش - وس. وسڪارو - وارڪا - باران - جهڙ - آگم. راڳ جي ڇهن راڳن مان چوٿين راڳ جو نالو — ملهار. (هندستاني موسيقي ۾ تمثيلي تصوير مطابق:وارن ڪارو، پوشاڪ پڙيلي، هٿ ۾ ترار، ڪڪر تي سوار)
- ميگهاڇڙ: ٻارهن ميگهن مان پهرئين ميگهہ جو نالو - جهڙ جهم - گهاٽا ڪڪر گهٽا گهنگهور (ن. ب)
- ميگهہ ملار: ذ. ساوڻ جي موسم - جهڙ - آگم

- ميگهواڙ ڄ ميگهواڙ: ذ . صفت. چمڙي جو ڪم ڪندڙ - موچي - ميگهواڙ. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو — مينگهواڙ.       (ج س ل)

’گهه‘ جيڪڏهن ڪو عرب اچاريندو تہ ’غ‘ ئي چئي سگهندو. في الوقت بحث اهو ناهي تہ ’ميگهہ‘ ڪهڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ’ميگهہ‘ ڦري ’ميهو‘ يا ’ميهہ‘ (مِينهن) ٿيو آهي (الانا [1987] 107) يا اهي ٻئي ٻول مورگو مختلف ڌاتو رکن ٿا پر مقصد اهو ٻڌائڻ آهي تہ سنسڪرت (جنهن کي ٻولين جي ’انڊو-يورپين‘ گهراڻي ۾ رکيو ويجي ٿو ۽ عربي (جيڪا ’سامي‘ گهراڻي جي ٻولي آهي) ۾ ڪي لفظ بلڪل ويجهڙائي، بلڪ ساڳيو ڌاتو ظاهر ڪن ٿا. ’ميگهواڙ‘ (مينگهواڙ) سنڌ جي قديم ترين رهاڪن مان هڪ آهن، ۽ سمجهان ٿو تہ ان جي معنىٰ ’ميگهہ وارا‘ ٿيندي.

- ميگهہ (ميغ، ميخ، ميڪ)
- ميگهواڙ
- ميگهہ ملهار
- ميگهہ ديوتا
- ميڪائيل (مِينهن وسائيندڙ ”فرشتو“)
- ميخائيل، ميڪائيل (Michael)، مائيڪل (Michael)، مچل (Michle)، ۽ مچل (Michel) روس، برطانيا، فرانس ۽ جرمني (۽ اڄوڪي اميريڪا) ۾ ڪيترن ئي فردن جو نالو آهي. اهڙيءَ طرح ايشيا، افريڪا ۽ يورپ جي وسيع ايراضين ۾ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙن وٽ هيءُ ٻول موجود آهي.

هڪ ٻيو ٻول آهي پاٽ/ Pot

عام انگريزي ۾ هن ٻول جي معنىٰ آهي ڪو بہ اونهو يا اونهائي رکندڙ ٿانءُ جيڪو رڌو پڪو ڪرڻ، ڪا شيءِ سنڀالي رکڻ يا ڪنهن شيءِ کي ڍَڪڻ لاءِ قالب طور ڪم آڻي سگهجي، هن ۾ ٻوٽا بہ رکي سگهجن ٿا تہ مِٺائي بہ، ۽ منجهس ڪا بہ پاٽيات محفوظ ڪرڻ يا اوتڻ/پرتڻ جي مقصد لاءِ رکي سگهجي ٿي — مٽيءَ جو ٿانءُ. {انهن سان گڏ هي ٻول ٻين ڪيترن ئي اصطلاحي معنائن ۾ بہ ڪم اچي ٿو.} هن ٻول کي ’ديرائت پراڻي-انگريزي‘ ( Late Old-English) ٻوليءَ ۾ ‘Pott’ (پاٽ)، جرمن ٻوليءَ ۾ ‘Pott’، سويڊش ٻوليءَ ۾ ‘Potta’، ڊِئِنش ٻوليءَ ۾ ‘Potte’ ۽ فرينچ ٻوليءَ ۾ ‘Pot’ سڏجي ٿو پر انهن ٻولين جا ماهر اڃا تائين اهو سوچي نہ سگهيا آهن تہ هن ٻول جو ٻڻ ڪهڙو آهي.

مٽيءَ مان نهيل ۽ آويءَ ۾ پچائي نڪر ڪيل هڪ قسم جي ٿانءَ کي سنڌي ۾ سڏجي ٿو ’پاٽ‘ (پاٽِ/پاٽرِ).

- پاٽِ ڄ پاٽيون: ٿ. [سنسڪرت. پا = پيئڻ] نڪر جي وڏي ٿالهي (جا اٽي ڳوهڻ يا پَٽ ڪاٽڻ جي ڪم اچي)...

..........

ليڪڪ کي خاص طرح ذڪر ڪرڻو آهي هڪ ٻول جو، جنهن کي انگريزي ۾، حقيقت اها آهي ته ڪيترين ئي يورپي ٻولين ۾، ’Vowel‘ سڏجي ٿو، جنهن جو سنڌي ۾ عام متبادل ’سُر‘ لکيو وڃي ٿو ۽ ليکڪ ان جي بدران ’وائل‘ ڪم آڻي ٿو.

ليکڪ جي نظر ۾ هڪ ٻول آهي ’وء‘ جنهن جي معنىٰ آهي ’**چئه**‘ ۽ سمجهي ٿو ته وء ۽ **چئه** جي وچ ۾ گهاٽو ناتو آهي، ايترو گهاٽو جو وء جي بدران سنڌي ۾ **چئه** مروج ٿي ان جي جڳهه والاري وينو آهي. اهي ٻئي ٻول هن وقت سنڌي ۾ موجود ناهن.

**’وئه‘** نه ته ’وءُ‘ آهي ۽ نه ئي وري ’وءَ‘ يا ’وءِ‘ يا ’وَ‘.

جيئن /سڻ مس نپ پ ڙهه/ وغيره جهڙن ڌاتو ٻولن جي وچ تي عام مفهوم موجب /آ/ آڻي انهن کي /ساڙ/ ۽ ملر، نلر، پاڙهه/ ناهجي ٿو جيڪي متعدي ڌاتو آهن، تيئن **’وء‘** ڦري ٿئي ٿو **’واء‘**.

***/واء/ ۽ /وا/*** جي وچ ۾ فرق آهي.

[وا] چوندي آوازي لهر مٿي چڙهي ٿي ۽ چڙهندي ختم ٿي وڃي ٿي.

[واء] چوندي آوازي لهر مٿي چڙهي ٿي ۽ چڙهندي هلڪي لاٿ کائي ختم ٿي وڃي ٿي.

[وا] ۽ [واء] يڪپدا آواز آهن.

’واءُ‘، ’واءَ‘ ۽ ’واءِ‘ ۽ ٽيپدا ٻول آهن ۽ انهن ۾ [وا] چوندي جڏهن آوازي لهر ختم ٿئي ٿي تڏهن [اُ]، [اَ] يا [اِ] جي نئين آوازي لهر اڀري ٿي.

***/واء/*** جو عرفِ خاص ۾ اسم مصدر آهي ***/وائڻ/***.

- وائڻ: مصدر. (سن. واءِ = واءُ). هوا ڏيڻ - واءُ هٽڻ - واءُ ڪرڻ. وِڄڻو هڻڻ. تنوارڻ - آواز ڪرڻ - وڄائڻ. گٽڻ. (وائيو – وائيندو - وائيل)
- وائو ڄ وائا: ذ. (سن. واڪ. پرا. = وايا). ذڪر - بيان - ڳالهه ٻولهه - چؤٻول - گفتگو. (ج س ل)

ليکڪ کي هتي اهو بحث ڪرڻو ناهي ته ’واڀ‘ ۽ ’واڪ‘ اصولي طرح سنسڪرت جا ٻول آهن يا نه ۽ نه ئي وري پراڪرت جي ’وايا‘ تي ڳالهائڻو آهي پر اهو واضح ڪرڻ آهي ته ’وائڻ‘ جي معنىٰ کي ٻن وڏن ڏڙن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪ جو واسطو ’هوا‘ سان آهي ۽ ٻئي جو ’وئڻ/ چوڻ‘ سان آهي (آواز ڪرڻ، ڳالهائڻ، ذڪر، بيان وغيره). هيءَ پوئين معنىٰ ظاهر ڪندڙ ٻول ’وائو‘ جيان ’وائِي‘ به آهي.

- وائي ڄ وايون: ٿ. (پرا. وِئا. سن. واڀ > واجا = واءُ). باد - وائي بادي... واءُ - ريح ... ڳالهه - پهاڪو... چوڻي - چو... ڪلام. ڪافي - راڳ - وائي... سرسلو - وارتا - تقرير. چؤوت - چؤپچو- چؤٻول - سٽيدي - ڳالهه - ذڪر. آواز - ٻولي - پٽڪو. اچار - پچار. (ج س ل)

[اِي] آواز سنڌيءَ جي ڪيترن ئي ٻولن جي آخر ۾ ’پُنجوڙ (suffix، پڇاڙي) طور اچي ٿو ۽ ’جو، جي، وارو، واري، سان واسطيدار‘ وغيره جو مفهوم ظاهر ڪري ٿو، ڪن ٻولن ڪي اسم (noun) ناهي ٿو، مذڪر (masculine) کي مؤنث (feminine) ۾ بدلائي ٿو، واحد مؤنث جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ ’وڏي‘ کي ’ننڍي‘ جو مفهوم ڏئي ٿو.

/وائِي/ = [واء] + [اِي] = /واء/ + /اِي/.

/وائِي/ ۽ /وائو/ جي پيٽ ڪري ڏسو.

/وائو/ = [واء] + [او] = /واء/ + /او/.

[او] آواز سنڌيءَ جي ڪيترن ئي ٻولن جي آخر ۾ ’پُنجوڙ (suffix، پڇاڙي) طور اچي ٿو ۽ ’جو، جي، وارو، واري، سان واسطيدار‘ وغيره جو مفهوم ظاهر ڪري ٿو، ڪن ٻولن کي اسم ناهي ٿو، واحد مذڪر جي نشاندهي ڪري ٿو، مؤنث کي مذڪر ۾ بدلائي ٿو ۽ ’ننڍي‘ کي ’وڏي‘ جو مفهوم ڏئي ٿو.

’وائو‘ مذڪر بہ آهي ۽ اسم بہ آهي.

’وائي‘ مؤنث بہ آهي ۽ اسم بہ آهي.

’واء‘ جي جنس ناڙر (Neuter، ”بيجان“) ٿيندي.

- اسمن ۽ لفظن جي جنس (Gender) لاءِ اهو چيو وڃي ٿو تہ برعڪس سامي ٻولين جي جن ۾ فقط بہ جنسون ’مذڪر ۽ مونث‘ آهن، هند-يورپي زبانن ۾ نهايت قديم زماني ۾ لفظن جون ٽي جنسون هونديون هيون — مذڪر {masculine}، مؤنث {feminine} ۽ بي جنس يا عام {ناڙر، Neuter}. هندستان جي سمورين پراڪرتن {ٻولين} ۾ جنس عام ڪا نہ ٿي ملي، پر سنڌيءَ ۾ بي جنس يا عام جا لفظ اڃا تائين موجود ملن ٿا. (سراج [1964] 66)

هي ليکڪ جنس عام (common) ۽ بي جنس (Neuter، ناڙر) ۾ فرق ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ عام ۽ ناڙر جنس جي گم ٿي وڃڻ يا واهپي ۾ گهٽ اچڻ جو سبب سنڌين جي ڊگهي غلامي ۽ پرڏيهي غاصب حاڪميت آهي، خاص ڪري اها پرڏيهي حاڪميت جنهن جي ٻولين ۾ ناڙر جنس موجود نہ هئي.

’ماڻهو‘ ۽ ’پکي‘ جنس عام آهي پر سنڌي ۾ اهي مذڪر ٿي جملي ۾ اچن ٿا. برطانيا، اميريڪا، ڪراچي وغيره ۽ لاڙڪاڻو، سکر، روس، ڪشمير وغيره ناڙر جنس هوندي بہ مذڪر ۽ مونث ٿي جملي ۾ اچن ٿا.

’وائو‘ واحد آهي، جمع ٿيندو ’وائا‘ يا ’وايا‘ يا ’وائيا‘.

’وائي‘ واحد آهي، جمع اٿس ’وايون‘ (وائيون).

’واء‘ ڳُٽپ جي لحاظ کان ’ٻُڙي‘ آهي يعني ’ڪجھ بہ نہ‘ بہ آهي تہ ’گهڻو ڪجھ‘ بہ. ان جي ڪا بہ جنس ناهي ۽ ڪنهن بہ فاعل يا مفعول سان واسطو نہ اٿس.

/واءُ/ سان جڏهن آخر ۾ /اِ/ ملائجي ٿو تڏهن واحد ۽ مذڪر توڙي مونث لاءِ 'امري' صورت وٺي ٿو — /واءِ/

/واءُ/ سنڌيءَ جي ڪيترن ئي ٻولن ۾ ڌاتو تي ڪم اچي ٿو. ڌاتو سان ملندڙ پُنجوڙ جي پهرئين آواز تي منحصر آهي تہ /واءُ/ کي /وا-/ ڪري ڇڏي يا /واءُ/، /واءَ/ يا /واءِ/.

- واڻِڪ ج واڻِڪ (ٿ) : ذ. خط - رقعو... ڪوٺ جو سڏ... نينڊ.
- واڻک ج واڻکون : ٿ. هوا - واء - هير... (ج س ل)

/واڻِڪ/ = /واءُ/ + /اِڪ/

/واڻک/ = /واءُ/ + /ڪ/

/واڻکون/ = /واءُ/ + /ڪون/. هن ٻول ۾ هر آواز تي ڌيان ڏبو تہ /واءُ/ جو حقيقي آواز ڇٽو تي ايندو جيڪو نہ تہ /واءُ/ آهي ۽ نہ ئي وري /واءَ/ يا /واءِ/.

- واڪ ج واڪ : ذ. سڏڻ - پڪارڻ - واڪو ڪرڻ - ٻول - واڪ - آواز - هوڪو - واڪو - رڙ - ڪوڪ - دانهن. (ج س ل)
- واڪ ج واڪ : ذ. (سن. واڪيہ). لفظ. جملو. شبد. ٻولي. چوٽي - وچن - ڪلام. ٻول - گفتگو - انجام - قول اقرار - وعدو... چوڻ - ٻولڻ. پهاڪو. ... آواز. ...
- واڪو ج واڪا : ذ. (سن. واڪ > وچ = ڳالهائڻ). وڏو آواز - رڙ - دانهن - ڪوڪ - آواز - هوڪو - ڪِيڪ - ڪيڪڙاٽ. رڙورڙ - گوڙ - شور - ٻاڪرڪٽو... ڪِيهہ - ريهہ - ووءِ - واويلا - ٻوڪ - ريهاڙ - گجگوڙ - وڏي سڏ پڪار - نعرو...
  - واڪوڙو ج واڪوڙا: ... نعرو.
  - واڪِڙُ ج واڪِڙَ: ذ. گهٽو ڳالهائيندڙ...
- واڪڻ: مصدر. (سن. واڪيہ). ڳالهائڻ - واڪا ڪرڻ - ٻڪڻ - ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ... (ج س ل)

/واڪا/ = /واءُ/ + /اڪا/ (يا /واءُ/ + /ڪا/)

'واڻک' ۽ 'واڪ' ۾ 'ئَ' [ا] ڇٽو تي ويو آهي ۽ 'واڪ' ۽ اهڙن ٻين ٻولن ۾ گم تي ويو آهي.

سنڌي ۾ ڪيئي اهڙا ٻول آهن جن ۾ ان ڌاتو /واءُ/ جي اڳيان (اڳجوڙ يا اڳياڙي طور) ڪي آواز اچي ان کي مختلف معنائون ڏين ٿا.

- سُواءُ ج سُواءَ: ذ. [سُ + واءُ] چڱو واءُ - سٺائو واءُ - سنو واءُ - سولو واءُ - سُڪار. خبر - ڄاڻ - معلومات - علم.
- سُوائي ج سوائيون: ٿ. [سُ + وائي] چڱي ٻولي... وڻندڙ ڳالهہ ٻولهہ...
- سُوائيو ج سوائيا: ذ. [سن. س = چڱي + وارتا = وائي]. وڻندڙ گفتگو ڪندڙ... خوش آواز...

- ٻسوايو: اسم خاص. (سوايو = وڏيڪ) نالو ماڻهوءَ جو.
- ٻڪوارڻ: مصدر. [سن. ڪ = خراب + وات = هوا. پرا. ڪ = خراب + وائار]. ڪوار ڪرڻ - هِجو ڪرڻ - گلا ڪرڻ... رسوا ڪرڻ - نِندا ڪرڻ... بهتان رکڻ...
- ٻڪواءُ (ت): ذ. (ڪ = خراب + واءُ = هوا) زماني جي گردش. انياءُ - ظلم...
- ٻڪوائِي .. ڪوائيون: ث. [سن. ڪو + وائي = خراب ڳالهه] خراب وائي - بڇڙو سونڻ...
- ٻِروايو ڄ ٻہ وايا: ذ. صفت. ٻن ٻولين وارو - ٻوايو. ٻن طرفن کان لڳندڙ واءُ.
- ٽِوايو ڄ ٽِوايا: ذ. صفت. ٽن واين وارو - ٽن ٻولين وارو. ٽن معنائن وارو.
- ٻوائي ڄ ٻوائي: ... ٻن زبانن وارو - ڪوڙو. (ج س ل)

انگريزي لفظ ‘Vowel’ بدران سنڌي ۾ ’وائل‘ چو مقرر ڪيو ويو آهي، اهو سمجهڻ لاءِ اجا ٻہ ٽي ٻول ٻيا ٻہ ذهن ۾ ويهارڻا پوندا.

- وائل ڄ وائلون: ث. (سن. وايُ = واءُ)... هذر - هذيان - سرسام...
- وائلڻ: مصدر... هوا لڳڻ... پڊرو ٿيڻ...
- وائلجڻ: ... واءُ جي جهٽڪي ۾ اچڻ... وقلجڻ... گجڻ - رڙڻ... سرسام جي اثر هيٺ اچڻ.
- وائلجي وڃڻ : ڳالهہ پڌري ٿي پوڻ... (ج س ل)

/وائل/ = واءِل (واء سان واسطيدار، جنس ناڻر، ڳُٽپ ٻڙي)

وائل = واء+ ل (واء سان واسطيدار، جنس مذڪر، ڳُٽپ هڪ)

وائل = واء+ ل (واء سان واسطيدار، جنس مذڪر، ڳُٽپ گهٽا)

سنڌي ٻوليءَ جي مزاج موجب متين ٻولن ۾ ’ء‘ اوس متحرڪ ٿيندو پر ان کي هلڪي کان هلڪو رکڻ گهرجي.

ليڪڪ ’**وائل**‘ کي ‘**Vowel**’ جي متبادل طور ڪم آڻڻ گهري ٿو ۽ پڪ رکي ٿو تہ ‘Vowel’ جو اصلي ۽ حقيقي بنياد ’واء‘ آهي. ’واء‘ جن سنڌي ٻولن ۾ ذاتو طور ڪم اچي ٿو انهن مان ڪجهہ جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هتي ‘Vowel’ بيان ڪجي ٿو، جيئن اهو ڪجهہ اندو-يورپي ٻولين ۾ ڪم اچي ٿو.

- **Vowel** /vow’əl/ n.

A speech-sound produced by the unimpeded passage of the breath (modified by the vocal cords into voice) through the mouth. [Fr. **voyelle** - L. **vocālis - vōx, vocis,** voice]

- وائل /**واءِل**/ اسم

هڪ ڳالهہ-آواز جيڪو وات مان (واڪل ڏورين وسيلي واڪي ۾ بدلائي) ساهہ جِي اڻ-رنڊڻل وهڪ وسيلي اپايو وڃي ٿو. [فرينچ **وائِل/وائيل** — لاطيني **واڪلِس - واڪس، واڪِس،** واڪو]

Voice لفظ ۾ ’c‘ جو آواز ’س‘ پر متي جيڪي ٻه لفظ آيا آهن انهن ۾ اها ’ڪ‘ جو آواز ڏئي ٿي. اها ڳالهه ذهن ۾ رکي جيڪڏهن voice جو آواز اچاربو ته ’وائڪ‘ ٿيندو. جن ٻه ٻولن سان ناتيداري رکي ٿو انهن سيني ۾ ان جو آواز ’ڪ‘ ٿئي ٿو ۽ ’واڪ‘ چٽو ٿي اچي ٿو. اچو ته انهيءَ ’واڪ‘، ’وائڪ‘ يا وائِس (voice) کي ڪجهه بين لفظن ۾ ڳوليون.

• vocable /vo'kə-bl/ . /واڪبل/ واڪبل •

اهو جيڪو واکي سان آوازيو وجي ٿو (that which is sounded by voice). هڪ ٻول لفظ، word) يا ٻول جو آواز (sound) جيڪو ان لائق هجي جو اورجي سگهجي (capable of being uttered). [لاطيني vocābulum (واڪبلَم) ۽ vōcālis (ووڪلِس) — vōx (واڪس)، vōcis (ووڪِس) voice (وائِس)]

vocation (vō-kā'shən، ووڪيشن): هڪ قسم جو سڏ. واڪپ. [’واڪپ‘ ٻول ايئن آهي جيئن ڏاهپ، ٻانهپ وغيره. سنڌي ٻول جو پنجوڙ ’-اپ‘ انگريزي جي ’-شن‘ پنجوڙ (وارن ڪيترن ئي ٻولن) سان هم معنىٰ آهي.]

vocal (ووڪل، واڪل) واکي وارو، واکو ڪرڻ وارو، واڪل. [’واڪل‘ ٻول ائين آهي جيئن سنڌي جا ٽاڏل، واڏل وغيره آهن.]

voice (vois، وائِس) جيئري هستيءَ، خاص ڪري ماڻهوءَ جو ٻوليندي/ڳالهائيندي يا ڳائيندي پنهنجن واڪل آرڪٽن (organs، عضون) وسيلي اپايل آواز. [اينگلو-فرينچ voiz (وائز)، voice (واڪو)، (فرينچ — voix) — لاطيني vōx (واڪس)]

viol (vīəl، وائيل): وائِلن سڏجندڙ سازن جي وڏڙن مان ڪو ٻه هڪ ساز.

viola (vi-o'la، واء اول): وائِلن کان ڪجهه وڏو هڪ قسم جو ساز.

violin (vī-ə-lin'، وائِلِن): چئن تارن وارو موسيقيءَ جو هڪ ساز.

آخري ٽنهي ٻولن جو بنيادي، اصلي ٻول کهڙو آهي، اها لاطيني، انگريزي ۽ فرينچ ٽنهي ٻولين جي پارکن کي سُڌ پئجي نه سگهي آهي.

متي، voice جي هم معنىٰ ۽ هم آواز طور اينگو-فرينچ voiz (وائز) ۽ فرينچ voix وائِڪَ ـز؟) تي ڌيان ڏجي ٿو ته عربيءَ جو ’واعظ‘ ذهن ۾ ايري اچي ٿو ۽ ’واڪل‘ وري ’وڪل‘ (جنهن مان ’وڪيل‘ نڪتل آهي) چٽو ٿي اچي ٿو. خوشقسمتيءَ سان انهن ٻنهي ٻولن جي معنىٰ ۽ مفهوم ’واء‘ ۽ ’واڪ‘ سان ملندڙ جلندڙ آهي پر هتي وري هڪ نئون در کلي ٿو، ته ڇا اهي اصل ۾ عربيءَ جا ٻول آهن يا ان ٻه ڪنهن ٻي ٻوليءَ کان ورتا هئا؟

اهي ٻول جيڪي عربيءَ جي ڇاٽل ڇوڏهن ئي صورتن ۾ ڦري سگهن انهن جو ڌاتو عربي سمجهيو ويندو آهي ۽ ’وعظ‘ توڙي ’وڪل‘ ٻنهي جو ڦيرو ڇوڏهن ئي صورتن ۾ ٿئي ٿو. پوءِ ڇا ’واء‘ ۽ ’واڪ‘ ٻول عربيءَ کان سنڌي، سنسڪرت ۽ يورپي ٻولين ۾ ويو آهي يا

عربيءَ خود عبرانيءَ کان ورتو، جنهن ۾ اهو تڏهن داخل ٿيو جڏهن سنڌ ۽ سمير جا واپاري ناتا اوج تي هئا؟ انهيءَ پسمنظر ۾ ’وعدو‘ ٻول کي بہ ڏسڻ گهرجي.

اتان ذهن وري ٻئي ٻول آواز ڏانهن وڃي ٿو، جيڪو چيو ٿو وڃي، تہ فارسيءَ جو ٻول آهي. فارسي، ٻولين جي اندو-آرين گهراڻي سان تعلق رکي ٿي.

سنڌي ۽ سنسڪرت جي ڪيترن ئي ٻولن ۾ /آ-/ هڪ اڳجوڙ آهي ۽ مختلف ٻولن ۾ مختلف معنائون ڏئي ٿو. ڪجهه ٻولن ۾ ان جي معنىٰ ’چوڌاري‘، ’هر پاسي‘، ’جت ڪٿ‘ پڻ آهي جيئن آبوٽي، آٻوٽي، آروڳي، آٻوسڻ، آٻوهڻ، آياسن، آتارڻ، آڱرنٽ، آڪاش، آڱمڻ، آگهارڻ وغيره.

- آواز ج آواز: ذ. [ف] شئين جي پاڻ ۾ لڳڻ جو پڙلاءُ... ڳالهاءُ... سڏ...
- وڪيل ج وڪيل: ذ. [ع] اهو جنهن تي توڪل رکجي... ٻئي جي پاران ڳالهائيندڙ...
- واعظ ج واعظ: ذ. [ع. وعظ = هن نصيحت ڪئي] وعظ ڪرڻ وارو... پرچارڪ...
- وعدو ج وعدا: ذ. [ع] انجام - اقرار - پرن - ٻول - قول... (ج س ل)

{’ٻول‘ ۽ ’قول‘ ۾ بہ لاڳاپو ڏسڻ گهرجي.}

سنسڪرت جا هم معنىٰ ٻول آهن ’وايُ‘ ۽ ’ واڪيہ‘ ۽ پراڪرت جو ٻول آهي ’وايا‘. ڏٺو وڃي تہ ’واء‘ انهن ۾ چٽو بيٺل نظر اچي ٿو. سنڌي ۾ ’وايو‘ ۽ ’وائيو‘ پڻ ’هوا/واءُ‘ توڙي ’ڳالهہ/ چوڻ/ اورڻ‘ جو مفهوم سمايو ويٺا آهن، پر ليکڪ جي نظر ۾ هڪ ٻول آهي ’وات‘.

- واتُ ج واتَ: ذ. [سن. ود = ڳالهائڻ] ڳالهائڻ جو عضوو - ذهن - مُک - مُنهن. ٻوٿ. گفتگو - ڳالهائڻ... (ج س ل)

/وات/ = /واء تِ/

/واتُ/ = /واء تُ/ (جنس مذڪر، عدد واحد)

/واتَ/ = /واء تَ/ (جنس مذڪر، عدد جمع)

چائت، واهت، چاهت، آهت وغيره ۽ ڷُٽ، ڳٽت، وٽت وغيره جهڙن ٻولن ۾ /-اِت/ ۽ /-ِت/ جهڙن پنجوڙن کي ذهن ۾ رکي /وات/ ٻول جي اڏپ تي ڌيان ڏيڻ ۽ سوچڻ گهرجي.

’وائڻ‘ جي معنىٰ آهي آواز ڏيڻ، هوڪو ڏيڻ.

’وائٹو‘ معنىٰ ’جيڪو آواز ڪڍي‘، ’وائڻ وارو‘، ’وائڻ جو‘ وغيره — اهو فرد جيڪو ’آواز (هوڪو) ڪرڻ/ ڪڍڻ/ ڏيڻ‘ جو ڪم ڪري.

- واٽي ج واٽيون: ث. [سن. واٽي] ٻاٽي - ٻومي. ٻولي - وچن - زبان - ڪٿا - لپي - ڳالهہ ٻولهہ - شعر - بيت. غيب جو آواز. هدايت...
- واٽيو ج واٽيا: ذ. [سن وٽج = واپاري] واپاري هندو... دڪاندار - واپاري - سوداگر... (واٽياڻي ج واٽياڻيون).
- واياڻي ج واياڻيون: ث. [سن. بڻج] هندواڻي - واجاڻي. (ج س ل)

چا اهو سمجهڻ غلط ٿيندو تہ وائي، واٽي، (ٻاٽي)، وائڻ، وائٽو، وائٽيو، واٽيو، وايو جو بنياد 'واءِ' آهي، نہ ڪي واٽي، وٽج يا ٻٽج.

آواز ڏئي پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ڪو وڙ، وکر يا نگ وڪڻڻ جو ڪم ڪندڙ ماڻهو 'واٽيو' سڏجي ٿو. (هتي قديم سماج ڪي ذهن ۾ رکڻ لازمي آهي، دڪانداري ۽ ڌرم ۽ انهن جي حوالي سان 'واٽيو' جي وضاحت 'واپاري هندو' وسيلي ڪرڻ غلط آهي).

'واٽت' معنيٰ 'سوداگر، واپاري، مال وڪڻندڙ'.

پري پري تائين (پار وڃي) وائڻ ۽ وڙ وڪڻڻ آهي 'واپار'.

- واوٿ ج واوٿ: ذ. خبر لهندڙ - سڌ لهندڙ - سماچار رکندڙ...
- وائنٿ ج وائنٿيون: ٿ. خبر - سڌ - سماچار...
- وائنڻ: مصدر. ڪوجڻ - پڇڻ - ڏورڻ - جاچڻ...
- وائٿ ج وائٿ: ذ. گپ شپ - يٽ شٽ - هور - لباڙ - ڊاڙ - خبرچار...
- وائٿڻ: مصدر. ڪوجڻ- پڇڻ- ڏورڻ- جاچڻ...
- وائٿ ج وائٿ (ل): ٿ. جاچ - خبر - ڪوج - پڇا... (ج س ل)

'وٿ' (ونڻ وارو) ڪي ڏار ڪرڻ ڪان پوءِ اسان وٽ 'واوٿ' جو 'وا' جيڪو پوءِ آيل لفظن ڪي ڏسي پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ 'واءِ' آهي.

ٻولن جي اچار ڏانهن بي ڌياني، ٻولن جو گهٽي عرصي ڪان تحريري صورت ۾ نہ اچڻ، رسم الخط جي ڪمزوري، صورتخطيءَ جون غلطيون، ٻولن ۾ هوري هوري ۽ لاڳيتو ٿيندڙ ڦيرقار ۽ انهن سڀني لقائن جو گذريل ڊگهي عرصي ڪان موجود هجڻ اهي ڪارڻ آهن جن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي ٻول پنهنجي حقيقي صورت لڪائي يا وڃائي ويٺا آهن.

'وائوري'، 'وائوڙيا' ۽ 'وائون' نالي ٽي ڏاتيون سنڌ ۾ رهندڙ آهن. (ج س ل)

- وائِرُ ج وائـرَ (ڪ): ذ. موڳو - بي سمجهہ - بي وقوف...
- وائـڙو ج وائـڙا: ذ. موڳو - منجهيل - موڙهل... (ج س ل)

'واويلا' معنىٰ 'هاءِ - افسوس... دانهون - رڙيون... (ج س ل) جيڪو عربي ۾ 'واليلا' جي صورت ۾ نظر اچي ٿو. 'واءِ واءِ ڪرڻ' جو مطلب آهي 'ٻيندي مچائڻ، خواري ڪرڻ' ۽ 'واه واه ڪرڻ' جو مطلب آهي 'ساراه ڪرڻ، همت ٻڌائڻ'.

'واعظ' ۽ وائس (voice) سان هم آهنگ ٻول آهي 'واسڻ'.

- واسڻ: ... ٻڪريءَ جي رڙ - دانهن - ٻيڪار. (ڪ). (ج س ل)

ليکڪ جي نظر ۾ هي ٻول /واءِ س + ـَ ڻ/ آهي.

'ڏسڻ وائسڻ' ۾ اهو 'وائس' پنهنجي معنىٰ 'ٻڌڻ، سڻڻ' ڏيکاري ٿو. /واءِ سڻ/ جي معنىٰ ٿيندي 'ڳالهہ ٻڌڻ، چوڻ ٻڌ' ۽ 'سڻڻ' جو ڏاتو /سڻ/- حقيقت ۾ /سئہ/ آهي جنهن ڪي سراج صاحب جن 'سہ' بہ لکيو آهي ([1964] 53) پر اهو ٻول / سُئہ/ ناهي، / سُئہ/ امر واحد آهي. اهو / سئہ/

ٻه ناهي، /شئہ/ اسم آهي ۽ ان جي معنیٰ ٿيندي ’ٻڌ‘. (’ٻڌي‘، ’شئي‘ اسم هجڻ سان گڏوگڏ واسطيدار فعلن جي ماضي وارو صيغو به آهن).

/شئہ/ جي آواز ۾ [سُ] چوندي جيڪا آوازي لهر مٿي چڙهي ٿي اها چڙهندي ختم نه ٿي ٿئي پر هلڪي لاٽ ڪائي ختم ٿئي ٿي.

’واسڻ‘ جي ڌاتو /واء س/ ۽ ’وائسڻ‘ جي ڌاتو /وائشئہ/ = (واء شئہ) جي نيڪ وچ تي آواز سان ملندڙ `voice` جو ٻول آهي.

هتي اهو ٻڌائڻ موضوع کان ٻاهر نه ٿيندو ته پراڻي-انگريزي (Old-English) ۾ لڳ ڀڳ سمورن فعلن جي ”اسم مصدر“ واري صورت موجود هئي. سنڌي ۾ ڌاتو سان ملائجي ٿي /-ڻُ/ يا /-اڻُ/ ۽ پراڻي انگريزي ۾ مليل هوندي هئي /-an/.* انگريزي ۾ ’ڻ‘ لاءِ جيئن ته ڌار اکر/حرف موجود ناهي تنهنڪري ’n‘ (’ن‘) ملائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ئي نه هو.

’واڪ‘ واري اڪيلي صورت انگريزي توڙي ٻين يورپي ٻولين ۾ نه ٿي ملي، اهو ٻول vocable، vocation، vocal، vocabulary ۽ اهڙن ئي ٻين گهڻن ٻولن ۾ نظر اچي ٿو.

- واڪِي: ث. [سن. وچ = ڳالهائڻ] جملو - فقرو.
- واڪڻ: مصدر. [سن. واڪيہ] ڳالهائڻ - واڪا ڪرڻ...

(واڪيو - واڪيندو - واڪيل)

- واڪ ج واڪ: ذ. سڏڻ - پڪارڻ - واڪو ڪرڻ - ٻول - رڙ... آواز - هوڪو... (ج س ل)

اهڙا ٻيا به ڪيترائي ٻول آهن جن جو ڌاتو /واء/ ڏيکارجي ٿو ۽ معنیٰ توڙي مفهوم ۾ پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو.

- ويا ڻ (ڪ): مصدر. ڪا ڳالهه ڪولڻ - ڦات ڦاڙڻ... ڳجهيون ڳالهيون ظاهر ڪرڻ...
- واقڻ: مصدر. ڊاڙ هڻڻ - ٻٽاڪ هڻڻ... وقلڻ...
- واءِ ج وايون:
- واءُ ج واءَ:
  - واءُ ڪيڻ:
  - وائينديون وايون:
  - واءُ نڪرڻ:
  - واءُ ورڻ:

---

* تفصيل لاءِ ڏسو سِي ايل باربر جو ڪتاب ’ دي اسٽوري آف لئنگيج‘ جنهن ۾ ملندڙ اهڙن ٻولن مان ڪجهه هي آهن:

Witan (to know), singan (to sing), pyffan (to puff), giefan (to give), cyssan (to kiss), cēlan (to cool), cēosan (to choose), cidan (to quarrel), bapian (to bathe), seegan (to say), pancian (to thank), dāelan (to divide), gyldan (to glide), fedan (to feed)...

- وانگِي: نياپو پهچائيندڙ - سنيهو ڏيندڙ - خابرو...
- و اڳورجڻ: مصدر. وڙهڻ - وات پوڻ - جهيڙو ڪرڻ.
(واڳوريو - واڳوريندو - واڳوريل).
{واڳورڻ: وڙهڻ - جهيڙو ڪرڻ - وات پوڻ. (واڳوريو - واڳوريندو - واڳوريل)}
- واڪاٽڻ: ... ساراهڻ - وڏائي ڳائڻ...
- واڪاڻِ ج واڪاڻون: ... ساراهه... (ج س ل)

وائِل (voile) هڪ قسم جو سنهو ۽ هوادار ڪپڙو آهي. اهو ٻول ان شيءِ لاءِ ڪم آڻجي ٿو جيڪا سنهي ۽ اڌ-شفاف هجي. اهو ٻول فرينچ ٻوليءَ جي `veil` تان ورتل آهي.

ليکڪ جو خيال آهي تہ `vowel` ۽ ’وائل‘ ساڳيو وکر آهن، ’وائل‘ اصولي طرح سنڌي ٻول واري بناوت رکي ٿو، ’واء‘ ان جو ڌاتو آهي ۽ ’واء‘ ڌاتو رکندڙ اهڙا ڍاڪين ٻيا ٻول بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهن جن جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي.

سنڌي ڪتابن ۾ ‘vowel’ جي بدران اڄ ڪلهہ ’سُر‘ لفظ ڪم اچي ٿو/آندو وڃي ٿو جيڪو ڪن ڄاتل حقيقتن جي بنياد تي ’وائل‘ جي ڀيٽ ۾ گهٽ نهڪندڙ آهي. ليکڪ پنهنجي هن ڪتاب ۾ ’وائل‘ ئي ڪم آندو آهي.

○○○

## وائجڻ (Consonant)

/وائجڻ/ = /واء + جڻ/

جڻ = ڄڻيو/ڄڻيل

con- + sonant = consonant

هن لفظ ۾ `con-` هڪ اڳجوڙ آهي، ان جو حقيقي ٻول `com-` آهي ۽ ‘co-’، ‘col-’ ۽ ‘cor-’ جي صورت ۾ بہ ڪم ايندو آهي. ان جي معنىٰ آهي (1) گڏ (together)، ساٿ (with) ۽ (2) ساڳي/ساڳيو (similar)، ڪنهن ٻول جي مفهوم کي زور وناٺڻ ان ۾ شدت پيدا ڪرڻ لاءِ پڻ اڳجوڙ طور ڪم اچي ٿو.

sonant (**sōn’ənt** سونَنٽ) جي معنىٰ آهي ساڏڪ (سڏ ڪندڙ) يا راڙڪ (رڙ ڪندڙ) يا واڪيل (voiced). پديو (syllabic).

جيئن قدرت (nature) اسان کي گل ٻوٽا، وڻ ٻيلا، جبل، نديون ۽ لکين قسمن جا ساهوارا اپائي ڏنا آهن ۽ اڄ کين پنهنجي عقل ۽ علم آهر وڌيڪ سنواريون، ترتيب هيٺ آڻيون ۽ نت نون قسمن جون وٽڪون (varieties) اپايون ٿا — ماڻهو پنهنجي ماحول ۾ انهن گلن ٻوٽن ۽ وڻن کي باغ جي شڪل ڏئي ٿو، ٻنيءَ مان فصل اپائي ٿو، بند ٻڌي، جايون جوڙي

۽ هزارين قسمن جا وڪر ناهي تـو وغيره. قدرتي تبديلين هيٺ ڪجھ جانارن* وٽ آواز اپائڻ جي قوت بہ موجود ٿئي ٿي. جانارن جا سمورا آواز پنهنجيءَ اصولي بناوت ۾ ’وائل‘ آواز آهن ۽ گهٽي پاڳي ’ڳهٽا‘ تين ٽا. آواز اپائي سگهندڙ ڪو بہ جانار ڪنهن بہ قسم جو وائجڻ آواز اپائي/اچاري نہ ٿو سگهي، بلڪل ايئن جيئن ڪو بہ هوا تي وڄندڙ ساز (يا ڪو بہ ساز) ڪنهن بہ قسم جو وائجڻ نہ ٿو اپائي سگهي. ساز جو آواز ٻڌي جيڪي آواز ڪو ماڻهو اچاري ٿو (يا سمجهي ٿو تہ ساز ”اچاريا“) اهي سندس ذهن ۾ اڳواٽ موجود هوندا آهن. ڄاتل ۽ ڳاتل راڳ يا شاعري ڪي ساز وسيلي ٻڌي ڇئي سگهجي ٿو تہ هن ساز مان هاڻي هيءُ راڳ يا شاعري ڳاتي پئي وڃي. اهڙا گانا، شاعري، راڳ يا نثر جيڪو اڳ ٻُڌل ۽ ڄاتل نہ هجي ۽ ساز وسيلي اپايو وڃي تہ ڪو بہ ساز ٻڌندڙ ماڻهو اهو ڄاڻي نہ سگهندو تہ ساز ڇا پيو ”چئي“. ساز جو آواز پنهنجيءَ بناوت ۾ ’وائل‘ آهي. اهڙيءَ طرح آواز اپائي سگهندڙ جانار جو آواز بہ پنهنجيءَ اصولي بناوت ۾ ’وائل‘ آهي. توڙي جو ڪجھ ٻول رڳو وائل آوازن تي ٻڌل آهن، جيئن اي، آءُ، آءِ (eye, I)، آئو وغيره پر اهڙن چند ٻولن کان سواءِ باقي سمورا انساني ٻول وائجڻ آوازن جي مدد ۽ سهڪار سان ٺهيل آهن. وائجڻ آواز، رڳو انسان ئي آهي جيڪو انساني سماج ۾ اپائي سگهي ٿو، ۽ اهو بہ هڪ حد تائين گهربل مشق ڪان پوءِ. ٻئي پاسي ڪو بہ وائجڻ آواز بناوائل جي اپائي نہ ٿو سگهجي. اهو ايئن آهي جيئن قدرت اوهان کي گل ڏئي ۽ اوهين پورهيو ڪري انهن کي باغ جي صورت ڏيو ۽ نيون جنسون اپايو. انساني پورهيو ۽ سماج ۽ ڳالڪ آرڪڻ خالق آهن وائجڻ آوازن جا، ڪو بہ وائجڻ آواز انساني سماج کان ٻاهر موجود ناهي، وائجڻ آواز انساني سماج جي اپت ۽ ايجاد آهي.

’وائجڻ‘ اصطلاح ان ڪري رٿيو ويو آهي جو اهو ’واءُ‘ (آواز)، ’وائل‘ کان سواءِ اپائي نہ ٿو سگهجي، ان جو ڄٽيو/ڄٽيل آهي.

○○○

* ’جانار‘ ۽ ’جانور‘ توڙي جو هم معنيٰ ٻول آهن پر ليکڪ ’جانار‘ ڪي، ننڍي کان ننڍي جيتامڙي کان وينديٰ وڏي کان وڏي جانور تائين، لاءِ مخصوص ڪري ٿو ۽ ’جانور‘ ڪي رڳو وڏن جانورن لاءِ مخصوص رکڻ گهري ٿو جيئن عام واهپي ۾ بہ آهي.

باڏيو-2

# ٻوليڄاڻ ۽ ان جون شاخون

**سڄاڻ** ۽ ’سائنس‘ (science) لڳ ڀڳ هم-معنیٰ لفظ آهن. انهن جي معنیٰ آهي سٺي، سلجهيل يا سُٺري ڄاڻ ۽ مفهوم آهي تربيت ڏنل اها ڄاڻ، سُڌ، ٻُوجهه جيڪا موکڻ پرک ۽ پروڙ وسيلي گڏ ڪئي وئي هجي ۽ ان گڏ ڪيل ڄاڻ کي بنياد بنائي ڪي نوس نتيجا، قاعدا، قانون، اصول جوڙيا ويا هجن. ’علم‘ جي معنیٰ آهي ’ڄاڻ‘ پر خاص مفهوم ۾ ’سڄاڻ‘ لاءِ به ڪم اچي ٿو.

ٻوليڄاڻ (Linguistics)

- لسانيات، علم لسان، علم زبان.
- ٻوليءَ جي هر پاسي تي ان جي سمورين وِڇڪن (Varieties) بابت ۽ وسيع مفهوم ۾ ٻوليءَ جو سڄاڻڪ اڀياس. (چيمبر‘س ڊڪشنري) (چ ڊ)
- ٻوليءَ جي سڄاڻ، مثال طور ان جي ڏاپ (structure)، ان جو لاپ (Acquisition) ۽ ان جو ڳنڍپ (communication) جي ٻين صورتن سان ناتو وغيره. (آڪسفورڊ ڊڪشنري) (آ ڊ)

ٻوليڄاڻ اها سڄاڻ آهي جيڪا ٻوليءَ يا ٻولين بابت ٿيل تحقيقن، مشاهدن ۽ تجربن کي باقاعدي ترتيب ۽ تنظيم ڏئي جوڙيل اصولن ۽ نوس نتيجن تي ٻڌل هجي.

- هيءُ علم انسانذات جي ٻوليءَ جي مطالعي سان واسطو رکي ٿو. (الانا [1987] 4. پروفيسر رابنس جا لفظ)
- علم اللسان انسانذات جي سيني ٻولين جي اڀياس ۽ ڇنڊڇاڻ جو علم آهي. هي هڪ اهو علم آهي، جو ٻولين جي آوازن، آوازي سٽائن، آوازي ميلن ۽ ميڙن، صوتين، صرفين، فقرن، لفظن ۽ جملن جي بناوت ۽ ترتيب، يعني صوتيِ، صرفي، نحوي ۽ معنوي اصولن ۽ علمن {؟، عملن} بابت مواد مهيا ڪري ٿو. (الانا [1987] 3)
- علم لسان اهو باضابطي علم آهي جنهن ۾ زبان جي مختلف مسئلن يعني زبان جي ماهيت، سندس ساخت، سندس ابتدا، سندس اختلاف، زبانن جون خصوصيتون، سندن ارتقائي تبديليون ۽ انهن جي اسبابن سان بحث ٿئي ٿو. هن علم جي ذريعي زبانن جي ماهيت، شڪل شباهت، ارتقا، زندگي ۽ موت متعلق آگاهي حاصل ٿئي ٿي. زبان ۽ زبانن بابت مڪمل معلومات جا تحقيق ۽ تنظيم هيٺ آيل هجي ان کي علم زبان يا

لسانيات سڏجي ٿو. (جتوئي [1983] 19-20. پروفيسر شيخ عنايت الله ۽ ڊاڪٽر محي الدين قادري جي حوالي سان)

ٻوليجاڻ کي هيٺ ڄاڻايل مکيہ شعبن ۾ ورهائي اڀياس هيٺ آندو وڃي ٿو:

1. ورنائڪ (Descriptive) ٻوليجاڻ

- بياني، وضاحتي، توضيحي، تشريحي ٻوليجاڻ.
- ڪنهن بہ ٻوليءَ جي عملي طريقن جو ڪنهن بہ **هڪ دور** ۾ جائزو ورتو ويندو آهي... بشرطيڪ ان دور جو لکيل رڪارڊ موجود هجي... ٻوليءَ جي هر دور جو اول بياني {ورنائڪ} ڇيد يا تجزيو (Analysis) ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ سيني دورن جي ڪيل ڇيدن کي پاڻ ۾ ڀيٽي ملائي ڏسبو. ان ڪان پوءِ ئي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ارتقا معلوم ڪري سگهبي. (جتوئي [1983] 23-24)

جيستائين ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ورنائڪ ڄاڻ موجود ناهي تيستائين نہ تہ ان جي ڪن بہ ٻن دورن ۾ ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي ۽ نہ ئي وري ان جي اوسر ۽ تاريخ بابت ڪجھ ڄاڻي سگهجي ٿو.

2. اتهاسڪ (Historical) ٻوليجاڻ

اهي تبديليون جيڪي وقت گذرڻ سان ڪنهن بہ ٻوليءَ (يا ڪن بہ ٻولين) ۾ ظاهر ٿيون آهن انهن جو تفصيلي ڇيد ڪري انهن جا ڪارڻ ۽ نتيجا ڄاڻڻ اتهاسڪ ٻوليجاڻ جي حوالي آهي. اتهاسڪ ٻوليجاڻ ٻن مختلف ٻولين ۾ نہ پر هڪ ئي ٻوليءَ جي اتهاس کي مختلف دورن ۾ ورهائي جاچ ۽ ڇڪاس هيٺ آڻي ٿي.

3. ڀيٽار (Comparative) ٻوليجاڻ

- تقابلي لسانيات

ٻوليءَ يا ٻولين جي اتهاس کي مختلف دورن ۾ ورهائي ٻن ٻن يہ٘ر وارن دورن کي ڀيٽڻ ۽ آيل تبديلين کي ڳڻ ڪرڻ ۽ ڪڙو ڪڙي سان ملائڻ يا سندن پاڻ ۾ لاڳاپو ڏيکارڻ ڀيٽار ٻوليجاڻ جو ڪم آهي.

اها ڀيٽ مختلف ٻولين جي وچ ۾ بہ ڪري سگهجي ٿي.

**(الف) ڄڻڻڄاڻي ڀيٽ** (Geneological comparison)

ڪنهن هڪ ئي نسل/پيڙهيءَ جي ٻولين جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪري انهن جي وچ ۾ ناتن جي ڦولها ڪرڻ.

**(ب) ڀانتڄاڻي ڀيٽ** (Typological)

ٻولين جي نوعيت، قسمن، نمونن ۽ واروٺي تبديلين کي ڀيٽڻ.

**ورنائڪ** ٻوليجاڻ کي هيٺ ڄاڻايل شاخن ۾ ورهائي اڀياس هيٺ آندو وڃي ٿو:

(1) واياجاڻ (Phonology)

- صوتيات، علم الاصوات
- وائڻ: مصدر. (سن. واءِ = واءُ) هوا ڏيڻ - واءُ هٽڻ - واءُ ڪرڻ. ... تنوارڻ. آواز ڪرڻ. وڄائڻ. ڳٽڻ. (وائيو- وائيندو- وائيل).
- وائو ڄ وائا: ذ. (سن. واڪ. پرا = وايا). ذڪر - بيان - ڳالھ ٻولھ - چوٻول - گفتگو... (ڄ س ل)

’واءُ‘ جي هڪ معنيٰ آهي ’هوا‘ ۽ ٻي آهي ’آواز‘.

’وايو‘ ٿيو آواز سان واسطيدار‘. ’وايا‘ ان جو جمع.

آواز/آوازن (ٻوليءَ جي آوازن) ۽ انهن جي تنظيم، ترتيب سان واسطيدار سڄاڻ کي ’وايا جاڻ‘ سڏجي ٿو. وايا جاڻ وري اڃا وڌيڪ ٻن مکيہ ڇاڙهن ۾ ورهايل آهي:

(الف) وايوڄاڻ (Phonetics)

- علم آواز، صوتيات
- ڳالِهل (Spoken) ٻوليءَ جي آوازن بابت سڄاڻ. (ڄ ڊ)
- ڳالِهڪ (Speech) آوازن، انهن جي اپت ۽ ڪين پيش ڪندڙ نشانن جو اڀياس ۽ سڄاڻ. (آ ڊ)

ڪنهن ٻوليءَ جا آواز ڪهڙا آهن، اهي ڪٿان ۽ ڪيئن اپائجن ٿا ۽ انهن کي ڪهڙن تحريري نشانن وسيلي پيش ڪيو وڃي ٿو، ان سڀ ڪجھ بابت سڄاڻ اڀياس کي وايوڄاڻ سڏجي ٿو.

(ب) وائيوڄاڻ (Phonemics)

- صوتيہ، علم صوتيہ
- ڪنهن ٻوليءَ جي وائيوئي/وائياجاڻي (Phonemic) سرشتي جو اڀياس ۽ ان جي تشريح. (آ ڊ)

’وائيو‘ هتي ‘Phoneme’ (فونيم) جي بدران ڪم آندو ويو آهي جنهن لاءِ اڪثر ڪري ’صوتيو‘ ڪم ايندو آهي.

- صوتيو/وائيو: ٻوليءَ جي آوازي سرشتي جو هڪ ايڪو (آ ڊ)
- ڳالِهڪ آوازن جي آڪهہ يا انهن جو هڪ جٿو جيڪو ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪنهن هڪ آواز جو ويڙهڪ (varient، وٽڪ وارو، ٿوري فرق وارو، ڪجھ بدليل) آهي. (ڄ ڊ)
- صوتيو {وائيو، phoneme} اهو آواز يا هڪجهڙن آوازن جو گروهہ آهي جيڪو ٻوليءَ جي لفظن ۾ معنوي فرق پيدا ڪري ٿو. گويا اهو هڪ {اهڙو} خاص لساني عمل ڪري ٿو جو {جيڪو} ٻيو صوتيو ڪري نہ ٿو سگهي. انهيءَ ڪري بلومفيلڊ (Bloomfield) صوتيي

ڪي معنوي فرق پيدا ڪندڙ (Distinctive) آوازي نوعيت جو ايڪو (unit) سڏي ٿو. (جتوئي [1983] 78)♥

(2) روپچاڻ (Morphology)

- صرف، علم صرف، صرفيات، تشڪيلات، صورتيات (ڏسو: جتوئي [1983] ۽ الانا [1987])
- لفظ ٻوليءَ ۾ جو ۽ ڪيئن ٻيا ٻيا روپ وٺن ٿا، تنهن جو تعلق لسانيات {ٻوليچاڻ} جي هڪ شاخ سان آهي جنهن کي **علم صرف** يا **صرفيات** سڏجي ٿو. ان کي **تشڪيلات** يا **صورتيات** بہ سڏبو آهي جو تہ اهو عام لفظ جي مختلف شڪلين ۽ صورتن سان بحث ڪري ٿو. عربي گرامر ۾ علم صرف جي تعريف هن ريت ڪئي وئي آهي تہ (علم صرف اهو علم آهي جنهن ۾ بامعنیٰ اڪيلن لفظن جي بناوٽ ۽ انهن ۾ ڦيرقار ڪرڻ جو طريقو بيان ڪيو وڃي. (جتوئي [1987] 109، حافظ عبدالرحمان امرتسري جي حوالي سان)
- ڪنهن بہ ٻوليءَ جي وياڪرڻ کي ٻن مکيہ ڀاڱن يعني صرف (Morphology) ۽ نحو (Syntax) ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو {بي. بلاخ ۽ جي.ايل. ٽرئگر ۽ ايچ.اي. گِليسن} انهن مان 'صرف' لفظن جي جوڙجڪ ۽ سٽاءَ ۽ گردانن سان واسطو رکي ٿو ۽ 'نحو' فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ وياڪرڻي استعمال بيان ڪري ٿو {ساڳيا ليکڪ}. (الانا [1987] 13)

(3) ٻول-رٽ/ٻول رٽ (Syntax) / ٻول سِٽاء

- علم نحو، نحويات، نحو (ڏسو: جتوئي [1983] ۽ الانا [1987])
- جملن ۾ وياڪرڻي (Grammatical) جوڙجڪ (بناوت، اڏاوت). (ج ڊ)
- (وياڪرڻ) جملن جي جوڙجڪ، اڏاوت (جا قاعدا) (آ ڊ)
- نحو: ذ. جملن جي بناوت - اکرن جي بيهڪ {؟} - جملن جي ترڪيب وارو علم - علم گرامر - وياڪرڻ... (ج س ل)
- ... علم نحو وري جملن ۽ ان جي جزن جي بناوتن، سٽائن، نمونن، نسبتن ۽ عملن سان بحث ڪري ٿو... علم نحو هن بحث کي نيائي ٿو تہ ڪيئن **لفظ** پاڻ ۾ ملن ٿا (cohere) ۽ جملن اندر ڪهڙو ڪارج ڪن ٿا... جديد لسانيات **لفظ** کي علم نحو جو مرڪز بنايو آهي

---

♥ نوٽ: هن هنڌان ڪجھ مواد ڊاڪٽر صاحب کي لکڻو هيو، جنهن جي جڳھ ڇڏيل آهي، پر ڪنهن سبب لکي نہ سگهيو. - رياضت

۽ نہ جملي کي. علم نحو لفظن جي صورتن ۽ جوڙجڪن سان بحث نہ ٿو ڪري. اهو ڪم علم صرف جي حوالي آهي. (جتوئي [1983] 127)

(4) معنيٰ ڄاڻ (Semantics)

- معنويات، علم معاني، معنيٰ جو علم
- هر شيءِ ۽ واقعي کي ٻہ پاسا آهن: هڪ ظاهري {۽} ٻيو باطني. ائين ٻوليءَ کي بہ ٻہ پاسا آهن: ان جو ظاهري پاسو آوازن سان تعلق رکي ٿو جي انسانن جا آهن. ان جو باطني پاسو معنيٰ ۽ مطلب سان واسطو رکي ٿو. جڏهن اسين ڳالهايون ٿا، تڏهن ڳالهايل لفظن جو مطلب سمجهون ٿا. (جتوئي [1983] 18 ۽ 148)
- عام طور اسان مان هر هڪ اهو سمجهي ٿو تہ ٻولي، لکيل توڙي اڻ لکيل يا ڳالهايل، اها شيءِ آهي، جا معنيٰ منتقل ڪري. هن طرح بنيادي طور تي ٻوليءَ جي اپياس جو مطلب اهو ٿو نڪري تہ اسان ٻوليءَ جي اپياس ڪرڻ مان حقيقت ۾ انهيءَ معنيٰ جو اپياس ڪرڻ گهرون ٿا، جيڪا ٻوليءَ جو مقصد آهي...

معنيٰ جي باري ۾ ڪٿي ڪٿي معنيٰ کي "رواجي" (Denotative) ۽ جذباتي (Connotative) معنائن ۾ ورهايو ويو آهي. لفظ جي رواجي معنيٰ اها آهي، جيڪا ان جي پهرين معنيٰ آهي يا جيڪا عام (General) ۽ غيرجذباتي (Non-emotional) معنيٰ آهي. هيءَ معنيٰ نالن، شين (objects) ۽ تصورن (concepts) جي پهرين ۽ رواجي معنيٰ آهي. اهڙيءَ طرح لفظ جي جذباتي معنيٰ اها آهي جا لفظ جي روايتي معنيٰ سان لاڳاپو رکندي، ان ۾ جذبات ۽ احساس کي شامل ڪري ٿي. هيءَ معنيٰ صفتن ۽ ظرفن جي معنيٰ هوندي آهي. مثال طور، لفظ "ماڻهو" کي گرامر ۾ عام رواجي طور تي هڪ عام معنيٰ آهي، جنهن مطابق ماڻهو معنيٰ ڪو بہ فرد. هن حالت ۾ "ماڻهو" لفظ کي جا معنيٰ آهي اها رواجي (Denotative) آهي، پر جڏهن اسان چئون ٿا "ماڻهو سڀ نہ سهڻا" يا "ماڻهو اهو جنهن ۾ ماڻهپو هجي"، تڏهن اسان لفظ "ماڻهوءَ" کي جذباتي معنيٰ بخشيون ٿا. اهڙيءَ طرح لفظ يا تہ عقل کي متاثر ڪن ٿا يا جذبن کي ۽ تصورن کي. عقل کي متاثر ڪرڻ جي حالت ۾ لفظ پهرين معنيٰ ڏين ٿا، پر جذبن ۽ تصورن کي متاثر ڪرڻ وارا لفظ ٻي معنيٰ ( { Higher meaningاونچي معنيٰ}) ڏين ٿا. (ٻوهيو 265 ۽ 266-267)

- گفتن جي معنائن جو دائرو سندن صورتن جي دائرن کان نهايت وسيع آهي ۽ ايترو ڪشادو جيترو هي سارو سنسار. اهو دائرو نہ رڳو وسيع آهي مگر نهايت پيچيدو پڻ آهي ۽ ان جي ڄاڻ اجا تائين مڪمل ٿي نہ سگهي آهي. (جتوئي [1983] 148)

(5) ٻوليجاڙِي ٻُوسُٽ (Linguistic geography)

- لساني جاگرافي، Dialect Geography (جتوئي [1983])

دنيا جي هر هڪ ڏيهه جون ڪي نہ ڪي مقرر ۽ مجيل سرحدون ٿين ٿيون پر ضروري ناهي انهيءَ حد اندر ڪا هڪ ئي ٻولي ڳالهائي ويندي هجي. انهيءَ حد اندر ڪيترين ئي ٻولين ڳالهائجي سگهجن ٿيون تہ ڪا هڪ ٻولي مختلف ڏيهن جي ڪن مخصوص حدن اندر بہ ڳالهائجي سگهجي ٿي. جنهن حد اندر ڪا هڪ ٻولي ڳالهائجڻ ۾ اچي ٿي ان، اتي جي رهاڪن ۾ سندن ٻوليءَ يا ٻوليءَ جي مختلف محاورن جو اڀياس ٻوليچاٽي پوسٽ جو موضوع آهن.

انهن پنجن شاخن کي ورنائڪ ٻوليچاڻ جون مکيہ شاخون بہ سڏجي ٿو ۽ ان جون هيٺ ڏنل شاخون ننڍيون شاخون بہ سڏجن ٿيون:

(6) ............. (Stylistics)

- اسلوبيات

(7) ٻولسٽ (Lexicography)

- علم لغت، ٻول-لکا

(8) ٻوليچاٽي آڳيلِڪا (Linguistic Palaeography)

- لساني قديمات (Linguistic Paleontology?) (جتوئي [1983] 23)

باڊيو-3

# اجايوُ ڀرندڙ وائڄڻ [ھ]

’ھ‘ ڪڏھن واڪيدار تي ۽ ڪڏھن ”ھونگار“ جي صورت ۾ ايري ايندڙ اھڙو وائڄڻ آھي جنھن کي لکت، آواز ۽ ٻول ۾ سولائيءَ سان پڪڙي سگھجي ٿو.

[ھ] کي عام طرح گسڪيدار، اوسرڳ، (ڪٿي، ڪنھن ٻول ۾ ’گھٽيٽو‘، تہ ڪٿي ’گھٽيٽو‘)، نڙگھٽ وارو آواز سمجھيو وڃي ٿو. (ڏسو ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ [1983] 70-71)

ھوا سيني مان جڏھن ڪجھ زور سان خارج ٿئي ٿي تڏھن ’ھ‘ جھڙي بي آواز گونجار يا ھونگار ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. اتي ’ھ‘ ھڪ آواز نہ سڏي سگھبو، آواز تڏھن ٿيندو جڏھن واڪل ڏوريون ڪجھ نہ ڪجھ ڦڙڪن.

آواز آھن (ب)، (ٻ)، (ٽ)، (ٿ) ۽ (ڇ) ۽ انھن کي لکون ٿا ٻہ، ٻہ، ٿہ، ٿہ ۽ ڇھہ.

ٻوڻ، اصولي طرح، ’چاسِي‘، لکون ۽ چئون ’چھاسي‘!

لاڙ ۾ جيڪو ’ماڙو‘ ۽ ’ماڙو‘ آھي، سري ۾ اھو ’مٺو‘ آھي ۽ وچولي ۾ ’ماٺھو‘. چئبو تہ انھن ٻولن ۾ ’رُو‘، ’ڙو‘، ’ٺو‘ ۽ ’ٺھو‘ ھڪ ٻئي جا ساٿوايا آھن.

’مل‘ ۽ ’ملھ‘ ۽ ’مل‘ ۽ ’ملھ‘ جي معنائن ۾ ڪو بہ فرق ناھي. انھن ٻولن ۾ ’لُ‘ ۽ ’لھ‘ کي ھڪ ٻئي جو ساٿوايو سمجھڻو پوندو.

’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ’ٻول‘، ’ٻولِ‘، ’ٻولڻ‘، ’ٻولائڻ‘ ۽ ’ٻولي‘ جھڙا لفظ موجود آھن پر ’ٻولھ‘ ڪونھي، جڏھن تہ پنجن ئي جلدن ۾ شايد ئي ڪنھن ھنڌ ’ڳالھ‘ سان گڏ ’ٻولِ‘ ڪم آندو ويو ھجي، جتي بہ آھي ’ٻولھ‘ آھي.

’ڳالھ ٻولھ‘ ۾ اھا ’ٻولھ‘ ڇا آھي؟

جيئن ’ٻولھ‘ ۾ ’ھ‘ ناجائز طرح وڌي آھي تيئن، ڪٿي ايئن تہ ناھي، تہ ’ڳالھ‘ ۾ بہ ’ھ‘ ناجائز طرح وڌي ھجي (ويجھڙ ۾ نہ، گھڻو اڳ)؟

ڳِلھرُ ڄ ڳِلھر (ت): ذ. صفت. ٿلھن ڳلن وارو - مِترُ - مِتولڙو. (ج س ل)

/ڳِ/ سان /ا ر/ ملي /ڳلر/ ناھي ٿو ۽ اتي /ا ر/+/ا/ وري مذڪر واحد کي جنم ڏئي ٿو يعني ’ڳلن وارو‘. ’ڳل‘ ڏاتو رکندڙ ٻيا ڪيترائي لفظ ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ موجود آھن، انھن ۾ ’ھ‘ موجود ناھي، پوءِ ’ڳلھر‘ ۾ ڇو موجود آھي؟

’ڳلر‘ ۽ ’ڳلھر‘ ۾ ’لِ‘ ۽ ’لِھ‘ ساٿوايو آھن.

’مالهو‘، رازن جو هڪ وکر، درحقيقت ’مالو‘ (ملڻ وارو) آهي. ’مالا‘ ۽ ’مالها‘، ’مالِي‘ ۽ ’مالهي‘ ۽ ’ملار‘ ۽ ’ملهار‘ ساڳيءَ ئي معنىٰ کي ظاهر ڪن ٿا.

سنڌيءَ ۾ اهڙن ٻولن جي ججهي ڳَٽپ موجود آهي جن ۾ ’لُ‘ ۽ ’لُهه‘، ’لِ‘ ۽ ’لِهه‘، ’لَ‘ ۽ ’لَهه‘، ’مَ‘ ۽ ’مهه‘، ’نَ‘ ۽ ’نهه‘، ’ڙَ‘ ۽ ’ڙهه‘ ڪنهن بہ قسم جو معنوي فرق پيدا ڪندي نظر نہ ٿا اچن. جيڪڏهن ڪي اهڙا ٻول آهن جن ۾ هڪ ئي مخرج وارو اهڙو وسرڳ ۽ اوسرڳ آواز معنوي فرق پيدا ڪندي نظر اچي ٿو جيئن ’ڳاڙو‘ ۽ ’ڳاڙهو‘، ’ڳِوَ‘ ۽ ’ڳِوهه‘، ’ڪلَ‘ ۽ ’ڪلهه‘ وغيره پر اهڙن ٻولن بابت، ڪجهہ حد تائين چنڊڇاڻ ڪان پوءِ ۽ هڪ محتاط ڪاٿو آهي تہ، ٻول ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ مان اڌارو ورتل آهي يا معنىٰ ڦيرائي ويو آهي يا وري شعوري طرح بہ هڪ جهڙن آوازن کي ڌار ڌار مفهوم لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي.

ڳاڙهو ج ڳاڙها: ذ. [ٻِرا. ڳهيرَ. سن. ڳهره = گهاتو] ... (ج س ل)

# ڪتابسڏ


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: *سنڌي صوتيات*، ادبيات پبليڪيشن، حيدرآباد. 1967ع
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: *سنڌي صورتخطي*، سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد. 1969ع
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: *سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد*، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد. 1974ع
4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: *سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس*، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو. 1987ع
5. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: *سنڌي معلم*، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
6. بروهي، داد محمد، ڊاڪٽر: *سڀني جي ٻولي*، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد. 1992ع
7. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: *سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ*، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄام شورو. 1990ع
8. Bordy: 1981 (ليکڪ جي ڪتاب جو نالو معلوم ٿي ناهي سگهيو)
9. بيگ، مرزا قليچ، شمس العلماء: *سنڌي وياڪرڻ* (ڇئن ڀاڱن جو گڏيل ڇاپو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو. 1992ع
10. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر: *سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج*، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو. 1978ع
11. پريم، هدايت، ڊاڪٽر: *سنڌي ٻوليءَ جا محقق*، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد. 1994ع
12. جتوئي، علي نواز حاجن خان: *علم لسان ۽ سنڌي زبان*، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو. 1983ع
13. رچنداڻي، ليلا رام ڏيونداس: *سنڌي ٻولي*، احمد آباد، ڀارت. 1989ع
14. سراج: *سنڌي ٻولي*، عظيم پبليڪيشن، حيدرآباد. 1964ع
15. سنديلو، عبدالڪريم ڊاڪٽر: *تحقيق لغات سنڌي*، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو. 1980ع
16. *Sindh Through Centuries*, Oxford University Press, 1981
17. C.L. Barber: *The Story of Language*, Pan Books London and Sydney. 1982
18. شيخ، محمد فاضل، پروفيسر: *ماٿيلي-اباوڙي جي ٻولي*، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد. 1992ع
19. شيخ، واحد بخش: *سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو*، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو. 1986ع
20. صديقي، محمد ادريس: *سنڌو ماٿر جي سڀيتا*، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو. 1980ع

- آڪسفورڊ ڊڪشنري، چيمبرس ڊڪشنري، جامع سنڌي لغات (پنج جلد)

- ٽماهي *مهراڻ* 1-2-1994ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو (ڊاڪٽر غلام علي الانا جو مضمون "*ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي مقالي جو لسانياتي اڀياس*")